# سنڌ

# ۾

# قديم کنڊرن جي کوٽائي



سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌ

## ۾

# قديم ڪندرن جي ڪوٽائي

از

اين. جي. مجمدار

مترجم

عطا محمد ڀنيرو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ.

چاپو پهريون سال ۱۹۹۷ع ٻه هزار ڪاپيون

[حق واسطا بورڊ وٽ محفوظ]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
فون نمبر: 615179

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ ڇپيو ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

## پهه اگر

اڄ جي دؤر ۾ ائين نظر اچي ٿو ته سنڌ جڻ ڪنهن وسريل تاريخ جو هڪ ورق آهي. اها تاريخ سنڌو درياهه، مهراڻ ۽ هاڪڙي جي پراڻن پيٽن جي ڪنڌين ڪنارن تي وٽ پاسي ۾ موجود پيڙن، دڙن، سرن جي ٿهـٿن جي ڍڳن ۽ پڪڙيل ٺڪراڻي جي ڍيرن جي صورت ۾ موجود آهي. سنڌ جون اهي ويران وستيون ڪڏهن آباد هيون ۽ پراڻا پڊ رونق وارا شهر هئا. جتي ماڻهن جا انبوهه هوندا هئا، ڪربائٽيون ڪچهريون روح رچنديون رساٽيون ٿينديون هيون. ڪاٿي لوهار جي ڌنءُ ڌنءُ ڌمڻ وار هوندي هئي. اگارن جي اوت ۽ شعلن جي جوت هوندي هئي، ته وڏاڻن جا ستڪا ڪنڪا هوندا هئا. سنداڻن جا لوڏا ۽ لمڪا هوندا هئا. ڪاٿي وري واڍن جي واهولن جا وڄ ۽ رنبين ۽ رندن جا رهڙا هوندا هئا. ڪاٿي هر ۽ پاڃاريون پيون ٺهنديون هيون. سنڌو، مهراڻ ۽ هاڪڙي جي پوتر پاڻيءَ جي پسايل پٽن ۽ پوٺن تي هرن جي هل هلان. ”آ جاٽ تي الله جي آس تي، تي سائي ڪيو الا توهار“ وارا سهٽا جملا ورجايا ويندا هئا. وٺنڻ، جواريون، ساريون سونهاريون، پاڃهه پريون پاڃهريون هونديون هيون، ڪٽڪون به ڪر ڪنيو، هوا جي سرگرمي تي سونن سنگن سان لاڏ مان لڏنديون هيون. سرنهن، چٽا ۽ مٽر به پنهنجي مند تي منهن مٽي ڪيو، سڄ جي سهائيءَ ڪي پيا تڪيندا هئا.

جڏهن پيلا فصل ٿيندا هئا ته سنڌ جون سهاڳڻيون سدا سهٽيون من مهٽيون، ڪونج جهڙين ڊگهين ڳچين، چنڊ جهڙن چمڪندڙ منهن سان گرين جي ستٽن ۽ گجن مٿان چني پهري، جڏهن ڪيتن ڏي وينديون

هونديون تہ ائين معلوم ٿيندو هوندو تہ جڻ آڪاش تان اندر لٿيون لهي سنڌ ڌرتيءَ ڪي چاهہ مان چمي رهيون آهن. اناجن سان بندر ۽ بازاريون ڀرجي وينديون هيون. ڦٽين جا ڍير ٿي ويندا هئا. ڪورين جي آڏاڻن جي ٺڪ ٺڪ هوندي هئي. وڻجارا پنهنجو وکر وهائي، ڏياريءَ ڏني بيڙا ڀري سمونڊ جي ساندار لنڪا يا ٻين ڏيساور ڏيهن ڏي ڏوري ويندا هئا. پنيان سندن ونيون جر تي اکا ڏينديون، باسون باسينديون هيون. پر اڄ انهن درياهن جا پيٽ ڪنهن ڏهاڳڻ جي اٿين وارن جيان خشڪ آهن. ڀريا ترٻا شهر دڙن ۾ بدلجي ويا. بازاريون ٻٽ ٿي ويون. اهڙي ويرانيءَ تي افسوس ڪندي

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ فرمايو:

نہ سي ونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسئو بازاريون، هنئڙو مون لوڻ ٿئي.

اهي وسندڙ شهر، جيڪي ويران ٿي ويا هئا، اسان تن بابت ڪا کوجنا ڪانہ ڪئي آهي. سڌيرڻ جي دڙن تي مڪمل تحقيق ڪانہ ٿي آهي، جتي ٻڌ ڌرم جو وڏو مدرسو يا پاٺ شالا هو. هڪ ٻيو مثال ونجهڙوٽ جو آهي، جيڪو هاڪڙي جي مکيہ وهڪري جي ڪناري ان هنڌ آباد هو، جتان اهو ٻہ درياهي ۾ ونڊجي ويندو هو. جيئن تہ اڳ درياهہ واپاري آمدورفت جا وڏا وسيلا هئا، ان ڪري سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ونجهڙوٽ وڏو واپاري مرڪز هو ۽ شهرواسي شاهوڪار ۽ خوشحال هئا. پر ونجهڙوٽ بابت ڀڻ خاطرخواهہ کوجنا ڪانہ ڪئي وئي آهي. اڃا ٻيا بہ ڪيترائي دڙا آهن، جن جي کوٽائي ۽ کوجنا ڪرڻ ضروري آهي.

هن سلسلي ۾ مجمدار جو ڪتاب Explorations in Sind ”سنڌ ۾ قديم کنڊرن جي کوٽائي“ وڏي اهميت رکي ٿو.

مجمدار پنهنجي ٽيم سان گڏ سنڌو ماتريءَ جو ٻہ هزار ميل سفر ۽ مختلف ماڳن تي وڃي کوٽائي ۽ کوجنائون ڪري، اسان کي سنڌ جي

قديم آثارن، خاص طور ڪنيارڪي ڪم بابت مفيد معلومات ڏني. هن پنهنجي سفر دوران هڪ سؤ دڙن ۾ پين ماڳن کي وڃي ڏوري ڏٺو. ڪيس چانهون ۾ آمريءَ ۾ تاريخ کان اڳ واري دؤر جا آثار مليا. آمريءَ ۾ ڪيس سنڌو سڀيتا جا ٻه تهه مليا، هڪ موهن جي دؤر وارو ۽ ٻيو موهن کان ٻه آڳاٽو هو.

قديم ماڳ، انهن جي کوٽائيءَ بابت وچور، ڪيترين ڪاميون، ڪيترين اڻهيون، انهن مان ڇا ڇا لڌو؛ انهن سڀني جو وچور ڏنو اٿائين. ان کان علاوه اهو پڻ ٻڌايو اٿائين ته اهڙيون شيون ٻين کهڙن هنڌن تان مليون آهن. هن انهن مڙني ڳالهين جو تفصيل ڏنو آهي. انهن دڙن کي مقامي آباديءَ وارن يا ڌن دولت جي ڳولائن پٽي تباهه ڪيو آهي. اهي سڀ ڳالهيون اسان جو هن طرف ڌيان ڇڪائين ٿيون ته انهن تاريخي آثارن کي وڌيڪ تباهيءَ کان بچايو وڃي. مجمدار ڪيترن ماڳن جي مڪمل کوٽائي ڪونه ڪري سگهيو. ڇاڪاڻ ته ڪيس وقت ٿورو هو. جهڙوڪ: علي مراد وارا دڙا، جتي هڪ اهڙي قلعي جا نشان مليا آهن، جن جو تعلق ٽامي جي دؤر سان آهي. ان لاءِ لکي ٿو: "جيئن ته اسان کي هتي هڪ هفتي کان وڌيڪ ڪونه ترسڻو هو، تنهن ڪري هن ڪم کي مستقبل جي جاکوڙي جوانن جي حوالي ڪريون ٿا." اهڙيءَ ريت (ڪراچيءَ ۾) اورنگي هڪ قديم ماڳ آهي. ان لاءِ لکي ٿو ته: "مٿاڇري واري تازي دؤر سان لاڳاپيل تهه پري ڪرڻ کان پوءِ تاريخ کان اڳ واري دؤر بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي ..... هيءَ جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ غير اهم نظر اچي ٿو، پر اورنگي ان سنگهر جو هڪ ڪڙو هوندو، جنهن هندوستان کي ايران سان ملايو ٿي. ان سنگهر جو ٻيو ڪڙو پرسان لس ٻيلي واري ايراضي سمجهڻ کپي. هن دڙي جي اڃا تائين کوجنا ڪانه ڪئي وئي آهي. پر اسان کي پڪ آهي ته هيءَ ماڳ هن ملڪ جي قديم ۾ مشهور تجارتي مارڳ جو هڪ شهر

هوندو." افسوس جو هينئر اورنگي وارو تاريخي ماڳ شهر جي ڳتيل آباديءَ هيٺ ويو آهي، تنهن ڪري ان جي کوٽائيءَ کوجنا تہ بعد جي ڳالهہ آهي، پر ان کي ڳولي لهڻ بہ ذري گهٽ ناممڪن آهي. اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي ماڳ هوندا، جيڪي درياهہ پائي ويو يا ڳوٺاڻن آباديءَ هيٺ آئي، انهن جو نالو نشان بہ گم ڪري ڇڏيو.

منهنجو پيارو دوست عطا محمد ڀنڀرو وڏو محنتي مرد آهي. جنهن ڪم کي وٺندو آهي تہ جِنَ ٿي لڳندو آهي. سالن جو ڪم مهينن ۾ پورو ڪري وٺندو آهي. هو هن کان اڳ سورلي جو مشهور ڪتاب Shah Latif of Bhitt ترجمو ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه هينري ڪزنس جي جڳ مشهور ڪتاب Antiquities of Sindh جو ترجمو ڪيو هئائين، جيڪو ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. ڪجهہ ٻيا ڪتاب بہ ترجمو ڪيا اٿائين، جي جلد ڇپجڻ وارا آهن.

سنڌ جي قديم آثارن تي سنڌي ادبي بورڊ پاران هيءُ ٻيو ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي. جيڪو پڻ وڏي اهميت رکي ٿو. جيئن "سنڌ جا قديم آثار" هڪ ڏکيو ڪتاب هو، تيئن هيءُ بہ هڪ ڏکيو ڪتاب هو، جنهن کي عطا محمد ڀنڀري صاحب سوليءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

اميد تہ پڙهندڙ هن ڪتاب جو قدر ڪندا ۽ ڪيس دل سان دعاؤن ڏيندا.

نواز علي شوق
ڪراچي
١٥ آڪٽوبر ١٩٩٣ع

# پيش لفظ

مٽيءَ ۽ ماڻهوءَ جو رشتو ڏاڍو سگهارو، جذباتي ۽ اصلي آهي. مٽي سنڌس جياپو آهي ۽ مٽيءَ جي ناتي سان ئي هو زندهہ رهڻو آهي. ڌرتيءَ کي هو جڏهن ماتا چوي ٿو تہ اهو ڪيڏو نہ کرو سچ هوندو آهي. جڏهن هن مٽيءَ جي ڳوهيل پنوڙي کي چڪ تي چاڙهي پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ سان ان کي سهڻي ٿانو جي صورت ڏني، تڏهن بہ هن ان ڳوهيل پنوڙي مان ڌرتيءَ ماتا جي، هڪ سهڻي مورتي جوڙڻ ڪانہ وساري هئي. مٽيءَ مان نفيس ۽ نازڪ هار جوڙي سنڌس ڳچيءَ ۾ پهرايا هئا ۽ مٽيءَ مان ڪلنگي ٺاهي، سنڌس مٿي تي رکي هئي. انهن هٿن ۾ ڪيڏي نہ رتا، نماڻائي ۽ پاڪائي پيريل هئي. جڻ تہ انهن ڌرتيءَ ماتا جي ان مورتيءَ مٿان پنهنجو سامہ ۽ ويسامہ گهور ڪري ڇڏيو هو. پانئجي ائين ٿو تہ اڄ واري زماني جا ٺهيل نوَ لکا هار ۽ سون، هيرن ۽ جواهرن مان جوڙيل تاج، هنجي مٽيءَ مان ٺهيل هار ۽ ڪلنگيءَ آڏو تڇ سمان آهن.

اڄ ڪان ٽيهٺ چوهٺ سال ڪن اڳ، مسٽر مجمدار سنڌ جي پراڻن پڊن ۽ ٿــرڙن جي کــوٽائي ڪرائي هئي. هيءُ اهو زمــانو هو، جڏهن ڪابہ سهوليت موجود ڪانہ هئي. اٺن جون سواريون هيون. رستا اڻانگا ۽ ڪوجنا لاءِ سائنسي سهائتا نہ هئڻ جي برابر هئي. هو مهان ۽ اڏول مڙس هو. هو ور ڪنجي، سندرو ساهي، هن ڪم جي پويان لڳي پيو. جتان اٺن هلڻ جو گس ڪونہ هو تہ پيرين پنڌ ڪيائين. منڇر جي قديم آثارن ڏسڻ لاءِ ڪيس پاڻي جهاڳڻو پيو تہ اِرَ نہ ڪيائين ۽ جهاڳيندو وڃي دڙن تي پهتو.

سنڌس ڪيل کوٽاين ۽ کوجنائن مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ اڄ کان پنج هزار سال يا ان ڪان بہ اڳ ٺاهيل نڪر جي ٿانون تي ٺيل چٽسالي مهانتا جي چوٽيءَ تي پهتل هئي. رنگ ۾ ڳيرڙي جو عام استعمال هوندو

هو. چٽسالي گهڻو ڪري ڏاءَ مٽي ڪئي ويندي هئي. ليئہ جو پچ بہ ڏنو ويندو هو. ڪاٽي وري نڪر جي اصلي رنگ تي چٽسالي نظر اچي ٿي. مذڪوره چٽسالي اليڪي، اوپڙ ۽ جيوتي، ٽن قسمن تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب ۾ ڏنل چٽساليءَ جون تصويرون ڏسي انسان حيران ٿي وڃي ٿو ۽ سوچي ٿو تہ جڏهن سنڌي ڪنيرن جي ڪاريگري پنج هزار سال اڳ ان اوج تي پهتل هئي، تہ اڄ واري دؤر ۾ ڪاٽي هجڻ ڪپي ها پر مونکي ڏک تڏهن ٿيو، جڏهن چٽساليءَ جون اهي تصويرون ڪتاب جي ترجمي وقت اڄ جي ڪنيرن کي ڏيکاريم، تہ اهي بہ مون جيان اڻ ڄاڻ نظر آيا. تنهن ڪري ڪن خاص قسمن جي چٽساليءَ جا ٽڙ نالا ڏيڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي محسوس ٿي. ان لاءِ مونکي ڪي نوان نالا ڏيڻا پيا. پانيم تہ پنج هزار سال اڳ سنڌ جو ڪنير جنهن عظمت ۽ اوج تي پهتل هو، اڄ جي ڪنير جو چٽ ان جي پيٽ ۾ الف بي شروع ڪرڻ کان اڳ واري بسم الله جي "ب" بہ ڪونہ آهي.

هن ڪتاب جي ترجمي ڪرڻ وقت هڪ اَڪَرَ منهنجي نظر مان گذري، جنهن ۾ مور کي اڏامندي ڏيکاريو ويو آهي، جنهن جي چهنب ۾ نانگ آهي. ڊاڪٽر داني تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ اها چٽسالي وچ ايشيا سان واسطو رکي ٿي. پندرهين صديءَ ۾ جڏهن اتي سياسي اٿل پٿل آئي تہ اتان جا عالم، صوفي ۽ ڪاريگر ڀڄي اچي سنڌ پهتا، تہ انهن سان گڏ اهڙي چٽسالي بہ نئي پهتي. پر جڏهن سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي نڪر جي چٽساليءَ ۾ ساڳيو **مور ۽ نانگ وارو چٽ** ملي ٿو تہ وچ ايشيا وارو تصور ڊانوان ڊول ٿي وڃي ٿو.

اسان کي اهو بہ ٻڌايو ويندو آهي تہ سواستيڪا ( 卐 ) جو نشان آرين سان واسطو رکي ٿو، جيڪي ۱۵۰۰ سال ق. م سنڌ پهتا هئا، پر اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ اهو سواستيڪا جو نشان سنڌ جي پنج هزار سال پراڻي ٿانو جي چٽ ۾ ملي ٿو.

اسان سنڌ واسي، هن ڏاهي ۽ جاکوڙي جوان مسٽر مجمدار مرهيات جا ٿورائتا آهيون، جنهن جهنگ جهاڳي، ڏونگر ڏوري پراڻن دڙن جون کوٽايون ڪرايون ۽ اسان کي اسان جي ئي ميراث کان واقف ڪرايو ۽ اڻ سڌن ٻولن ۾ ورجايو تہ: اي سنڌيوا اوهان ڏاڍي ذات جا ڏاڍي ۽ مهان قوم آهيو.

آخر ۾ مان بورڊ جي مانَ واري چيئرمين ۽ معزز ميمبرن جو ٿورائتو آهيان، جن هيءُ ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ منظور ڪيو ۽ سيڪريٽري صاحب جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن هيءُ ڪتاب تمام ٿوري عرصي ۾، نهايت خوبصورت نموني ڇپائي پڌرو ڪيو.

محترم احمد چنڊ جون وڏيون مهربانيون، جنهن نهايت پيار سان هن ڪتاب جو مسودو ڪمپوز ڪري ڏنو.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا

عطا محمد ڀنڀرو
ڳوٺ ٻچل ڀنڀرو
١٥ آڪٽوبر ١٩٩٣ع

# مهاڳ

سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي جي پر ٽي ماڳ موهن مان لڌل شين دنيا جي قديم آثارن جي ماهرن جو. هندستان جي هن اڻ ڀڏي ۽ اڻ ڏٺي ڪنڊ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. سندس سڀيتائي اتهاس ۴۰۰۰ ق.م. پراڻو آهي. اهڙي پراچينتا ڪيس ڀهريون ڀيرو. مصر، ايران، عراق. ڪريٽ ۽ ميڊيٽرينين (يون وچ) جي ٻين ٻيٽن تي. اسريل پراڻين سڀيتائن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ لائق بنائي ڇڏيو آهي. پر ان دور ۾ سنڌو-سڀيتا سان واسطو رکندڙ اڪيلو ڪو موهن جو شهر ڪونه هو. ٽامي جي ثقافت سان واسطو رکندڙ هي دور وشال ايراضيءَ تي پکڙيل هو. جنهن جي ثابتي اسان کي موهن کان ۴۰۰ ميل پري، پنجاب جي. ضلعي منٽگمريءَ جي پراڻي ماڳ هڙاپا[1] مان لڌل شين وسيلي بہ ملي آهي. خود سنڌ اندر هن سڀيتا سان واڳيل ڪيترائي ئي اهڙا ثقافتي مرڪز موجود هئا. موهن جي اوسي پاسي جي موجودگيءَ جي اطلاعن مان ڪن شين جي ملڻ جي اميد پيدا ٿي.

هندستان جي قديم آثارن واري کاتي. موهن تي ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ سان. سنڌو-ماٿري ۽ سندس دنگئي علائقن جي باقاعده ۽ اصولي کوجنا جي ضرورت محسوس ڪئي هئي. ان وقت جي هندوستان جي آثارن جي ڊائريڪٽر جنرل سر جان مارشل جي هدايتن تي قديم آثارن جي آفيسر مسٽر هار ڪريوس (Hargreaves) 1925-26ع ۾ بلوچستان جي رياست قلات جي ماڳ، نال ۽ ٻين پراڻن دڙن جي کوٽائي 1926-27ع ۾ مسٽر ارل امسٽين. ڏکڻ ۽ اتر بلوچستان جي کوٽائيءَ کوجنا جاري رکي. انهن

1. D. R. Sahni *Annual Progress Report of the Sptd. A.S. Hindu & Budhist Monuments Northern Circle*. 1921 (Lahore) especially pp. 12ff.

ڪوجنائن جا ڏاڍا سٺا نتيجا نڪتا[1]. اسان کي سنڌ سپينا جي وشال پکيڙ جو پتو پيو. ساڳي وقت اهو به پرو پيو ته ان تي ايراني ثقافت جو به ڪجهه اثر هو. پر سنڌ ماٿريءَ ۾ جاکوڙ ڪرڻ جا اجا به ڏاڍي لوڙ آهي. جنهن کان سواءِ لڏل شين جو مطالعو تمام ٿورو ۽ اڻ پورو ٿيندو. ١٩٢٢ع ۾ موهن جي ليڙ کان پوءِ مرحيات آر. ڊي. بئنرجيءَ کان وس آهر جيترو ٿي سگهيو. هن سنڌ جي پراڻن ماڳن جي جاڻ ڏني ۽ ميڙي سهيڙي قديم آثارن جي کاتي کي هڪ وچور مهيا ڪيو. ڪٿت اهو آهي ته ڪيس انهن ماڳن جي کوٽائي ۽ ڪوجنا ڪرڻ جو پورو موقعو ملي ڪونه سگهيو هو. قديم آثارن جي اولهاين سرڪل جي سپرنٽينڊنٽ ڪي. اين. ڊڪشٽ. موهن جي ڪوجنا ڪندي. ٿامي جي دور سان سهيوڳي ٻن ماڳن لوهم (ضلعو لاڙڪاڻو) ۽ ليمون جوڻيجي (اتر سرحدي[2] ضلعو) جي به کوٽائي ۽ ڪوجنا ڪري ورتي هئي. پر ٻين ماڳن جي ان سبب کوٽائي ۽ ڪوجنا ڪري ڪونه سگهيو جو ١٩٢٦ع ۾ اولهه سرڪل مان سندس بدلي ٿي وئي هئي.

منهنجي واسطي خوش قسمتيءَ جي ڳالهه اها هئي ته ١٩٢٥ع ۾. مون کي موهن جي ڪوجنا وقت. سر جان مارشل. راءِ بهادر ديارام ساهني ۽ ڊاڪٽر اي. جي. ايچ مئڪي سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هو ۽ مون سنڌ- سپينا جي پراڻين شين کي سڃاڻڻ جو چڱو تجربو حاصل ڪري ورتو هو. ١٩٢٧ع جي سياري جي رُتِ ۾ سر جان مارشل طرفان مون کي منهنجي خواهش پٽاندر ڪم مليو. جنهن مطابق لاڙڪاڻي پرسان جهڪر جي ماڳن تي وچولي قسم جي کوٽائي ۽ ڪوجنا ڪرڻ جو سونهري وجهه مليو. ان کان علاوه. مون کي موهن جو اضافي ڪم پڻ سونپيو ويو. تنهن ڪري مان نه جهڪر ڏانهن جوڳو ڌيان ڌري سگهيس ۽ نه ئي وري ٻيا ماڳ ڏوري ڏسڻ جو موقعو ملي سگهيو. ١٩٢٨ع ۾ مسٽر هارگريوس هندستان جي قديم آثارن جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿيو.

---

1. The results were published in Mem. A.S.I. No. 35, 37 & 43.

٢. موجوده جيڪب آباد ضلعو. (مترجم)

هن صاحب. سر جان مارشل جي صلاح سان حڪومت کي رٿ ڏني. جنهن ۾ چيل هو تہ مون کي سنڌ جي ڏاکڻي ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي کوٽائي ۽ کوجنا جو ڪم ملڻ کپي. ضروري ڳالهين جي منظوريءَ کان پوءِ، مون کي گهربل ناڻو ڏنو ويو. ان سان گڏ کوٽائي ۽ کوجنا جو ڪم ملڻ کپي. ضروري ڳالهين جي منظوريءَ کان پوءِ. مون کي گهربل ناڻو ڏنو ويو. ان سان گڏ کوٽائي ۽ کوجنا جي ڪم سان واسطو رکندڙ هر شيءِ جو پورو بندوبست ڪيو ويو. مان ١٩٢٩ع جي آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ شملي کي الوداع چئي ۽ ڪراچيءَ پهچي، جيڏانهن بہ ويس تہ اوڏانهن کوٽايون ۽ کوجنائون ڪندو اڳتي وڌندو رهيس. هوريان هوريان اتر ڏس تي هلندو، وانديون هٿندو ۽ ڊاٻا ڪندو. مارچ جي آخر ڏاري روهڙيءَ آيم ۽ اپريل ۾ موٽي وچي شملي پهتس. ان رٿ جي ساري لاڏ مسٽر هارگريوس ۽ ان وقت جي هندوستان حڪومت جي تعليم واري سيڪريٽري سرفرينڪ نئائس Sir Frank Noyce پاڻ تپاسي. مسٽر هارگريوس منهنجي کوجنا واري جاکوڙ ۾ دلچسپي وٺي رهيو هو. سندس مرضي هئي تہ ايندڙ سياري ۾ بہ کوٽائي ۽ کوجنا واري جاکوڙ اڃا بہ جاري رکان. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ ٻئي سفر لاءِ ضروري سامان مهيا ڪرڻ ۽ کوجنا خاطر سفر جي سهوليت واسطي هن پيون بہ گهڻيون ئي مهربانيون ڪيون. اهو جاکوڙي سفر موهن جي ڀر واريءَ ريلوي اسٽيشن ڏوڪريءَ وٽان آڪٽوبر ١٩٣٠ع کان شروع ٿيو ۽ اپريل ١٩٣١ع ۾ ختم ٿيو. مون هنن ٻنهي جاکوڙي سفرن دوران ڪيترن ئي ماڳن جي تپاس ڪئي. اهڙا سڀ احوال مون ايندڙ صفحن ۾ بيان ڪيا آهن. ڪيترا ماڳ کوٽائي ۽ کوجنا ڪرڻ کان رهجي بہ ويا. ١٩٣١ع جي چيٽ ۾ جڏهن شملي پهتس تہ جاکوڙ ۽ کوجنا واسطي ٽئين سفر لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيو ۽ ويچاريو ويو. پر ناٽي جي ڪميءَ ۽ بنگال ڏانهن منهنجي بدليءَ سبب هيءُ ڪم پورو ٿي نہ سگهيو.

مان سنڌ جي ڪمشنر، واسطيدار ڊپٽي ڪمشنرن ۽ سندن زيردست عملدارن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جن صاحبن سنڌ ۾ ترسڻ دوران هر قسم جي سهائتا ڪئي. مان سر جان مارشل جي قيمتي صلاح

مشورن لاءِ سندس نهايت ئي ٿورائتو آهيان. مسٽر هارگريوس جا بہ وڏا وڙ. جنهن مون کي سفر جي سهوليت لاءِ ضروري سامان ڏيڻ جي مهرباني ڪئي. جنهن کان سواءِ هي ڪشٽ ۽ ڪشالا صاب نہ پون ها. هندستان جي قديم آثارن جي موجوده ڊائريڪٽر جنرل راءِ بهادر ساهنيءَ جا بہ انيڪ احسان آهن. جنهن صاحب هن ڪتاب ڇاپڻ ۾ وڏا سهائتا ڪئي. مان زولاجيڪل سروي آف انڊيا جي ڊائريڪٽر جنرل ڊاڪٽر بي. پرشاد ۽ اينٿرو پالاجسٽ ڊاڪٽر گوها جو بہ احسان مند آهيان. جن مهرباني ڪري سنڌ جي پراڻن ماڳن مان ملندڙ جانورن ۽ انساني هڏن جي چڪاس ڪئي. جن جي راين کي هن ڪتاب ۾ ضميمي طور شامل ڪيو ويو آهي. ڪي. اين. ڊڪشٽ جا بہ لک لائق. جنهن تڪليف ورتي. منهنجي هن مسودي کي جاچي. قيمتي مشورن سان نوازيو. ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جو ائنٿروپولاجسٽ ڊاڪٽر پي مترا بہ جَسَ لهڻي. جنهن پڻ منهنجي هن قلمي پورهئي کي هڪ نظر ڏسڻ جي تڪليف گوارا ڪئي.

هن ڪتاب ۾ شامل تصويرون بابو. ايم. اين. گپتا. سين گپتا ۽ ناڪا بابو ڪشوري لال جي جاڪوڙ جا ڦل آهن. جيڪي سنڌ جي سڄي سفر ۾ مون ساڻ گڏ هئا. جانورن جي هڏن جون تصويرون. زولاجيڪل سروي جي ايس. سي. مانڊل ۽ تاريخ کان اڳ واري ماڳن جا نقشا. جيالاجي اوپر سرڪل جي مسٽر ٽي. سي. چوڌريءَ جي ڪوشش جو نتيجو آهن. وڌيڪ تفصيل ۽ نقشن جي پلائي قديم آثارن جي اوپر سرڪل جي بابو. اي. چٽرجي ڪئي. ٿانون جي چٽسالي. قديم آثارن جي انڊين ميوزيم جي بابو ايم. ايم. دتا گپتا ڪئي. سيني پليٽن جون تصويرون ڪلڪتي جي انڊين فوٽو اِنگر بيونگ ڪمپني ڪلڪتي بنايون.

N. G. MAJUMDAR

اين. جي. مجمدار

انڊين ميوزيم ڪلڪتہ

(ناتال) ڪرسمس - ۱۹۲۳ع

# فهرست


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| ١-٩ | ★ **باب پهريون** |
| | سنڌ جو طبعي مٿاڇرو |
| ١٠-٣٥ | ★ **باب ٻيو** |
| | لاڙڪاڻي پرسان جهڪر جو ڍڳو |
| ٣٦-٨٧ | ★ **باب ٽيون** |
| | سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ درياه جي ڪڙ سان دوآبي وارو علائقو |
| ٣٦-٤٦ | **ڀاڱو پهريون** - پهريون سفر |
| ٤٧-٦٥ | **ڀاڱو ٻيو** - ڪوٽڙيءَ کان آمري تائين |
| ٦٦-٨٧ | **ڀاڱو ٽيون** - حيدرآباد کان ارڙو |
| ٨٨-١١٣ | ★ **باب چوٿون** |
| | سنڌوءَ جي ڪناري سان |
| ١١٤-١٥٢ | ★ **باب پنجون** |
| | منڇر ڍنڍ جو اوسو پاسو |
| ١٥٣-٢١٩ | ★ **باب ڇهون** |
| | جوهيءَ جي جابلو علائقي ۾ |
| ٢٢٠-٢٥٢ | ★ **باب ستون** |
| | علي مراد کان جهانگار ڏانهن |
| ٢٥٣-٢٧٨ | ★ **باب اٺون** |
| | باراڻيءَ مول ماٿري رستي ڪوٽڙي ۽ ڪراچي ڏانهن |
| ٢٧٩-٢٩٥ | ★ **باب نائون** |
| | عام مشاهدا / رايا |
| ٢٩٦-٣٠٤ | **ضميمو** -1 |

# باب پهريون

## سنڌ جو طبعي مناظرو

سنڌ ۾ قديم ڪنڊرن جي ڪوٽائي بيان ڪرڻ کان اڳ ۾، مان پڙهندڙن کي ان ملڪ جي مقامي جاگرافيءَ جي خاڪي ۽ ان جي آبهوا متعلق ڪجهه احوال ٻڌائيندو هلان.

## سنڌو درياهه

جيڪڏهن مجموعي طور اسان سنڌ جي فضائي تصوير ڪڍنداسون تہ، هيءَ اسان کي لٽ سان ٺهيل هڪ وسيع ميدان ڏسڻ ۾ ايندو، جيڪو ملڪ جي اتر - اوير واري حصي کان ڏار ڪونہ آهي. ان سڄي ميداني علائقي مان آر پار اسان کي سنڌو درياهہ جي هڪ چاندي جهڙي ليڪ گذرندي ڏسڻ ۾ ايندي. ان جي الهندي پاسي ڪارا نشان نظر ايندا، جيڪي ڪنهن ٽڪرائتي علائقي جي نشان ڏهي ڪن ٿا. اهي ٽڪريون ڏکڻ آهل هلي عربي سمنڊ جي وسعت ۾ گم ٿي وڃن ٿيون.

سنڌو درياهہ کي رگ ويد ۾ سنڌوءَ جي نالي سان سڏيو ويو آهي، جنهن تان هن ملڪ تي نالو پيو. تنهن کي سندس مستيءَ ۽ چڙواڳيءَ جي حوالي سان بہ ڏٺو وڃي ٿو. هيءَ درياهہ نيل جيان اونهاري ۾ اٿلون بہ ڪندو آهي. جيئن مصر جي سڪار ۽ سٺائيءَ جو دارومدار نيل تي آهي، تيئن سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ شادابيءَ جو دارومدار سنڌ جي پوتر پاڻيءَ تي آهي. ماڻهو بہ هن سنڌوءَ جي گهڻ پلاين ڪري سکيا ستابا آهن. سنڌ ۾ مينهن نالي ماتر ڪو ٿورو ٿڪو پوندو آهي. ماڻهو درياهہ جي چاڙهہ واري موسم جي اوسيڙي ۾ چيچون ڳڻيندا آهن. سنڌوءَ تي بندن ٻڌڻ کان اڳ۾ هي ٻوڏون ماڻهن لاءِ ڏاڍو خطرو هونديون هيون. اهو خيال ڪيو وڃي ٿو تہ ٻين کان وڏيڪ ٻوڏ جو عنصر بہ هتي موجود

هو، جنهن سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي اڏيل موهن جي شهر کي وري وري تعمير ٿيڻ تي مجبور پئي ڪيو. آخر نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهو موهن جهڙي شهر کي ڇڏي هليا ويا.

## سنڌ جا قدرتي ڀاڱا

جاگرافي يا جيالاجيءَ جي نقطهٔ نگاه کان سهوليت واسطي سنڌ کي ٻن مکيه ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جن مان هڪ آهي اوپر سنڌ ۽ ٻيو اولهه سنڌ. اوپر سنڌ، سنڌو درياهه جو اوپر وارو حصو آهي، جيڪو بهاولپور، جوڌپور ۽ جيسلمير رياستن جي اولهه پاسي آهي. هيءُ برپٽ بيابان سنڌو درياهه جي وچ واري علائقي ۾ آهي. سکر، نوابشاهه، ٿرپارڪر، حيدرآباد، ڪراچي ۽ خيرپور[۱] جي رياست، هن اوپر واري حصي[۲] ۾ اچي وڃن ٿا. اولهه سنڌ وارو ڀاڱو، سنڌو درياهه جي الهندي پاسي وارو علائقو آهي. ان جو ڪڇهه حصو کيرٿر رينج جي اتاهين چوٽين ٻه والاريو آهي ۽ ڪڇهه حصي تي ندي وهي ٿي، جيڪا ڪيپ مونزي Cape Monze وٽ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن ڀاڱي جي اتر ۾ بهاولپور[۳] رياست آهي. هن حصي ۾ اتر سرحدي[۴] ضلعو، سکر ضلعي جو ڪڇهه ڀاڱو، لاڙڪاڻو ۽ ڪراچي ضلعي جا ڪڇهه تعلقا[۵] اچي وڃن ٿا. ميرن[۶] جي خيرپور رياست سان گڏجي سڄيءَ سنڌ جي ڪل پکيڙ ايڪونجاهه هزار چورس ميل آهي، جنهن کي مقامي جاگرافي دانن جي بيان مطابق ٽن حصن: سرو، وچولو ۽ لاڙ جي نالن سان سڏيو ويندو آهي. سنڌي زبان ۾ لاڙ ان ڀاڱي کي چوندا آهن، جتي سنڌو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي ۽ سنسڪرت جي لاٽا Lata سان گهٽو ڪري هڪ معني آهي. گجرات جي ڀر واري نار ماڌا ۽ ٽاپتيءَ جي ڇوڙ

1.See *Gazetteer of the Province of Sind, 'B' Volumes;* and *'A' Volume,*1907, pp.16-29. For a comprehensive account of the geology of Western Sind, see Blanford, *Memoirs of the Geological Survey,* Vol.XVII, Part I.

۱. اوپر سنڌ ۾ هن وقت سکر، خيرپور، نوشهرو فيروز، سانگهڙ، نوابشاهه، حيدرآباد، ميرپورخاص، ٿرپارڪر، ٺٽو ۽ بدين آهن. ۲. بهاولپور رياست پنجاب ۾ ضم ڪئي وئي آهي. ۴. هن ضلعي جو هاڻي نالو جيڪب آباد آهي. ۵. اولهه سنڌ ۾، جيڪب آباد، شڪارپور، سکر جو ڪڇهه ڀاڱو، لاڙڪاڻو، دادو ۽ ڪراچي ضلعا آهن. ٦. خيرپور رياست کي سنڌ ۾ ضم ڪيو ويو آهي.

واري زرخيزعلائقي کي ان نالي سان سڏيو ويندو آهي.

## سکر ۽ اتر سنڌ سرحدي ضلعو[1]

اسان جيئن پنجاب کان سنڌ ۾[2] ۾ پير پائيندا سون تہ، سنڌ جي راجستان واري حصي جي وچ ۾اچي نکرنداسون، جتي چوڏاري واريءَ جون ڀِٽون ۽کپڙن جون ويڙهيون ڏسڻ ۾ اينديون. جنهن مان اها ثابتي ملندي تہ ملڪ جو هيءَ حصو بلڪل ويران بيابان آهي. تي سگهي ٿو تہ پاڻي هئڻ ڪري، ڪاٿي ڪاٿي آباد زمين جا بہ ڪي ٽڪرا ٽوٽا هجن. رڻ پٽ بيابان ڏسڻ ڪري جيڪا دل تي اداسي ڇانجي ٿي سا هيٺ، روهڙيءَ ۽ سکر وٽ پهچي ختم ٿي ويجي ٿي، جنهن جي وچان چن جي پٿر وارين ننڍڙين ٽڪرين کي چيري سنڌو درياهہ وهندو رهي ٿو. انهن چن جي ٽڪرين جي پس منظر ۾ کجين ۽ ٻڙن جون قطارون جيڪي درياهہ جي ڪناري سان جهالر وانگي بيٺل آهن سي ڏاڍو سهڻو ڏيک ڏين ٿيون، جنهن جهڙو منظر شايد سنڌ ۾ مشڪل موجود هجي. سکر وٽ هن درياهہ جي پاڻيءَ تي ضابطو رکي هڪ وڏو آبپاشي نظام شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جو نالو لائيڊ بيريج آهي. هن آبپاشيءَ جي سرشتي جي ذريعي درياهہ جي مکيہ وهڪري مان واڌو پاڻي ڪٽي واهن جي هڪ مها چار ذريعي، هاڻي تازو هيٺينءَ سنڌ جي زمين کي پاڻي پهچائي آباد ڪيو ويو آهي. اتر سنڌ جو سرحدي ضلعو کير ٿر جبل جي دامن تائين برپٽ ۽ ويران لڳو پيو آهي. هن پهاڙي علائقي ۾ ڪاٿي ڪاٿي جابلو نيون موجود آهن. انهن مان هڪ کينجي (Khenji) نئِن آهي جيڪا اتر سنڌ کي لاڙڪاڻي کان الڳ ڪري ٿي.

## لاڙڪاڻو

جيڪڏهن اسان سنڌو درياهہ جو ساڄو ڪپ ڏئي لاڙڪاڻي جي سارين جي ساون فصلن مان گذرنداسون، جنهن کي ماڻهو سنڌ جو باغ سڏيندا آهن، تہ اها ساڳي سکر ۽ روهڙيءَ وٽ دل کي مليل سرهائي برقرار رهندي. هن ضلعي ۾

١. هينئرهن ضلعي جو نالو جيڪب آباد آهي. (مترجم ).

٢. سنڌ جي هن علائقي کي نارو يا ٿر سڏيو ويندو آهي. (مترجم ).

ڪٿي ڪٿي برپٽ ۽ ويران علائقا به آهن. هن ضلعي جي سڄي اولهه ۾ ڪير ٿر جبل اچي وڃي ٿو جنهنجو گهٽو پاڳو جبل سان دنگئي آهي. قنبر، ڪڪڙ، جوهي ۽ سيوهڻ [1] گهٽو ڪري ڏاڍا ڏتڙيل ۽ ويران علائقا آهن. هي علائقو جبل مان وهندڙ نين سان پريو پيو آهي جن مان مشهور ۽ مکيه گاج نئن آهي، جيڪا بلوچستان جي جهلاوان علائقي مان وهي سنڌ ڏانهن ايندي آهي. پوکي راهي جيڪا انساني زندگيءَ جي لاءِ ضروري آهي سا هتي تمام گهٽ آهي. جيڪا به آبادي ٿيندي آهي، سا مينهن تي وهي ايندڙ نين جي پاڻيءَ کي بند ٻڌي ڪئي ويندي آهي. جڏهن مينهن جو پاڻي جبلن تان لهڻ بند ٿيندو آهي ته ڪيترين نين جا پيٽ، جهٽ پٽ سڪي ويندا آهن. پر ڪن نين جو پاڻي جهرڻن مان ايندو آهي ۽ اهو پاڻي ٻارهوئي هلندو رهندو آهي. اهڙي قسم جون ٻارهوئي وهندڙ نيون سيوهڻ ۽ جوهي تعلقي جي انگئي Angai ، ٻنڌڻي Bandhni ۽ نئينگ وارن علائقن ۾ موجود آهن. هنن ڪاريزن جي پاڻيءَ کي ڪڙين ۽ واهين جي ذريعي کيتيءَ جي مقصد سان، پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪاڏي به نئي سگهجي ٿو. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڍنڍون پڻ موجود آهن، جيڪي مڇي مارڻ ۽ پاڻيءَ جي پکين جي شڪار ڪان مشهور آهن. انهن ڍنڍن ۾ سڀ کان وڏي منڇر [2] آهي، جيڪا کيرٿر جي ڪڇ ۾ موجود آهي. جبل مان مينهن جو پاڻي ڪٺي ايندڙ نيون ۽ لاڙڪاڻي کان اٺ ميل اوپر طرف درياه مان نڪرندڙ اولهه نارو ڦاٽ به ڍنڍ ۾ چوڙ ڪندو آهي ۽ سيوهڻ کان اڙل رستي سنڌو درياه جو هيءَ نديڙو وهڪرو اٿل جي ڏينهن ۾ سيوهڻ کان سکر تائين درياهي آمدورفت طور ڪم ايندو هو. چو ته ٻيڙاٽا مکيه درياه جي وڏي ۽ خوفناڪ وهڪري ۾ ٻيڙين هاڪارڻ کان ڪَوَ ڪائيندا هئا. هن الهندي ناري مان هڪ ٻيو واه، گهاڙ به نڪرندو هو، جيڪو سنڌو درياه جو ڦاٽ [3] هو ۽ درياه جي ٻوڏ واري پاڻيءَ جو ڪجهه حصو چڪي

١. هاڻي قنبر کان سواءِ سڀ تعلقا دادو ضلعي ۾ آهن. (مترجم ) ٢. منڇر هينئر دادوءَ ضلعي ۾ آهي. (مترجم)

٣. گهاڙ واهه جو نالو ٻڌائي ٿو ته اهو هٿ جو کوٽيل واهه آهي. امڪان آهي ته ڪنهن درياهي ڦاٽ کي کهڙي ٺاهي واهه بنايو ويو هجي. (مترجم )

وئندو هو. اهو واه سکر کان ٣٠ ميل ڏکڻ درياه مان نڪرندو هو ۽ لاڙڪاڻي شهر وٽان گذري پن ياگن ۾ ورهائجي ويندو هو. انهن مان هڪ حصو اڳتي ڏکڻ هلي اولهه ناري واري چاڙهه سان ملي ويندو هو. هن ضلعي جي وڏ ۾ وڏ زرخيز زمين اترئين ياگي واري آهي، جتي سنڌو درياه، اولهه ناري ۽ گهاڙ واه جو پاڻي اچي پاڻ ۾ ملي ٿو.

## اولهه سنڌ جو ٽڪرائتو علائقو

ڪيرٿر، سنڌ جو مکيه ٽڪرائتو علائقو آهي، جنهنجون ٽڪريون نيمولاتي numulitic چن جي پٿر واري قسم جون آهن. ان جي ڊيگهه ١٥٠ ميل آهي. سنڌ جي اتر سرحدي ضلعي کان شروع ٿئي ٿو ۽ سيوهڻ تائين سنڌ جو دنگ ڏيکاري ٿو. سيوهڻ جي سامهون وڏيڪ اوپر طرف لڙي وڃي ٿو ۽ نيٺ ڪراچيءَ وٽ ڪراچيءَ جي ڪوهستاني علائقي ۾ ختم ٿي وڃي ٿو. ڪيرٿر جو ١٢٠ ميل ڀاڱو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ اچي وڃي ٿو. هن جبل جون وڏ ۾ وڏ اتاهيون چوٽيون جنجي اوچائي ٤٠٠٠ کان ٥٠٠٠ فوٽ ٿيندي ميهڙ ۽ لاڙڪاڻي جي سامهون آهن ۽ ڏکڻ طرف آهستي ماپ ۾ گهٽبيون وڃن ٿيون. ٽڪرين جي ننڍڙين قطارن ۾ لکي واريون ٽڪريون زياده مشهور آهن، جيڪي سيوهڻ جي پرسان پڳي نوڙهي کان شروع ٿين ٿيون ۽ ٨٠ ميل هيٺ هلي ڪراچيءَ جي مهال ڪوهستان جي صدر مقام، ٿاٽي بولاخان وٽ پهچن ٿيون. ٽڪرين جي پن سلسلن جي وچ واري علائقي جي چوڏاري ڪيرٿر جبل جا پاسا ڦري اچن ٿا. پر انهن جي اوچائي تمام گهٽ آهي. بڊو Bado ۽ پٽ انهن ۾ مشهور آهن.

## ڪراچي ۽ ڪوهستان

لاڙڪاڻو ضلعو جيئن ڏکڻ ڏانهن هلندو ٿو وڃي، تيئن سوڙهو ٿيندو پيو وڃي[1] ۽ ڪراچي ضلعي جي ڪوهستان علائقي سان وڃي ملي ٿو. هيءُ ضلعو، هڪ طرف اتر کان لکيءَ جي دامن تائين پکڙيل آهي، ته اوپر طرف کان سنڌو درياه اٿس. اولهه ۾ بڊو ۽ ڪيرٿر آهن. اهڙيءَ طرح هن ضلعي کي پن مکيه

١. ڪراچي ضلعي جون مذڪوره ايراضيون هن وقت دادو ضلعي ۾ آهن. (مترجم)

حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ڪراچي جو حصو جيڪو اولهہ سنڌ واري ڀاڱي ۾ آهي، تنهن کي پاٽي، سنڌو درياهہ ۽ بلوچستان مان ايندڙ هب نديءَ مان ملندو آهي. نئن باران، ملير ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي نديون آهن، جيڪي هن علائقي کي پاڻي ڏين ٿيون. پر انهن سيني مان نئن سن مکيہ آهي. ڪوهستان جي ٽڪرائتي علائقي ۾ محال ڪوهستان بہ اچي وڃي ٿو. هيءُ علائقو طبعي حالتن جي نقطئہ نظر کان ڪوٽڙي تعلقي، ڪراچي تعلقي، اوپر ڏکڻ ڪراچي ۽ ٺٽي ۾ ڏاکٽي ڇوڙ واري علائقي کان نرالو آهي، جنهن جي ڇوڏاري قدرتي قسم جون حد بنديون ٿيل آهن. سندس اولهہ طرف کان کيرٿر جبل ۽ انجون چاڙهيون آهن ۽ هب ندي بہ ان جي اولهہ ڏس کان آهي، جيڪا سنڌ کي بلوچستان کان الڳ ڪري ٿي. اتر ۽ اوپر ۾ لڪيءَ وارو ٽڪرائتو علائقو آهي، جيڪو سنڌو درياهہ سان پور وڇوٽ هلندو، ٺٽي تائين پهچي ٿو جنهنجي ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ آهي. ڪوهستان کي ڇتيءَ ريت هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: هيءُ علائقو ٻن ٽڪرائتن حصن جي وچ تي آهي، جيڪي اتر کان اوير طرف تائين هلندا ٿا وڃن، جتي هڪ وسيع ماٿريءَ جي ٻجاٽي ٺئي ٿي. انهيءَ ماٿريءَ ۾ پوکي راهي نالي ماتر ٿيندي آهي. کيتيءَ جو گهڻو دارومدار ڪاريزن جي پاڻيءَ ۽ وسڪاري تي هوندو آهي. هن علائقي جي اوپر ۽ ڏکڻ-اوپر طرف کيتي عام جام ٿئي ٿي. ٿاٽي بولا خان کان وٺي ڪراچيءَ تائين ڏکڻ طرف عام طور تي زمين غيرآباد آهي ۽ پاڻيءَ نہ هجڻ ڪري سڃ پئي واڪا ڪري.

## نوابشاهہ، حيدرآباد ۽ ڪراچي

روهڙيءَ جي ننڍين ٽڪرين کان سواءِ، ٽڪرين جو ٻيو سلسلو پڻ آهي، جنهن تي حيدرآباد جو شهر جوڙيل آهي. ٻيو سنڌ جي سر اوپر- ڏکڻ جي ڪنڊ تي پارڪر جي علائقي ۾ ڪارونجهر جون ٽڪريون آهن ۽ سنڌ جي اوپر ۾ مذڪوره ٽڪرين کان سواءِ ٻيو ٽڪرائتو سلسلو موجود نہ آهي. نوابشاهہ ضلعو، هن وسيع علائقي جو وچ آهي. خيرپور رياست هن ضلعي جي اتر طرف آهي، ڀنهي ۾ ٿر جي رڻ جو وڏو حصو اچي وڃي ٿو. نوابشاهہ ضلعي جو ڀاڱو ۽

حيدرآباد جو سڄو ضلعو، سنڌ درياه جي وچايل لٽ تي مشتمل آهي. نوابشاه ضلعي جي آبپاشي، سنڌو درياه جي پاڻيءَ سان ٿئي ٿي، جيڪو هن ضلعي جو اولهايون پاسو ڏئي وهندو رهي ٿو. محراب نَولکي نصرت، داد، ڏامراهءِ جمڙائو سيئي واه هن ضلعي کي آباد ڪن ٿا. هنن واهن مان ڪي سنڌو درياه جا ڦاٽ به آهن. حيدرآباد ضلعي جي اولهه طرف سنڌو درياه وهي ٿو. هن ضلعي ۾ ڪيترن ئي واهن جو چار وچايل آهي، جن مانِ ڦليلي مکيه آهي، جيڪو حيدرآباد جي اولهه طرف کان درياه مان نڪري ٿو. ارڙهين صديءَ ۾ درياه جو مکيه وهڪرو هن ڦليلي ڦاٽ مان وهندو هو. حيدرآباد جو شهر ڦليليءَ سنڌو درياه جي وچ تي اڏيل آهي. ان شهر جي چوڌاري ميون ۽ گلن جا ڪيترا باغ آهن، جيڪي ڦليلي واه جي ڪڙ سان ڏاڍو دل لڀائيندڙ ڏيک لايون بيٺا هوندا آهن. هن علائقي جي اتر واري پاسي جنهن ۾ هالا وارو علائقو شامل آهي، زمين ڪجهه سنوت ۾ مٽيري آهي. جتي پاڻي گهٽو ڪري موڪ بجاءِ نارن وسيلي زمين تي پهچايو ويندو آهي. ڏاکڻا تعلقا، گوني، بدين ۽ ٽنڊوباگو هيٺاهينءَ وارا علائقا آهن، جتي پاڻي موڪ رستي آبادين کي رسايو ويندو آهي. هن علائقي ۾ پاڻي گهٽو آهي ان ڪري ساريون عام جام ٿينديون آهن. بدين گوني انهن سان گڏ ڪراچي، جاتي، شاه بندر، سجاول ۽ ميرپور بٺورو تعلقا پاڻ ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا. پاڻيءَ جي تلاون مٿان تمرند Mangroves وڻن جا جهڳٽا ڏسڻ ۾ ايندا. اتر طرف ساريالي آباد زمين آهي جتي، ڪاٺي ڪاٺي ڊنڊون ۽ لَوَنِ جا وڻ، کبڙن جون ويڙهيون ۽ ٻيرن جا جهلا آهن.

## ٿر ۽ پارڪر

ٿر ۽ پارڪر سنڌ جو نهايت اوياريون ضلعو آهي، جيڪو ڪڇ جي رڻ سان دنگئي آهي. ان ضلعي کي ايرندي ناري ٻن حصن ۾ ورهايو آهي جيڪو، جڻ ته سنڌو درياه جو ڪو پراڻو پيٽ معلوم ٿئي ٿو ۽ ڪن جي بيان مطابق اهو هاڪڙو درياه هو، جيڪو هاڻي خشڪ ٿي ويو آهي. ان پراڻي وهڪري جي اوپر طرف ويران رڻ پٽ آهي، جيڪو راجپوتانا جي رڻ سان گڏيل آهي. ان جي اولهه

۾ درياهي ۽ لٽاسي پيلي زمين آهي. هتي پهچي اسان کي جڻ اها ثابتي ملي ٿي ته انســان فطرت جي مــثــان قــابض ٿي ويو آهي. ناري جي ڪڙ تي لَوَنِ، کنڊرين ۽ ٻيــرن جي وڻن جا گــهــاٽا جهنگ ڏسڻ ۾ ايندا. ڍنڍين جو به ڪافي تعداد نظر ايندو، جن مان سانگهڙ جي پرسان مشهور مکي ڍنڍ آهي. چيو وڃي ٿو ته ان ڍنڍ جي لام ١٢ ميل ۽ منڊو ١٠ ميل آهي. هن ضلعي جي کيتي راهي جمڙائو ۽ ناري واه جي ڪري چڱي خاصي آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هن ضلعي جو ٣/٤ حصو ٿر ۽ واڪا کندڙ واريءَ تي مشتمل آهي.

## سنڌ جي آبهوا

سنڌ، آبهوا جي لحاظ کان، افريڪا ـ ايشيا Afrasian علائقي جو هڪ خشڪ خطو آهي. هن علائقي جي آبهوا گرم موسم ۾ ڏاڍي خراب هوندي آهي. مينهن جيان وسندڙ واري ۽ مچرن جي پون پون هن علائقي کي دوزخ جي دڙي بنائي ڇڏيندي آهي. سنڌ جي اتر سرحدي ضلعي جيڪب آباد جي ڇانوَ مان ورتل گرميءَ جو درجو ١٢٦ ڊگريون آهي. ٿرپارڪر ضلعي جي ٿر وارن علائقن (جيڪي ميرپورخاص کان پريان آهن) لاڙڪاڻي ضلعي ۽ نوابشاه ضلعي جي اترئين اڌ جي گرميءَ جو درجو عام طور تي هڪ جيترو رهندو آهي، جيڪو ١٢٠ کان ٿورو گهٽ وڌ هوندو آهي. مئي ۽ جون جي مهينن ۾ گرمي چوٽ چڙهيل هوندي آهي. خاص طور تي چاليـــهي ۾ جڏهن لڳاتار چاليــهـــ ڏينهن ڪوسيءَ لڪ جا جهـــولا لڳندا آهن ۽ واري ۽ مـــٽيءَ جا ڌوڙيا هلندا آهن. سکر ۾ درياه جي ويجهڙائيءَ ڪري گرمي ڪجهه گهٽ ٿئي ٿي. پر ميـرپور خاص ۽ ناري واري ماتريءَ ۾ ڪاڙهو ڪلور ڪري ڇڏيندو آهي. حيدرآباد ۾ گرميءَ جو وڌ ۾ وڌ درجو ١١٠ رهندو آهي، جيڪو چوماسي جي رت ۾ هيٺ لهي اچي ١٠٠ تي بيهندو آهي. هن ضلعي جي سڄي گرميءَ واري موسم ۾ سامونڊي هواءِ هلندي رهندي آهي ۽ گــهـر، هوائي منگهن مـان منلدڙ اهڙيءَ هواءِ سبب ٿـڌا رهندا آهن. اها سامونڊي هواءِ اتر طرف هلي نوابشاه تائين پهچندي آهي. سياري ۾ وري ڏاڍي ٿڌ پوندي آهي ۽ لاڙڪاڻي ۾ گرميءَ جو درجو وڃي ٣٥ تي پهچندو آهي. ٿڌي

موسم ۾ سنڌ جي آبهوا مجموعي طور تي خشڪ هوندي آهي. ساموندي ڀر وارن تعلقن خاص طور ڪراچيءَ ۾ گرمي ۽ سردي تمام گهٽ ٿئي ٿي ۽ انهن علائقن ۾ اترين تعلقن کان برسات ٻه ڀيرا وڌيڪ پوي ٿي. اتر سنڌ ۾ ٻه يا ٽي انچ مينهن مس وسندو آهي. ڏکڻ ۽ لاڙ وارا علائقا، جن ۾ حيدرآباد ۽ ڪوهستان به شامل آهن، اتي ساليانو ٧ کان ٨ انچ برسات پوي ٿي.

●

# باب ٻيو

## لاڙڪاڻي پرسان جهڪر جو دڙو

### جهڪر جا ماڳ [1]

٢ جنوري ١٩٢٨ع تي اسان موهن[2] کان جهڪر اسهيا سون. هيءُ ڦٽو لاڙڪاڻي شهر کان ٦ ميل سر اولهه ۽ منو ديرو ڳوٺ جي پڪ ۾ آهي.دڙي تي سولائيءَ سان پهچي ويا سين. ڇاڪاڻ تہ اهو ماڳ لاڙڪاڻي کان مشهور ڳوٺ وڳڻ ڏانهن ويندڙ رستي سان ۽ لاڙڪاڻو-دوداريور ريلوي لائين تي ٻيڙي چانڊئي واري اسٽيشن کان فقط ڏيڍ ميل پري آهي. موهن جي ڀيٽ ۾ علائقي جو هيءُ حصو گهٽو ويران هو. نہ اتي گهاٽن ٻيلن جي اوچي وٽڪار هئي ۽ نہ وري دڙي جي چوڌاري ڪي ويءَ ۽ ولهار هئا. هي دڙا مکيہ طور ٻن مچلن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. منجهن وچ تي ٣٠٠ فوٽن جي گهاري آهي. ٻنهي مان اتاهون دڙو ٦٣ فوٽ اوچو آهي. انکي اسان 'B' دڙي جي نالي سان سڏينداسون. ٻئي دڙي جي اوچائي ١٧ فوٽ آهي. کيس 'A' جي نالي سان سڏيو ويندو. (Pi، ١١،٩). ان جو ڏيک تراکڙو آهي ۽ ٻنهي دڙن کي جدا ڪندڙ گهاريءَ سان اتر ڏس تي هلندو وڃي ٿو. ان دڙي جي اوڀارئين طرف مسلمانن جا مقبرا ڏسڻ ۾ ايندا، جيڪي ڪنهن تازي دور سان واسطو رکن ٿا. دڙو شڪل صورت ۾ گول ڏسڻ ۾ اچي ٿو. وچ تي ڪجهہ ترائي اٿس. چئني طرفن کان کيس چار دروازا ٺهيل معلوم ٿين ٿا. ائين لڳي ٿو تہ اهي اندر اچڻ وڃڻ جا لنگهہ هئا. سندس بيهڪ ننڍڙي قلعي جهڙي آهي. هن دڙي تي سرن جي ٽوٽن ۽ پنجهوڻءَ سان جوڙيل هڪ همچورس اڏاوت آهي، جيڪا ٿلهو محسوس ٿئي ٿي، جنهن تي مٽي وڃڻ

1. For my preliminary account of the explorations at Jhukar, *see A.S.R.*, 1927-28, pp.76-83, and Pls.XVII-XXX.
2. *See* Preface.

لاءِ مٽيءَ جون ڪچيون ۽لايون لسيون چاڙهيون ٺاهيل آهن. اها سروي آف انڊيا جي نقشي مطابق هڪ ٽڪنڊي جڳهه آهي، جيڪا ڏسڻ ۾ ڪنهن تازي دور سان واسطو رکي ٿي. آر.ڊي.بئنر جي، جنهن ١٩-١٩١٨ع ۾ هي دڙا ڏٺا، سي ٻڌائي ٿو تہ "اهي گهڻو ڪري پراڻي ٻڌ اسٽوپا[1] جا ماڳ آهن." ان کان پوءِ ١٩٢١ع ۾ ڪوشش ڪري هنن کنڊرن کي حڪومت جي حوالي ڪرايو. ننڍڙن دڙن لاءِ سندس بيان خاموش آهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سندس ڏيان ڪنهن ڏور ماضيءَ ڏانهن هليو ويو هوندو.

## کوٽائي

موهن کان نڪتا سين تہ سنڌي ۽ بروهي ڪامڙين ۽ ڪمين جو هڪ ٽولو، اسان جي ڪيڏ لڳي پيو، اهي جهڪر جي پرسان هنيل اسان واري وانڊ Camp ۾ اچي پهتا. انهن کان سواءِ کوٽائيءَ لاءِ جيڪي وڏيڪ ڪمي مناسب سمجهيا ويا، سي اتان پرپاسي مان بہ ڀرتي ڪيا ويا. اتي پهچڻ کان ٻئي ڏينهن تي اسان ڪامڙين کي ٻن ٽولين ۾ ورهايو. هڪ کي A دڙي جي پيڙهہ وٽ ۽ ٻئي کي B دڙي جي پيڙهہ وٽ کوٽائيءَ لاءِ ڇڏيو سين. کوٽائي ڪرڻ کان اڳ ۾ اسان کي پورو ويساه هو تہ B دڙي جي کوٽائيءَ مان، تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪي تهہ لڀي پوندا. اسان هر هڪ دڙي جي پرسان هڪ کاهيءَ جي حساب سان بہ کاهيون کوٽايون. دڙي B واريءَ کوٽائيءَ مان، اسان کي ڪابہ اهم شيءِ ڪانہ لڌي. پر ٻئي دڙي يعني A جي کوٽائيءَ مان، دڙي جي وٽ سان ۽ ڏرتيءَ جي مٿاڇري جي سنوت سان اسان کي ڏقي جو پڳل ٿر -PL.XII) (35 مليو، جيڪو ٽامي جو ٺهيل هو، بيهڪ پڻ جهڙي هيس. اٺين جيئن ڏقا يا نيزا هوندا آهن. نمونو هوبهو موهن مان لڌل ڏقي جي ٿر جهڙو هوس. ان دڙي جي وڏيڪ کوٽائي ڪرائي وئي، پر اتان تاريخ کان اڳ واري ثقافت سان لاڳاپيل ڪابہ اهميت جوڳي شيءِ ڪانہ لڌي. اسان اجا بہ ٻہ ڏينهن وڏيڪ A دڙي جي

1. *Progress Report of the Archaeological Survey, Western Circle,* 1918-19, p.58.

کوٽائي ڪرائي، پر ڪنهن نادر وٿ لهڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿياسون. ان دڙي ۾ خاص طور تي اسان کي وڏي اميد هئي. ان ڪري جو نڪرائو جام هو ۽ کوٽائيءَ دوران سرن جا ٽوٽا وغيره به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيا. اسان کي اهو پڪو ويساه هو ته تامي جو هٿيار جنهن جي ڪنهن پراڻي دور سان نسبت آهي، سو B دڙي مان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اتفاقي طور تي هتي پهتو هوندو. تنهنڪري اسان B دڙي کي کوٽي ڪجهه ڏسڻ جا جتن ڪرڻ لڳا سون. پوءِ دڙي جي کوٽائي پيڙهه وٽان هيٺان تري بدران، مٿان چوٽيءَ کان ڪرائي سون.

## 'B' دڙي مان لڌل ڪچين سرن جون اڏاوتون

اسان کي دڙي جي چوٽيءَ جي کوٽائيءَ مان ڪچين سرن سان جوڙيل جڳهين جا ٿنڊَ (باقي بچيل حصا) مليا، جيڪي چڱي موچاري جاءِ والاري بيٺا هئا (PL.11-b). مختلف پاسن جا پنجاه کن ڪمرا صاف ڪري ظاهر ڪيا سين. انهن ڪمرن مان اسان کي ٺڪر جا ٿانو، ٽامي جا سڪا، لڪت واريون مهرون ۽ پيون شيون لڌيون. البت تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪا به خاص شيءِ هٿ ڪانه آئي. ڪن ڪمرن جي فرشن جي سنوت ۾ پنجن ڇهن فوٽن جو فرق ڏسڻ ۾ آيو. ڪن ڪمرن جا فرش پڪين سرن جي ٽڪرن سان ٺاهيل هئا. ڪن جا ڪچين سرن سان ته ڪن جا فقط گاري گپ سان ٺهيل هئا. ٦٠ فوٽ ڊگهي دڙي جي وچ تي ١٢ فوٽ اونهي کاهي کوٽائي وئي. اسان ڏٺو ته اتي اڏاوتن ۾ ڪچيءَ سر جو استعمال تمام گهٽو هو. اهو تهه ڌرتيءَجي مٿاڇري کان ١٦ فوٽ مٿي هو ۽ دڙي جي چوٽيءَ تي ڪچين سرن مان جوڙيل ڪيترن ڪمرن جي فرش جي سنوت کان گهٽو هيٺ هو. اهو اچرج جهڙو مٿاهون پراڻ پوڙ جي پاٽيءَ کان بچڻ لاءِ ڪيو ويو هوندو. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو ته اها ايراضي هميشه پوڙ جي منهن ۾ رهي آهي. ڪمرن جي فرش جي سنوت کان ڪجهه هيٺ پرو پڪين سرن سان ٺاهيل کوهُ به لڌو، جيڪو سرن کي لام ۾ منڊي ۾ واري سان ڪتب آڻي اوساريو ويو آهي. هن کوه جي تري ۾ به ١٧ فوٽ هيٺ کوٽائي ڪرائي وئي، اتان ٺڪريون ۽ ٿانون جا ٽڪرا به لڌا، جن تي

اکيرInrelief تيل هئي.

## انهن جي تاريخ

انهن جڳهن يا اتان لڌل شين جو دور مقرر ڪرڻ لاءِ، منجهائن لڌل سڪا ۽ مهرون ڪجهہ حقيقتون پڌائي سگهن ٿيون. ان دڙي جي کوٽائيءَ مان لڌل سڪن جو انگ ٢٥٠ آهي ۽ ڪجهہ تعداد دڙي جي مٿاڇري تان بہ لڌو ويو آهي. انهن مان ڪجهہ سڪا گول ۽ ٿلها آهن، جيڪي ڪشن راجا واسوديو ۽ سندس پوئيرن جي سڪن جهڙا آهن. پر گهڻائي اهڙن سڪن جي آهي، جيڪي ننڍڙن ٽڪرن جي صورت ۾ آهن. انهن مان ڪي گول تہ ڪي چوڪنڊا آهن. ۽ اهي انهن سڪن جهڙا آهن، جيڪي موهن جي اسٽوپا واري حصي مان مليا هئا. هن ڪتاب ۾ پٺي هنڌ ڪاٿي[1] هنن سڪن جي دور متعلق بحث ٿيل آهي. پر اڃو تہ مختصر نموني انهن جو بيان ڪندا هلون. گهڻن سڪن تي ڪچي، ڦڪي ۽ اڻ چٽي تصوير (Pl.XIV-7-10) آهي، جنهن ڪي ڪپڙا اهڙيءَ ريت پاتل آهن، جيئن اسان ڪشن راجائن جي سڪن ۾ شاهي تصوير کي پاتل ڏسون ٿا. اهڙي تصوير ڪننگهام[2] جي ڏنل سڪن ۾ ڏئي وجي ٿي. سڪن جون خوبيون ۽خاصيتون اهڙيون آهن، جهڙيون پنجين عيسوي صديءَ وارن سڪن تي لکيل ڏسڻ ۾ ايندڀون. ڪجهہ ساڳيون نشانيون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ٽيڪسيلا ۽ جمال ڳڙهي مان لڌل سڪا جيتوڻيڪ بنا ڪنهن لکت جي آهن، پر ان هوندي بہ مذڪوره سڪن سان هڪجهڙائي رکن ٿا. جهڪر جي دڙي مان لڌل سڪا يا تہ ٽڪر جي پڪل مهرن سان گڏ مليا آهن، يا اهڙين مهرن جي پرسان رکيل لڌا ويا آهن. (Pl.XIV, 1-4)، سندن لکت گپتا دور سان هڪجهڙائي رکي ٿي ۽ گهٽو ڪري پنجين عيسوي صدي کان اڳ جا نہ آهن. دور متعين ڪرڻ واسطي ٽڪر جي پڪل هڪ انوکي مهر (Pl.XIV-6) روشني وجهي ٿي. جيڪا اسان دڙي B جي هڪ ڊنل گهر جي لنگهہ وٽ لڌي هئي. ان جون نشانيون پهلوي دور

1. *See* my note in *Mohenjo-Daro,* Vol.I, pp.127-130, and Pl. CLXIV.
2. *Coins of Mediaeval India,* Pl.VI. fig.1.

سان واسطو رکن ٿيون. مهر ۾ سر ڪان وٺي سيني تائين مرداڻي تصوير نظر اچي ٿي. تصوير جي بيهڪ ۾ منهن مهانڊو سفيد هُن (White Huns) سان ميل کائي ٿو. ڪننگهام[1] ۽ مارشل[2] جو بيان به هن جي پٺڀرائي ڪري ٿو. مٿي واري پوشاڪ جو، آڏو پيشانيءَ وٽ ڪنڊ ٿاهي بيهڻ، ڇاتيءَ جي مشڪن جا وڪڙ، تصوير جي سامهون واري رخ کي ساڄي طرف ڦيرو، بنا ڏاڙهيءَ جي منهن، اهي سڀ وصفون سفيد هُن سان هڪ جهڙائيءَ واري صورتحال ڏيکارين ٿيون. اسان کي معلوم آهي ته سفيد هُن جا سڪا پنجين صدي عيسويءَ سان تعلق رکن ٿا. تنهن ڪري اسان هِنِ مهرن کي ساڳي دور سان منسوب ڪريون ٿا. مٿين ڳالهين کي نظر ۾ رکي اسان اهو نتيجو ڪيون ٿا ته B دڙي وارا گهر پنجين صديءَ ۾ يا ٿورو اڳ ٺاهيا ويا هوندا. ان ڳوٺ جي آباديءَ جو سلسلو عرب دور تائين ڪونه هليو، ڇوته اسان، پنيوري ۽ برهمڻ آباد جي ماڳن تان لڌل عرب حڪمرانن جي سڪن جيان هتان کي سڪا ڪونه لڌا.

## B دڙي مان لڌل قديم شيون

B دڙي جي کوٽائيءَ مان اسان کي اهميت جي لائق تمام ٿوريون شيون هٿ آيون. اتان اسان کي ڪي لوهه جا اوزار ۽ هٿيار مليا، جهڙوڪ چاقو، خنجر، ڏڪن جا ڦر، ڇيٽيون وغيره. گهرن جي اڏاوتن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته اتان جي ماڻهن کا مذهبي جڳهه ڪانه جوڙي هئي. لڌل شين ۾ دلچسپيءَ جي لائق ٺڪر جا ٿانوَ آهن، جن ۾ آرائش جا چار نمونا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جهڙوڪ چٽسالي وارا، لسا، کوکيءَ ۽ اپريل اڪر وارا ٿانوَ. سنڌ اندر چٽساليءَ واري ٿانون کي ڊگهي روايتي تاريخ آهي، جنهنجو دنيا ۾ ڪو مثال ڪونه ٿو ملي. ان جو سلسلو اڄ تائين برقرار آهي.[3] ان تاريخي حيثيت کي ٿامي جي دور جيترو پراڻو ثابت ڪري سگهجي ٿو. اصلي نمونو ڦولدار آهي ۽ منجهن ڪيترين طرزون آهن. ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان کان سواءِ ڦڪي، ميٽائين،

1. *Coins of Later Indo-Scythians,* 1894, Pl.8, figs. 14,15. 2. *A.S.R.*, 1915-16, Pl. XXVI, figs.46-50 and p.37. 2. Mackey, *Journal of the Royal Anthropological Institute,* Vol.LX,pp.127-135, and Pls.I-II.

هلڪي گلابي، بوسڪي رنگ جهڙي چٽسالي پڻ ڏسڻ ۾ آئي آهي. ٿڻ سان ٺڪر جون صراحيون تہ جام مليون آهن. ٿانون تي چٽسالي ليٽيل سنوت جي پٽين ۾ ڪئي وئي آهي. واري سان ڏاءُ ۽ ليٽ ڏنو ويو آهي ۽ ٿانون تي چٽسالي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جهڪر جي چٽيل گهگهين سان هڪجهڙائي رکندڙ صراحيون سر ارل اسٽين [1] مڪران جي ماڳ جيوائيءَ مان ڪوٽائي ڪندي لڌيون آهن. پن ڪڙن وارا ٺڪر جا چمڪدار ڪاشيءَ جا ٿانو (Pl. XIII, 10) ۽ ٻين قسمن جي چمڪدار ٿانون جون ٺڪريون پڻ جهڪر جي دڙي مان هٿ آيون. ڪيترا نمونا بهمن آباد مان لڌل ڪاشيءَ جي ٿانون جهڙا آهن، جيڪي ائين صدي عيسويءَ کان اڳ جي دور جا نہ آهن. اهو عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ جو زمانو هو. هن زماني ۾ (نائين صديءَ ۾ ) [2] اسان اهڙا چمڪدار ٿانو عراق ۽ سامره ۾ عام جام ڏسون ٿا. ساڳئي قسم جا ٿانو وچ ايشيا ۾ عام هوندا هئا، جيڪي سر ارل اسٽين جي گڏ ڪيل پراڻين شين جي مجموعي (Endre Forte No.0020) دهليءَ ۾ موجود آهن. هنن پراڻين شين جي مجموعي ۾ هڪ اهڙو ڪاشيءَ جو ٿانو بہ موجود آهي، جنهن جهڙا اسان کي جهڪر جي دڙي مان مليا آهن. مذڪوره ٿانو اسان کي لوءِ لان Lou-Lan مان بہ مليو آهي ۽ اهو چوٿينءَ صدي عيسويءَ سان تعلق رکي ٿو. (نمبر B ـ 007 ). هن قسم جا ٿانو جن کي اسان پهريون دفعو ڏسون ٿا، سي ايران جي ساساني دور سان واسطو رکن ٿا. پر ڪاشيءَ جي ٿانون جي تاريخ ان کان بہ پراڻي آهي. ٽين عيسوي صديءَ ۾ ورهران Varhran جي بادشاهيءَ جي زماني ۾ (٩٣ ـ ٢٧٦ع ) سنڌ، اوپر ايران جي ساساني سلطنت سان شامل هئي. اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ بہ نہ آهي تہ ان زماني ۾ جهڪر نموني وارا ٿانو سنڌ ۾ ٺهندا هجن، جن تي ساساني [1] اثر ناگزير هو. پرچين Saucers جي اندرئين پاسي چٽسالي بہ اسان کي هن دور ۾ نظر اچي

1. *Mem. A.S.I.,* No.43, Pl. IX, *e.g.* Ji. III. xxxiii.
2. R. L. Hobson, *A Guide to Islamic Pottery of the Near East,* 1932, pp. 2 ff.

تي.(Pl. XIV, 14,15,18,19) اڪيـــر جي طرزن ۾ ڪنول جو گل ڪن پوٽن جون لامون، اليڪي يا اقليدسي نمونا، جيئن سواستيڪا، ٽڪنڊا ۽ گول دائرا به شامل آهن. ڪنهن پرچ تي چٽسالي ٿيل نه آهي. ڪن طرزن ۾ ساساني اثر کي تمام چٽو محسوس ڪري سگهجي ٿو. مثال طور هڪ ساسر جي اڪير جو نمونو (Pl.XIV, 15) اسان کي طاق بستان[٢] جي يادگارن تي گل ٻوٽي واري اڪير جي ياد ڏياري ٿو. جيستائين اپريل اڪير جو تعلق آهي ته، ان لاءِ هڪ پيالي جو ذڪر ڪرڻ ڪافي ٿيندو، جنهن جي ٻاهرئين پاسي کان موهيڙن وانگي بونبڙيون ٻاهر تي نڪتل آهن. (Pl.XIII) ساڳئي ئي اپريل طرز جي اڪير ۾ هڪ عورت سرندو(Pl.XIII,II) هٿ ۾ جهليو بيٺي آهي. ٽئين طرز ۾ گوتم ٻڌ جون مورتيون آهن، جن ۾ هن کي تبليغ ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. ) (Pl.XIV,26) نڪر جو ٿانو، جنهجي ٻاهرئين پاسي موهيڙن جهڙيون ننڍڙيون بونبڙيون آهن، خاص اهميت جي لائق آهي. جنهجي چٽساليءَ جو نمونو ڪنهن تاريخي دور جي باقيات سان واڳيل آهي. هن چٽساليءَ جا پراڻا مثال اسان کي ٽامي واري دور سان تعلق رکندڙ موهن[٣] جي ڪنهن تهه سان واسطو رکن ٿا. اهو روم جي باربوٽين[٤] Barbotine واري دور جي ٿانو سان هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ اهڙي قسم جي بونبڙين وارا ٿانو نوبيا[٥] Nubia مان ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ به مليا آهن. ساڳي نموني وارا ٿانو جن تي اپريل نموني جي اڪير ٿيل آهي، برهمڻ آباد پرسان ڏيپر گهانگهري مان به مليا آهن، جن جو هينري

1. Mackay found a kind of glazed pottery at Mohenjo-Daro at the chalcolithic levels (*Mohenjo-Daro* Vol.II, pp.581-82). But it appears to belong to a different class of ware altogether.
2. Cf. Sarre, *Die Kunst des Alten Persien,* Pl.92.
3. *Mohenjo-Daro* Vol.I, p.315. The 'Barbotine' decoration on pottery has been found also at Knossos. Evans observes. "This decoration was produced by roughening the walls of the vessel. These are sometimes worked up into a thorny surface resembling that of certain forms of crustacean, like a common Mediterranian crab or the shell of a sea urchin, and such natural objects doubtless supplied suggestions for it." *The Palace of Minos at Knosses,* Vol. I, p.179.
4. *Mohenjo-Daro* Vol. I, p.316, and n.2. 5. Firth, *Report of the Archaeological Survey of Nubia,* 1910-11, Pl. 29, fig. f.2.

ڪزنس[1] پڻ ذڪر ڪيو آهي. پڪل ٺڪر جون مهرون، جن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، تن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙن جو خانگي ماڻهن سان تعلق هوندو هو ۽ ٻين جو مقصد مذهبي هوندو هو يا اهي باسَ يا ميجتا طور ڏنيون ويندڙيون هيون. پوين قسمن جي مهرن يا داٻڙين جو چڱو انگ هٿ آيو آهي. تن جي پڙهٽي هن ريت آهي: سري ڪارپري هارسيا، Sri Karpari Harasya "سري شو ڪوپرين جو هار پائيندڙ". هن مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ اهڙي قسم جون داٻڙيون يا مهرون شو جا پوڄاري رکندا هوندا. مٿي ذڪر ڪيل شين جو پنجين صدي عيسويءَ سان تعلق ٿي سگهي ٿو ۽ انهن پٽاندر ڪين ڀِٽا Bhita يا اتر هندستان جي ٻين جاين تان لڌل شين سان ڀيٽائي سگهجي ٿو.

## دڙي جا ٿي تهہ

هن B دڙي جي کوٽائي فيبروري مهيني جي وچ تائين هلندي رهي. پروگرام موجب اسان موتي وري موهن جي دڙي وڃڻا هئاسون. جيتوڻيڪ اسان کي وقت تمام ٿورو ڏنو ويو هو. مقرر ڪيل ناڻو اڳيئي کپي ويو هو. فيصلو اهو ڪيو ويو تہ ڪجهہ خطرو سر ڪٽي، موهن جي دڙي ڏانهن لڏي پڻ ڪان اڳ ۾ A دڙي جي بہ ڪجهہ کوٽائي ڪجي. ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکي، ڪمين جو انگ وڌائڻو پيو تہ جيئن گهٽي ڪم کي جهٽ ۾ اڪلائي ونجي. تنهن ڪري دڙي ۾ هڪدم ٽي کاهيون کوٽايون ويون. هڪ کاهي دڙي جي وچان اتر کان ڏکڻ هنئي وئي.(Pl. II,a) جنهنجي ماپ'105 x 10' بي کاهي دڙي جي تري ۾ دڙي جي ماپ مطابق، اولهہ کان اوڀر (Pl.II,d)، ماپ'145'x 12 فوٽ . ٽين کاهي بي کاهيءَ جي پورويچوٽ تي درياهي لٽ واري ميدان تي هنئي وئي. (Pl.II,c). هنن ٽنهي کاهين کوٽڻ سان دڙي جا ٽي مختلف تهہ ڳولي لڌا ويا، جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان هئا. هرهڪ تهہ مان جيڪي شيون لڌيون، تن کي مطالعي جي سهوليت واسطي تهہ وار پيش ڪجي ٿو. A دڙي جي چوٽي، جيڪا پوئين دور

1. *A.R.S.*, 1903-04, p.138.

جي وستي آهي، ان مان اهي ساڳيون شيون لڌيون، جيڪي B دڙي جي مٿئين تهہ مان لڌيون هيون، جهڙوڪ: ٺڪر جا ٿانو، ٽامي جا سڪا، لڪت واريون مهرون وغيره. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ A ۽ B دڙن جي مٿئين تهہ واريون شيون همعصر آهن. A دڙي جي مٿئين تهہ جي اونهائي ١٢ فوٽ آهي. ان جي رهائشي وستيءَ ۾ هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ فرق نہ آهي، تہ پڪين سرن سان فرش بندي ٿيل آهي ۽ ڪجهہ ڪچين سرن جون ٺهيل جايون بہ سلامت آهن. وچين تهہ (Pl.II.d) تان پڪين سرن جون ٺهيل جايون بہ مليون. پڪين سرن جي ماپ ١٠ انچ ، ١/٢ ١٠ انچ يا ١١ انچ ڊيگهہ ۽ منديو ٣/٤ ۴ يا ۵ انچ ۽ اهمڪ (عمق ) ١/٢ ٢ يا ٣/۴ ٢ انچ هو. سرن جي ماپ موهن جي دڙي جي سرن جيتري هئي. دڙي جي چوٽيءَ کان تهہ جي اونهائي ١٢ کان ١٨ فوٽ هئي. اجا بہ ٿورو هيٺ يعني درياهي لٽ واري ميداني سنوت کان بہ هيٺ، مٿئين دور سان لاڳاپيل ڪي پٿيون ظاهر ٿيون. انهن جي مٿي کان هيٺ تائين اونهائي ٢٠ کان ٢٣ فوٽ هئي. سرن جي ماپ اها ساڳي هئي، جيڪا مٿئين تهہ ۾ نظر آئي هئي. وچئين ۽ ٺئين تهہ (Pl.II.c) جي کوٽائيءَ مان اسان کي يقين ٿي ويو، تہ انهن جو دور ٽامي سان سهيوڳي آهي ۽ موهن جهڙي ساڳي ثقافت رکي ٿو. ٻنهي تهن کي جدا جدا، پراڻو جهڪر ۽ پويون جهڪر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

## جهڪر جي پوئين دور سان تعلق رکندڙ ٺڪر جا ٿانو

ٽامي جي دور سان همعصر جهڪر جا ٻن دورن وارا تهہ، پنهجي مختلف ٺڪرن جي ٿانون ڪري سڃاتي سگهجن ٿا. چٽيل ٿانو، جن تي ڪاري ۽ گهاٽي ڳاڙهي رنگ سان چٽسالي ٿيل آهي، سي پراڻي دور سان واسطو رکن ٿا. ان کان پوئين دور جي فن ۾ وڏيڪ هنر ۽ ڪاريگري ڏسڻ ۾ اچي ٿي. چٽساليءَ جي طرزن ۾ چوڪنڊن گهرين ۾ گول نشان آهن. جنکي گهاٽي ڳاڙهي يا ڳاڙهي يا گلابي رنگ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. سڌي ليڪ جي بدران ان کي لهريدارنموني ڏيکاريو ويو آهي. ان کان سواءِ ڪيتريون نيون طرزون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جن مان خاص آکڙي (بيضوي) شڪل جي هڪ طرز جي چٽسالي آهي، جيڪا

هوريان هوريان هيٺ لهنواري ٽيندي لهندي وڃي ٿي. ٻي طرز ۾ هڪ ڪڙي اندر گول نشان ڏنل آهن . ٽينءَ طرز ۾ مناري جيان چٽسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ساڳيءَ طرز سان واسطو رکندڙ ٺانون جا ٽڪرا پوئين دور سان لاڳاپيل تهه هيٺان لڌا ويا آهن. پر انهن جو تعداد تمام ٿورو آهي. اهي ان هنڌان لڌا ويا آهن، جتي قديم ۽ پوئين دور وارا تهه پاڻ ۾ ملن ٿا. اهڙيءَ ريت هند-ستين دور سان واسطو رکندڙ شيون، جيڪي تمام پوئين دور جي وستيءَ سان لاڳاپو رکن ٿيون، سي ٿامي جي دور سان همعصر قديم دور جي شين سان گڏجي ويون آهن. ٻنهي دورن جي مختلف شين جي پاڻ ۾ ملي وڃڻ واري مامري کي درگذر ڪري ڇڏجي، ته هر هڪ تهه مان لڀندڙ شيون مجموعي طور ڇٽيون نظر اينديون.

ٺانون جو هڪ ٻيو نمونو به آهي، جنهن کي پوئين دور جي تهه وارين شين سان گڏ لڌو ويو آهي، سي بنا ڪنهن چٽساليءَ جي سادا ۽ لسا ٺانو آهن. مٿن ڳچيءَ وٽ چگهه نڪتل آهن. اهي نشان موهن مان لڌل ٺانون وارن نشانن کان مختلف آهن. اتان لڌل ٺانون تي ورن جا نشان هئا، جن کان اسين چڱيءَ ريت واقف آهيون. هنن چگهن وارن موهن مان لڌل ٺانون جا فقط ٽي ورن (Hr 1172, DK 4982, Hr 5408) آهن. انهن مان هڪ ٺانو (Dk 4982) ته سڄو سارو آهي. چگهن، هنر ۽ ڪاريگريءَ جي نقطئه نگاه کان جهڪر جي ڀڳل ٺانون جي ٺانگر (Pl.XXXV,9) سان ميل کائي ٿو. اها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته اهڙي ورن جو ڪو به ٺانو جهڪر جي قديم دور سان واسطو رکندڙ تهه مان ڪونه لڌو ويو هو. جيڪڏهن مسٽر ارل اسٽين جي ڳالهه صحيح مڃجي، ته اهڙا چگهن وارا ٺانو، بلوچستان جي مستونگ وٽ سپيت بلاندي[1] Spet Bulandi مان به لڌا ويا آهن ۽ اهي قديم دور کان تاريخي دور تائين هلندا آيا آهن. پوئين دور جي تهه مان لوٽيري ٽري ۽ سوڙهين ڳچين سان ڪي ٺانو لڌا آهن. انهن سيني تي چٽسالي ٿيل آهي. ڪين Pl.XVI,16 جي نمبر تي

1. *Mem. A. S. I.*, No. 43, p. 188, and Pl. XXXII, S. Bul. IV.2.

ڏسي سگهجي ٿو. اهي ٿانو موهن ۽ هڙاپا مان لڌل بنا چٽساليءَ جي لسن ٿانون سان ڪنهن حد تائين ميل ڪائين ٿا. پر منجهن هڪ واضح فرق ضرور آهي جو موهن ۽ هڙاپا جي ٿانون جي ڪنارن تي چٽسالي آهي ۽ سندن منهن ڪجهه موڪرا به آهن. هڪ وڏو ٿانو(Jk 840) به فوٽ هڪ انچ اوچو هو. جيڪو هيٺ تري ۾ پوريل حالت ۾ مليو.(Pl. XXXV) بيهڪ مان ائين ٿي معلوم ٿيو، ته اهو ٿانو ڪنهن شيءِ کي سانڍي رکڻ جي مقصد سان تيار ڪيو ويو هوندو. آخر ۾ ٺڪر جي ننڍڙي وڙ جي ٿانو جو ذڪر ڪجي ٿو.(Pl.XV,19) جن مان ڪوبه ٽن انچن کان وڏو ڪونه هو. مٿن سوراخ نڪتل هو، جيڪي هيٺين تهه مان لڌا آهن. اسان کي موهن مان اهڙا ٿانو ڪونه مليا. جهڪر مان لڌل ٿانون جو ذڪر نوهر ٢ جي دڙي مان لڌل ٺڪر جي ٿانون سان گڏ ڪندس، جنهنجي کوٽائي مان ٣١-١٩٣٠ع ۾ ڪئي هئي. هتي هيءَ چوڻ ڪافي ٿيندو ته جهڪر جي دڙي جي کوٽائيءَ مان ملندڙ نتيجا، ان کان پوءِ ٿيندڙ کوٽاين جي نتيجن سان هڪجهڙائي رکن ٿا.

## دڙي 'A' مان لڌل ٺڪرن جي ٿانون کان سواءِ ٻيون وٿون

گهرو استعمال جي ٺڪر جي ٿانون کان سواءِ، ٻن تهن جي کوٽائيءَ ۾ ڪيتريون ئي ٻيون شيون هٿ آيون، جيڪي هيٺ ڏنل پنوتريءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. ٺڪر جي ٿانون ۽ ٻين شين سان گڏ، ڪنيٺ واري ڏاند، ٻڪريءَ ۽ سوئر جون مورتيون پڻ مليون آهن. ان کان سواءِ رانديڪا وغيره پڻ مليا آهن، جن ۾ گاڏيءَ جا ڦيٿا، پکيءَ جهڙي گاڏي Bird Chariot، چوڙيون، پکيءَ جي شڪل واريون سيٽيون ۽ ننڍڙا ٿانو وغيره اچي وڃن ٿا. ٻه شيون ٻيون به لڌيون، جن جهڙيون موهن مان به مليون، پر انهن جي استعمال جو پتو ڪونه ٿو پوي. هڪ جي شڪل ٽڪنڊي آهي ۽ ٻي مخروطي (اپيچڙي ) قسم جي آهي. اچي پٿر جا تراڪڙا مٽيا، ساڳئي اچي پٿر مان لسا ڪيل مٽيا، سائي رنگ جا بلور جي نليءَ نما مٽيا. انهن کان سواءِ سنگ يشب ۽ لاجورد جا به نلڪي نما مٽيا دستياب

1. *See* below, p.51.

ٿيا. قيمتي پٿر کي لسي ڪرڻ ۾ ڪم ايندڙ بلور chert بہ اتان لڌو ويو هو. لسي ڪرڻ وارن اوزارن (ان بلور ) chert جا پاسارا flakes ۽ مگريون cores بہ اتي موجود هيون. انهن سان گڏ تير جي اُٽي ۽ ڏڪي جو ڦر (ٻئي ٽامي جا ) بہ لڌا ويا. سيني کان اهم شيءِ، چاڪ - پٿر مان جوڙيل هم چورس مهر هئي، جنهن تي هڪ سنگي ڍڳي جي تصوير اڪريل هئي ۽ تصويري صورتخطيءَ جي هڪ سٽ بہ ملي، اها انهن سوَن مهرن جهڙي هئي، جيڪي موهن ۽ هڙاپا مان لڌيون ويون آهن. هن مهر جو، ميدان ۾ ڪوٽيل کاهيءَ جي تري ۾ جر واري پاٽيءَ کان ٿورو مٿان ۽ قديم تهہ تائين ملڻ اهو ڏيکاري ٿو تہ جهڪر جو دڙو تمام قديم آهي.

## جهڪر جي دڙي مان لڌل شين جي پنوتري

١. دڙي 'A' مان تاريخ کان اڳ واري دور جي تهہ مان لڌل شيون:

(١٨,٥ فوٽن کان وٺي ٢٥ فوٽن تائين هيٺ )

Jk-512– چوھتر چٽيل ٺڪر. ناسيءَ ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. چٽ ۾ ٻوٽو جنهنجا پن موڪرا ۽ چوٽي نوڪدار آهي. پن منجهہ پرائي پراٽي طرز جي جافريءَ ۽ موڙن سان ٺيل Pl.XV,21. پکين جا مٿا چٽيل آهنPl.XV,27 . ۽ ول جي چٽسالي Pl.XV,34 Jk-513 . چٽيل ٺڪر. ناسيءَ ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. چٽ جي طرز ٽِنين کهاڙين تي آهي، جيڪي ڪيڙ ٻيلهہ جافريءَ سان پريل آهن ۽ منجهس آڪڙين جي قطار آهي Pl.XV,26 .

Jk-600 چٽيل ٺڪر. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. گلٽي پاسن سان چوڪنڊن جي قطار.

Jk-661 چٽيل ٺڪر. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. ٻري طرز جي جافريءَ سان نوڪدار پن.

Jk-649 چٽيل ٺڪر. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي ٻري طرز جي جافريءَ سان پکيءَ جو ڌڙ. چوڏاري ڏاند. موٽاڳو يا ماڪوڙو نڪتل. منجهلن گولن اندر ٻڙيءَ جو نشان.Pl.XV,23

Jk.664 چٽيل ٿانو گلدان جي ڳچي. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. پٽي اندر پٽن نوڪن واري پنن جي قطار. ان پٽي هيٺان پاڳو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ ۾ ٻنا نوڪدار پن آهن ۽ ٻئي ۾ گلن جي قطار آهي.Pl.XV-29

Jk-665 ڇهه چٽيل ٺڪر. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي، پٽي ۾ ٻن قسمن جي چٽسالي. جن ۾ ڦٽي - ڏندن[1] جيان شاخون معلوم ٿين ٿيون. Pl.XV,22 . ٻئي ٺڪر ۾ ڏاڪن جي شڪل تي پوروچوٽ ليڪون. گلتي پاسن سان چوڪنڊا. ون جو چٽ، جنهنجون لامان لهيڪن جو چٽ ڏيکارين ٿيون. ٻڙيءَ جي چوڌاري منجهلا گول ۽ نوڪدار پن.

Jk-712 ٻه چٽيل ٺڪر. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. گلتي پاسن سان چوڪنڊن جي قطار.

Jk-713 ٺڪر، ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي گلتي پاسن سان چوڪنڊن جي قطار.

Jk-713 ٿانون جي ڳچي. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. پوروچوٽ تي چوڌاري ماڪوڙا ڦيريل، جن کي ڪرڪيون ڪاٽا ڪن ٿيون.

Jk-513 مٽيءَ جي پڪل جانورن جي مورتي. مٿو ۽ چنگهون وڃايل. Pl.XXI.9

Jk-513 مٽيءَ جي پڪل جانورن جي مورتي. گهٽوڪري سوئر آهي. ڊيگهه 1.9 انچ.Pl.XXI,8

Jk-513 مٽيءَ جي پڪل جانورن جي مورتي. ٻڪري. چنگهون ڪونه اٿس. 1.4 انچ. Pl.XXI.13

Jk-804 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي. مٽي ايريل ڪلهي جو اندازو ٿئي ٿو، سڱ ڪونه اٿس. ڊيگهه 2.3 انچ.Pl.XXI.11

Jk-513 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي. سڱ ڪونه اٿس. ڊيگهه 3.3 انچ.

1. It occurs also on Sistan pottery.__ F. H. Andrew, *Burlington Magazine,* December 1925, fig.72. That it represents the branch of a tree will appear on comparison with Pl. XXVI, 13.

Pl.XXI.12

Jk-513 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي. جنهنجو مٿو[1] هيڏي هوڏي ڦيرڻ سان
چري پري سگهي ٿو. ڊيگهه ٣ انچ. Pl.XXI,10

Jk-543 مٽيءَ جون پڪل پکين جهڙيون سيٽيون. هرهڪ جي ڊيگهه 2.4 انچ.
Pl.XXI.15

Jk-582 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي. ڪلهو اڻ چٽو. سڱ ڪونہ اٿس.
ڊيگهہ 3.2 انچ. Pl.XXI.14

Jk - 574 مٽيءَ جا پڪل رانديڪي واري گاڏيءَ جا ٻہ ڦيٿا. هرهڪ جي
گولائي 3.25 انچ.Pl.XXI.12

Jk.546 مٽيءَ جو پڪل ننڍڙن ٻاراڻن ٿانون جو ڍڪ. جنهن تي ميٽائين رڱ جو
هٿ ڦيريل آهي. گولائي 2.65 انچ. Pl.XV.11

Jk 578 مٽي جي پڪل چوڙي. گولائي 2.45 انچ.

Jk.682 مٽي جي پڪل چوڙي. گولائي 2.5 انچ. Pl.XV,15

Jk.660 مٽي جي پڪل منڊي. گولائي ١,٣٥ انچ.

Jk.564 مٽي جي پڪل چار ڳوڻ Net-Sinker گولائي هڪ انچ.
Pl.XV,1

Jk.641 مٽي جو پڪل چار جو ٻيڙو يا ڳوڻ Net Sinker گولائي 1.16 انچ.

Jk-662 مٽيءَ جي پڪل چار جي ڳوڻ، گولائي 1.16 انچ

Jk-541 مٽيءَ جي پڪل چار جي ٽڪنڊي ٽڪي. ڊيگهہ 3.1 انچ.
Pl.XV.17

Jk-521 مٽيءَ جو پڪل مخروطي شڪل تي روهڙو. ڊيگهہ 2.6 انچ.
PlXVII.11

Jk-559 مٽيءَ جو پڪل مخروطي شڪل تي روهڙو. ڊيگهہ 2.7
انچ.Pl.XVII.10

1. Cf. *Mohenjo-Daro,* Vol.III, Pl. CLIII, fig. 39.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

Jk-604 مٽيءَ جي پڪل ماٺهوءَ جي پيٽ نڪتل مورتي. 2.9 انچ قد.Pl.XV.18

Jk-709 بيضوي شڪل تي گلتي جيان سپ جي شڪل تي پڪل مٽيءَ جي ڪا شڪل. ڪناري تي سوراخ نڪتل[1]. وڏ ۾ وڏ ڊيگهه 3.5 انچ، گولائي 1.2 انچ. Pl.XV.14

Jk-710 مٽيءَ جو پڪل نهري قسم جو گول، جيڪو روهڙو معلوم ٿئي ٿو. ڊيگهه 3.15 انچ. گولائي 1.2 انچ.Pl.XV.14

Jk-714 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان . اوچائي 1.35 انچ.Pl.XV.2

Jk-655 مٽيءَ جو پڪل ڪنارين سان ننيڙو گلدان. اوچائي 1.9 انچ. ڳچيءَ کان هيٺ چٽسالي تيل. Pl.XV.4

Jk-653 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان. اوچائي 1.8 انچ. Pl.XV.3

Jk-659 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان، لويٽرو ترو. Pl.XV.8

Jk-639 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان، جنهن تي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اوچائي 2.7 انچ.Pl.XV.10

Jk-580 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان. اوچائي 2.1 انچ. Pl.XV,9

Jk-656 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان. ترو وينوڙو ۽ گول. اوچائي ٢ انچ.

Jk-579 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو گلدان ترو گول ۽ وينيڙو. اوچائي 2.9 انچ.Pl.XV.8

Jk-640 مٽيءَ جو پڪل ننيڙو جڳ جي شڪل تي گلدان. ٻاهرئين پاسي کان ميٽائون رنگ آيل. ڳچيءَ جي اندرئين پاسي اهڙي ئي رنگ جا اهڃاڻ. گهٽو ڪري ٽانون کي رنگ ۾ ٻوڙيو ويو آهي. اوچائي 2.25 انچ. Pl.XV.6

Jk-658 ننيڙن ٿانون ۾ پيالو. ميٽائين رنگ جي ڏاءَ تي بوسڪي رنگ جي چٽسالي. اوچائي 2.25 انچ. گولائي 2.55 انچ.Pl.XV.7

1. Similar specimens are known from Mohenjo-Daro. There is also an example in copper from that site, which is likewise pierced with a hole (Hr 5627).

Jk-529 لاڇي چاڪ - پٿر جي مهر، جنهن تي هڪ سڱي جانور جي تصوير. تصويري اکرن جي لکيل هڪ سٽ. رنگ سفيد. ماپ 9. 9. 35. انچ. Pl.XVII.1

Jk-557 چاڪ پٿر جو مڻيو. شڪل ۾ چپٽرو. سنهو. گولائي 3. انچ رنگ سفيد. Pl.XVII.2

Jk-644 چاڪ پٿر جو مڻيو. شڪل ۾ چپٽرو. سنهو. رنگ سفيد. گولائي ڪٿي 35. انچ ته ڪٿي وري 55. انچ. Pl.XV-3,5,6

Jk-602 چاڪ پٿر جو مڻيو. مٿاڇرو چمڪيلو. شڪل صورت ۾ همچورس. Pl.XV.4

Jk-584 هڪ ڌاتوءَ Felsper جو مڻيو. شڪل صورت ڊگهيءَ نلڪيءَ وانگي. ڊيگهه 4. انچ، گولائي 25. انچ. Pl.XVII.7

Jk-663 هڪ سنگ يشب جو مڻيو رنگ ۾ سائو، مٿس ڳاڙهي ۽ اڇي داڻ داڻ، شڪل ناليءَ وانگي. ڊيگهه 1.15 انچ. وڌ ۾ وڌ گولائي 35. انچ. Pl.XVII.8

Jk-553 لاجورد جو مڻيو. شڪل صورت ۾ گول ناليءَ جيان، Pyrites ڌاتن سان واسطو نٿو رکي. ڊيگهه 7. انچ گولائي 25. انچ. Pl.XVII.9

Flint.Jk-632 چقمقي پٿر جو مڻيو. شڪل ۾ گول . رنگ ڪٿو. گولائي 1.2 انچ.

Jk-569 عاج جي ڪِل جو ٽڪرو. رنگ ناسي نموني. Pl.XIX. 9

Jk-676 چقمقي بلور جو روهڙو يا مگري Core . رنگ پورو. ڊيگهه 1.35 انچ. Pl.XIX.7

Jk-556 چقمقي بلور جو روهڙو يا مگري رنگ ڪٿو. ڊيگهه 2.15 انچ. Pl.XIX.10

Jk-652 چقمقي بلور جو پاساڙو Flake رنگ پورو. ڊيگهه 2.35 انچ.

Jk-575 چقمقي بلور جو پاساڙو Flake رنگ پورو. ڊيگهه 3.5 انچ. Pl.XIX.2

Jk-650ٽامي جي تير جي اڻي head . ڊيگهه 85. انچ. Pl.XLI. 21

**II: 'A دڙي جي تاريخ ڪان اڳ واري تهه ڪان مٿان لڌل شين جي پنوتري: (١٢ فوٽن ڪان ١٨ فوٽن تائين)**

Jk-284 چٽيل ٺڪر. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ڪاري رنگ ۾ پنهي پاسن ڪان نوڪدار پن. Pl.XV.30

Jk-622 چٽيل ٺڪر. شڪل ۾ ٽه پاسو ۽ پاسا اندر تي پيٺل. اڌ گول جي حصن ۾ ورچيل. رنگ ۾ ڪارو چٽي بوسڪي رنگ تي.

Jk-493 چٽيل ٺڪر. گلتي پاسن ڪان چوڪنڊن جي قطار. جن ڪي منجهلا گول الڳ ڪري بيٺا آهن. ڳاڙهي ڏاتوءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XV. 33

Jk-108 ڇَريل ٺڪر. نوڪدار پن. هر گريءَ ۾ ڳاڙهي پڙي. گلابي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Jk-622 چٽيل ٺڪر. اڌ گول گهرين ۾ گلتي پاسن ڪان چهريون. آڪڙين ورن جهڙا پن. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Jk-481 چٽيل ٺڪر. هلڪي ڳاڙهي ليٽ تي ڪاري چٽسالي. گهرين ۾ گول پڙيون.

Jk-468 ٽانو جي ڳچي. پاسن ۾ ڪيڙ بيلهه جافريءَ جي منجهه سان چوڪنڊا جيڪي منجهلن  دائرن سان انگ ٽيل آهن. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Jk- 376 چٽيل ٺڪر. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. نوڪدار پن جو چٽ.

Jk-343 چٽيل ٺڪر. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. پٽين نوڪن وارو پن منجهس پڙيءَ جي طرز واري جافري.Pl.XV. 28

Jk-502 چٽيل ٺڪر.بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. ليٽڻ سنوت واري طرز سان سَٽَ ۾ ليڪون.

Jk-605 پـه چٽيل ٺڪر. مٿئين پٽيءَ ۾ گل ۽ پٽن نوڪن وارا پن. هيٺئين پٽيءَ

۾ منارن[1] جي شڪل تي لڙڪندڙ ليڪون. ناسي ڏاء تي ڪاري چٽسالي.
Pl.XV.32

JK-381 چٽيل ٺڪر. ليٽڻ سنوت ۾ ماڪوڙا. جن کي وٽيء کان پوء ڪاٽي پري طرز جون ليڪون ڪاٽن ٿيون. ڳاڙهي ڏاء تي ڪاري چٽسالي 10.41 فوٽ.

Jk-685 چٽيل ٺڪر. گلٽيء ۾ ڪيڙ پيلهه جي منجهه سان چوڪنڊن جي قطار. ڳاڙهي ڏاء تي ڪاري چٽسالي. Pl.XVI. 21

Jk-262 چٽيل ٺڪر. ناسي رنگ جي ڏاء تي ڪاري چٽسالي. چٽ ۾ وڻ ۽ ان جون لامون. لامن جو اندر ڪيڙ پيلهه چاري سان پريل.

Jk-667 چٽيل ٺڪر. گلٽي پاسن سان چوڪنڊا. هرهڪ پاسي آڪڙيون ۽ هرهڪ گهريء ۾ ليڪ. ناسي رنگ جي ڏاء تي ڪاري چٽسالي. Pl.XV.25

Jk-515 پکيء جي شڪل ۽ گهنٽي جي شڪل سان رانديڪو. پاسي ۾ گاڏيء جيان ڦيٿن واسطي ٻه سوراخ نڪتل. هلڪي ڳاڙهي ليٽ مٿان ڪاري چٽسالي. ڊيگهه 3.85 انچ. Pl.XVI. 14

Jk-490 لوٽيري تري سان ٺڪر جو ٿانو. مٿئين پٽي ۾ آڪڙين جي شڪل تي پن. وچ تي گولن جي سٽ جي اپي قطار ۽ گلٽي پاسن سان ٽڪنڊا. هيٺين پٽي ۾ منارن جون تصويرون. ميٽائين رنگ جو پٽو، جيڪو ٻنهي پٽن کي جدا ڪري بيٺو آهي. گلابي رنگ جي ليٽ مٿان ڪاري چٽسالي. اوچائي 5.25 انچ.
PL.XVI.18

Jk-474 لوٽيري تري سان چٽيل ٿانو. گول گهرين ۾ ڳاڙها چدا. ٻنهي پٽن جون ٻاهريون ليڪون ميٽائين رنگ تي. هلڪو گلابي ليٽ ڏنل. اوچائي 5.25 انچ.
Pl.XVI. 19

1. The spiral motif does not occur on the Mohenjo-Daro pottery, but is found in Baluchistan (Noetling, *Zeits. f.Eth.*, 1898, p.469, fig.42, and some examples in the Indian Museum, *e.g.* Nos.56A and 56B). For its occurance on Honan pottery *see* Arne, *Stone Age from Honan*, Pl. II, and on Hittite and 'Hyksos' pottery *see* Frankfort, *Early Pottery of the Near East*, Part II, p.164, fig.19 and Pl. XIII, fig. 15. Cf. below, Gs.296.

Jk-475 لوٽيري تري سان چٽيل ٿانو. هلڪي ڪاري رنگ جو سادو ڏاءُ. ليڪي اندر ٿـهيل گهرين ۾ ڀريون. ٿوريءَ وٿيءَ ڪان پوءِ منارا. اهي ٻن جدا جدا پٽن ۾ آهن. ڳاڙهي رنگ جي ليٽـ تي ڪاري چٽسالي. اوچائي 4.6 انچ..Pl.XVI 16

Jk-489 لوٽيري تري سان چٽيل ٿانو. ڳچيءَ وٽ هلڪو ڪارو ڏاءُ. هيٺان تري وٽان ساڳيو رنگ معلوم ٿئي ٿو. سڄي ٿانو تي هلڪي ڳاڙهي رنگ جو ليٽـ ٿيل، ڪابه چٽسالي ڪانه ٿيل آهي. اوچائي 5.3 انچ.ـ 8.4 فوٽ.Pl.XVI.17

Jk-549 چٽيل ٿيلهيءَ جو ٽڪر. گولائي ٩ انچ. ڪناري تي ونگ نموني جون ليڪون. اندرئين پاسي گول پٽيءَ جو دائرو. پٽي اندر ليڪن جون قطارون. ٻن جو منجهه ڀري طرز جي جافريءَ سان ڀريل. وچ تي ڪِرڪِيَن جو مچلو. گهرين جي وچ تي ڏيڏرن جي چٽسالي. جن جا منجهه ڪيڙ ٻيلهه جي جافريءَ طرز تي ڀريل آهن. هلڪي ڳاڙهي ليٽـ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XVI. 22

Jk-545 موڪري منهن سان ٺڪر جو ٿانو. گهٽو ڪري رڌ پچاءَ سان لاڳاپيل آهي. ٻيگل ٽڪرو ڳچيءَ وٽ هلڪو ڳاڙهو ليٽـ اٿس. مٿئين پاسي تي ميٽائين رنگ جو ڏاءُ. ڳچيءَ وٽ ٽي پاسيريون ليڪون. هيٺئين پاسي تي ليٽڻ ۽ لهنواري سياءَ ۾ چگهه نڪتل اٿس. اوچائي 2.25 انچ. Pl.XXXV. 9

Jk-593 ٿانو جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ پاسيريون ليڪون. ڪلهن وٽ ناسي رنگ جو ڏاءُ. هيٺ منجهلن گولن جون گهريون ليڪون. ٿانو جي چوڏاري ٽي گهرا ليڪا. ان ڪان هيٺ چگهن جون ٻه قطارون. Pl. XV. 24

Jk-547 ٺـڪـر جو ڪـپـو. بوسـڪـي رنگ جو لـيـٽـ. اوچائي 4.75 انـچ. Pl.XVI. 15

Jk-472 ٺڪر جو ڪپو (چَلَ ). اوچائي 5.5 انچ.

Jk-840 ٿانو جو ٽڪر. بوسڪي رنگ جو ڏاءُ ناسي رنگ جي چٽسالي. اوچائي ٢٥ انچ. وچ تي ڏوريءَ جهڙيون ٽي ليڪون.Pl. XXXV. 13

Jk-501 مٽيءَ جو پڪل چهن سوراخن سان ڪو رانديڪو. سڄي تي چوڏاري

مان لڌل. Pl.XIII. 3.

Jk-8 چٽيل گهگهي. ٽن ڪوڻ اٿس. ڳچيءَ جي چوڏاري ڪارا، ڳاڙها ۽ اڇا پٽا. چٽساليءَ ۾ هڪ جيٽريءَ وٽيءَ تي چار گل. چٽسالي ڪاري رنگ ۾. پنکڙين جي چوٽين تي اڇا ٽبڪا. هيٺئين پاسي تي اڇي، ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ ۾ سنهيون ٽي پٽيون. اوچائي ٥ انچ. دڙي 'B' مان لڌل. Pl.XIII. 7.

Jk-99 چٽيل گهگهي. ڀڳل حالت ۾. ڳچيءَ وٽ مٿئين پاسي ڪارا پٽا. هلڪي ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري رنگ ۾ چوڏاري پکين جو چٽ جيڪي گلن کي ٺونگا هڻن ٿا. دڙي 'B' مان لڌل . Pl.XIII. 8

Jk-339 چٽيل ٺڪر. بوسڪي رنگ تي. ليٽر. ميٽائين رنگ جي چٽسالي. گول دائرن جي وچ ۾ ڪنول جي گل جو چٽ. 'A' دڙي مان لڌل . Pl. XIV. 16

Jk-398 چٽيل ٺڪر. ٻري طرز جي جافريءَ جي منجهه ۾ گلتي پاسن سان ٽڪنڊا. پاسي ۾ ڳاڙهي رنگ جو پن. جنهن جو ڪنارو ڪارو آهي. ڳاڙهي ليٽر تي چٽسالي ٿيل. Pl. XIV. 17

Jk-169 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. ڳچي ڳاڙهي ڏاءَ ۽ گلابي ليٽر ۾ واري وٽيءَ سان پٽا. ڳچيءَ جي چوڏاري ڳاڙهي رنگ ۾ لالين جيان ٽبڪا. هيٺان ٺڪر جي رنگ ۽ ڳاڙهي ڏاءَ جا پٽا. گلتي پاسن سان ٽڪنڊا. هلڪي گلابي رنگ تي ميٽائين رنگ سان چٽسالي. Pl.XIV. 20

Jk-143 چٽيل ٿانو جي ڳچي. هلڪي گلابي ليٽر مٿان لهنواري نوعيت جي داٽيدار بيهڪ تي ڪاري رنگ ۾ چٽسالي. واري وٽيءَ سان ڳاڙهي ڏاءَ ۽ گلابي ليٽر جا پٽا. گلتي پاسن ۽ گيڙ ٻيلهه سان جافريءَ وارا ٽڪنڊا پاسي۾ ڳاڙهي رنگ ۾ ڪاريءَ ڪناريءَ سان پن. چٽسالي هلڪي گلابيءَ ليٽر مٿان ٿيل. دڙو Pl.XIV. 21 .B

Jk-433 چٽيل ٺڪر. گلن ۽ جانورن جي چٽسالي. چٽ جو اندريون پاسو ميٽائين رنگ جهڙو. ٻاهريون ڪناريون ڪاري رنگ جون آهن. A دڙو.

1. Pottery with this design was found by R. D. Banerji in the clearance of the Stupa at Mohenjo-Dar.

آهي، جيڪو وهار ۾ تبليغ ڪرڻ واري انداز ۾ ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. سخارا تي ڌرماچڪرا Dharma Chakra جي عــلامت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. دڙو B ـــ ١٧ فوٽ هيٺ کوهه جي منهن تان لڌل.Pl.XIV. 26

Jk-816 ٽانو جو ٺڪر سنک ۽ ان گڏيل. اپريل اڪير ۾ گل ۽ شينهن جو چٽ. دڙو B. کوهه جي منهن تان ١٧ فوٽ هيٺ لڌل .

Jk-432 ٺڪر جي پرچ Saucer جو ٽڪرو. کوکي چٽسالي ۾ سواستيڪا ۽ ٻيا نمونا. پرچ جي اندئين پاسي گولائي ٧ انچ. دڙو A. Pl.XIV. 14

Jk-131 ٺڪر جي پرچ جو ٽڪرو. اندرئين پاسي ٻوٽي جي لامن جي اڪير، جيڪا ٽياس (صليب ) جيان آهي. دڙو B. Pl.XIV. 15

Jk-813 ٺڪر جي پڪل پرچ جو ٽڪرو. چٽ اڪريل. گل ٻوٽي جو نمونو هڪ ٽڪنڊي جي چوڌاري، جنهن ۾ نقطا ۽ گول دائرا آهن. گولائي 4.5 انچ. B دڙي مان لڌل. Pl.XIV. 18

Jk-526 ٺڪر جي پرچ. وچ نقطي واري گول دائري کان ڪنهن ٻوٽي جون لامـــون اڪريل چٽ ۾ ۽ اندرئين پاسي. گـــولائي ٥ انچ. دڙي B مـــان لڌل. Pl.XIV. 19

Jk-586 ٺڪر جي پرچ. اندرئين پاسي تي اڪريل چٽ ۾ وچ نقطي سان گول دائرا. گولائي ٥ انچ. B دڙي مان لڌل.

Jk-436 ٺڪر جو ٽانو. شڪل صورت ۾ ڪميءَ جهڙو [1]. منهن سوڙهو. شڪل ۾ ويئوڙو. اوچائي 2.4 انچ. گولائي ٤,٤٥ انچ. دڙي B مان لڌل.

Jk-151 ڪنير جو ڪينرو. ڳچيءَ کان هيٺان براهمي لکت ۾ چار پيرا Pra i " پرا آءِ " لکيل. اوچائي 2.95 انچ. B دڙي مان لڌل. Pl.XIV. 23

Jk-285 ٺڪر جو پڪل ماٺهوءَ جو مٿو. رنگ ۾ سرمائي ڪٺو. اوچائي 2.3

1. Similar vessels, both big and small, are frequently discovered at Taxila and other sites on the Northwestern Frontier. Blanford published an illustration of one of these from Makran (now in the Indian Museum, Culcutta) in *Procs. A.S.B.*, 1877, Pl. II, fig. 4. For other examples from Baluchistan, *see* Hargreaves, *A.S.R.*, 1924-25, Pl. XV, and Stein, *Mem. A.S.I.* No. 43, Pl.V, Ji. I. iv.

انچ. B دڙي مان لڌل.

Jk-555 ٺڪر. جنهن تي ڪنول گل جي اپريل چٽ ۾ چٽسالي ٿيل آهي. ٻڌڻ لاء وچ تي سوراخ. گولائي 2.75 انچ. A دڙي مان لڌل.

Jk-129 مٽيء جي پڪل ٽڪي Plaque . جنهن ۾ ماڻهوء جو سر مچن سميت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڊيگهہ 4.15 انچ. B دڙي مان لڌل. Pl.XIII.1

Jk-507 مٽيء جي پڪل ٽڪي، جنهن تي خروشلي لکت ٽي اکر "Musasa" مو سا سا " "موسي جو " لکيل آهن. ڊيگهہ 5.1 انچ. منڊو 1.6 انچ. دڙي A مان لڌل. Pl.XIV. 25

Jk-585 مٽيء جي پڪل مهر. وڌ ۾ وڌ ڊيگهہ 75. انچ. لکت گپتا دور جي نموني واري (پنجين صدي عيسوي ) اکر ڪجهہ هن طرح آهن: " سري اجڌاماسايا "Sri Ajdhamsya (?) اجاڌاما جو (؟) of Ajdhama. A دڙي مان لڌل. Pl.XIV. 2

Jk-763 مٽيء جي پڪل مهر - ڊيگهہ 75. انچ. گپتا جي دور واري لکت جو نمونو. اتڪل (پنجين صدي عيسوي ). " سري ڪرپاري هرسايا-Sri Karpa ri Harasya of Hara (i.e. Siva)، سري شو، ڪوپرين جو هار پائيندڙ" [1]. B دڙي مان لڌو. Pl.XIV. 3

Jk-457 مٽيء جي پڪل مهر. ڊيگهہ 7. انچ گپتا جي دور واري لکت جو نمونو. اتڪل (پنجين صدي عيسوي ). لکت هن ريت آهي: " رماچيء جو " "Sri Rumachisa" دڙي A مان لڌو. Pl.XIV. 4

Jk-777 ٺڪر جنهن تي مس سان لکت جا نشان. گپتا جي دور واري لکت جو نمونو. رڳو " يَ " " سَ " پڙهڻ جوڳو آهي.[1] B دڙي مان لڌو.

Pl. XIV. 5

Jk-756 مٽيء جي پڪل مهر جنهن تي مرد جي سيني تائين مورتي نظر اچي ٿي، جنهن جو منهن ساڄي طرف مڙيل آهي. ڊيگهہ 8. انچ. لکت پهلوي لکت سان

1. A number of sealings with this identical inscription were found on Mound A and B.

ميل ڪائي تي. B دڙي مان لڌي. Pl.XIV. 6

Jk-69 ٽامي جو سڪو. هڪ پاسي ماٿهوءَ جي اڻ چٽي تصوير. گول . گولائي اٽڪل 7. انچ . دڙي B مان لڌو. Pl.XIV. 11

Jk-188 ٽامي جو سڪو. ٻنهي پاسي ماٿهوءَ جي جسي تصوير. تصوير ڪي پاتل ڪپڙا ڪشن بادشاهن جهڙا آهن. شڪل ۾ گول. گولائيءَ جي ماپ 7. انچ. دڙي B مان لڌو. Pl.XIV. 12

Jk-252 ٽامي جو سڪو. شڪل شباهت ڪشن بادشاهن واسوديو جي اولاد مان لڳي ٿو.مهر واري پاسي بيٺل بادشاه جي تصوير. ڍگهو لباس پاتل. ٻنئين پاسي ڪابہ شيءِ نظر ڪانہ ٿي اچي. گول. گولائي هڪ انچ.[٢] B دڙي مان لڌل. Pl.XIV. 13

Jk-71 چن جي پٿر جو هڪ ٽڪرو جنهن تي ٻڌي ستاوا جي تصوير آهي. تصوير جسم جي سيني ڪان مٿئين واري حصي جي آهي. ساچو هٿ بچاءَ ڏيڻ واري نموني ڪنيل آهي. ڊيگهہ 2 انچ. دڙي A مان لڌل. Pl.XIV. 27

Jk-31 پٿر جي گول ٽڪي. ٻڌڻ لاءِ وچ تي سوراخ. وچ تي ايريل چٽ ۾ پرن واري گهوڙي جي تصوير. گولائي 4.2 انچ. ساڳي قسم جا پٿر ٽيڪسيلا مان لڌا ويا آهن. B دڙي مان لڌل. Pl.XIII. 2

Jk-241 لوهہ جو خنجر. ڊيگهہ 8.4 انچ. B دڙي مان لڌو. Pl.XIII. 4

Jk-271 لوهہ جو خنجر. ڊيگهہ 5.6 انچ B دڙي مان لڌو.

Jk-243 لوهہ جو خنجر. ڊيگهہ 6.6 انچ B دڙي مان لڌو. Pl.XIII. 6

Jk-355 لوهہ جي ڏقي جو قرSpear-head . ڊيگهہ 4.15 انچ. دڙي B مان لڌو.

Jk-119 لوهہ جو ڏاٽو. ٻنهي چيزن جي وچ واري ماپ 3.75 انچ. B دڙي مان

1. Alongwith it were found a sealing of the same class as Jk.763 and the painted potsherd, Jk.339 (Pl.XIV, fig.16). Very close to them were excavated ten more sealings of this class and a coin with the device of a crude human figure (Jk.765).
2. This piece belongs to a lot of thirteen coins. The rest are of the type of Pl. XIV, fig. II, 12.

لڏو.

Jk-254 لوهه جو چاقو. ڏيگهه 6.15 . دڙي A مان لڌو. Pl.XIII. 5

●

# باب ٽيون

## سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ درياه جي ڪڙ سان دوآبي وارو علائقو

### پاڳو پهريون -

### پهريون سفر

جهڪر جي دڙي جي کوٽائيءَ کان هڪ سال پوءِ، مونکي سنڌ جي لاڙ واري پاڱي جي کوجنا لاءِ مقرر ڪيو ويو. هن ڪم ڪرڻ جي ذميواريءَ کڻڻ واسطي ٻه مقصد هئا. پهرين ڳالهه تہ اسان کي سنڌ جي لاڙ واري حصي جي ثقافت متعلق ڄاڻ تمام گهٽ هئي. تنهن ڪري اهو ڄڻ لازمي ٿي پيو تہ هن دو آبي واري علائقي متعلق وڌ ۾ وڌ ڄاڻ، حاصل ڪريون. ٻي ڳالهه اها بہ هئي تہ تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪيترن ماڳن جي پنوتري جيڪا مسٽر بئنرجيءَ سان منسوب هئي، سا مسٽر جان مارشل جي هٿ ۾ هئي. جنهن ۾ ماڳن تي وڃي مطالعي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ تپاس ڪرڻ تي زور ڏنل هو. سنڌ جي ڪمشنر سان لک پڙهہ ذريعي ابتدائي ضروري ڪارروايون مڪمل ڪيون ويون ۽ اسان کي ضروري سامان ۽ تنبو وغيره ڏنيا. تہ اسان ١٩٢٩ع جي آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ڌاري سمبلا مان اڪائي، سڌو اچي ڪراچيءَ ۾ لٿو لاٿو. جتان اسان کي اصلي سفر تي اسهڻو هو.

### پنيور

ڪراچيءَ کان سفر تي سنبهڻ کان پوءِ اسانجو پهريون ڏاڍو ڳهارو هو. جيڪو نارٿ ويسٽرن ريلوي جي ڪراچي - ڪوٽڙي سيڪشن تي، ڏاٻيچي ريلوي اسٽيشن جي پرسان رڻ پٽ جي وچ تي هو. هتان ٢ ١/٢ - ٣ ميل دور گهاري جي ڪاڙيءَ تي، پهاڙي علائقي ۾، پنيور جا ماڳ موجود هئا. هي ماڳ هڪ ٥٠ فوٽ اتاهينءَ ٽڪريءَ تي آهن، جنهن کي سنڌي سسئيءَ جو ٽڪر

[1]سڏيندا آهن. هي سسئي ۽ پنهونء[2] جي سوز ۽ عشق جي سرزمين آهي، جن جي محبت جي مامري کان سنڌي تمام گهڻو واقف آهن. گهڻن عالمن جو اهو خيال آهي ته گهاري جي ڪاڙيءَ مٿان نظر رکڻ واسطي پنيور هڪ چيڪ پوسٽ هئي ۽ ٧١٢ع [3] واري عرب حملي کان اڳ ان جو ڪوبه وجود ڪونه هو. هن دڙي مان لڌل ڪاشيءَ جا ٿانو، ماڪيءَ جي مانارن جهڙا ٺڪر ۽ عرب حڪمرانن جا ننڍڙا ٽامي جا سڪا، مٿينءَ حقيقت جي تائيد ڪن ٿا. ٺڪر جي مٿين شين جو هينري ڪزنس [4] به مشاهدوڪيو هو، جنهنجو خيال آهي ته ماڪيءَ جي مانارن جهڙا ٺڪر سڪن ٺاهڻ جا سانچا هئا. اهي سڀ ڳالهيون اندازن کان وڌيڪ ڪونه آهن. گهڻو ڪري، سنڌ اندر، هٿ تي اٽي پيهڻ وارن جنڊن جا پڳل ٽڪرا آهن. اهڙي قسم جون شيون سفر دوران مسلمان دور وارن ڪنڊرن مان لڌيون ويون. پنيور ۾، ڪوجنا واسطي هيٺ ڪاهيون کوٽيون ويون، ته جيئن پڪ ڪري سگهجي ته اهڙا ماڪيءَ جي مانارن جهڙا ٺڪر مسلمان دور کان اڳ به هئا يا نه. پر اسان جو اهو اندازو غلط نڪتو. پٿر سان جوڙيل جڳهيون هڪ دور جي وسنيءَ سان تعلق رکن ٿيون. پٿر واري پٽ جي پرسان کوٽيل هڪ کاهيءَ مان عرب دور سان لاڳاپيل اهي ٽامي جا سڪا مليا. جيڪي اسان ٺڪر جي ٿانون سان گڏ ڪري رکيا. اسان کي اهڙي ساڳي قسم جا سڪا دڙي جي مٿاڇري تان به مليا هئا.

## ٺٽو ۽ ٻڌ جو ٺڪر

پنيور ۾ وڌيڪ ڪم کي غير ضروري سمجهيو ويو. تنهن ڪري اتان واند پٽي اچي چوويهه ميل اوڀر طرف ٺٽي وٽ ڪيما کوڙيا سون. ڪي صديون اڳ ٺٽو سنڌ جو دارالسلطنت (گاديءَ جو هنڌ) هو ۽ هندستان جي وڏن شهرن مان هڪ هو. ٺٽي کان پنج ميل ڏکڻ- اوڀر طرف مڪلي ٽڪري تي ڪلياڻ

1.Banerji, *Prog. Rep., A.S.I, W.C., 1919,* p.57.

2. Burton, *Sindh* (1851), pp.389 and 92 ff. Cf. also Elliot, *History of India*, Vol. I, pp.332-36.

3. Cousens, *Antiquities of Sind*, pp.80-81.

4. *Ibid.* p.80 and Pl. XV.

کوٽ جا کنڊر موجود آهن. اهو مسلمانن جي دور جو هڪ قلعو آهي. منجهس اولهہ طرف کان هڪ مسجد بہ تعمير ٿيل آهي، جنهن جي ٽن پاسن کان ڏنڊ ڦري اچي ٿي. اسان کي پڪ آهي تہ اها سنڌو درياه جي هڪ ڇاڙهہ هئي، جيڪا کنهن سمئہ اتان وهندي هئي.سترهين صديءَ ۾ هڪ انگريز ٺٽي متعلق لکيو آهي تہ: سنڌو درياه ٺٽي جي چوڌاري اهڙيءَ ريت ڦري اچي ٿو، جو شهر ڄڻ تہ هڪ اپ ٻيٽ پيو پائنبو.[١] ٺٽي يا ڪليان ڪوٽ ۾ ڏسڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. جنهن مان اهو سمجهي سگهجي تہ اهي شهر ڪنهن پراڻي دور سان واسطو رکن ٿا. ٺٽي کان ٻڌ جي ٽڪر ويا سون. هي سنڌو درياه جي ڪاٻي ڪناري ۽ ٻن ٽڪرين تي آباد هڪ ماڳ هو، جيڪو جهرڪ شهر جي سامهون آهي. ٺٽي کي وڏيڪ ويجهي جنگشاهي ريلوي اسٽيشن آهي، جنهن کان پوءِ ميٽنگ جي اسٽيشن اچي ٿي. ٻڌ جو ٽڪر ميٽنگ ريلوي اسٽيشن کان ٢/١-١٣ ميل پري آهي. ٺٽي کان جنگشاهي ويندڙ رستو سنڌ ۾ تمام سٺو رستو آهي. هيءُ رستو يا ميٽنگ کان جهرڪن ڏانهن ويندڙ رستو موٽرڪار هلائڻ لائق آهن. تنهن ڪري اسان جهرڪ شهر ٿورن ڪلاڪن ۾ پهچي ويا سون. پر سنڌو درياه کي پار ڪري ٻڌ جي ٽڪر ۽ اتان کان وري اڪري جهرڪ پهچڻ تمام گهڻو وقت ورتو. ڇاڪاڻ تہ جهرڪن جي سامهون پاڻي تانگهو هو. ٻيءَ پر پهچڻ واسطي اسان جي ٻيڙيءَ ڏاڍو وڪڙ ڪيو. نيٺ اسان ڇا ڪيو جو درياه جي ڪڙ کان ميل جو چوٿون حصو. اسان ٻيڙيءَ مان لهي درياه جو تانگهو پاڻي پنڌ جهاڳي گپ ۾ گپبا، مس اچي پار پهتا سون. اسان شام جو پوئين سج اچي ٻڌ جي ٽڪر واري ماڳن ٻيڙا ٽياسون. مسٽر جي. اي. ايل. ڪارٽر لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن ماڳ جي ڪنهن سروٽن جي ڍير مان پٿر جي دور سان لاڳاپيل ڪي اوزار لڌا هئا.[٢] پري کان انهن ٽڪرين جا مٿاڇرا دڙن وانگي ٿي ڏٺا، پر ائين ڪونہ هو. ٽڪرين جون چوٽيون قدرتي طرح ائين ڏسڻ ۾ ٿي آيون ۽ انهن مٿان ڪي

1. Raverty, *J. A. S. B.*, 1892, Part I, p.321.
2. *Antiquities of Sind*, pp.46-47. Cf. also Carter in *Ind. Ant.* 1932, p.88, n.13.

ڪنڊر موجود ڪونہ هئا. ان سڄي ماڳ تان نہ تہ ڪا ٺڪر جي شيءِ هٿ آئي ۽ نہ وري پٿر جي پراڻي دور سان لاڳاپيل ڪي اوزار ئي هٿ آيا. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ ڄڻ هتي ڪڏهن بہ انساني آبادي ڪانہ هئي. هڪ سنڌي نيڪيدار انهن ٽڪرين جي پاسن مان پٿر ڪيڻ لاءِ ڪمي لڳايا هئا. جڏهن اسان انهن ماڳن تي پهتاسون تہ اتان پٿر ڪيڻ جو ڪم جاري هو. منهنجي سوال پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ: هو گذريل ڪيتري وقت کان وٺي هنن ٽڪرين تان پٿر ڪڍي رهيا آهن. پر ڪين ڪنهن بہ جڳهہ جي باقيات يا ٺڪرائو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو آهي. تنهن ڪري اها ڳالهہ واضح ڪانہ ٿئي ٿي تہ مسٽر ڪارٽر پٿر جا اوزار ڪٿان لڌا هئا. ڪلڪتي جي عجائب گهر[1] ۾ پٿر جي اوزارن صاف ڪرڻ جو "رهڙو" Scraper موجود آهي. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ جيالاجيءَ جي ڊاڪٽر فيڊن Fedden ١٨٧٦ع ۾ لاڙ سنڌ جي جهرڪ شهر مان مٿاڇري تان لڌو هو. ان رهڙي جي حقيقي جاءِ ڪي اسان ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ڪونہ ويا سون. اها هڪ اڻ ٽيڻي ڳالهہ آهي جو پٿر جو اوزار سنڌ سيپتا سان واسطو رکندو هجي ۽ ان کي پٿر جي پوئين دور جو يادگار بہ سڏجي.

## گجي جي پرسان ٺارو ٽڪري

جهرڪن کان موٽي اسان ٺٽي ۽ گهاري جي وچ تي هڪ ماڳ گجي ڏانهن روانا ٿياسون. گجو ڳوٺ ڪراچي ويندڙ رستي جي پر تي ٺٽي کان ڏهہ ميل اولهہ طرف آهي. مسٽر ڪارٽر اڳيئي هن ماڳ تي پهچي چڪو هو، جنهن لاءِ مسٽر ڪزنس جو بيان آهي تہ "گجي جي پرسان ٺارو، پوئين پٿر جي دور سان لاڳاپيل هڪ شهر آهي. هن اتان پٿر جي پوئين دور سان واسطو رکندڙ اوزار لڌا هئا."[1] ٺارو هڪ ننڍڙي ٽڪري آهي (Pl.IV, a). ۽ گجي کان ڏکڻ اوير طرف ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي. اها ٽڪري ميدان جي سنوت کان ٣٠ يا ٣٥ فوٽ تي آهي ۽ چوٽي تراڪڙي اٿس. انجو اترين پاسو مسلمانن جي مقبرن سان

1. Coggin Brown, *Catalogue*, p.121, No.816. The findspot is incorrectly given as 'Shirak' in the Catalogue. But in the original register of the Museum it appears as 'Jhirak'.

والاريل آهي. اتي هڪ مندر بہ آهي، جنهن کي هٽ[1] سڏيندا آهن. جيڪو تباه ٿي سڃاڻ کان ٺي پري ٿي ويو آهي. هن جاء کان ڏکڻ طرف ۱٦۰۰ x ۸۰۰ فوٽ جي جاء آهي. جنهن ۾ اهڙن اوزارن سان لاڳاپيل چقمقي پٿر جام پيل آهن. ان جاء تي ننڍين دڙن جو هڪ چڱو تعداد آهي، جنجي اوچائي پنج يا ڇهہ فوٽ ٿيندي، جنهن ۾ هن ايراضيء جا ڪجھہ حصا اچي وڃن ٿا. گھڻو ڪري ڪارٽر کي غلط فهمي ان ڪري ٿي، جو هو ان کي قلعي وارو شهر سڏي ٿو. هن ٺڪرائتي مٿاڇري تي اسان کي ٽن جاين تي ڪي اڪريل علامتون ڏسڻ ۾آيون. انهن مان هڪ جاء تي ڇهن ڪان گھٽ اڪريل علامتون ڪونہ آهن ۽ ٻين ٻن جاين تي هڪ هڪ علامت ملي آهي. انهن علامتن مان هڪ ۾، ماڻهو، گهوڙو، تير ۽ ڪمان آهي. هڪ چوڪنڊو آهي، جنهن جي ڪنڊن مان نڪتل ليڪون وچ تي ڪاٽن ٿيون. اهي اهڙي قسم جي باقيات آهن، جن کي هڙاپا ۽ موهن جي دڙي مان لڌل مهرن تي ڏٺو ويو آهي. مليل حقيقت اهڙي ڪا واضح بہ ڪانہ آهي، تہ هنن علامتن کي تاريخ کان اڳ واري دور سان يا سنڌ سڀيتا جي تصويري الف - بي Pictographic سان واڳي سگھجي.

## تاريخي دور کان اڳ وارا ٺڪر

مذڪوره دڙن جي کوٽائي ڪرائڻ کان پوء اسان ٺڪرن جو چڱو تعداد لڌو، جن جو رنگ ڳاڙهسرو هو. گهڻو تعداد بنا چٽساليء وارن ٿانون جو آهي. پر ڪيترن نمونن جي ٿانون مان اهي اهڃاڻ پئي لڳا، تہ مٿن اصل ۾ آرائشي چٽسالي ٿيل هئي. انهن مان هڪ ٺڪر (Th.54) جي تصوير ڏني وئي آهي PI.XVIII, 34 . اهو ٺڪر ڪنهن گلدان جو حصو آهي، جنهن تي چوڪنڊن جو چٽ آهي. جن کي ڇنيون يا ٻري ڪڍي پريو ويو آهي. ٺڪر جي اصلي رنگ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي. انجي مٿان ڳاڙهسري پوري رنگ جو پٽو آهي.هن ماڳ تان لڌل ٺڪريون آمريء مان لڌل ٺڪرين سان، هنر ۽ نموني جي نقطئہ نگاه کان هڪجهڙائي رکن ٿيون، ڏسو PI.XVIII . ٿاري

1. Carter describes it in *Ind. Ant.*,1932, p.87 (*see* Pl. I, fig. 3 and Pl. II,fig.4).

مــان هڪ دلچسپ ٺــڪــري ملي، (Th.53(Pl.XVIII,33، جيــڪــا هلڪي پوري رنگ جي آهي، مٿس هلڪي پوري رنگ جو ڊاءُ ڏنل آهي. اها ٺـڪري هڪ گلدان جي آهي، جنهن جي ڳچيءَ تي ميــٽــائين رنگ جو پٽــو آهي ۽ انجي هيــٺــان ساڳئي رنگ ۾ ڪا چٽسالي ڪيل نظر اچي ٿي. ٺـڪر نـمبر Th.53 ۽ Th.23 پنهنجي جاءِ پليٽ نـمبر (Pl.XXXV 111) ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. اهو چوڻ البت ڏکــيــو آهي تـہ جن ٿــانون جون اهي ٺــڪــريون آهن، تن جي اصلي شــڪل ڪهڙي هئي. پر اها پڪ ضرور ٿئي ٿي تـہ انهن ٿانون جا پاسا ڪجهہ اڀيرا هئا.

## ننڍين.دڙن مان لڌل شين جو وچور

تڪــري جي هن حـصي تي ڊيان ڇڪــائيندڙ ڏيک اهو آهي تـہ ســو ڪن ننڍڙن دڙن جو هڪ مچلو جدا ٿيو بيٺو آهي. ڏسڻ ۾ پهريون ائين معلوم ٿيندو تـہ چڻ مسلمانن جون قبرون آهن، جن مٿان پٿر رکيا ويا هجن. ڪي اتر کان ڏکڻ طرف هليــون ٿــيــون وڃن، تـہ ڪي ورڻي اوڀــر کــان اولهــہ پکڙيل ڏسڻ ۾ اينديون. اهو ضروري سمجهيو ويو تـہ اهي کولي ڏٺيون وڃن، تـہ جيئن معلوم ٿئي تـہ انهن ۾ اندر ڇا آهي. گهڻن دڙن جي بيهڪ چوڪنڊي آهي ۽ ڪن جي شڪل گـول آهي. ٽن چوڪنڊن دڙن کي کـوٽي ڏٺــو ويو. گــهــٽي ٺي مــٽي ۽ پٿــر پاهر ڪڍيا ويا. ڪوٺين جون باقي بچيل پيتيون لڌيون. هرهڪ ڪوٺيءَ جي ڊيگهہ ۹ فوٽ ۽ منڊو چار فوٽ هو. ڪوٺيون ڪاريگريءَ سان ٺهيل ڪونـہ هيون. انهن جون پيتيون هيٺ پکڙيل پٿر مان جوڙيل هيون، جيڪي ٽن چئن فوٽن کان مٿي ڪونـہ هيون. هر هڪ ڪوٺيءَ مان، ٺڪر جا ٿانو هٿ آيا، جن مان ڪي وڏا تـہ ڪي ننڍا هئــا. ڪي ٿــيلهــيــون بـہ لڌيون، جن کي هيــٺــان پڙڳي ترو لڳل هو. Pl.XVI,24 اوچائي ۱۶,۵ انچ هئي. پوئين دور جو نـمونو سنڌ سيپتا جي ٿامي واري دور سان تعلق رکي ٿو. کوٽائيءَ دوران اسان کي ڪي هڏا وغيره هٿ ڪونـہ آيا. سمــجهــہ ۾ ڪونـہ ٿــو اچي تـہ اهي لڌل شيــون ڪــهــڙي ڪم اينديون هيون. اهي ٿانو بنا چٽسالـيءَ جي ســادا يا لســا ۽ رنگ ۾ ڳاڙها آهن. سندن دور

1. E.g. Th7, ht.16.5" : Pl. XVI, 25.

وغيره بہ معلوم ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. پر گهٽ ڪري اندازو اهو آهي تہ جنهن دور ۾ پٿر جون اهي ڏنگيون ڦڏيون پتيون جوڙيون ويون هونديون، ان دور سان انهن جو تعلق هوندو، جيڪو تاريخ کان اڳ وارو دور چئي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ پٿرن جا اوزار پاساڙا ۾ مگريون، ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چوڌاري پکڙيا پيا آهن.

## ماگهہ جو عام سياءُ

ٿاري منجهان ٽڪرين کان سواءِ ٢٦٠ پٿر جا اوزار مليا، جيڪي پاساڙا ۾ مگريون آهن (Pl.XIX. 19-22). لڌل ٿانون مان ڪي تہ ننڍڙا آهن. هن ايراضيءَ ۾ انساني آباديءَ جو ڪو نشان ڪونہ آهي. چاڪاڻ تہ هن ٽڪريءَ جي مٿاچري تي مٽيءَ جا بہ تي انچ مس ملندا. امڪان اهو آهي تہ ٿاري واري ٽڪري پٿرن جا اوزار ٺاهڻ وارو هڪ صنعتي علائقو هو ۽ اهو ڪو انساني رهائش جو ڳوٺ نہ هو. هن ماگهہ کي وڏيڪ کوٽائيءَ لاءِ موزون نہ ڄاتو ويو. پر ڪن ٻين ننڍڙن دڙن کي کوٽڻ لايائتو سمجهيوسون.

## ٻڌ سان واسطو رکندڙ کنڊر

هنن ننڍن دڙن مان ڪيترا پوئين دور سان واسطو رکن ٿا. هڪ گول دڙي کي فقط ڇهہ انچ مٿي هٽائي ڏٺو ويو تہ سنئيءَ جيڪي مٽيءَ جو وڏو پٿر لڌو. ان کي پڳو ويو تہ ٻڌ ڌرم سان واسطو رکندڙ ميڄتا جون ڪيتريون ٽڪيون ظاهر ٿي پيون. انهن اڻ پڪل ٽڪين ۾ بہ قسم تہ چٽا پٽا ڏسڻ ۾ پئي آيا. هڪ قسم جي ٽڪيءَ ۾ گوتم ٻڌ کي ويٺل ڏيکاريو ويو آهي. ٻئي قسم جي ٽڪي چٽائن (گهرن - مندرن ؟ ) Chaityas جي قطار آهي. ٻنهي قسم جي ٽڪين ۾ لکت ستين ۽ اٺين صدي عيسويءَ جي اتر هندستان جي ٻڌ جهڙي آهي. ٽڪيون هوبهو ميرپورخاص [1] مان لڌل ٽڪين جهڙيون آهن.

---

1. Cf. *Antiquities of Sind*, p.91, fig. 11

## مسلمان دور سان واسطو رکندڙ ڪنڊر

ٽڪريءَ جي اتر پاسي تعمير ٿيل مسلمانن جا مقبرا ڪجهه وڌيڪ توجهه گهرن ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن مان ڪن تي ڏاڍيءَ ڪاريگريءَ سان ڪم ٿيل آهي، جيڪي ٺٽي جي مڪليءَ ٽڪريءَ تي جوڙيل تاريخي عمارتن کان وڌيڪ آڳاٽا آهن. ٺارو ٽڪريءَ مٿان ٺهيل دلچسپيءَ لائق تاريخي يادگار ٺهيل آهي. تعمير ١٤ صديءَ جي پڇاڙيءَ جي ٿي. چوڪنڊي نموني تي ٢٨ x ١٨ فوٽ ماپ جو ڪوٽ آهي، جنهن ۾ ٻه مقبرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي مٿان کليل آهن، منجهن داخل ٿيڻ لاءِ ڏکڻ کان دروازو آهي. ڪوٽ واري چوڌاري پٽ ٦ فوٽ مٿي آهي. جنهن مٿان ڪنگرن سان اولو آهي. ان کان هيٺان ڇهه بار ڪمايل پٿر جا هٽي ڪچي پٿر جي پٽ کي ڍڪيو ويو آهي. لنگهه (دروازي) جي چوڌاري چوناٺ، جانٻل استعمال ٿيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سڄي اڏاوت ۾ فقط پٿر جو استعمال ٿيل آهي. لنگهه، محراب ۽ ان سان گڏ مقبرا ڏاڍيءَ سيبتائيءَ سان سينگاريل آهن. اڪيرا اليڪ ۽ اوپيڙ (گل ٻوٽي ) جي ڇٽ ۾ ٿيل آهي. باقي ٻي اڏاوت بنا چٽساليءَ يا اڪير جي بلڪل سادي سودي آهي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته اها ڪنهن پراڻي دور سان واسطو رکي ٿي. ساڳي قسم جا عام رواجي نموني تعمير ٿيل مقبرا حاجي ترابي جي قبي جي پرسان به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن اڏاوت جي هڪ پٽ ۾ عربي لکت موجود آهي، جيڪا تحفه الاڪرام موجب ١٧١ هجريءَ[1] جي آهي. ان لکت جي تصوير مسٽر غلام يزدانيءَ کي ڏني وئي هئي، جنهن ٻڌايو ته اها لکت ٧٨٢ هجريءَ سان واسطو رکي ٿي، جيڪا عيسوي سن ١٣٨٠ع جي برابر وڃي بيهي ٿي. اهو فيروز شاه تغلق جو دور هو. ان زماني جو هن تعمير سان يا ان ۾ دفن ٿيل بزرگ سان ڪو واسطو ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته ان بزرگ لاءِ چيو ويندو آهي ته عباسي خليفي منصور جو همعصر هو. تحفه الاڪرام جو بيان آهي ته شيخ ساڪري علائقي جي ٺاري قلعي، بگهاڙ ۽ پنيور جا شهر اچي

1. Cf. *Karachi District Gazetteer*, p.100.
2. Elliot, *History of India*, Vol. I, p.446.

فتح ڪيا.[٢] هن ۾ تہ ڪنهن شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي، تہ ٺارو.اهو ساڳيو ٺارو ٽڪري آهي ۽ ساڪرو اڄڪلهہ تعلقي جي صورت ۾ سڃاتو وڃي ٿو ۽ سندس موجوده تالو ميرپور ساڪرو آهي.

## بگهاڙ ڪان پار

ان ڪان پوءِ اسان ٺٽي موٽياسون ۽ موٽرڪار جي ذريعي لاڙ سنڌ جي اوڀارين تعلقن، ميرپور بٺورو، گوني، جاتي، ڊيري محبت ڏانهن روانا ٿياسون. اهڙيءَ ريت اسان سنڌ درياه جو بگهاڙ ڦاٽ ٢٢ نومبر تي پار ڪيو ۽ ساڳئي ڏينهن، ميرپور بٺوري پهتاسون. اسان پنهنجي موٽرڪار اسٽيمر جي ذريعي ٽپائي، جيڪو سعيدپور واري پتڻ تي پيو ايندو ويندو آهي. اسان مير پور بٺوري ۾ هنيل وانڊ (ڪيمپ) ۾ ترسي، شاه ڪپور، ڪاڪيجا، ڪٽ ٻانيڻ ۽ رڙيءَ جا دڙا ٽپاسي ڏٺا. پر اهي اسان کي مسلمان دور کان اڳ جا معلوم ڪونہ ٿيا. اسان ٻين ٿورن تازن دڙن جي کوٽائي ڪري اچي ٽنڊي محمد خان ۾ سهڙياسون، جيڪو ڦليلي واه جي ڪناري تي آباد آهي. هن جاءِ جي ڀرسان گنجي ٽڪر جي چاڙهه تي ٻڌ ڌرم سان واسطو رکندڙ ٻہ اسٽوپا آهن، جن مان مشهور سڌيرڻ جو دڙو آهي. هن دڙي جا ماڳ سعيدپور ۽ گاجا واه جي ڀرسان آهن، جيڪا ڦليلي واه جي هڪ شاخ آهي. هن اسٽوپا جي قديم آثارن جي ڪاتي طرفان کوٽائي ٿيل آهي ۽ هن ماڳ کي هن ڪاتي پنهنجي تحفظ ۾ ورتو آهي. ٻنهي اسٽوپائن جو بنياد مٽي ٽڪريءَ تي رکيل آهي، تنهن ڪري هتي ڪنهن پراچين دور واري تهہ ملڻ جو ڪو بہ امڪان ڪونہ هو. ان ڪان پوءِ اسان نظاماڻي ۽ ٺري وارن دڙن جي کوجنا ڪئي. اهي ماڳ ماتليءَ ۽ ٽنڊي غلام عليءَ جي وچ تي آهن. پر انهن مان ڪوبہ مسلمانن جي دور کان اڳ جو ڪونہ هو. وچ ڊسمبر ڌاري اسان اچي ڪوٽڙيءَ پهتا سون. اتان ڪان يا ان جي سامهون درياه جي ٻئي ڪناري تي وسندڙ شهر حيدرآباد کان اسان مختلف طرفن تي سفر ڪيو. پر هتي اسان رڳو ميرپورخاص، عمر ڪوٽ ۽ بدين جو ذڪر ڪنداسون.

## ميرپور خاص، عمرڪوٽ ۽ بدين

ميرپور شهر جي پرسان ٿر ۽ پارڪر جو علائقو آهي. اتي هڪ مشهور ۽ معروف ڪاهوءَ جو دڙو آهي، جنهن جي ڪزنس ۽ ڀنڊارڪر جدا جدا سال ١٠ - ١٩٠٩ع ۽ ١٧ - ١٩١٦ع ۾ کوٽائي ڪرائي هئي. جنهنجي نتيجي ۾ هڪ بڌ اسٽوپا نڪري نروار ٿي پئي. ان کان پوءِ انهن ماڳن کي قديم آثارن واري کاتي پنهنجي تحفظ ۾ ورتو آهي. پر ان اسٽوپا جي چوڌاري ٻيا دڙا آهن، جيڪي ٻه کوجنا لهڻن ٿا. اٿين سمجهه ۾ اچي ٿو ته اهي ماڳ ڪنهن ڏيوري يا مڙهيءَ جا آهن. اهو ڏسڻ لاءِ ته تري جي سنوت ۾ هيٺ ڪنهن پراڻي دور سان واسطو رکندڙ باقيات آهي يا نه، ان لاءِ اسان اسٽوپا جي اتر ۾ هڪ آزمائشي کاهي کوٽائي. اسان کي مٿاڇري کان ڇهه فوٽ هيٺ، عقيق جو هڪ مٽيو، ٻه ٽامي جا سڪا ۽ ڪن سادن سودن ٿانون جون ٺڪريون مليون. اسٽوپا جي ڏکڻ واري پاسي کان ٻه کوٽائي ڪرائي وئي. پر اتان ڪابه اهڙي شيءِ ڪانه ملي، جنهن کي اسان تاريخ کان اڳ واري دور ڏانهن منسوب ڪريون. ميرپور خاص واري علائقي ۾ ٻيا ٻه ڪيترائي دڙا ڏناسون، جهڙوڪ ميرپور خاص کان اتر - اوير تيرهن ميلن تي شادي پلي اسٽيشن جي پرسان ڪيراهه Khirah جو دڙو يا ساڳي شهر ميرپور خاص کان چوڏهن ميل اتر - اوير طرف سنڌڙيءَ جي پرسان دڙو ۽ عمرڪوٽ جي پرسان مومل جي ماڙي وغيره. پر انهن سڀني دڙن مان اسان کي پراڻي دور سان تعلق رکندڙ ڪا ثقافتي وٿ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. حيدرآباد پهچي اسان ترت ئي بدين جي علائقي ۾ دڙن جي اڀياس لاءِ تياري ڪئي. حيدرآباد - بدين جي پيرو لشاري ريلوي اسٽيشن جي پرسان اسان هڪ دڙو ڏٺو، جنهن کي اوٽ جو دڙو Otjo Daro چيو ويندو آهي. بدين ڏانهن ويندڙ پڪو رستو ان کي وچان چيري گذرندو آهي. بدين کان اڌ ميل کن ڏکڻ طرف هڪ دڙي کي ٻه اسان جاچيو، جنهن کي پراڻي بدين سڏيندا آهن. اتي اسان دڙن جو هڪ مچلو ڏٺو، جن جي اوچائي ڇهن کان اٺن فوٽن تائين هئي. اسان پوري پڪ سان چئي سگهون ٿا ته اهي دڙا مسلمان دور سان واسطو رکن ٿا. اهڙي شاهدي اسان کي

ٺڪرين، جنهن جي ٽڪرن ۽ ڪاشيءَ جي ٿانون جي ٺڪرن مان ملي ٿي. اسان بدين جي پرسان ڪي ٻيا به دڙا ڏٺا. جيئن بدين کان ٿي ميل اتر طرف ڪنڊ وارو دڙو ۽ بادايــن Bahadain کــان ڏکڻ اولهــ طرف دودي جو دڙو يا روپاه مــاڙيءَ جو دڙو، جيــڪــو بدين کــان ۲۲ مــيلن جي پنڌ تي ڏکڻ ڏس تي آهي. دودي جي مــاڙي وارياسي رڻ پٽ جي وچ تي آهي، جيــڪــو بدين کــان چڻ ڪڇ جو رڻ ٿو پائنجي. انهن سيني ماڳن تان مسلمان دور کان اڳ، ڪنهن پراڻي دور سان واسطو رکندڙ ڪابه شيءِ هٿ ڪانه لڳي.

## ويجهي دور جو دو آبو

جيــتوڻيڪ اســان کي انهن مــاڳن تان پراڻي دور ســان لاڳاپيل ڪا به شيءِ ڪانه لڌي، پر پوءِ به اسان جو سفر ڪو اجايو ڪونه ويو. اتي وڃي اسان کي اهو پرو پيــو تہ مذڪوره دو آبو ڪنهن تازي دور ۾ ٺهيو آهي. اسان کي اهو معلوم ٿيــو تہ درياه جي تازي بٺايل هن خطي ۾ ٽڪــرائــتي عــلائقي کــان پريان پراڻي ثقافت ســان تعلق رکندڙ ڪنڊرن کي ڳولڻ اجايو ٿــيندو. ريورٽي اسان کي ٻڌائي ٿو تہ: بدين سنڌ جو انتهائي ڏاکڻو علائقو آهي. اڪبر جي زماني ۾ ٺٽي جي سرڪار، جنهن ۾ بدين بہ شامل هو، سو ڏاکڻو حصو سمنڊ [1] سان لاڳو هو. جيڪڏهن ٺٽي کي ملائڻ لاءِ هڪ ليڪ ڪڍي وڃي، جنهن جي اولهہ ۾ گجو ۽ اوپــر ۾ بدين هجي، تہ اها حــد تاريخ کــان اڳ واري سنڌ ملڪ جي ٿي سگهي ٿي.

1. *J. A. S. B.*, 1892, p.317; Jarret, *Ain-i-Akbari*, Vol. II, p.336.

# پاڳو پيو

## ڪوٽڙيءَ کان آمريءَ تائين

### ڪوٽڙيءَ کان اتر طرف

عام طور چيو ويندو آهي تہ موهن جي دڙي مان لڌل سيپيتا سنڌوءَ جهڙي مهان نديءَ ۾ وڌي ويجهي، ساڳيءَ ريت مصر ۽ عراق جون سيپيتائون مرحلا طئي ڪنديون اوج تي پهتيون. تنهن ڪري سنڌو درياه جي ڪپرن، ڪنارن، پرين ۽ پاسن کي تپاسڻ ضروري سمجهيو ويو. اسان جي آڏو اهو ڪم هو تہ ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد کان اتر پاسي واري درياهي علائقي جي ڪوجنا ڪريون. ان مذڪوره علائقي ۾ درياه جي ٻنهي پارين، ڪيترائي سڪيا ستابا ڳوٺ آباد هئا. جتان اسان کي ضرورت جي هر شيءِ ملي سگهي ٿي. ان کان سواءِ رستا ۽ ريلوي اسٽيشنون بہ موجود هيون. جن وسيلي اسان اتر سنڌ جي هر علائقي ۾ سولائيءَ سان پهچي ٿي سگهيا سون. پر ان جي باوجود سفر سٺائو نہ هو.١٩٢٩ع واري سرءُ کان اڳ سنڌ ۾ اهڙيون ٻوڏون آيون هيون. جو سياري جي شروعات ٿي چڪي هئي، پر سنڌ ۾ حالتون معمول تي ڪونہ آيون هيون. گهڻا رستا گاڏين جي سفر ڪرڻ لائق ڪونہ هئا. ان ڪري بند ڪيا ويا هئا ۽ ملڪ جا ڪيترا حصا اڃا بہ پاڻيءَ هيٺ هئا ۽ اتي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو هو. اٿل کان پوءِ مليريا ۽ ٻين بيمارين هاجا ڪري ڇڏيا هئا. ذري گهٽ سڄي سنڌ وچڙندڙ وبائي بيمارين جي وڪڙ ۾ اچي وئي هئي. سفر دوران اسان جي ڪوجنا واري قافلي جا ماڻهو بہ مليريا ۽ ٻين بيمارين جو شڪار ٿي پيا. تنهن ڪري اسان کي مجبور ٿي ڪيترن دوستن لاءِ دوا دارونءَ واسطي ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد ۾ ترسڻو پيو. وقت جي ان وٿيءَ ۾ اسان پنهنجي ڪوجنا سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي شروع ڪئي. پر قافلي جي واڌ ۾ خود مليريا ايتري تہ شدت اختيار ڪري وئي، جو اسان جي ڪم جو سلسلو لڳاتار قائم رهي نہ سگهيو.

## ڪوٽڙيءَ جي پرسان لڪيءَ جون ٽڪريون

اسان کي اطلاع پهتو تہ ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن جي پرسان، لڪيءَ جي ٽڪرين ۾ ڪڙي Karri جي نالي سان تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل هڪ ماڳ آهي. اسان هن ماڳ کي سولائيءَ سان ڳولي لڌو. جتي سخت قسم جو ننڍو وڏو چقمقي پٿر چوڌاري ڪنڊڙيو پيو هو.اهو سخت قسم جو ڪارو پٿر پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود هو ۽ ان تي ڪنهن ڪاريگر ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪيو هو. انهن پٿرن جو، قديم آثارن بدران جيالاجيءَ وارن سان تعلق هو. سڄيءَ ايراضيءَ کي جاچي ڏٺو سون، مگر اتي ڪو ٺڪرائو نظر نہ آيو ۽ نہ وري اسان کي اتي ڪنهن انساني آباديءَ جو اهڃاڻ مليو. ان کان پوءِ اسان لڪيءَ جي ٽڪرين ۽ سنڌوءَ جي وچ وارو علائقو ونئي اتر طرف پيٽارو، ٻڍاپور ۽ مانجهند مان گذرندا اڳتي وڌڻ لڳاسون. لڪيءَ جي ٽڪراٽي علائقي جي اوپر آمريءَ ۾ اچي واڌ قائم ڪئي سون. جتي اسان کي ڪنهن تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ماڳ جو اطلاع مليل هو.

## آمريءَ جو ماڳ

۱۸۳۴ع ۾ برنس[۱] آمري ڏٺي هئي. ان جو احوال Narrative of a Voyage on the Indus مان ملي سگهي ٿو. جيڪو هن ريت آهي: "سيوهڻ کان ۱۸ ميل ڏکڻ ۾ درياه جي ساڄي طرف آمريءَ جي نالي سان هڪ ڳوٺ آهي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ڪڏهن اهو هڪ وڏو شهر هو ۽ اڳين راجائن جي رهڻ جو دلپسند ماڳ هو. هن شهر جي تباهيءَ لاءِ اهو ٻڌايو ويندو آهي تہ سنڌو درياه ان کي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيو. جيڪو موجوده شهر جي پرسان هاٿي هڪ دڙي جي صورت ۾ موجود آهي. ان دڙي جي زمين جي مٿاڇري کان اوچائي چاليهہ فوٽ ڪن ٿيندي. زباني روايتون اهو ٻڌائن ٿيون تہ ڪنهن آڳاٽي

1. *Travels into Bokhara*, etc., Vol. III, 1834, pp.58-59. Amri also appears in a report on routes in Sind by Lt. Col. Holland, in which it is described as 'a small village, with much cultivation in the vicinity.' __*Selections from the Records of the Bombay Government*, No.XVII, *New Series*, Part II, 1855.

سمي ڪنهن وڏي راجا هتي اچي ڏاڍو ڪيو هو. هن پنهجي لشڪر کي حڪم ڪيو تہ گهوڙن جي لڏ کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري رکو ۽ ان مان آمريءَ جو دڙو ٺهي ويو. دڙي جي پرسان ڪي مقبرا بہ آهن. پر اهي ڪنهن تازي دؤر سان واسطو رکن ٿا." ڪزنس[1] اهو لکي ڏيان تہ ڇڪايو آهي، پر وڌيڪ معلومات ڪونہ ٿو ڏئي. اتي پهچي اهو معلوم ٿيو تہ ۱۹۲۹ع کان اڳ هن دڙي جي کوٽائي ڪنهن قديم آثارن جي ماهر ڪانہ ڪرائي هئي. برنس جنهن دڙي جو ذڪر ڪيو آهي، سو ڳوٺ کان اولهہ، ڏکڻ-اولهہ طرف، آمريءَ کان ٻہ ميل پري، سيوهڻ-مانجهند واري رستي تي آهي. هن دڙي جي ڀرپاسي ۾ ٻيا دڙا بہ موجود آهن. پر اصل اُيراضي، درياہ جي ڀرسان هجڻ ڪري وڏن وٽن ۽ ٻوٽن سان ڍڪي پئي آهي. جيڪو دڙو برنس ڏٺو هو، تنهن کي اسين دڙو Iچونداسون. اهو مٿان کان اٺين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جڻ ڪنهن پراڻي دور جي آباديءَ مٿان ڪچين سرن سان ٺهيل گهرن جو ڍير آهي. هتان جي رهواسين، دڙي جي تري ۾ کوٽائي ڪئي هئي، جنهن مان اسان کي معلوم ٿيو تہ پهرين آباديءَ جي جاين جي اڏاوت پڪين سرن سان ٿيل آهي، جن جي ماپ ۱-۳/۴ x ۷-۳/۴ x ۱۰ انچ آهي. صحيح طريقي جي کوٽائيءَ کان سواءِ اهو چوڻ مشڪل آهي تہ پراڻي تهہ جو ڪهڙي دور سان تعلق آهي. دڙي جي مٿان ڪچين سرن واري وستي مسلمان دور کان اڳ جي ڪانہ آهي. اهو اندازو اسان دڙي ۾ موجود ڪاشيءَ جي ٺانون جي ٺڪرين ۽ ٻين شين مان لائي سگهون ٿا. مٿاڇري جي تپاس مان معلوم ٿيو تہ دڙيI جي اولهہ پاسي وارو دڙو اهميت جي لائق هو. ان جي اوچائي رڳو ۱۳ فوٽ آهي(Pl.III a). مٿس مختلف قسمن جون ٺڪريون پکڙيون پيون آهن، مٽيءَ جون پڪل چوڙيون ۽ مٽيءَ جون پڪل ٽڪنڊيون ٽڪيون (Pl.III, b) بہ لڌيون، جيڪي موهن جي دڙي مان ملندڙ شين جهڙيون هيون. هيءُ دور جنهن کي اسان دڙو-۲ چونداسون سو مشاهدي ڪرڻ واري کي ڪنهن ٻئي ڍنگ جو معلوم ٿيندو. وڌيڪ تحقيقات ڪرڻ سان اسان

1. *Antiquities of Sind,* p. 175.

کي دڙي جي اولهہ پاسي کان پٿر جي اوزارن جي پاسڙن Flakes جا ٽڪرا مليا. انهن لڏل شين مان اسانکي معلوم ڪرڻو هو تہ هيءُ دڙو تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو رکي ٿو يا نہ، سو کوٽائي ڪري تپاسڻ کان پوءِ معلوم ڪري ٿي سگهياسون. دڙي جي مٿان مقبرا اڏيل هئا. اها حالت سنڌ جي پراڻن دڙن سان عام آهي. دڙي جي ڪنهن بہ حصي جي کوٽائيءَ جي اتان جي مسلمانن ڏاڍي مخالفت ڪئي. حد جي ريوينيو آفيسر کان مدد ورتي وئي، جنهن کين يقين ڏياريو تہ دڙي جي کوٽائي ڪرڻ واسطي اسان جي نيت نيڪ آهي. جڏهن اهي هر طرح مطمئن ٿيا تہ پوءِ اسان کوٽائي شروع ڪئي. شروعاتي ڪم هڪ هفتو ورتو. ۱۹۲۹ع جي ناتال جي دوران اسان کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪيو.(Pl.XL III)

## کاهي نمبر هڪ (۱)

دڙي -۲ ۾ کاهي هڻي وئي. کوٽائيءَ جي شروعات، دڙي جي چوٽيءَ ۽ زمين جي مٿاڇري جي سنوت جي وچ تان ڪئي وئي، جتان پٿر جا اوزار لڌا. اسان پنجاه فوٽ ڊگهي ۽ ٻارهن فوٽ موڪري کاهي کوٽائي. قبرن جي موجودگيءَ ڪري ڪمي ڏاڍي احتياط سان ڪم ڪري رهيا هئا ۽ کوٽائيءَ بہ محدود ايراضيءَ ۾ ڪرائي وئي. جيترو ٿي سگهيو، قبرن کان پري پئي ڪم ڪرايو سون. پهرينءَ کاهيءَ جي ٽن کان پنجن فوٽن تائين هيٺ کوٽائيءَ مان پٿرن جي ٽن پٿين جا نشان مليا. (Pl. III,d) کوٽائي هيٺ ڪندا ويا سون، جڏهن زمين ۽ مٿاڇري واريءَ سنوت کان ٿورو هيٺ پهتا سون، تہ اسان ڏٺو تہ اهي ٻہ يا ٽي فوٽ اوچيون پٿيون ڪنهن جڳهہ جو بنياد هيون، جنهن جو مٿيون حصو ڊهي چڪو هو. ان کاهيءَ نمبر پهرينءَ مان اسان مجموعي طور ۲۵۳ شيون لڌيون (Am 1-252 and Am 521) جي لکت ۾ محفوظ ڪيون ويون. اهي اسان خاص طور تي ٻن تهن تان لڌيون. (۱). دڙي جي مٿاڇري کان پٿر جي پٿين وٽ هڪ کان چار فوٽ گهرائيءَ تائين، (۲) ڇهن کان ست فوٽ گهرائيءَ تائين.

## ڪاهيءَ نمبر هڪ (١) مان لڌل شيون

مٽيءَ سنوت جي لڌل شين مان اهميت جوڳيون سَوَ ڪان مٽي ٺڪريون(Am. 1- 118) آهن. جيڪي تلهن ۾ ڳاڙهن تانون جي نشان دهي ڪن ٿيون. هلڪي ناسي رنگ جي ڌاءَ تي ڪاري رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي. هن وڙ وارا ٺڪر جا ٿانو اسان اڳ ۾ ئي سڃاڻون ٿا. ڇاڪاڻ ته هي سنڌ جي موهن جي ماڳن ۾ جهڪر يا پنجاب مان هڙاپا مان مليا آهن، جيڪي سنڌ جي سيتا سان واسطو رکن ٿا. هنن ٺڪرين جو ڇٽ سنڌ جي ٿانون سان هڪجهڙائي رکي ٿو. انهن ڇٽن مان ڪجهه هي آهن: مڇيءَ جا ڇلر، گول ڪڙن اندر گل، پوٽن جا پن، پٽي نوڪن وارا پن، ماڪوڙا يا ڏاند موٽاڳو (لهريدار ليڪون) گلتي پاسن سان چوراس، جن جي وچ تي پکي ۾ گل وغيره آهن. انهن چٽيل ٺڪرن ڪان سواءِ پيون به اهڙيون شيون لڌيون آهن، جن جو سنڌي سيتا سان واسطو آهي. انهن مان مکيه فيلسپار Felspar جو گول ۾ ڍڳهو مٽيو آهي، مٽيءَ جو پڪل تڪ وارو چرخو، ٻارن جي راند ڳاڏين جا پڪل سانچا، مٽيءَ جون پڪل ڏاند جون مورتيون، ٺڪر جون اڌ پڪل ٽڪيون، پٿر جي اوزارن مان پاساڙا، مگريون ٿيپ ترن تي بيٺل مٽيءَ جون پڪل ڦيلهيون (ٿالهيون)، جن جي اندرئين پاسي ڪوڪي چٽسالي ٿيل آهي.

هن ڪاهيءَ جي ٦ فوٽ اونهائيءَ تي اسان کي ڪاري مٽي ڏسڻ ۾ آئي، جيڪا مٿاڇري واريءَ مٽيءَ ڪان ڌار ورن واري هئي. ان جڳهه تان اسان چٽيل ٺڪريون لڌيون، جيڪي نئين قسم جون هيون. سنڌ ۾ اهڙيون ٺڪريون ڪتان ڪونه لڌيون ويون آهن. ٿانو وڙ ۾ ورن ۾ سنها هئا. سندن ڳچين وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو هو. مٿن هن ريت چٽسالي هئي: اندرئين پاسي چپ جي هيٺان ميٽائين رنگ جو پٽو هو. مٿئين پاسي اليڪي ورن جي چٽسالي نظر ٿي آئي، جيڪا پوري يا هلڪي گلابي رنگ جي ليئي تي ڪاري يا ناسي رنگ ۾ ڪيل هئي. چٽسالي اهڙي سهٽي ڪانه هئي، جهڙي موهن جي مٿئين تهه مان لڌل ٿانون تي ڏسجي ٿي. هن ورن جا ٿانو پٿر جي اوزارن سان گڏ مليا آهن.

## ڪاهي نمبر (٢)

هن قسم جا ٿانو دڙي جي حدن کان ٻاهر، درياهي پاٽيءَ جي پهچ واري حصي ۾ ملي سگهندا يا نه. سو اهو خيال ڪري ڪاهي نمبر ٢ ، ٢٦ x ٣٥ ۾ دڙي جي اوپر کان کوٽائي ڪئي وئي. نئينءَ ڪاهيءَ جي هڪ فوٽ کن مس کوٽائي ڪرائي سين ته پٿر جي اڏاوتن جا نند مليا. انهن پٿين جا باقي بچيل هيٺيان حصا (ننڊ ) به فوٽ موڪرا ۽ چار فوٽ اوچا هئا، (Pl.III, c) ان کان پوءِ ٣٥ فوٽ ڊگهي پٽ لڌي وئي. ان پٽ جي اوپر طرف ڪيترن ئي ننڍن ڪمرن جي پيڙهين جا نشان مليا. بنيادن جي پراءَ واسطي جيڪا پٿري، ۾ ساڪرو ڪتب آندو ويو هو، ظاهر آهي ته اهو به اسان کي تري مان ڪڍي صاف ڪرڻو پيو. هتي اسان وري به اهڙي تهه وٽ پهتا سون، جنهن جهڙو اسان کي ڪاهيءَ - ١ جي هيٺئين حصي مان مليو هو ۽ اهڙي ئي ورن واري ڪاري مٽي وري ظاهر ٿي پئي ۽ ان سان گڏ پوري ڦڪي رنگ جا ٿانو به لڌا، جن تي اليڪي چٽسالي تيل هئي. کوٽائي ڪندي اسان کي هن وڙ سان لاڳاپيل ٢١٤ ٿانو مليا، جن کي (Am. 253-462-522-525) ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ڪاهيءَ کي چار پنج فوٽ کوٽيو ويو ته اتان به ٿانو لڌا. ڪاهيءَ جي تري مان به ٽي فوٽ هيٺ پٿرن جا اوزار هٿ لڳا. معلوم ائين ٿئي ٿو ته هن ماڳ جو مٿيون حصو درياه جي اٿل [1] ۾ لڙهي ويو آهي ۽ هيٺيون حصو پاڻ مرادو ظاهر ٿي پيو. اسان اهو به سمجهون ٿا ته ڪاهي -١ جي اليڪي چٽساني وارا ٿانو، ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي Black-on- Red وارن ٿانون کان هيٺئين تهه وارا آهن. تنهن ڪري ائين معلوم ٿئي ٿو ته اهي وڏيڪ پراڻي دور سان واسطو رکن ٿا. مکيه فرق اهو آهي ته ٻنهي ٿانون جي ڪاريگري ۽ سنجڻ ۾ به وڏو سنڌو موجود آهي. ٻنهي تهن جي دورن ۾ ثقافت ۾ فرق نظر اچي ٿو.

موهن واري ماڳ جي پرسان هئڻ ڪري آمريءَ جا پوئين دور سان

1. The tradtion recorded by Burnes in 1834 that the old city of Amri was swept away by the Indus seems to be based on fact.

لاڳاپيل ٿانو سنڌ سڀيتا[1] جي پيداوار آهن. آمريءَ جا پراڻي دور سان واسطو رکندڙ ٿانو، جن کي هن کان پوءِ آمريءَ جا ٿانو سڏيو ويندو، سي تامي واري دور جي ڪنهن مرحلي سان تعلق رکن ٿا. جهڙيءَ ريت موهن ۽ هڙاپا مان لڌل ٿانو پنهنجي دور سان لاڳاپيل آهن. جيڪي ان دور جي نمائندگي ڪن ٿا.سنڌ سڀيتا کي بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي، جنهنجا ڪيترا مرحلا آهن. تنهن ڪري امڪان اهو آهي ته اها موهن سان ڪنهن سڀيتا جي مرحلي ۾ همعصر هوندي. پر ڪن مرحلن ۾ گهٽو آڳاٽي به هئي.

## آمريءَ ۽ بلوچستان جي ٿانون جا نمونا

مسٽر اسٽين، تازو بلوچستان[2] مان جيڪي ٿانو لڌا آهن، سي چٽسالي، سنجت، رگڻ جي طريقي ۽ ورنن ۾ آمريءَ جي ٿانون سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. سر جان مارشل[3] بنا سوچڻ سمجهڻ جي انهن ٿانون کي هڻي نسل جو نالو ڏئي ڇڏيو. ٿانون جا اهڙا نمونا ميهي Mehi، ڪولي Kulli ۽ ڏکڻ بلوچستان جي ٻين شهرن مان لڌا آهن.

اهي ٿانو مڪران جي نال[4] Nal ۽ ان کان به اچا ڏکڻ طرف نندارا Nundara مان لڌل ٿانون سان بيهڪ ۽ گهاڙيٽي ۾ گهٽي ويجهڙائي رکن ٿا. آمريءَ مان لڌل ٿانون مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته انهن دوڳلي نسل جي ٿانون جو ميدان اوپر طرف سنڌ سڀيتا ڏانهن وڌيل ٿو ڏسجي. اولهه سنڌ جي وڌيڪ ٿيندڙ کوجنا متعلق اسان آمريءَ مان لڌل ٿانون جا حوالا ڏينداسون ۽ انهن جي ڪاريگري، چٽسالي ۽ گهاڙيٽي متعلق به ڪي بنيادي مشاهدا پڻ پيش ڪندا سين.

## ڪاريگري ۽ چٽسالي

آمريءَ جا ٿانو وڙ ورن ۾ سنهنا سِمِٽا Porous آهن. اهي بلوچستان

1. Cf. Marshall, *Mohenjo-Daro*, Vol. I, p.100, n.1.
2. *Mem. A.S.I.* No.43, Pls. II, V, XX, XXIV, XXV and XXVI.
3. *Mohenjo-Daro*, Vol. I, pp. 97. ff.
4. *Mem. A.S.I.* No.35.

واري پٽي نسل Hybrid جيان آهن، انهن جو ڏاءُ ۽ ليٽ پوري يا هلڪي گلابي رنگ جو آهي ۽ ڳچين وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو نڪتل اٿن. چٽسالي ۾ استعمال ٿيندڙ رنگ به گهٽو ڪري ڦيٽهڙ Fugitive آهي.معلوم ائين ٿئي ٿو ته ٿانون پچڻ کان پوءِ مٿن چٽسالي ڪئي وئي آهي. انهن سڀني خاصيتن ڪري اسان کي هنن ٿانون ۾ نال Nal جي ڪاريگريءَ جي ثابتي ملي ٿي. نال جي ٿانون جيان هي ٿانو به گهڻ رنگاوان آهن. آمريءَ يا بلوچستان [١] جي ڪيترن ماڳن جي ٿانون ۾ اها خاصيت نظر اچي ٿي ته انهن تي پٽو ڳاڙهسري پوري، ڪاري يا ميٽائين رنگ ۾ ڏنو ويو آهي.مٿاچري تي ڪنهن به رنگ جي ڏاءَ يا ليٽ جو هٿ ڦيريو ويو آهي. پر اسان کي انهن مٿان روغن هٽي چلڪائڻ جا اهڃاڻ ڪونه ٿا ملن. هن وڙ جي ٿانو تي ڏاءَ ۽ ليپ جي هٿ کان پوءِ ڪاري يا ميٽائين رنگ ۾ اليڪي چٽ جي ورن جي چٽسالي معلوم ٿئي ٿي. اهڙو نمونو نال ۾ دوڳلي نسل جي ٿانون ۾ پڻ ڏسڻ ۾ آيو آهي. جيستائين چٽساليءَ جي طرز جو سوال آهي ته آمريءَ جا ٿانو، ڏکڻ بلوچستان پسرن Hybrid ٿانون يا اتر بلوچستان[٢] جي پرياڻو گهنڊائي Periano Ghundaie ۽ مغل گهنڊائي جي ٿانون سان ميل مشابهت رکن ٿا.منجهن چٽساليءَ جون خاصيتون هي آهن: ڏيڏرين يا چوڪڙين واريون طرزون، ڪي پوريون رڱيل آهن، ته ڪن کي ہري ڏئي پريو ويو آهي. منجهلا چوڪنڊا يعني چوڪنڊن اندر چوڪنڊن جو چٽ آهي. يا ڪرنگهي وارو ڪونج چٽ آهي. ڪٿي وري انگريزي ايس 'S' اکر جهڙا نشان آهن. ڪٿي وري ڊبليو 'W'جهڙو چٽ نظر ايندو. اهڙي ورن جي چٽسالي اسان کي ايران جي سيستان ۽ عراق مان به ملي آهي، جن تي رڱ به ساڳيو ڏنو ويو آهي. ٿانون جي پاسن کي اهڙيءَ ريت خوبصورت بنايو ويجي ٿو، جيئن اسان آمريءَ ۾ ليڪن وارا چوڪنڊا ڏسون ٿا، يا انگريزي اکرن ايس S يا W ڊبليو جهڙا نشان نظر اچن ٿا، بلڪل ساڳيءَ ورنن جهڙا ٿانو اسان سيستان جي

1. An additional dark red colour is introduced *e.g.*, at Kulli (*Mem. A.S.I.*, No.43, p.122) and in a few instances at Mehi (*ibid.*, p.159).
2. *Mem. A.S.I.* No.37, Pls. V, VI and XI.

سڙيل شهر، اولهہ ايران جي موسيان Musyan ۽ عراق جي العبيد[1] ۾ ڏسون ٿا. نال جي گهڻن ٿانون تي خاص اليکي چٽساليءَ جو ورن بہ مشهور معروف آهي. نال جي ٿانون ۾ اليکي لاڙو ايترو تہ وڌيڪ آهي جو جانورن جي چٽسالي جهڙوڪ ڪنيٽ وارو ڏاند، سره ۽ مڇيءَ کي بہ اليکي چٽساليءَ جي شڪل ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. سوس ـ ١ Susa-1 ۾ بہ اسان ائين ڏسون ٿا. اهو فن انڪري اختيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن چٽساليءَ ۾ ڏنل بين شين سان جانورن جي چٽسالي ميل کائي بيهي. نالي جو خاص چٽ ـ ڏاڪو، گول يا بيضوي دائرو، پرسان چوڪنڊا، گول دائرا، جن جي چوڌاري وريل ليڪون آهن. اندر چوڪنڊن جو چٽ آمريءَ ۾ بہ مليو آهي ۽ پسري بلوچي ٿانون تي بہ ڏٺو وڃي ٿو. باقي بيا چٽ جن جو تعلق پوئين دور جي ٿانون سان آهي، جيڪو ننڍي قسم جي ٿانون تي مليو آهي، سي اسان سنڌ جي ڪيترن ماڳن تان ڳولي لڌا آهن. بيضوي يا گول دائري وارو چٽ آمريءَ ۾ ڪونہ ٿو ملي، پر ٿورو اندر تي وريل گول ۽ وڌيڪ ترقي يافتہ[2] شڪل ۾ ميهي ۽ ڪولي مان هٿ آيو آهي. جيستائين آرائش جو تعلق آهي تہ نال ۾ پسري ٿانون ۾ بيا بہ هڪجهڙائيءَ وارا نقطا آهن. پر نال جي ٿانون جو گهاڙيٽو وڌيڪ ترقي يافتہ[3] آهي، سونهن ۽ ڪاريگريءَ جي لحاظ کان بہ مٿانهون آهي. تنهنڪري اسان سمجهون ٿا تہ اهي آمري ـ ميهي ـ ڪولي کان پوئين دور سان تعلق رکن ٿا.

## نمونا

اهو ممڪن ڪونہ آهي تہ آمريءَ جي قديم دور جي وستيءَ مان لڌل مختلف ٿانون جي بيهڪ وري بنائي سگهون. پر انهن ٿانون جي ٽڪرين (Pl.XXXVIII,1,11) تي سرسري نگاه وجهڻ سان، اسان ڪنهن کي قائل

---

1. *Mem. Del. en Perse*, Vol. VIII, p.97, fig. 145 and p. 105, fig. 166; *Innermost Asia*, Vol. III, Pl. CXIII, K.G.055, 0135, 011 and Pl. CXIV, S.S.0105 and 06.
2. *Al-Ubaid*, Pl. XVII, 1691, 1695; and Pl. XVIII, 1542, 1959.
3.Cf., *e.g.*, *Mem. A.S.I.*, No.43, Pl.XXIX,Mhi III.1.1. It is probably related to the W-shaped motif occurring on the painted pottery of Musyan (Persia)__*Mem.Del en Perse*, Vol. VIII, p.101, fig. 56. Cf., also Ta 12 bearing similar motif (p.105 below). The 'omega' might have developed from it.

ڪري سگهنداسون تہ آمريءَ مان لڌل ٿانو، موهن جي دڙي ۽ هڙاپا مان لڌل ٿانون کان شڪل شباهت ۾ بلڪل مختلف آهن. موڪرن منهن سان يا اهي جن کي چپ ڪونہ[1] آهن، سي ٿانو جهڙوڪ پياليون ۽ ڪُپيون فقط آمريءَ مان ئي لڌيون آهن. ٻن قسمن جا ٿانو تہ عام آهن. هڪڙن جا ڏاڪڻ نموني تي پاسا آهن. ٻيو قسم انهن ٿانون جو آهي، جن جو هيٺيون پاسو ٻاهر نڪتل ۽ ڪلها ايا ۽ سڌيرا آهن. انهن ڪلئي منهن وارن ٿانون جي بيهڪ جو لاڙو نال جي ٿانون جي گهاڙ ڏانهن يا بلوچستان جي پسري ٿانون ڏانهن آهي. پر پوئين دور سان واسطو رکندڙ ٿانو آمريءَ[2] جي گهاڙ سان ميل کائين ٿا.

## ٿلي جا کنڊر

جڏهن اسان آمريءَ جي کنڊرن جي کوٽائيءَ جو ڪم پورو ڪيو، تہ پوءِ آمري ريلوي اسٽيسن جي اتر-اولهہ طرف ٻن ميلن تي هڪ پراڻي ماڳ ڏانهن سانباهو ڪيوسون. اهي ماڳ سيوهڻ ڏانهن ويندڙ رستي تي ۽ ٿلي ڳوٺ کان ڏکڻ-اوبر جي ڪنڌ تي اٽڪل چئن ايڪڙن تي پکڙيل آهن. دڙن جي مٿاچري تان ٿامي جا ڪجهہ سڪا ۽ ٺڪريون هٿ آيون. اتي جي رهواسين اسان جو ڌيان ڪوٽيل ڪڏن ڏانهن ڇڪايو، جيڪي ڪن ماڻهن دولت ڳولڻ لاءِ اتي هنيون هيون، جتان هنن مٽيءَ جا وڏا ٿانو لڌا هئا. اهڙن ٿانون جو ڪافي تعداد (ڪوٽيل ) ڪڏن واريءَ مٽيءَ ۾ پوريل ڏسجي رهيو هو. اهو سڀ ڪجهہ مينهن وسڻ ڪري ٿيو هو، جيڪو اسان جي اچڻ کان ٿورو اڳ وٺو هو. هن دڙي کي راجا دلوراءِ ڏانهن منسوب ڪيو ويجي ٿو. هيءَ نيم تاريخي شخصيت آهي، جيڪا سنڌ جي ڏند ڪٿائي ڳالهين ۾ ڏاڍي مشهور آهي. ٺڪرائي ۽ ٻين شين مان اسان اهو اندازو لڳايو تہ دڙا، مسلمان دور کان اڳ جا ڪونہ آهن.

1. By this I mean vessels the rims of which are not differentiated from the wall.
2. Sections of pottery appears in *Mem. A.S.I.*, No.35, Pl. XVI. But no sections of the pottery discovered by Stein have yet been published. I examined the materials in the Central Asian Antiquities Museum at Delhi.

## حيدرآباد ڏانهن موٽ

اسان جي مرضي اها هئي تہ ايجا بہ هڪ هفتو وڌيڪ آمريءَ جي ماڳن جي تپاس جاري رکون ۽ اهو ڪم جنوريءَ ختم تيڻ تي پورو پئي ٿيو. پر هن پيري اسان جي واند تي مليريا ايڏو تہ سختيءَ سان حملو ڪيو، جو اسان کوٽائيءَ وارو ڪم تڙ تڪڙ ۾ پورو ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا سون. فيصلو ڪيو سون تہ موٽي هلي حيدرآباد ۾ ٿجي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن کوجنا جي منصوبي کي ايجا بہ ڪجهہ وسيع ڪجي. لڏ پلاڻ کان اڳ کوٽائيءَ مان يا دڙي جي مٿاڇري تان لڌل شيون ڪنيون ڪري هڙن ۾ هٿيڪيون ڪري وڌيڪ تپاس لاءِ عارضي ليبارٽريءَ موهن موڪليون سون. ڪراچي ضلعي کان اتر ۾ سنڌو درياہ جي ساڄي ڪپرن واري کوٽائي ہئي سال جي سٽاءَ ۾ شامل ڪئي سون.

## آمريءَ مان لڌل شين جي پنوتري

## (١). هيٺيون تہ (سيپتا - ١)

Am.219 ڪٽوري جا ٽڪرا -اوچائي ٢ انچ، گولائي ٢,٧ انچ، رنگ هلڪو ڳاڙهو، چٽ لهنوارين ليڪن جا مچلا. ٽڪر جي اصلي رنگ جي تر تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. (ڏاءَ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.) ڪاهي - ١ مان لڌل.Fig. I

Am. 258 گلدان جو ٽڪرو ، ٽڪر جي اصل رنگ تي ڏاڪن تي، ميٽائين رنگ جي چٽسالي (ڪنهن هلڪي رنگ جو ڏاءَ ڦيريل ڪونهي ). مٿي ۾ هيٺ ڪڍيل پٽن تي ڳاڙهسري پوري رنگ جا اهڃاڻ . ڪاهي - ٢ مان لڌل.Pl.XXXVIII -4, Fig. 2

Am. 259 گلدان جو ٽڪرو. رنگ ڪٽو ڳاڙهو. چپ جي ہنهي پاسن تي نڪتل پٽي جو رنگ ميٽائون. هڪ پٽي ۾ ماڪوڙو نڪتل، ہئي پٽي ۾ ڪيڙ ہيلهہ سان پريل چوراس. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪاهي - ٢ .Fig.3

Am.321 ٿانو جو ٽڪر.ڪلها اپيرا. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڪيڙ ہيلهہ جافريءَ

جي منجهه سان پيگهڙ تي ٽڪندا. پرسان ڳاڙهسرا [1] پٽا. هلڪي ڳاڙهي ليئه تي
ڪاري چٽسالي. ڪاهي - ٢. Fig.4

Am. 442 ٿانو جو ٺڪر. ڳچيء تي ڳاڙهسرو پٽو. هيٺ لڙڪندڙ ٻري طرز
جي جافريء سان ٽڪندا. هلڪي ڳاڙهي ليئه تي ڪاري چٽسالي. ڪني جي
اندرئين پاسي ڪاريء پٽيء جا اهڃاڻ. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڪاهي - ٢ .
Fig. 5

Am.384 ٺڪر جو ٿانو. چٽڪمريون [2] گهريون جن ۾ ڳاڙهسري پوري رنگ
۾ ڪنهن چٽ جا اهڃاڻ. هلڪي ڳاڙهي ليئه تي ميٽائين رنگ جهڙي چٽسالي.
اٿپوري باهه ڪري ٿانو جو رنگ ڪٽو. ڪاهي - ٢. Fig. 6

Am. 134 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. پاسو ننڍو ۽ اڀو. هيٺيون پاسو
اياٽو. ڳچيء تي ڪارن پٽن جي وچ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. ڪاري ليڪ سان
نڪتل ٽڪندو چٽ، جيڪو ڳاڙهسري پوري رنگ سان پورو [3] پريل آهي. پوري
رنگ جي ڏاء مٿان ٿيل چٽسالي. چپ جي اندرئين پاسي ڪارو پٽو. ڪاهي -
Fig.7 Pl.XXXVIII, I

Am.394 ٿانو جو ٺڪر. پاسن تي، گلتي پاسن ۽ ٻري طرز جي جافريء جي
منجهه سان ٽڪندا. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. بوسڪي رنگ جي ليئه تي
ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪاهي - ٢. Fig.8

Am.523 گلدان جو ٺڪر. پاسا سڌا . چپن جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي
ميٽائين رنگ جو پٽو. پوري رنگ جو ڏاء. پوري رنگ جي هار جي چٽساليء هيٺان
ٻري نڪتل. ٿانو جو رنگ ڳاڙهسرو ڪٽو. ڪاهي -٢. Pl.XXXVIII, 5.
Fig. 9

1. Cf. a Shahr-i-sokhta (Sistan) potsherd with this pattern. *Innermost Asia*, Vol.III, Pl. CXIII, S.S.024.
2. Cf. Nundara (S.Baluchistan) examples. *Mem. A.S.I.*, No.43, Pl. XXV, Nun.1.2, and Pl.XXVI, Siah.7
3. This pattern occurs at Shahr-i-sokhta. *Innermost Asia*, Vol.II, p.971,S.S.03 and Vol. III, Pl. CXIII.

Am.150 گلدان جو ٽڪر . ورن وڪڙن وارا ننڍا نشان ايس ۽ ڊبليو جهڙا. پوري رنگ جي ڏاءُ تي ڪاري رنگ جي چٽسالي. گچيءَ تي ڳاڙهسري پوري رنگ جو پٽو. ٿانو جو رنگ پورو. ڪاهي - ١. Fig. 10

Am.106 گلدان جو ٽڪر . ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. هلڪي پوري رنگ جو ڏاءُ چٽسالي Am.394 جهڙي. ڪاهي -٢. Fig. 11

Am.390 گلدان جو ٽڪر . چٽسالي ٣٩٤ جهڙي. ڪاهي -٢. Fig. 12

Am. 149 گلدان جو ٽڪر. ڦٽي، ڏند چٽ، پرپاسن واريون ٻه ليڪون اڀتي وڌيل. پوري رنگ جو ڏاءُ ميٽائين رنگ جي چٽسالي، ڳاڙهسري پوري پٽي جا اهڃاڻ. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڪاهي -١. Fig. 13

Am. 140 گلدان جو ٽڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. گچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺان وارو پاڱو ٽڪنڊن ۾ ورهايل، جن ۾ ٻريءَ سان جافري نظر اچي ٿي. ڪنڊن تي پورا رگيل ٽڪنڊا آهن. پوري رنگ جي ڏاءُ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪاهي -١. Fig. 1A

Am.144 گلدان جا ٽڪر . پاسا سڌا. گچيءَ تي ڳاڙهسرو پٽو. چپ جي اندرئين پاسي ميٽائين رنگ جو پٽو. ننڍين ورين Sigmas ۽ لينگهن جي نشانن جي قطار. ڪيڙ پيلهه سان جافري به نظر اچي ٿي. ٿانو جو رنگ پورو آهي. مٿس پوري رنگ جو ڏاءُ لڳل، ۽ انجي مٿان چٽسالي ٿيل آهي. ڪاهي 1- Fig. 15

Am.146 گلدان جو ٽڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. گچيءَ تي هلڪو ڳاڙهو پورو پٽو. گچيءَ جي اندرئين پاسي ميٽائين رنگ جو پٽو. ٻريءَ طرز تي جافريءَ لڳل ٽڪنڊا. جن جا وڏا پاسا گلتيءَ تي آهن. وچ تي، پورن پريل اپن ٽڪنڊن جي ٻٽي قطار. ميٽائين رنگ جي ليٽ تي ڪاري چٽسالي. ڪاهي -١. Pl. XXXVIII,3 Fig.16

Am.398 ٿانو جو ٽڪر. اٽپوري باهه ڪري رنگ ڪٽو. پورا پريل ۽ گلتي پاسن تي ٽڪنڊا. پوري رنگ جي ڏاءُ[1] تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪاهي -٢ .

1. It occurs at Kulli, *e.g.*, *Mem.A.S.I.*, No.43, Pl. XXII, Kul. V.vii.1 and Pl. XXIII, V.v.1

Am.133 ٺڪر. لسي ڪني وارو ٿانو جو ٽڪرو. اياٽو پيٽ. ڦڪي رنگ جو ٿانو تي ڏنل ليئا. چپ جي اندرئين پاسي ميٽائين رنگ جو پٽو. ٻري طرز جي جافريءَ سان ڏيڏرين جي قطار. ٻن ڳاڙهسرن پورن پٽن جي وچ تي اصلي رنگ جو پٽو. کاهي -١. Fig. 25

Am. 135 ٺڪر. ١٢٣ جيان ڏيڏرين جي قطار. ٻه ڳاڙهسرا پورا پٽا. ٺڪر جي اصلي رنگ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ٿانو هلڪو ڳاڙهو. کاهي -١. Fig. 26

Am.369 ڦيلهيءَ جا ٽڪرا. گول تري جو ٽڪرو. اندرئين پاسي ميٽائين رنگ جا گول چِلا. چٽسالي ٺڪر جي اصلي رنگ تي ڪيل. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. کاهي -٢. Fig. 27

Am.440 ٺڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. اهڙي قسم جو ساڳيو پٽو ٿورو هيٺ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻنهي جي وچ تي ڪونجن جي قطار آهي. هڪ پاسي ٻري طرز جافري۴ سان ٽڪنڊن جي قطار آهي. پر حالت خراب اٿس. ڏاڍ ڪونه اٿس. کاهي -٢. Pl.XXXVIII,10 Fig. 28

Am.351 ٺڪر. ٿانو جا پاسا اپا ۽ پيٽ اياٽو. چپ جي ٻاهرئين پاسي ميٽائين رنگ جو پٽو. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. کاهي -٢. Fig. 29

Am.299 ٺڪر. اين پاسن ۽ توري اياٽي پيٽ واري ٿانو جو ٽڪرو. ٺڪر جي اصلي رنگ تي ڪيڙپيلهه طرز تي جافري۴ سان ڏيڏرين جي قطار. کاهي -٢. Fig. 30

Am. 522 ٺڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. اين پاسن ۽ هلڪي اياٽي پيٽ واري ٿانو جو ٺڪر. ڪني جي ٻنهي پاسن تي ٻه ڳاڙهسرا پورا ۽ هڪ ميٽائين رنگ جو پٽو. هلڪي ڳاڙهي ليئا تي ٻريءَ طرز جي جافريءَ جي منجهه سان ڏيڏرين جي قطار. ٻري ٻيگهڙ تي مختلف آهي. کاهي -٢. Pl.XXXVIII,8 Fig. 31

Am. 58 ٺڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. گلتي پاسن سان چوڪنڊا وچ تي ڀڙين سان گل جي تصوير. ٻري طرز جي جافريءَ سان ٻه نوڪو پن. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig. 2

Am.7 ٿانو جو ٺڪر. رنگ ڳاڙهو. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي گول چلي ۾ گل جي تصوير. Fig. 3

Am. 68 ٺڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. چٽ ۾ پکيءَ جي تصوير. پکيءَ جو منجهه ٻري طرز جي جافريءَ سان پريل.ٽپڪن سان گل جي چٽسالي. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.Fig. 4

Am.21 ٺڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. پن جو چٽ. ان سان گڏ لم تي ماڪوڙا. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig. 5

Am.49 ٺڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. ليٽيل سنوت ۾ نوڪدار ڪَپن جي تصوير، جيڪي گاهه جا مچا معلوم ٿين ٿا. اپيون نوڪدار گهريون منجهن ٻري طرز تي جافري. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig. 6, 7, 8

Am32,78 ٺڪر. رنگ گلابي. اڌ گولن جي ٻن قطارن جي وچ ۾ ماڪوڙو نڪتل. ناسي ڏاءَ ۾ ڪاري چٽسالي.Fig. 9

Am.41 ٺڪر . ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. گهرين ۾ ڪڙن جو سٽ. جن جي وچ تي ٽپڪو. اهي ڪڙا چڻ ته پکيءَ جي منڊي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig.10

Am. 14 ٺڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. گلتي پاسن سان پورا پريل ٽڪنڊا. ٽن نوڪن وارن پنن ۾ ٻري ورن تي جافري. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig.11

Am.34 ٺڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. ٻريءَ جي چٽ سان آڪڙين جون اپيون لڙهيون. پيگهڙ ۾ گهرين اندر، پيگهڙ ۾ ٻريءَ جي طرزجافريءَ منجهه سان پن سٽ (هڪ ٻئي مٿان) جي پانت ۾. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig. 12

Am.3,4,6 ٺڪر. رنگ ڳاڙهو. نوڪدار پنن سان ٻوٽي جي لام ناسي ڏاءَ تي

Am.251 پٿر جو اڇو مٽيو. شڪل ۾ چپٽرو. گولائي ۴۵, انچ.

Am.243 پٿر جو ڪينهوڙو. گولائي ۲,۲۵ انچ.

Am.239 پٿر جو ڪينهوڙو گولائي ۱,۵ انچ.

Am.220 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. نليءَ جي شڪل وانگي. ڏيگھہ ۲,۷۵ انچ. گولائي ۴۵, انچ.

Am.230-32 سپ جي چوڙينِ جا ٽڪرا.

Am. 250 پٿر جو اوزار. پاساڙو Chert Flake. ڏيگھہ ۲,۵ انچ. Pl.XIX, 17.

●

# ٻاڳو ڀڱو

# حيدرآباد کان اروڙ

## حيدرآباد ۾ ٻاہو

حيدرآباد ۾ هفتو کن ترسي حيدرآباد - نوابشاه ضلعن وچان سفر ۽ سگهر لاءِ سمر جي تياري ڪئي سين. اسان سنئي ڳالهہ اها ٻڌي سمجهي تہ سفر، سنڌوءَ جي ڪڙ جي پرسان ٿي جاري رکيو وڃي تہ جيئن، هالا، شهداد پور، سڪرنڊ تعلقن مان ٿيندو ۽ خود نوابشاه مان گذرجي، تہ جيئن ٻين دڙن بابت معلومات ملي سگهي. سنڌ جي آفيسرن کن دڙن جو اطلاع تہ اڳهين ڏئي ڇڏيو هو. پر انهن دڙن جي اصلي هنڌن ماڳن جو وچور سان احوال ڪونہ موڪليو ويو هو. حيدرآباد مان سفر ڪرڻ وارن رستن متعلق پڇا ڳاڇا ڪرڻ بہ لازمي هو. پڇا ڪرڻ تي اهو پتو پيو تہ متعلق دڙا چڱي حالت ۾ آهن ۽ موٽر ڪار رستي انهن تائين سولائيءَ سان پهچي سگهجي ٿو. پر اسان کن حالتن کان مجبور ٿي تمام گهڻ سامان کنيو ۽ باقي حيدرآباد ۾ ڇڏيو سون.

## ٺلهہ، مير رکڻ ۽ نوشهري ۾

٨ فيبروريءَ تي اسان حيدرآباد کي الوداع چئي ۽ ڏاہو وچي هالا ۾ ڪيوسون، جتي لاک جو ڪم ڏاڍو ناهوڪو ٿيندو آهي. ۽ هيءُ شهر ان ڪم ڪري ڏاڍو مشهور ۽ معروف آهي. نوابشاه ١٠ فيبروريءَ تي پهتاسون. هالا جي پرسان، ڀاٽوٽ واري رستي سان، تازي دور سان واسطو رکندڙ ڪيترائي دڙا آهن، جن کي نوشهر جي پٽ چوندا آهن. آوت واه ۽ ڪنب ليمون جي وچ تي سهٽيءَ جو پڙو بہ ڏٺو سين ۽ ڏهہ ميل اڃا اڳتي نوابشاه طرف اتر، پڇارو واه جي پرسان ميان چني وٽ بہ هڪ دڙو نظر آيو. سفر جو پويون حصو ڪجهہ ڏکيو هو. بہ ٽي دفعا موٽر ڪار واريءَ ۾ هيٺ لهي ڦاسي پئي. نوابشاه جي پر وارو

سفر ڏاڍوسٽائو ٿي پيو. چاڪاڻ جو داد واه جي ٽاپ ڏٺي هلڻ لڳا هئا سين. جن دڙن متعلق نوابشاه تعلقي ۾ هجڻ جو اطلاع مليو هو، سي گهمي ڏٺا سين. پر انهن سيني جو ڪنهن پراڻي دور جي سپيتا سان واسطو ڪونہ هو. پانڌي ۽ دوڙ ريلوي اسٽيشن جي وچ تي باهم جو پڙو Bahum jo Bhiro نظر آيو. ان جا ڪنڊر وڏيءَ ايراضيءَ تي پکڙيل هئا. دڙن جي اوچائي ١٦ فوٽن کان وڌيڪ ڪانہ هئي. سرن جي ڊئل اڏاوتن جا ڍير لڳا پيا هئا. سرن جي ماپ ١/٢ - ١ x ١/٢ -٧ x ٣/٤ -١٠ انچ هئي. دڙي جي مٿاڇري تان مسلمان دور جا ڪاشيءَ جي ٿانون جا ٽڪر، ٺپن سان ٺپيل ٿانو لڌاسون، جن تي گول چلا ڏسڻ ۾ ٿي آيا. نصرت واه جي ريگيوليٽر پرسان، نوابشاه کان ١٢ ميل پري، واريءَ جي وچ ۾ راتي پڙي Rati Bhiri نالي هڪ دڙو نظر آيو. سڄي ايراضي ڳاڙهين ٺڪرين سان پري پئي هئي. ان دڙي مان پڪيءَ پٽ جو ڪجهہ حصو بہ کوٽي ظاهر ڪيو ويو. چٽيل ۽ ٺپي سان چٽيل ٿانون جون ٺڪريون بہ لڌيون. ٿانون جون ڳچيون باهم جي دڙي جي ٿانون جيان، ٺپي سان چٽيل هيون. دڙي جي مٿاڇري تان ٽامي جا سڪا بہ مليا. پٽ ۾ استعمال ٿيل سرن جي ماپ ٢ x ٨ x ٢ ١/٢ ١۴ انچ هئي. اسان کي هن دڙي مان تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪابہ سپيتائي وٿ ڪانہ لڌي. موري ۽ نوشهري تعلقن ۾ ڏٺل دڙن مان ڪوبہ تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل اهڃاڻ نظر ڪونہ آيو. هتان جا ماڻهو ناروشاه پرسان پراڻيءَ جي دڙي کي ڏاڍي اهميت ڏيندا آهن. پر اهو بہ مسلمان دور کان اڳ جو ڪونہ هو. موري کان نوشهري ڏانهن ويندي اسان جيڪي بہ دڙا ڏٺا، سي ساڳي مسلمان دور سان لاڳاپيل هئا. انهن بنهي تعلقن ۾ اهميت جي لائق مير رکڻ وارو ٿلهہ هو. قاضي احمد ۽ سڪرنڊ کان ڦري اتي پهتاسون. مير رکڻ هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جنهن جي پرسان مناري جهڙو هيءُ بيمثال ٻڌ اسٽوپا موجود آهي، جنهن کي اڳ ۾ ئي قديم آثارن واري کاتي پنهنجي تحفظ ۾ وٺي ڇڏيو هو. هن اسٽوپا جي اوچائي اسان کي گنڌارا جي اسٽوپا جي ياد ڏياري ٿي. هن اسٽوپا جي چوڌاري ڪيترائي ننڍڙا دڙا موجود آهن، جن جي اوچائي اٺ فوٽ کن

ٿيندي. شايد اهي ڪنهن ٻڪشو فقير جي مڙهيءَ جي اڏاوت جون جايون هونديون. انهن جي کوٽائي اڃ تائين ڪانہ ٿي آهي. دڙن جي تپاس مان معلوم ٿيو تہ اهي تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو ڪونہ ٿا رکن. هن ضلعي جي ٻين دڙن جي تپاس ڪري حيدرآباد موٽي آياسون.

## ٽنڊوالهيار ۽ شهدادپور

حيدرآباد واپس اچڻ کان پوءِ جلدئي ٽنڊي الهيار جي ڀرسان سوٽادڙي جي تپاس ڪئي وئي. اهو مسلمان دور جي ڪنهن شروعاتي زماني جو ڪو قلعو پئي معلوم ٿيو. ان کان پوءِ اسان ٽنڊي آدم ۽ اڏيري لال کان ٿيندا شهدادپور پهتاسون ۽ ٻن دڙن جو معائنو ڪيوسين، جيڪي هڪٻئي کان اڌ ميل جي پنڌ تي هئا. هڪ جو نالو ڍڪڻ جو دڙو ۽ ٻئي جو ڀتڙيءَ ڀڙو هو. سندن ماڳ شهدادپور کان ۴ ميل ٻري سرهاري ريلوي اسٽيشن ڏانهن ويندڙ رستي سان هئا. ڍڪڻ واري دڙي جي اوچائي ۲۰ فوٽ کن هئي ۽ شڪل صورت ۾ گول هو ۽ سندس چوڌاري ننڍڙن دڙن جو چڱو خاصو انگ هو. معلوم ائين پئي ٿيو تہ ڪنهن ٻڌ اسٽوپا جو ڪنڊر هو. جنهنجي اڏاوت پڪين سرن سان ٿيل هئي.اهو دڙو هتان جي ماٺهن واسطي سرن کڍڻ جي هڪ کاڻ آهي. ميرپور خاص واري اسٽوپا جيان هتي بہ اسٽوپا جي آرائش واسطي پڪين اڪريل سرن جو استعمال ڪيو ويو آهي. انهن مان ڪيترين تہ هيٺ ميدان تي پکڙيون پيون هيون. ڀتڙي وارو ڀڙو چڱي اهميت وارو ماڳ پئي ڏٺو، جيڪو هند ـ ساساني دور يعني پنجين صديءَ عيسويءَ جو ڪو شهر پئي معلوم ٿيو. هتي ٽي يا چار دڙا آهن، جن جي اوچائي ٽيهہ يا چاليهہ فوٽ کن ٿيندي اهي چڱي وسيع ايراضيءَ تي پکڙيا پيا آهن. دڙي تي مٽيءَ جا ڍير لڳا پيا آهن ۽ چوڌاري ٺڪريون ڪنڊريون پيون آهن. انهن جو عام ڏيک ميرپور خاص وارن دڙن جهڙو آهي. چٽيل ٺڪريون ڪاٿي بہ نظر ڪونہ آيون. باقي ساديون ٺڪريون ۽ سروتا عام جام آهن. ڪن سرن جي ماپ همچورس ۲ ۱/۲ x ۱۱ ۱/۴ ۲ انچ آهي. ٻہ مٽيا هڪ ڳاڙهسرو ڦڪو عقيق Chalcedony ۽ ٻيو ڦڪيرو سرمائي عقيق Cornelian دڙي جي

مٿاڇري تان لڌا. اتان لوھ جا ٽڪرا بہ مليا، جنھن مان سمجھڻ کپي تہ ھن دڙي سان ٿامي واري دور جو تعلق ڪونہ آھي. ان جي باوجود ھيءُ دڙو ڏاڍو دلچسپ پئي لڳو. اندازو لڳايو سون تہ جيڪڏھن کوٽائي ڪرائي وئي تہ اجائي ڪانہ ويندي. شھدادپور کان ١٧ ميل پري شاھپور جو شھر آھي. اسان ھڪ ڏينھن اتي ڏاھو ڪيو. تپي خيرو رند ۾ مسلمان دور سان واسطو رکندڙ ٻن پراڻن دڙن جي تپاس ڪئي وئي. اھي ماڳ شاھپور ڏانھن ويندڙ رستي تي واقع ھئا. ٻنھي دڙن تان چٽيل ٺڪريون ۽ مسلمان دور سان لاڳاپيل ٿامي جا سڪا لڌا ۽ شاھپور پرسان تپي ٻاڙھون مان ساڳيون وٿون مليون. اندازو لڳايوسين تہ اھي ھمعصر دور سان واسطو رکن ٿا. شاھپور کان ١٨ ميلن جو پنڌ ڪري اچي نوابشاھ پھتا سون.

## جمال ڪيرئي پرسان چانھوءَ جو دڙو

سنڌوءَ جي ڪاھي پاسي واري علائقي ۾ اسان جي قديم آثارن متعلق کوجنا گھٽي ڪامياب ڪانہ وئي. پر ھاڻي نوابشاھ ۽ سڪرنڊ جي وچ تي داد واھ جي پرسان اسان کي خوش قسمتيءَ آڻي چانھوءَ جي دڙي تي بيھاريو. ھيءُ ماڳ جمال ڪيرئي جي ڳوٺ کان ڏکڻ طرف، دادواھ جي ھڪ چاڙھ ھزاري واھ تي آھي، جتان نوابشاھ سڪرنڊ رستو دادواھ جي پل تان ٽپي ٿو. اتان کان ڏکڻ اولھ جي ڏس تي ھن دڙي جا آثار آھن. ھڪ ڪلاڪ جي ٿوري عرصي ۾ اسان دڙي جي لاھين تان پٿرن جا پاسارا Chert flakes ، مٽيا، چٽيل ٺڪريون ۽ پڪل مٽيءَ جون ھيون بہ ڪيتريون ئي وٿون لڌيون، جن جو گھاڙ موھن جي دڙي مان لڌل وٿن جھڙو ھو. چٽيل ٺڪرين جو وڏو تعداد، دڙن جي مچلي مان ھڪ ننڍي دڙي جي مٿاڇري تان مليو. ھن مان اھا حقيقت ظاھر ٿي تہ چانھوءَ جي دڙي جي سيپتا جو ٿامي جي دور سان تعلق ھو. اسان آزمائشي کاھين کوٽڻ جو نالو ناھيو. ان ڏس ۾ ضلعي جي ڪليڪٽر جي سھائتا سان اسان ڪمين جو بندوبست ڪيو.

## سنڌوءَ جو پراڻو ھيٽ

موجوده دور ۾ سنڌو چانھوءَ جي دڙي کان ١٢ ميلن جي پنڌ تي پري

وهي ٿو. هتان درياه جي پٽڻ جي بلڪل سامهون آمريءَ جو پٽڻ آهي، جيڪو سنڌوءَ جي ٻئي پار آهي. اسان کي هن ويساه وسهڻ ۾ ڪيترا سبب آهن ته اڳي سنڌو چانهوڻ جي دڙي جي بلڪل پرسان وهندو هو ۽ اهو فاصلو فقط ٽي ميل هوندو. سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ کي هتي سڪرنڊ واري رستي سان مير نورمحمد جي قلعي وٽ چڱيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو. قلعو ان گٽ کان اڀرندي ڏس تي بلڪل ويجهو آهي ۽ درياه اتر کان وهندو سمجهجي ٿو. ان گٽ يا پراڻي پيٽ جي وچ تي ڀيلاٽيءَ نموني جو هڪ دڙو موجود آهي. ماڻهو هن کي لياري جو دڙو سڏيندا آهن. قديم آثارن جي نقطئه نگاه کان ڪنهن اهميت جي لائق ڪونه آهي. سڪرنڊ تعلقي جا جهونڙا ماڻهو هن کي سهٽيءَ واري درياه جو سلسلو سڏيندا آهن. شايد سنڌوءَ جو ڪو پراڻو وهڪرو هوندو، جنهن جا نشان هن ضلعي جي ڪنڊياري، نوشهري، نوابشاه، شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ٿي سگهي ٿو ته اهو درياه عرب جاگرافي دانن جو مهراڻ هجي، پر پڪ سان ڪجهه چئي ڪونه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته مهراڻ درياه متعلق اهڙا بيان موجود آهن ته اهو درياه ائين صدي عيسويءَ ۾ سنجهوري تعلقي جي دلور، برهمڻ آباد، منصوره جي ماڳن وٽان وهندو هو. هن حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجايش ڪانه آهي ته سنڌوءَ جي پراڻي وهڪري جو ڪجهه حصو سهٽيءَ واري درياه جي ڇاڙه جي صورت ۾ موجود هوندو. پوءِ مان پيارو نائچ وٽان ان درياهه جو پراڻو پيٽ ڏٺو هو. هندستان جي سروي واري نقشي ۾ هن ڳوٺ کي پيارو نائچ ڪري ٽڪيو ويو آهي. اهو ماڳ نوشهري کان ١١ ميل، اتر ـ اوڀر ۽ هالاڻيءَ رستي کان اولهه طرف آهي. جڏهن چانهون، ٿامي واري دور ۾ آباد هوندو هو، ته سنڌوءَ جو وهڪرو هتان گذرندو هوندو هو يا نه، ان لاءِ اسان ڪجهه چئي نٿا سگهون.

## چانهوڻ جي کوٽائي

هن ماڳ تي ٽي دڙا موجود آهن.(Pl.IV, b) جن کي اسين ١، ٢ ۽ ٣ چوندا سين. دڙو ٻيو ۽ ٽيون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. هر هڪ دڙي جي

اوچائي ۱۹ ۽ ۱۰ فوٽ آهي. دڙو -۱، ٻين ڪان ڪجهہ وڌيڪ آهي. سندس اوچائي ۱۷ فوٽ کن ٿيندي. ٿنهي دڙن هيٺان والاريل ايراضي ۱۰۰۰ x ۷۰۰ فوٽ آهي. ۲۱ فيبروريءَ تي دڙي نمبر ۳ (Pl. IV, d) جي کوٽائي شروع ڪرائي وئي. ٻہ ڪاهيون کوٽيون ويون ( ۱ ۽ ۲ ) موڪر ۱٦ فوٽ، ڊيگهہ هڪ جي ۱۵۰ ۽ ٻئي جي ۷۰ فوٽ هئي. سندن اونهائي ۷ کان ۱۲ فوٽ هئي. ڪاهين جي کوٽائيءَ مان اهو معلوم ٿيو تہ جايون (جيڪي ڪڏهن موجود هونديون ) ڪچين سرن مان جوڙيل هيون. پڪين سرن جو استعمال تمام گهٽ ڏسڻ ۾ آيو. پٿرن جي باقي بچيل ٽڪرن مان ڏٺو سين تہ پڪيون سرون ضرور استعمال ڪيون ويون هونديون. اسان کي اهي پٿيون ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ڇهہ فوٽ هيٺ ۽ دڙي جي سطح کان ۱۳ فوٽ اونهائيءَ ۾ مليون. اهو هڪ کوهہ هو. سندس موڪر ٽي فوٽ ٦ انچ هئي سرن جا منڍيا هڪ پاسي کان موڪرا ۽ ٻئي پاسي کان سوڙها هئا. سرن جو نمونو موهن جي ماڪ جي کوهن ۾ استعمال ٿيل سرن جهڙو هو. ڪن هنڌن تي اسان ۱۲ فوٽ اونهي کوٽائي بہ ڪرائي، جنهن جو ذڪر اسان اڳ ۾ بہ ڪري آيا آهيون. هتي اسان ججهي انگ ۾ ٺڪريون لڌيون. هن صورت حال مان اسان کي اهو پتو پيو، تہ چانهوءَ جي ماڪ جي اصلي ڌرتيءَ وارو مٿاڇرو گهٽو هيٺ هو. کوه جي پرسان، زمين جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ کوٽائي ڪئي وئي تہ هڪ چٽيل ٿانو لڌو(Ch.401) . ان کي ٻاهر ڪيڻ کان پوءِ وري ٻيو ٿانو Ch.448 بہ لڌو ويو اهي ٻئي ٿانو هڪٻئي مٿان رکيل هئا. هن جاءِ کان ٿورو پريرو ٺڪر جي ڪوناريCh.445 لڌي وئي. ٻہ ٻيا چٽيل ٿانو بہ ٻاهر ڪڍيا سين تہ پاڻ مرادو ٽڙڪي پجي پيا. مسٽر ڪيو. ايم . منير بعد ۾ انهن ٺانگرن کي جوڙي پورا ٿانو بنائي ورتا(Pl.XX, 26,28) . هن ٻنهي ڪاهين مان چٽن سون کان وڌيڪ شيون لڌيون، جيڪي سڀئي موهن مان لڌل شين جهڙيون هيون. ٽين ڪاهي ۸۰ فوٽ ڊگهي ۱۲ فوٽ موڪري ۽ ۷ فوٽ اونهي هئي، جيڪا دڙي -۱ کان وني شروع ڪرائي وئي هئي. هن ڪاهيءَ جي کوٽائيءَ مان پڪين سرن جي پٿين جا ٽُنڊ ۽ ڪجهہ پاڻيءَ جون ڪسيون ظاهر

ڪيون ويون(Pl.IV.c) . پٿرين جي وڏيل اوساري ۽ ان کان پوءِ وري ٿيل اڏاوتن مان اسان کي معلوم ٿيو تہ اهي مختلف دورن ۾ قائم ٿيل ڏارڏار وسٽيون هيون. سِرن جي ماپ هن ريت هئي: ڊيگهہ ١٠ يا ١١ انچ، منڊو سوا پنج (١/٤ ٥) يا ساڍا پنج (١/٢ ٥ ) انچ، ۽ ٿولهہ اڍائي (١/٢ ٢ ) انچ هئي. اهڙيءَ ريت اهي سرون موهن جي سرن جي معيار مطابق هيون. هن ڪاهيءَ مان اسان کي هڪ سو کن اهڙيون شيون هٿ آيون جهڙيون، ڪاهي -١ ۽ ٢ مان مليون. تنهي ڪاهين جي ڪوٽائيءَ مان ڏيان جوڳي ڳالهہ اها معلوم ٿي، تہ دڙي ٽئي مان چٽيل ٺڪريون تمام گهٽ هٿ آيون، دڙي -١ مان اهي بلڪل گهٽ مليون. وقت ٿورو هو، ان ڪري اسان ڪاهين جي هيٺ اونهي کوٽائي ڪرائي ڪونہ سگهيا سون. پر مليل ثابتين مان اسان کي اهو معلوم ٿيو، تہ چانهوءَ جي دڙي مان لڌل شيون تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو رکن ٿيون، جيڪي موهن جي دڙي مان لڌل شين جون همعصر هيون.

## لڌل شيون

چانهون جي دڙي مان لڌل شين جو مشاهدو ڪيو ويو. چٽيل ٺڪريون جيڪي[1] سيني شين کان عام جام مليون، سي ٿلهيون هيون. مٿان هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري رنگ ۾ چٽسالي ٿيل هئي. انهن جا نمونا ڏاڍا دلچسپ هئا. مٿن پکين جون شڪليون جهڙوڪ: مور جي چٽسالي ٿيل هئي. هرڻ نموني چٽسالي، پپر جي پن جي طرز جيڪا ڏاڍي من موهيندڙ آهي ۽ اها هرڻ واري چٽسالي ڏاڍي خوبصورت آهي، جيڪا سوس Susa ۽ بلوچستان جي ٻين شهرن کان بلڪل مختلف آهي. هرڻ واري چٽسالي موهن جي دڙي مان تمام گهٽ ملي ۽ چانهوءَ جي دڙي مان فقط هڪ مثال مليو. سنڌ جا ماڻهو مور کي هڪ پاڪ (پلارو ) پکي سمجهندا هئا. هڙاپا مان مليل اهڙي چٽساليءَ مان تہ هاٿي رهندوئي پڪ ٿي وئي آهي. قبرستانن مان لڌل اڳئين دور جي ٿانون ۾ بہ اسان کي مور جي چٽسالي ملي آهي، جنهن ۾ مور مري ويل انسان کي کڻي ويندو ڏيکاريو ويو

1. See Pl. XX, especially figs. 26 and 28.

آهي. چانهوءَ جي دڙي جي چٽسالي ۾ مور، نانگ[1] کي ئونگا هٽندي ڏيکاريو ويو آهي. اهڙي قسم جي چٽسالي پڻ ٺڪرين تي ڏسي سگهجي ٿي (Pl.XX,2- 13). جافري منجهه واري پن کي لهريدار ليک سان واري وٽيءَ تي ڏسي سگهجي ٿو(Pl.XX-20). جيڪو نمونو ٽامي واري دور ۾ عام جام پکڙيل معلوم ٿئي ٿو. ٻئي چٽ هڪ ٻئي پٺيان ۾ ايا رکيل آهن. انهن کي سوس Susa[2] جي ٻئي دور واري ٿانون ۾ ڏسي سگهجي ٿو. گلتي پاسن وارن چوراسن کي مرکب نموني به چٽيو ويو آهي(Pl.XX. 28). اهڙي قسم جي چٽسالي ٽامي واري دور ۾ عام ڏسجي ٿي. اهڙي ساڳي چٽسالي اتر بلوچستان[3] جي داٻڙ ڪوٽ ۾ به نظر اچي ٿي.پٿر جي اوزارن ۾ اسان کي پاسارا ڪٽي چوڪنڊا، ڪٽي وري نوڪدار مليا آهن، جيڪي جدا جدا مقصدن لاءِ جوڙيا ويا ٿا ڀانئجن. انهن مان هڪ تي موهيڙن جي نموني ڦلڙيون آهن.(Pl.XIX-28) اهي عراق[4] جي ڪش Kish مان لڌل پٿر جي اوزارن سان ميل ڪائين ٿيون.ٿانو جاڦر (جائفل Mace heads ) جيان گول آهن، جن مان هڪ سادو آهي ۽ ٻئي تي ڪوڪي چٽسالي ٿيل آهي. ٻئي سوس مان لڌل نمونن سان ميل ڪائين ٿا. جن جي ڊي مورگان[5] De Morgan تصوير ڏني آهي. ٻين پٿر جي شين ۾ ٽڪنڊا پٿر جا وٽ ۽ قيمتي پٿر کي لسي ڪرڻ ۽ چمڪائڻ لاءِ رهڙا به هٿ آيا، جن جهڙا موهن جي دڙي مان به مليا آهن. ٽامي جون شيون، ڏڦي جا ڦر، چاقو، جن جا ڀنيان پاسا سڌا آهن، پٿر جو سنبو ۽ چيٽيون، جيڪي مختلف صورت جا آهن. مٽيا ته تمام گهڻا مليا آهن، اچي پٿر ۽ عقيق جا به قسم Chalcedony ۽ لاجورد Cornelian . مٽيءَ جا پڪل مٽيا ۽ ڪاشيءَ جا مٽيا پڻ هٿ آيا. انهن جون شڪليون به گهڻيون آهن، چپٽرا، گول، ڊگها، ننڍيءَ ناليءَ نموني، گول

1. Cf. Toscanne, *Mem. Del. en Perse*, t.XII, 1911, p.215, fig.430 and p.216, fig. 432.
2. *Prehistoire Orientale*, t. III, p.75, fig. 110.
3. *Mem. A.S.I.*, No.37, Pl.XV, D.58.
4. Mackay, *A Sumerian Palace and the 'A' Cemetery at Kish*, Part II, 1929, Pl.XLII,17.
5. *Prehistoire Orientale*, t. III, p.101, figs, 3, 4.

ڏڪيا ۽ نوڪدار به آهن. مٽين ۾ چپٽرا پٽر جا مٽيا تمام گهٽا هٿ آيا. هڪ خوبصورت آرائشي مٽيو Pl. XVII-25 ڏاڍو دلچسپ آهي. هن جهڙو بيو مٽيو ڪش[1] Kish (3000 B.C.) مان لڌو آهي. ٻنهي تي انگريزي انگ 8 جو چٽ آهي، جيڪو سفيد رنگ ۾ لکيل آهي. گلدانن جي ٿانون تي ڪا خاص ٽيڪا ٽپٽي ڪانہ ٿي ڪري سگهجي. انهن جي نمونن متعلق اسان اڳ ۾ ئي گهٽو ڪجهہ چاٽون ٿا، جن ڪي لوٽيرا ترا آهن ۽ ڪني تي سوراخ نڪتل اٿن. مٽيءَ جي پڪل شين مان دلچسپ هڪ سڱئي جانور Pl.XXI, 24 جي مورتي آهي. سنڌ ۾ اهڙي قسم جون مهرون تمام گهٽيون لڌيون آهن. امڪان اهو آهي تہ مهرن تي اهڙيون تصويرون هتي اهڙي جانور جي موجودگيءَ جي نشان دهي ڪن ٿيون. پر ٻن سڱن واري جانور جي نمائندگي نٿيون ڪن، جيئن عام طور هڪ رخيءَ[2] تصوير ۾ ايندو آهي. ماتا ديويءَ Mother Godess جي مورتيءَ ڪي موهن جي دڙي ۽ هڙاپا واري حيثيت Pl.XXI, 1 حاصل آهي. مٽيءَ جون پڪل چوڙيون سنک مان بنايل چوڙين جهڙيون آهن. جن ڪي Pl. XVII, 39 ۾ واضح نموني ڏسي سگهجي ٿو. سنک مان ٺاهيل چوڙين جا لاتعداد ٽڪرا Pl.XVII, 33، جن ڪي ڪنهن ڪاريگيءَ سان ڪاٽي خاص طرزون تيار ڪيون ٿي ويون، سي ڪاهيءَ ۱ ۽ ڪاهي ۲ مان لڌيون ويون. هن ڳالهہ ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي تہ انهن ڪپيل ٽڪرن تي اڪير ڪري چوڙيون بنايون ويندي يون هيون. اهي چوڙيون سنک جي وچ واري حصي مان بنايون ويندي يون هيون. اهو طريقو مدراس جي تنويلي ضلعي جي ڪورڪائي Korkai ۾ نهندڙ چوڙين کان بلڪل مختلف هو، جن جون تصويرون مسٽر هارنيل[3] Hornell ڏنيون آهن. اهڙي قسم جون ساڳيون تاريخ کان اڳ واري

1.*A Sumerian Palace and the 'A' cemetery at Kish*, Part II, p.186, Pl.XLIII, No.6 fig.4, and Pl. LX,55. For the origin of these cornelian beads found in Mesopotamia, *see* Mackay, *J.R.A.S.*, 1925, pp.698 ff. I drew the attention of Mr. Mackay to the aforesaid analogy which he has since noticed in *Antiquity*, 1931, p.460.
2. Cf. *Mohenjo-Daro* Vol.II, p.382,n.2.
3. *Memoirs of As. Soc. Beng.*, Vol III, Pl. XIII, fig.2.

دور سان لاڳاپيل چوڙيون دکن، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي ماڳن تان به لڌيون آهن.انهن سنکن جي ڪاٽڻ واسطي هيج قسم جي ڪارائي استعمال ڪئي ويندي هئي. جيئن اڄڪلهه بنگال ۾ اهڙين چوڙين ناهڻ ۾ ڪم اچن ٿيون، جنهن جو تمام قديم طريقو موهن جي دڙي مان لڌو ويو[1]. چانهوءَ جي دڙي جي کاهين جي کوٽائيءَ جي لاڏ ۾ اهميت جوڳيون ٿي مهرون مليون آهن، جن کي Pl.XVII,34,38,44 ۾ پيش ڪيو ويو آهي. Pl. XVII, 38, Shield هڪ ناياب شيءِ آهي، جيڪا اسان کي فقط هتان ۽ ٻهريون پيرو ملي آهي. Pl. XVII, 44 ۾ پيرجي وڻ جي تصوير آهي، جيڪو هڪ مذهبي چٽ آهي. پر هن قسم جي مهر نه موهن جي دڙي مان ۽ نه وري هڙاپا مان لڌي آهي. هونءَ ته وڻ جون تصويرون ته عام جام مليون آهن، پر هن وڻ کي مذهبي اهميت[2] حاصل آهي. امڪان اهو آهي ته هن تصوير جو وڻ - پوڄا سان واسطو هوندو.

## اروڙ

چانهوءَ جي دڙي کان پوءِ، وچ مارچ ڏاري اسان روهڙيءَ کان پنج ميل ڏکڻ - اوڀر اروڙ ۾ اچي لڏو لاتو ۽ اتي پنج ڏينهن کن واند هٽي ويناسون. اروڙ مهاراجا ڏاهر جي زماني ۾ سنڌ جو دارالسلطنت هو، جنهن تي ٧١١ع ۾ محمد بن قاسم جي سپه سالاريءَ هيٺ عربن هلان ڪئي هئي. هن قديم شهر جا ڪنڊر سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ جي ڪڙ سان موجود آهن. اهو وهڪرو عربن جي حملي واري زماني ۾ اتان وهندو هو.ان کان پوءِ پوئين دور ۾ هن درياه پنهنجو وهڪرو بدلائي سکر ۽ روهڙيءَ ٽڪرين وچان ڪيو ۽ هن وقت تائين انهن پڊن تان وهندو پيو اچي. موجوده اروڙ ڳوٺ جي اتر اوڀر طرف، جنوجي ويندڙ رستي تي ننڍن دڙن جو هڪ مچلو آهي، جنهن کي اتان جا ماڻهو ڳاڙهي ڳورGharhi Gor جي نالي سان سڏيندا آهن. وڏي ۾ وڏي دڙي جي اوچائي ٨ فوٽ کان وڌيڪ ڪانه ٿيندي. ڪاهي کوٽائي وئي ته سٽينءَ ۽ ائينءَ صديءَ سان واسطو رکندڙ اڪريل سرون مليون. ان مان انهيءَ عام وشواس کي هٽي ملي آهي، ته اروڙ

1. *Mohenjo-daro*, Vol. II, pp.563-64 and p.500.
2. Cf. *ibid.*, Vol.I, pp.63 ff.

جو اهو ڀاڱو عربن کان اڳ واري سنڌي دور جي نمائندگي ڪري ٿو.

## روهڙي ۽ هاڪڙو

روهڙيءَ کان ساڍا ٽي ميل ڪن ڏکڻ طرف هاڪڙي نالي هڪ ڳوٺ آهي، ان ڳوٺ ۽ اروڙ جي وچان نارو واهه وهي ٿو. هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ شبهو نه آهي ته هن ڳوٺ تي اهو نالو سڪي ويل هاڪڙي درياه تان پيو آهي. موهن جي دڙي جي پرسان هڪ جڳهه جو پڻ اهو ساڳيو نالو آهي. جنهن نالي جي اصليت به اها ساڳي ٿي پائنجي. سکر ضلعي جي گزيٽيئر [1] مطابق ان ضلعي ۾ هاڪڙي شهر جا ڪنڊر موجود آهن. پر هاڻي اتي اهڙن ڪنڊرن جو ڪو وجود ئي ڪونهي. دڙي جي موجودگيءَ جي ڄاڻ ڪيپٽن ڪرڪي Kirky جي احوالن تي بنياد رکي ٿي. ١٨٥٥ع ۾ هن ايرندي ناري جي کوٽائيءَ دوران هن قسم جو اطلاع موڪليو هو. " *اسان ناري واهه جي کوٽائي ڪندي اتفاق سان اچي پڪين سرن جي ڪنڊرن تي پهتاسون، جيڪو زمين جي مٿاڇري کان ١٠ فوٽ هيٺ اونهائيءَ ۾ هو. جيڪو بيشمار پڪن گهرن جي بنيادن کي صاف ڪري ظاهر ڪيو ويو. اڏاوتن ۾ استعمال ٿيندڙ سرن جو نمونو موجوده اروڙ جي جاين ۾ ڪم آيل سرن جهڙو هو. انهن ڪنڊرن مان اسان ڪيترين ئي مٽيءَ جون پڪل شيون، ڪونجا، ٻاٺيءَ جا نيسارا ۽ ٻارن جا بيشمار رانديڪا لڌا.*" [1] هن پوريل شهر جي اصلي ماڳن جو پتو ڳوٺ جي هڪ جهونڙي کي ياد هو، جنهن ليندڙ شين جو ذڪر پنهنجي پيءُ کان ٻڌو هو. هو اسان کي ٻه ميل هڪ فرلانگ پنڌ تي، ناري واهه جي منڍ تي وٺي آيو ۽ ناري واهه جي وچ پيٽ ڏانهن اشارو ڪندي اسان کي ان جاءِ متعلق ٻڌايائين جتان صاحب لوڪن گهڻو وقت اڳي کوٽائي ڪندي پوريل شهر جي هڪ بازار لڌي هئي. ان جاءِ جي اوسي پاسي ڪنهن به اڏاوت جا نانءُ نشان ڪونه ڏسڻ ۾ آيا. اها حقيقت ته پراڻي شهر جي ڪنڊرن کي زمين جي مٿاڇري کان ١٠ فوٽ هيٺ لڌو ويو ۽ اتان ٺڪر جا ٿانو ۽ مٽيءَ جا پڪل رانديڪا هٿ آيا، سا وڏي اهميت واري آهي. ائين سمجهه ۾ اچي ٿو ته

1. *Sukkur District Gazetteer*, p.43.

اهو پراڻو شهر تمام قديم هوندو ۽ ان جو تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو هوندو. انجو گهڻو حصو واه جي کوٽائي ڪندي ڪامڙين ڊاهي تباه ڪري ڇڏيو پر انجو باقي بچيل ڀاڱو پرسان ڪاڻي واريءَ هيٺان دٻجي ويو هوندو. تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل هڪ وستي يا پٿرن جي اوزارن ٺاهڻ جي هڪ صنعتي علائقي جي موجودگيءَ جي ته اسان کي پوريءَ ريت پڪ آهي. ١٨٦٦ع[1] ۾ سکر جي پرسان سنڌوءَ جي تري مان ڪرنل اي. ٽئم لو E.Twem Low کي پٿر جا بهترين اوزار لڌا هئا. ١٨٧٥ع ۾ سکر ۽ روهڙيءَ[2] جي پر وارين ٽڪرين تان به کي جڏا سڏا پٿر جا اوزار لڌا ويا هئا. سر جان ايوانس Sir John Evans به پٿر جي پوئين[3] دور جي اوزارن جو ذڪر ڪري ٿو. مسٽر ڊبليو. ٽي. بلان فورڊ W.T. Blanford انهن اوزارن جي نشاندهي ڪندي بيان ڪري ٿو، ته پر واري چن جي ٽڪرين[4] مان نيمولايتي پڪو پٿر هٿ ڪري، پٿر جا اوزار بنايا ويندا هئا. اهو پٿر هتان روهڙيءَ جي اوسي پاسي موجود هوندو هو. هن حقيقت مان اهو نتيجو لازمي طور ڪڍي سگهجي ٿو، ته هتي پوئين پٿر واري دور جي ڪا وستي آباد هئي. اتان جا ماڻهو سنڌوءَ جي ڪناري تي پٿرن جي اوزارن جوڙڻ واري صنعت سان لاڳاپيل هئا. مسٽر بلان فورڊ جي بيان موجب درياه مان لڌل پٿرن جي اوزارن جون مگريون انهن مختلف ماڻهن جون ٺاهيل آهن، جيڪي اوسي پاسي وارين چن جي ٽڪرين ۾ ويهي اهڙا اوزار گهڙيندا هئا. پر ان وستيءَ جي ڪا خاص جاءِ مقرر ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي.

## موهن جي دڙي ڏانهن روانگي

اسان ان موسم سان لاڳاپيل کوجنا جو ڪم پورو ڪري، موهن جي دڙي ڏانهن روانا ٿيا سون. باقي بچيل وقت ٽڪرين جي صفائي ۽ تصويرن ڪڍڻ

1. *Geological Magazine*, 1866, p.433 and 1867, p.43.
2. These are now in the Indian Museum, Culcutta. *See* Coggin Brown, *Catalogue of Prehistoric Antiquities*, pp.120-22.
3. *Geological Magazine*, 1866, p.435 and Pl. XVI.
4. *Proc. A.S.B.*, 1875, p.134.

۾ گذري ويو. اسان جيڪي ڪجهه لڌو، سو سنياڻي پڌي قديم آثارن جي ڊاريڪٽر جنرل جي حڪم پٺاندر سملا روانا ٿيا سون. اسان هن مقصد لاءِ سنڌماٿريءَ جو ٻه هزار ميل سفر ڪيو. ان ڏس ۾ هڪ سو ڏڙن ۽ ٻين تاريخي ماڳن جي تپاس ڪئي وئي، جيڪي ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاه، ٿرپارڪر ۽ سکر ضلعن ۾ واقع هئا. انهن سڀني مان چانهون، آمري ۽ ٿارو جي ٽڪري يعني ٽن جاين تي تاريخ کان اڳ وارن دورن جي نشانين کي کوٽي پڌرو ڪيو ويو. ٿارو ٽڪري، صفا ڏاڪٽو درياهي دو آبي وارو ماڳ آهي، جتان اسان کي تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪيتريون شيون هٿ آيون. آمريءَ جي ماڳن تي سنڌو سڀيتا جا ٻه تهه آهن، هڪ موهن جي دڙي کان اڳ ۽ ٻيو موهن جي دڙي سان همعصر آهي. چانهونءَ جو دڙو سنڌ جي ثقافت جو ٽيون ماڳ آهي. ٻين دڙن جي مٿاڇري جي جاچ مان معلوم ٿيو، تہ اهي ڪنهن تازي دور سان واسطو رکن ٿا، جيڪو هند ـ ساساني عهد کان وٺي سنڌ جي مختلف مسلمان خاندانن جي زماني تي مشتمل آهي.

## چانهونءَ جي دڙي مان لڌل شيون

Ch. 309 پٿر جا ٻہ گول مٽيا. گولائي هڪ جي 25. انچ ۽ ٻئي جي 2. انچ.
Pl.XVII, 16, a, b

Ch. 72 پٿر جا پنج مٽيا. صورت ۾ چپٽرا. ٽن ماپن ۾ آهن، 35. انچ، 5. انچ ۽ 6. انچ. Pl.XVII, 17, 19

Ch. 364 پٿر جو مٽيو ڏکڻي شڪل ۾ ڊيگهه 9. انچ. Pl. XVII, 20

Ch.09 پٿر جو مٽيو. ناليءَ جي نموني ڊيگهه 45. انچ گولائي 1.3 انچ..Pl. XVII, 22

Ch.363 پٿر جو مٽيو. وچ تي ٿلهو ۽ ڪنارو سنهڙو Plano-convex. وچ کان ڪناري ڏانهن ليڪا. ڊيگهه 5. انچ. Pl.XVII,23

Ch.309 ڪاشيءَ جو مٽيو. ڪجهه گول. گولائي 35. انچ. Pl. XVII, 16, c

Ch. 366 اڌ ۾ ڇڏيل ۽ اڻ تيار ٿيل مٽيو. جنهن تي ڪاريون ۽ اڇون ليڪون

آهن. ڊيگهه 8. انچ. Pl.XVII, 21

Ch. 73 عقيق جي مٽيءَ جو اڌ. وچ وارو پاسو ٿلهو.مٿيون پاسو سنهڙو. ٻنهي پاسن تي سفيد رنگ ۾ انگريزي 8 جي انگ جو نشان. ٻنهي پاسن کان اچو. ڊيگهه 9. انچ.Pl.XVII, 25

Ch. 67 عقيق جا ٻه مڻيا. شڪل صورت ۾ ڏگهيرا. ڊيگهه ٻنهي جي 6. انچ. هر هڪ جي گولائي 1.5 ۽ 25. انچ. Pl.XVII,27,28

Ch.456 عقيق جو مڻيو ناليءَ جي شڪل تي. ڊيگهه 1. انچ. چيڙن وٽ گولائي 25. انچ. وچ 4. انچ. Pl.XVII,29

Ch. 269 عقيق جو مڻيو شڪل ڪجهه گول. گولائي 55. انچ.,Pl. XVII 26

Ch, 460 لاجورد جو مڻيو. صورت ۾ ڏگهيرو. ڊيگهه 55. انچ.,Pl.XVII 30

Ch. 280 سائو فيلسپار جو مڻيو. ڏگهيرو. ڊيگهه 4. انچ.

Ch. 417 عاج جي ڪا نوڪدار شيءِ گهٽي ڪاڏل ۽ ڪٽيل. ڊيگهه 1.15 انچ. Pl.XVII, 24

Ch. 358 سنک يا سپ مان ٺهيل چوڙيءَ جو ٽڪرو.,Pl.XVII 39

Ch. 60 سنک جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. ٻه سوراخ نڪتل. Pl.XVII, 45

Ch. 484 سنک جي چوڙي. گولائي 1.9 انچ. Pl.XVII, 35

Ch. 459 سنک مان ٺهيل ڪينهون. مرڪز جي چوڌاري نڪتل ڪوڪيءَ اڪير ۾ گول ليڪون. گولائي 1.2 انچ.Pl.XVII, 47

Ch. 368 سنک جو ٽڪرو. ڪنهن ڪارائيءَ سان وڍيل. ڊيگهه 2.75 انچ. Pl.XVII, 33

Ch.412 پٿر جو ڇهه پاسو. پنجن منهن تي "ٽه ڦلا" جهڙي تصوير ۽ هڪ پاسي انگريزي اکر H جهڙي چٽسالي. جنهن ۾ ٽامي جي سئي لڳل آهي. اصلي

تر تي اڇي رنگ ۾ ٿيل آرائش. ڊيگهه 75. انچ. Pl.XVII, 41

Ch. 248 پٿر جي مهر. ٻن سٽن ۾ تصويري اکر. پٺئين پاسي ڪان وچ تي گل.25. x ١ x ١ انچ. Pl.XVII,44

Ch. 372 پٿر جي مهر. جنهن جي مهاريءَ تي سره جي شڪل ۽ ٽن سٽن ۾ تصويري لکت جا اکر. پٺئين پاسي تي گل. تصويري اکرن اندر هڪ تختيءَ ۾ ٻن ماڻهن جي تصوير، جن جي هٿن ۾ تير ۽ ڪمان آهي. 2. x ١ x ١ انچ. Pl.XVII, 38

Ch. 458 پٿر جي مهر . مهڙيءَ تي پپر جو وڻ (؟). تصويري اکر يا تصوير نظر ڪانہ ٿي اچي. پٺئين پاسي وچ تي گل. 1. x ٨ , x ٨ , انچ.Pl.XVII, 34

Ch. 422, 483 مٽيءَ جا پڪل جهنجهڻ، جن تي سنهين ليڪن جا نشان. ڊگهائي 2.2 ۽ 2.5 انچ.

Ch. 371 مٽيءَ جي پڪل چوڪنڊي ٽڪي جنهن ۾ پنج سوراخ.9. x 1.6 x 2.4 انچ. Pl.XVII, 32

Ch. 437 ٻن نوڪن وارو مٽيءَ جو پڪل مٽيو. مٿس ڪوڪيءَ اڪير ۾ آرائش. ڊيگهه 9. انچ. Pl.XVII, 37

Ch. 358 مٽيءَ جو پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. Pl.XVII, 40

Ch. 190 مٽيءَ جي پڪل چوڙي. گولائي 2.9 انچ. Pl.XVII, 36

Ch. 310 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. مٿس ڳاڙها تر . گولائي 2.6 انچ. Pl.XVII, 31

Ch. 332 مٽيءَ جو پڪل روهڙو. مٿس ميناڻين رنگ جا پٽا. ڊيگهه 2.6 انچ. Pl. XVII, 48

Ch. 204 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. ڊگهيرو ناليءَ جي شڪل تي. ڊيگهه 3.1 انچ. گولائي 25. ۽ وچ تي گولائي 4. انچ. Pl.XVII, 42

Ch. 263 مٽيءَ جي پڪل ٽڪي. مٿانئس هڪ پاسي تي چگهہ. ڊيگهه 4.2

انچ. Pl.XVII, 49

Ch. 125 مٽيءَ جي پڪل ٻاراٽي راند ڳاڏيءَ جو ڦيٿو. گولائي 3.35 انچ. Pl.XVII, 43

Ch.39, 128 مٽيءَ جا پڪل ٻاراٽين راند ڳاڏين جوڙڻ جا سانچا، ٽڪرن جي صورت ۾.

Ch. 195 مٽيءَ جو پڪل ٻاراٽين راند ڳاڏين ٺاهڻ جي سانچن جو ٽڪرو. ڳاڙهي رنگ ۾ ترڇين ليڪن سان جافريءَ جي چٽسالي.

Ch. 46 مٽيءَ جي پڪل ڍاند جي مورتي. مٿو ڳاڙهي رنگ سان چٽيل. ڳچيءَ ۾ سوراخ. ڊيگهه 2.85 انچ. Pl.XXI,7

Ch. 179 مٽيءَ جي پڪل پکيءَ جي هڪ مورتي. ڌڙ تي ڪيڙ پيلهه ورين تي جافريءَ نموني چٽسالي. ڊيگهه ٣, ٦ انچ. Pl.XXI, 2

Ch. 239 مٽيءَ جي پڪل ماتاديويءَ Mother Goddess جي مورتيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه 6. انچ. Pl.XXI, 1

Ch.43 مٽيءَ جي پڪل هڪ سڱئي جانور جي مورتي. پيٽ ۾ سوراخ. ڊيگهه 2.6 انچ. اوچائي 2.1 انچ. Pl.XXI, 4

Pl.424 مٽيءَ جي پڪل ڀولي جي مورتي. سوراخ نڪتل. ڳاڙهي رنگ سان چٽيل. اوچائي 1.8 انچ. Pl.XXI, 3

Ch. 369 مٽيءَ جي پڪل مينهن جي مورتيءَ جو ڀڳل مٿو. ڊيگهه 2.15 انچ. Pl.XXI, 5

Ch. 376 مٽيءَ جي پڪل سيٽي. چٽيل. اوچائي 2.1 انچ. Pl.XXI, 6

Ch. 463 مٽيءَ جو پڪل ڳوڙهو (چيڪيءَ مٽيءَ ۾ تاندوري واري شيءِ ملايل.) جنهن تي آلي هجڻ واري حالت ۾ ٻن چيچن جا نشان. ڊيگهه 3.3 انچ ۽ ويڪر 2.5 انچ.

Ch. 252 ٺڪر جو گلدان. اوچائي 2.15 انچ. Pl.XXI, 16

Ch. 319 ٺڪر جو گلدان. اوچائي 1.7 انچ. Pl.XXI, 19

Ch. 330 ٺڪر جو وٽو ڪڙي سان. اوچائي 1.7 انچ. Pl.XXI, 18

Ch. 247 ننڍو ٺڪر جو ٿانو. ڪنهن منگهلي يا ٽيپي جو ڍڪ. مٿس ڳاڙهي رنگ جا گول چِدا. گولائي 1.6 انچ. Pl.XVII, 46

Ch. 28 ٺڪر جو گلدان. اوچائي 2.6 انچ. Pl.XXI, 23

Ch. 34 ٺڪر جو گلدان. اوچائي 2.1 انچ. Pl.XXI, 24

Ch. 171 سوراخن سان ٺڪر جو گلدان. اوچائي 2.6 انچ. Pl.XXI, 26

Ch. 487 ٺڪر جو گلدان. مٿو ايو. ڪنارن وٽ ٻه سوراخ. اوچائي 1.9 انچ. Pl.XXI, 27

Ch. 120 ٺڪر جو گلدان. اوچائي 2.4 انچ. Pl.XXI, 29

Ch. 235 ٺڪر جو گلدان. ترو لوٽيرو. اوچائي 4.4 انچ. Pl. XXI, 30

Ch. 35 گلدان ٺڪر جو. اوچائي 3.6 انچ. Pl.XXI, 31

Ch. 468 ٺڪر جو مگو. اوچائي 3.5 انچ. Pl.XXI, 32

Ch. 474 ٺڪر جو گلدان. شڪل ۾ اپيرو. ٻاهران چوڌاري ميٽائين رنگ جا پٽا. اوچائي ٣ انچ. منهن وٽ گولائي ٥ انچ.

Ch. 479 ٺڪر جي ٿانو جو ترو. اوچائي 3.9 انچ. گولائي ٩ انچ.

Ch. 329 ڪاشيءَ جو گلدان. رنگ سفيد. اوچائي 1.7 انچ.

Ch. 445 ٺڪر جو سادو ٿانو. ڪوناري. ڳچيءَ جا ڪنارا ٻاهر نڪتل. اوچائي 11.25 انچ. Pl.XX, 27

Ch. 298 چٽيل ٺڪر جو گلدان. ڳاڙهي ليٽ تي ميٽائين رنگ جا نڪتل پٽا. اوچائي 1.4 انچ. Pl.XXI, 20

Ch. 206 ٺڪر جو چٽيل گلدان. ڳچيءَ تي گلابي رنگ جو ڏاءُ، هيٺئين طرف تي ڪارا پٽا ۽ هر هڪ پٽي ۾ ڪارن چٽن چٽن نقطن جا مڇلا. اوچائي 1.3 انچ. Pl.XXI, 21

Ch. 328 ٺڪر جو چٽيل گلدان. گلابي ليٽ مٿان ڳاڙهي رنگ ۾ ڪڍيل پٽا. اوچائي 9. انچ. Pl.XXI, 22

Ch. 425 ٺڪر جو چٽيل گلدان. ڳاڙهي ڌاء مٿان ڪارا پٽا. اوچائي 2.1 انچ.
Pl.XXI, 25

Ch. 401 ٺڪر جو چٽيل گلدستو. هيٺيون پاسو لوٽيرو ۽ ترو وينوڙو. ڳچيءَ واري مٿين ڪناري ٻاهر نڪتل. اوچائي 25.5 انچ. مٿئين پٽي ۾ پپر جا پن، بيضوي شڪل تي گول چلا، ماڪوڙا نڪتل، جنهن ڪري صليب جيان چٽ بڻجي بيٺو آهي. هيٺئين پٽي ۾ گلتي پاسن سان چوراس، جن پاڻ ۾ ملي هڪ مرڪب نموني ٺاهي ورتو آهي. ٻن چوراسن جي وچ تي بيضوي طرز جو چلو نظر اچي ٿو. هرهڪ چوراس جي وچ تي نقطن سان ٺهيل هڪ گل، ناسي رنگ جي ڌاء تي ڪاري رنگ ۾ چٽسالي ٿيل. Pl. XX, 28

Ch.448 ٺڪر جو چٽيل ٿانو. هيٺيون پاسو لوٽيرو. ترو وينوڙو. ڳچيءَ جو مٿيون پاسو ڪناريءَ سان. اوچائي ٢٦ انچ. هيٺئين پٽي تي ۴٠١ جهڙي چٽسالي. مٿئين پٽي ۾ پکيءَ جي شڪل جهڙا چٽ. گهٽوڪري مور ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ناسي رنگ جي ڌاء تي ڪاري رنگ ۾ پپر جي پن ۽ آڪڙين جي طرز جي گول چلن جي چٽسالي. Pl.XX, 26

هنن ڪان سواءِ ٻه سو چٽيل ٺڪريون ٻه لڌيون هيون، جن تي ڳاڙهي رنگ جي ڌاء مٿان ڪاري رنگ ۾ چٽسالي ٿيل آهي، تن کي ٻه ڪتابن ۾ لکي محفوظ ڪيو ويو آهي. انهن ڪن خاص قسم جي ٿانون جي ٺڪرين جون Pl. XX, 1-25 ۾ تصويرون ٻه ڏنيون ويون آهن.

Ch. 409 پکين جي جوڙي جي وچ تي گل. ٣۴٢ ۾ ٻه ساڳي طرز جي تصوير آهي Fig.I.

Ch. 144 ٺڪر جي ٿانو جو مٿيون حصو. جنهن ۾ مور نانگ کي پڪڙيندو ڏيکاريو ويو آهي. Fig. 2

Ch. 230 مور ۽ گل جي ٿيل چٽسالي. Fig. 3.

Ch. 342 ٿانو جي مٿئين پاسي تي پکين جي جوڙيءَ جي وچ تي گل. Fig. 4

Ch.87 پپر جا پن ۽ پکي. پکين کي روايتي طرز ۾ چٽيو ويو آهي. Fig. 5.

Ch. 207 ٿانو جي مٿئين پاسي مور جو منجهه ڀري نموني جي جافريءَ جي طرز تي. Fig. 6

Ch. 107 ٿانو جو مٿيون ڀاڱو. پکي ۽ پکين جي منڊين جو سلسلو. Fig. 7

Ch. 289 ڊگهي تري پڙڳيءَ واري ٿالهيءَ جو هيٺيون پاسو. پکين جون اڀيون قطارون ۽ ٻوٽن جون لامون. Fig. 8

Ch. 243 ٿانو جو مٿيون ڀاڱو. ليٽڻ ۾ هڪ ترتيب سان ٽاهيل ڏاڪن واري چٽسالي. Fig. 9

Ch. 157 ٿانو جو مٿيون پاسو. مور، گل ۽ پن. Fig. 10

Ch. 234 ونگن اندر گل جي چٽسالي. Fig. 11

Ch. 210 گولو Circle جنهن جي وچ تي گل. گولي جي ليڪ سان پکڙيل پن. Fig. 12

Ch. 214 ٿانو جو مٿيون پاسو. وڻ ۽ مور جنهن کي ڇهنب ۾ نانگ جهليل آهي. Ch.144 ۾ به ساڳو نمونو آهي. Fig.13

Ch. 101 ٿانو. خانن ۾ رکيل گل. گلتي Incurved پاسن سان چوراس طرز مرڪب. Fig. 14

Ch. 89 ڦٽيءَ جي ڏندن جهڙيون شاخون هڪ ٻئي مٿان رکيل. ڏنگين جي طرز ۾ مرڪب. Fig. 15

Ch. 81 ٿانو جو مٿيون پاسو. مٿئين پٽي ۾ رکيل ونگن ۾ گل جو ڇٽ ۽ هيٺين پٽي ۾ لڏندڙ لامن ۾ پکين جي چٽسالي. Fig.16

Ch.145 خانن يا گهرن ۾ گل، هيٺين پاسي گلتي پاسن تي جافريءَ جي منجهه ۾ گلن سان ٽڪندا. Fig. 17

Ch. 10 پٽن نوڪن وارن پنن سان وڻ. Ch.214 وانگي. Fig. 18

Ch. 286 ٿانو جو مٿيون پاسو. پپر جا پن. Fig. 19

Ch. 343 ٿانو جو مٿيون ڀاڱو. جافريءَ جي منجهه سان اڀيون آنڙيون Ovals. پيگهڙ alternating سان لهريدار ليڪون يا ماڪوڙو. Fig. 20

Ch. 74, 355, 383, 439, 411پٿر جا پاسارا ڊيگهه ١ انچ کان 3.36 انچن تائين.Pl. XIX, 29, 25, 24, 23, 30

Ch. 202 پٿر جا پاسارا. موهيڙن سان ڪنارو. ڊگهائي 1.6 انچ.Pl.XIX, 28

Ch. 482 پٿر جي مگري. ڊيگهه 3.3 انچ. Pl.XIX, 35

Ch. 303 پٿر جو روهڙو polisher. تراڪڙو ۽ چوڪنڊو. رهڙڻ واسطي ڏندا نڪتل. ڊيگهه 4.5 انچ. منڊو 1.7 انچ مائو (تولهه ) 25. انچ. Pl.XIX, 33

Ch. 395 پٿر جي رهڙي جا ٽڪرا. Ch.303 جهڙو. ڊيگهه 4.2 انچ، منڊو 1.4 انچ. مائو (تولهه) 3. انچ. Pl.XIX,34

Ch. 438 ٽامي جو چاقو. ڊيگهه ٣٥ ,٣ انچ. Pl.XLI, 5

Ch. 359 انگريزي انگ اٺ 8 جي (سنگهر ) مهانڊي ٽامي جي وٽ. ڊيگهه ١,٦٥ انچ. Pl.XLI, 15

Ch. 76 ميجيءَ قاسائڻ جي ٽامي مان ٺهيل ڪنڊي. ڊيگهه ١ انچ.Pl.XLI, 14

Ch. 275 ٽامي جي آر. ڊيگهه ٢ انچ. Pl.XLI, 8

Ch. 66 ٽامي جي چيٽي. ڊيگهه ٢,٢٥ انچ. Pl.XLI, 9

Ch. 62 ٽامي جي چيٽي. ڊيگهه ٤,٨ انچ. Pl. XLI, 10

Ch. 465 ٽامي جي آر. وريل bent ڊيگهه ٤,٥ انچ. Pl.XLI, 11

Ch. 201 ٽامي جي آر. ڊيگهه ٣,٩٥ انچ. Pl. XLI, 13

Ch. 452 ٽامي جي آر. ڊيگهه ٥,٧ انچ.Pl.XLI, 7

Ch. 415 ٽامي جي سيراهي. ڊيگهه ٢,٧ انچ.Pl.XLI, 12

Ch. 464 ٽامي جو ڏقي جو قر. ڊيگهه ٧,٤ انچ. Pl.XLI, 6

Ch.400 ٽامي جو چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ١,٩٥ انچ. Pl.XLI, 16

نوٽ: دڙي-٣ مان لڌل پراڻيون شيون ٧٥ - ١، ٢٠٤ - ٧٨ ، ٢٣٤ - ٢٠٦، ٣١٧ - ١٤٧، ٤٠١، ٤٤٥، ٤٤٨، ٤٦١، ٤٦٣ (١ فوٽ کان ٦ فوٽن

جي اونهائيءَ تان - ڪاهيءَ مان لڌل ) ۽ ۳٦۸ ـ ۳۱۸، ۴۰۰ ـ ۳۷۲، ۴۱۸ ـ ۴۰۲، ۴۴۴ ـ ۴۲۴، ۴۴۷ ـ ۴۴٦، ۴۵۱ ـ ۴۴۹، ۴۵۸ ـ ۴۵۵، ۴٦۲ ۽ ۴۸۹ ـ ۴۸۱ تائين ٦ فوٽن کان ۱۲ فوٽن تائين ڪاهيءَ جي تري مان دڙي ـ۱ مان هيٺيون شيون مليون ۴۵۴ ـ ۴۵۲، ۴۵۹، ۴٦۰، ۴۸۰ ـ ۴٦۴ ـ ۱ فوٽ کان ٦ فوٽن تائين ڪاهيءَ جي تري مان.

●

# باب چوٿون

# سنڌوءَ جي ڪناري سان

## ڏوڪريءَ ۾ واندڪ

١٩٣٠ع جي سرءُ واري رت ۾ اسان سنڌ پهتا سون ۽ ڏوڪريءَ وٽان کوجنا جي شروعات ڪئي سين. ڏوڪري لاڙڪاڻي ضلعي جي لب درياه تعلقي جو صدر مقام ۽ رڪ - ڪوٽڙي سيڪشن جي نارٿ ويسٽرن ريلوي جي هڪ اسٽيشن بہ آهي. هن وقت موجوده شهرجي اهميت ان ڪري بہ آهي تہ موهن جي کوٽائي ڪندڙن واسطي، ڊاپي ڪرڻ جي جاءِ آهي، جيڪو هتان کان ٩ ميلن جي پنڌ تي آهي. گهٽن ئي سببن ڪري ڏوڪري شروعات ڪرڻ لاءِ سهوليت واري جڳهہ بہ آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي آفيسرن کان پڇا ڪرڻ تي پتو پيو تہ اوپر پاسي سنڌوءَ جي وَٽِ سان رتو ديرو، واره، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاه، سيوهڻ ۽ دادو تعلقن ۾ ڪيترا دڙا موجود آهن. ضلعي جي اولهہ پاسي جي تپاس ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن دڙن جي کوجنا ضروري سمجهي سين.

## سيوهڻ

اسان پهريون سيوهڻ ڏوري ڏٺو . هيءُ شهر لال شهباز جي مزار ڪري سنڌ ۾ ڏاڍو مشهور آهي ۽ هتي ساليانو وڏو ميلو بہ لڳندو آهي. سيوهڻ کي ڪنهن زماني ۾ اڳي سيجستان جي نالي بہ سڏيو ويندو هو. سڪندر جا مورخ ان کي سنڌي مانا Sendimana ڪري لکن ٿا. ابن حوقل ۽ بين عرب جاگرافي دانن مهراڻ جي اولاهين خطي کي سڏوسان[1] ڪوٺيو آهي. چچنامي[2] مطابق هيءُ شهر، مڪران جي حدن تائين سڄي اولهہ سنڌ جو صدر مقام هو. هن علائقي جي اهم ايراضي ڪوهستان يا اهو ٽڪرائتو علائقو هوندو، جنهن جو ڪجهہ حصو

---

1.Elliot, *History of India*, Vol. I, p.410.
2. *Ibid.*, p.138.

ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ۽ ڪجهه حصو ضلعي ڪراچيءَ ۾ اچي ويچي ٿو. آڳاٽي زماني ۾ سيوهڻ کي اهم[٢] حيثيت هوندي هئي. ڪيس اڙل جو پاڻي اتر ۽ اولهه کان ڦري اچي ٿو ۽ ٿورو ڪجهه ڏکڻ طرفان به ڦيرو ڏئي ٿو. اوپر پاسي کان درياه اتس ۽ لکيءَ واري لڪ جي سامهون آهي. جيڪڏهن هن لڪ کي بند ڪري ڇڏجي ته بلوچستان جي سنڌ ۾ داخلا بند ٿي ويچي. تاريخ طاهري[٣] مطابق لکيءَ جو لڪ هن ملڪ جي ڪنجي آهي. عرب سپهه سالار ديبل جي حملي ۽ فتح کان پوءِ نيرون ڏانهن خشڪيءَ رستي وڌيو هو ۽ سندس پيڙيون سنڌوءَ جي اوپارين رخ ۾ روانيون ڪيون ويون. نيرون جي ڪوٽ فتح ڪرڻ کان پوءِ خشڪيءَ رستي اتر طرف سيجستان، سيوستان يا سيوهڻ کي فتح ڪرڻ لاءِ خشڪيءَ رستي پيش قدمي ڪئي. جنگي حڪمت عمليءَ جي نقطهٔ نگاه کان اهو قلعو بهمڻ آباد جي فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ وڻٽو هو، جيڪو سنڌوءَ کان پئي طرف ۽ هاڻي نوابشاه ضلعي ۾ آهي. جنهن مان مطلب اهو ٿي نڪتو ته سيوهڻ جي فتح کان پوءِ موٽي نيرون پهچي، جيڪو حيدرآباد جي پرپاسي ۾ هو ۽ جتي هنڪي درياه ٽپي پهچڻو هو. هن ڳالهه مان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي ته سيوهڻ کي تن ڏينهين وڏي اهميت هوندي هئي. برطانيه جي ملٽري آفيسرن به هن شهر جي اهميت کي محسوس ڪيو هو ۽ سنڌ کي فتح ڪرڻ کان اڳ ۾ ان طرف اشارو ڪيو هو ته[١]

... a force with Karachee, with detachment at Sehwan"
"and Bukkur would hold Sind in complete subjection.

" ڪراچيءَ، سيوهڻ ۽ بکر ۾ انگريزي لشڪر جي موجودگي سنڌ جي فتح جي علامت ثابت ٿيندي."

## محمد بن قاسم جو خشڪيءَ وارو رستو

عرب حملي آور محمد بن قاسم ديبل کان وٺي سيوهڻ تائين لاڙ سنڌ مان جيڪو خشڪيءَ وارو رستو اختيار ڪيو، سو سنڌوءَ جي ڪناري ان

1. *Larakana Distict Gazetteer*, p.36.
2. Elliot, *History of India*, Vol.I, p.285.
3. *Selections from the Records of Bombay Government*, No.XVII, New Series, Part I, p.266.

ٽڪرائتي علائقي جو وچ هو. جيڪو نئين واري خطي کان اتر طرف وڃڻ لاءِ ڏاکڻين ٽڪرين مان ٿيندو ٿي ويو. ٽڪرائتي علائقي وچان اهو لنگهه قديم زماني کان وٺي سياحن استعمال پئي ڪيو آهي. اهو ساڳيو آمد و رفت جو رستو آهي جيڪو مڪلي، گجي ۽ پنيور کي ڪراچيءَ واري علائقي سان ملائي ٿو ۽ اهو ٺي مڪيه رستو آهي، جيڪو سنڌ کي اولهه وارن ملڪن سان ڳنڍيندو هو. جيڪو عربي سمنڊ جي ڪناري کان وٺي ٺاٺي بولا خان کان ڪوهستان جي وچان گذري سيوهڻ تائين پهچندو هو، سو ڏاڍو ڏکيو هوندو هو. ١٨٣٩ع ۾ ڪيپٽين ڊلهوسي Delhoste هن خطي کي فوجي اهميت وارو علائقو قرار ڏنو هو. محمد بن قاسم، درياهه رستي ويندڙ فوج سان رابطو رکڻ ضروري سمجهيو هوندو ۽ هن لاءِ ڪوهستان واري علائقي مان گذرڻ به ڏاڍو ڏکيو هو، تنهن ڪري اها هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي، ته هن ٻين رستن کي ڇڏي، هيءَ اڻانگي راهه اختيار ڪئي هوندي. گهاري ۾ هڪ روايت ٻڌائي وئي، جنهن مان اسان کي پڪ ٿئي ٿي، ته عرب سپهه سالار مڪران کان ايندي ڪراچي - ٺٽي رستي تي هڪ جاءِ واٽيجيءَ ۾ ترسيو هو. هن حقيقت کي سچو ثابت نه ٿو ڪري سگهجي، پر اها ڳالهه عرب مورخن جي حملي متعلق ٻڌايل حالتن مطابق ضرور آهي.

## سيوهڻ جو قلعو

سيوهڻ کي سنڌيمانا طور سڃاتو ويو آهي، جنهن کي ٻين سان گڏ ڪننگهام[1] به قبول ڪيو آهي، پر هن ڳالهه تي سندن اتفاق راءِ موجود ڪونهي ته موجوده دور واري شهر جي ڀڀران واقع ڪنڊر، سڪندر اعظم جي زماني جو هڪ قلعو آهي. انهن بيانن ۾ غلطين جو گمان وڌيڪ آهي. تپاس مان اهو پتو پيو ته ان قلعي جي تعمير مسلمان دور ۾ ٿي آهي. دڙي جي پنجهوءَ ۽ سروٽن ۾، ڪاشيءَ جي ٺانون جون ٺڪريون به اهڙيون هيون، جن جو تعلق مسلمان دور سان هو. پر اهو امڪان ضرور آهي، ته انهن ڪنڊرن جي جاءِ تي اڳي ڪو قديم قلعو ضرور موجود هوندو. هتي ايندڙن مان ڪن کي هن قلعي جي هيٺين

1. *Ancient Geography of India*, 2nd ed., p.303.

تهہ مان مسلمان دور کان اڳ ڪنهن پراڻي دور سان لاڳاپيل ڪيتريون شيون هٿ لڳيون آهن. اهو بہ امڪان آهي تہ موجوده نئين شهر جي هيٺان قديم سنڌي دور جي وستيءَ جا نشان اڇي ويا هجن. جيئن تہ هيءُ شهر اڃا موجود آهي، ان ڪري اهڙي حقيقت جي کوجنا ڪري تصديق ڪري نٿي سگهجي. هن شهر جي اهميت جي نقطئہ نگاه کان اهو امڪان گهٽ آهي، تہ پراڻي شهر سيوهڻ جي ماڳن ۾ پراڻي دور بنسبت ڪا گهڻي تبديلي آئي هوندي.

## عقيق پٿر تي چٽساليءَ جو طريقو

سيوهڻ ۾ پهچي اسان کي، عقيق پٿر تي پڪي سفيد ۽ دلچسپ چٽساليءَ کي جاچي ڏسڻ جو موقعو مليو. گذريل صديءَ جي وچ ڌاري جڏهن مسٽر بيلاسس هتي آيو هو، تہ ان وقت بہ اهو طريقو رائج هو. هن بهمڻ آباد [1] جي کوٽائيءَ مان اهڙا ڪيترا عقيق جا پٿر لڌا هئا، جن تي پڪي اڇي رنگ جي آرائش ٿيل هئي. اهڙا مڻيا هندستان [2] جي ڪيترن قديم شهرن جي ڪنڊرن مان مليا آهن. موهن جي دڙي، عراق جي ڪش ۽ چانهوءَ [3] جي دڙي جي ماڳن تان پڻ مليا آهن، جن جي مٺاچري تي ٿامي جي دور سان لاڳاپيل آرائش موجود آهي. ڪنڊرن مان اهڙي پانت جي لاڏ ڪري اهو ضروري ٿي پيو هو، تہ ان ڪاريگريءَ کي وستار ۾ ڏسجي تہ پلو. اهو طريقو جيئن تہ سنڌ جي ڀهراڙيءَ سان واڳيل هو، ان ڪري سمجهيو ويو تہ اهو ضرور زنده هوندو. پر پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو، تہ اهو هنر سنڌ ۾ گهٽو ڪري ختم ٿي چڪو آهي. سيوهڻ ۾ صاحب ڏني نالي هڪ ماڻهو هن هنر کان واقف هو، جنهن وقت اسان وٽس ويا هئا سون تہ سندس عمر ٧٥ سال کن هئي. ان چٽساليءَ جو طريقو جيڪو ڏاڍو آسان آهي، سو هتي [4] ڏجي ٿو. اڌ آنو عام ڪار جو، ڪرڙ جي تازو ڦٽل لامن جي رس سان

1. Cousens, *Antitquities of Sind*, p.55 and Pl. XIII.
2. There are some cornelian beads with white incrustation in the Indian Museum, Culcutta, from Indor Khera (Ir.K.35) in U.P., Nagar in Eastern Rajputana (Nr.24) and Maribetta Hill in N.Coorg (M.B, 5-9).
3. *Ante*, p.38.
4. I brought Sahibdino to the notice of Mr. Mackay at Sehwan, where the former gave a demonstration of his process. Mr. Mackay has since published an account

ملايل عام پاڻيءَ ۾ ڳڍائي ڪپڙي ۾ ڇاڻيو ويچي. فولاد جي تيز قلم سان عقيق جي مٽيءَ تي چٽسالي ڪئي ويچي ۽ ان چٽساليءَ کي ان قلم ذريعي تيار ٿيل مسالي سان پريو ويچي. سچي مٽيءَ کي گل حڪمت ڪري، پوءِ چٽساليءَ وارو پاسو ظاهر ڪجي. اگرن جي ٻن ٽهن واري ٻاه ۾ ان گلحڪمت ٿيل مٽيءَ کي ٻه پيرا رکجي. ٿوري وقت کان پوءِ ان مٽيءَ کي ٻاه مان ڪڍي، ڇانو ۾ ٿڌي ٿيڻ لاءِ رکي ڇڏجي. مٿيون گلحڪمت مان ڪڍي، ان جي ظاهر ۽ دونهين واري ڪاري پاسي کي صاف ڪبو، ته اها چٽسالي ظاهر ٿي پوندي ۽ مٿس ٿيل چٽساليءَ جو رنگ سفيد ۽ پڪو ٿي چڪو هوندو. ڳاڙهي مٽيءَ جي تر تي سفيد رنگ ۾ چٽساليءَ کي اڳئين زماني ۾ ڏاڍي قدر جي نگاه سان ڏٺو ويندو هو ۽ اها روايت ڪلهوڙا گهراڻي جي حڪومت تائين برقرار رهي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هيءَ ڪاريگري گهٽ ٿيندي وئي. سادي قسم جا، وڏيڪ خوبصورت ۽ سهانگا مٽيا سنڌ ۾ ٻاهران اچڻ لڳا. ڪرڙ جو وڻ عقيق کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو سنڌ، بلوچستان، يو.پيءَ ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ عام جام ٿيندو آهي. چيٽ جي رت ۾ مٿس (پَسي) ڳاڙها گل [١] ايندا آهن. اٺ، ٻڪريون ۽ رڍون ان کي شوق سان کائيندڀون آهن. ڪيترا ماڻهو ان جي (ڏونرن) ميوي جو ڪٽو ڪري کائيندا آهن. لفظ ڪرڙ سنسڪرت زبان مان ورتل آهي جنهن کي اسان ڀهريون دفعو يجرويد [٢] ۾ ڪرجور (ڪجور) سان گڏ تئتيريا سام هيتا (Tattirya-Samhita) ۾ ڏسون ٿا. ستاپاٿا برهمانا [٣] (Satapatha-Brahmana) ۾ هڪ حوالو هن ريت آهي " ڏونري جي ٿالهين تي ڪرڙ جو ڦل (پڪا) [۴] چوڏس پکڙيو پيو هو." مٿين حوالن مان اهو پتو پوي ٿو، ته ويدن واري دور جا ماڻهو هن وڻ جي ڦل ۽ ڦلن کان گهٽو واقف

---

of it in *Man*, September 1933, 150

١. ڪرڙ جي ڳاڙهن گلن کي سنڌيءَ ۾ پَسي چئبو آهي. (مترجم).

2. Macdonell and Keith, *Vedic Index*. Vol. I, p.139.

3. *Sacred Books of East*, Vol.II, p.394, and n. 2.

۴. ڪرڙ جي ڪچي يا سائي ڦل کي ڏونرا ۽ پڪل ڳاڙهي ڦڦل کي پڪا چئبو آهي. (مترجم).

هوندا هئا.

## باڊہ

سيوهڻ مان واپس ٿيڻ کان پوءِ اسان ڏوڪريءَ مان واند پٽي، اچي باڊہ ۾ ديرو دمايو، اها رڪ- کوٽڙي سيڪشن تي هڪ ريلوي اسٽيشن پڻ آهي. ميهڙ رستي سان باڊہ ڳوٺ جي ويجهو" آڏت جو دڙو " جي نالي ٢٠ فوٽ کن اتاهون هڪ پراڻو ماڳ آهي. مسٽر ڊڪشت ٢٦ ـ١٩٢٥ع[1] ۾ هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي هئي ۽ اسان بہ هنڪي ٢٨ ـ ١٩٢٧ع ۾ ڏٺو هو. مسٽر ڊڪشت هن دڙي کي تاريخ کان اڳ واري دور جو دڙو قرار ڏنو هو، تنهنڪري اسان آزمائشي کوٽائي ڪري تپاسڻ جو فيصلو ڪيو. دڙي وچان هڪ کاهي 50 x 20 x 6 فوٽ اوپر کان اولهہ کوٽائي وئي. اسان کي کوٽائيءَ مان چٽيل يا سادي قسم جو ڪوبہ ٺڪر جو ٿانو هٿ ڪونہ آيو ۽ نہ وري مٽاچري تي ڪا شيءِ نظر چڙهي. مسٽر ڊڪشت فقط هڪ پٿر جو اوزار لڌو هو ۽ قديم آثارن جي، کي اين پوريءَ چار ننڍڙا پٿر جا اوزار لڌا هئا، جن جي ماپ هڪ انچ کان وڌيڪ ڪانہ هئي. اسان کي تي عقيق جا مٽيا (Bd. 1-3) هڪ سنک جو مٽيو (Bd.4) بہ بلور جا مٽيا(Bd.5-6) کاهيءَ جي کوٽائيءَ مان مليا. عقيق (Pl.XXXIII, 73,75) هڪ خاص قسم جو مٽيو آهي. ٻين ٻن تي چوڪڙيءَ جو چٽ هو. باقي رهيل مٽيا، (Pl.XXXIII, 76,78) ناليءَ جي قسم جا آهن.ٽامي جو سنهو ڪِلّ يا آر (Pl.XLI,4)، مٽيءَ جي ڀڪل چوڙين جا ٽي ٽڪرا (Pl.XXXIV, 8)، ڪنهن جانور جي مورتيءَ جو ٽڪرو، جيڪو ڪتو معلوم ٿئي ٿو، سي سڀ هتان مليا. هنن پراڻين شين مان وڌيڪ اهم شيءِ، عاج مان ٺهيل وارن جي ڪانٽي (hair-pin) جا ٽڪرا آهن.-7-.Bd) 8, Pl.XXXIII,79,80) ۽ سنک مان جوڙيل چوڙين جا ٽڪرا پڻ مليا آهن. اڏاوتن جو ڪوبہ نشان ڪونہ مليو. کاهيءَ جي پرسان ڪن قبرن جا اهڃاڻ مليا، ان ڪري وڌيڪ ڪم کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو ويو. معلوم ٿئي ٿو

1. *A.S.R.*, 1925-26, p.99.

تہ هتي دڙي ۾ تاريخ کان اڳ واري ڪا ننڍڙي وستي آباد هئي.

## رتو ديرو ۽ وارهہ جي پرسان دڙا

باڊہ جي پرسان وانڊ ۾ ترسي، اسان رتي ديري تعلقي ۾ موجود دڙن جو معائنو ڪري ورتو. پرسان ئي ضلعي جو مشهور معروف دڙو ڏامراہ بہ موجود هو. جنهن متعلق بئنرجي ۽ ڊڪشٽ بہ اطلاع ڏنو هو. ڏسڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿيو تہ اها ڪا ٻڌ وستي هئي.منجهس ٻڌ اسٽوپا ۽ ٻکشن جي رهڻ واسطي مڙهين جا ڪنڊر ٿي نظر آيا. ڏامراہ واري دڙي کان ڏکڻ -اولهہ طرف ميهر واري رستي سان، بوٽرو واري تاڏي ۾ ناسو جو دڙو Nasui jo Daro ۽ ان کان ٿورو ڏکڻ طرف وڳڻ ڏانهن ويندڙ ساڳي رستي تي چنهر Chanhar جو دڙو موجود آهي. گهٽو ڪري انهن سڀني کان وڏيڪ پراڻو ٻانيڙو[1] Bambhro جو دڙو آهي، جيڪو نئون ديرو ريلوي اسٽيشن کان پنج ميل پري رتي ديري تعلقي ۾ آهي. ٢٦ - ١٩٢٥ع ۾ ڊڪشٽ هن دڙي جو معائنو ڪيو هو. پر ان دڙي ۾ تاريخ کان اڳ جا آثار موجود ڪونہ هئا. دادوءَ ۽ ڦلجيءَ طرف اڳتي وڃي اسان تپاس جاري رکي، پر اسان کي فقط لوهم جي دڙي ۾ ڪنهن قديم ثقافت جي موجودگيءَ جا اهڃاڻ مليا.هن دڙي کي اڳ ۾ ئي مسٽر ڊڪشٽ ڳولي لڌو هو ۽ ان بابت قديم آثارن[2] جي ڪاتي کي اطلاع ڪيو هئائين.

## لوهم * جو دڙو

اسان ١٨ نومبر تي اچي لوهم جي دڙي وٽ لڌو لاٿو. هي ماڳ دادو تعلقي جي مشهور ڳوٺ پاٽ جي پرسان ۽ رڪ ڪوٽڙي ريلوي لائين تي پيارو ڳوٺ اسٽيشن کان اٽڪل ٻن فرلانگن جي پنڌ تي موجود آهي. مذڪوره دڙا (Pl.V.a) هڪ ميداني علائقي ۾ آهن، جتي چوڌاري سڄ پٽي تي واڪا ڪري. پر سنڌوءَ واري طرف سو فصل عام جام ڏسجن ٿا. لوهم دڙي جي اتر ڏس تي چڪڻ Chikan ڍنڍ آهي. اوسي پاسي واري ايراضي هن ڍنڍ جي ڪري آباد

1. *A.S.R.*, 1925-26, p.100.
2. *Ibid.*, pp-99-100.

* محترم تاج صحرائي صاحب هن کي لهڻ جو دڙو سڏي ٿو. (مترجم)

آهي.جڏهن چاڙهه جي رت ۾ سنڌوءَ جو پاڻي جاڏي ڪاڏي ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏيندو آهي، تڏهن هيءَ ڍنڍ به اٿلي پوندي آهي ۽ چوڌاري پاڻي ئي پاڻي هوندو آهي تنهن ڪري دڙا ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ايندا آهن. لاڙڪاڻي ڪان سيوهڻ سنڌوءَ کي جهلي بند ڏنو ويو آهي، ان ڪان پوءِ به لوهم جو دڙو سدائين تباه ڪندڙ ٻوڏ ڪان بچي ڪونہ سگهندو آهي. تنهن ڪري اها ڪا تعجب جي ڳالهہ نہ آهي، تہ هن تاريخ ڪان اڳ واري دور سان تعلق رکندڙ دڙي جي ماپ ٩٠٠ فوٽ لام ۾ ٦٠٠ فوٽ منڊو آهي. دڙن جي مٿي اوچائي ٢٣ فوٽ کن ٿيندي، سندن پڪيڙ اوپر ڪان اولهہ آهي. ويجهي دور ۾ هيءَ دولت جي ڳولائن هتان گهڻو ناس ٿيو آهي.تازي ڪوشش تعلقي جي هڪ آفيسر جي چوڻ تي ڪئي وئي هئي، جنهن کي هتان ڪنهن نادر شيءِ جي ملڻ جي اميد هئي. دڙي ۾ هن جيڪي کڏون کٽايون سي ٻڌائين ٿيون، تہ هن بنا ڪنهن سوچ سمجهہ جي ڏکي تي پٽي چرون هٽايون. جن دڙي جي اصلي حال کي تباه ڪري ڇڏيو آهي. [١] ماٺهن طرفان کوٽائي ۽ فطرت طرفان ٻوڏ، هن دڙي لاءِ چڻ ٻني مصيبت بنجي وئي، جن ڪانئس سندس اصلي روپ کسي ورتو. مسٽر ڊڪشٽ کي هن دڙي جي کوجنا دوران، ٽامي جون ڪجهہ سيخون، پٿر جا رهڙا ۽ موهن جي دڙي جي دور ڪان مختلف ٿانو مليا هئا. جڏهن اسان هن دڙي جي تپاس ڪئي، تہ اسان کي بہ انهن جهڙيون ساڳيون شيون لڌيون. اسان کي جڻ ائين معلوم پئي ٿيو تہ مکيہ دڙي ڪان اتر طرف کوٽائي وڏيڪ لاياٽي ٿيندي، ان ڪري جو انهيءَ پاسي کوٽائيءَ جا نشان تمام گهٽ هئا. اسان ڏوڪريءَ ۾ هجڻ وقت بروهي مزدور ڪيا. جيڪي سڄي رت اسان سان گڏ هئا. لوهم جي دڙي جي کوٽائي ڪرڻ واسطي اسان کي ٻيا ڪمي بہ ڪرڻا پيا.

## کوٽائي (Pl.XLIII)

اسان کاهي -١، ٧٠ فوٽ ڊگهي ٢٠ فوٽ موڪري، دڙي (Pl.V.b) جي اتر طرفان ۽ اوپر ڪان اولهہ ڏس تي کٽائي ۽ اها چوڌاري ميداني سطح ڪان ٩

1. This is indicated in Pl. XLIII by crooked lines in dots.

فوٽ مٿي هئي. ڪاهيءَ جي اولهه طرفان هيٺ اونهائي ١٠ فوٽ ٦ انچ مس هئي. پر اوپر پاسي کان ڪاهيءَ جو ترو وچي جر تي بيهاريوسين، جيڪو اونهائيءَ ۾ ٢٠ فوٽ هو. ڪاهي -٢ کي اسان دڙي جي چوٽيءَ تان مٿان اتر ۽ ڏکڻ طرف شروع ڪيو ۽ ڪاهيءَ -١ کي وچ تي گوني ڪنڊ ۾ ٿي ڪاٽيو. ڪاهي -١ مان اسان کي هڪ پڪ سري نندي پٽ جي باقي حصي جو نشان مليو. پر پٽ، جيڪا چڱي اهميت جي لائق هئي، سا اسان کي ڪاهي -٢ جي ڏاڪڻي جيڙي وٽ لڌي. مذڪوره پٽ اسان ٢٣ فوٽن تائين ڊيگهه ۾ (Pl.V.c) کوٽائي ڪري معلوم ڪئي. اها هيٺ هلي ڪچين سرن واري هيٺين تهه Sub-stratum تي بيٺي. اتي سنوت ۾ فرق ڏٺو ويو، جيڪا ١ فوٽ کان وٺي ٣ انچن تائين هيٺ لٿل هئي. ڪاهي -١ جي وچ تي، پڪين سرن جي پٽ جي پيڙهه هيٺان ڪچين سرن جا باقاعده ڏنل بار نظر آيا. ڪاهي -١ ۽ ڪاهي -٢ جي تري مان پٽين جا ترا ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي ڏرتيءَ جي مٿاڇري کان ۴ فوٽ مٿي هئا. ٻنهي ڪاهين مان ٻين شين ۽ ٿانون جو پڳ، ڪچين سرن جي بار واري تهه تان مليو. تنهن ڪري معلوم ائين ٿئي ٿو، ته اهو وستيءَ (Pl.V. d) جو تهه ٻن تهن جي وچ تي موجود هو. ڪاهي -٢ پٽين ظاهر ٿيڻ واري سطح کان هيٺ اونهي کوٽي وئي. مکيه پٽ ۾ استعمال ٿيل پڪين سرن جون ماپون جدا جدا هيون. جهڙوڪ: 11 x 5 1/2 x 2 3/4، 9 3/4 x 4 1/2 x 2، 10 3/4 x 5 x 2 1/2 انچ آهن. ڪاهي -١ مان پنجهو ۽ سروتا ڪڍي صاف ڪري ۽ قديم تهه نروار ڪيو ويو. ان کان وڌيڪ هيٺين تهه ۾ پڪ سري اڏاوت موجود ڪانه هئي. امڪان اهو آهي، ته پوئين دور جي ماڻهن هيٺين تهه واريون سرون پڪين جاين مان ڪڍي، ڪتب آنديون آهن ۽ پوئين دور جي پٽين ۾ ڪڏهن ڪڏهن پڪن سرون جو استعمال ان حقيقت طرف اشارو ڪري ٿو. ڪاهي -١ جيڪا ٢٠ فوٽ هيٺ اونهي کوٽي وئي هئي، تنهن مان ظاهر ٿيو، ته جيئن اسان هيٺ کوٽيندا ٿي وياسون ته ٺڪرين جو تعداد گهٽ ليندو ٿي ويو. ويهن فوٽن جي اونهائيءَ جي آخري لپي تائين ٺوريون ٺڪريون ضرور مليون ٿي. هن مان اسان کي اهو معلوم

ٿيو ته قديم پٿرين وستيءَ جا نشان اڃا به هيٺ هئا. جيئن اسان کي موهن ۽ جهڪر جي دڙن جي کوٽاين جي تجربي مان معلوم ٿيو هو. قديم تهه يعني پڪين سرن جي پٽين واري تهه کان هيٺان اسان کي سنڌو سڀيتا سان لاڳاپيل ٺڪريون مليون. جن جو مائو ٿلهو هو، جن تي ناسي رنگ جي ڌاءَ مٿان ڪاري رنگ ۾ چٽسالي. اهي اسان کي دڙي جي مٿاڇري کان ٢ فوٽ هيٺ ۽ زمين جي مٿاڇري کان ۴ فوٽ مٿان مليون. مٿئين دور جي تهه مان اسان کي گهٽ درجي جي ٿانون جون ٺڪريون مليون. نه فقط گهاڙ جي ڪاريگريءَ جي لحاظ کان، پر اهي آرائش جي نقطه نگاه کان به معيار کان ڪريل هيون. ڪاهيءَ-٢ مان اسان کي فقط هن گهٽ معيار واريون ٺڪريون مليون. سڀ ٺڪريون پنهي ڪاهين مان ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ۵ فوٽ مٿي مليون. پنهي ڪاهين مان لڌل مکيه شين جو وچور هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي ۽ ڪين تهن جي حساب سان رکيو ويو آهي. پر اٺين هرگز نه سمجهيو وڃي ته ڪا خاص شيءِ اڳئين يا پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. مختلف دور جي سڃاڻ، خاص طور تي ٿر جي ڪاريگري، ٺڪرين کي ڏسي ڪري سگهجي ٿي. هن حالت ۾ اسان کي مختلف تهن ۽ مختلف ڪاريگريءَ جي نمونن تي ويچار ڪرڻو پوندو.

## آڳاٽي ۽ پوئين دور جي ٿانون جي ڀيٽ

## (الف) مٽي

پراڻي دور جا ٿانو ٿلهي مائي جا ۽ ڪٽي سنهي ڪيل ۽ خوب ڳوهيل مٽيءَ مان ناهيا ويندا هئا. اهي باه ۾ چڱيءَ ريت پچايا ويندا هئا، جيڪي آويءَ مان نڪرڻ کان پوءِ گهري ڳاڙهي رنگ جا پڪل ٿانو معلوم ٿيندا هئا. منجهن واري جهجهي انداز ۾ ملايل ڏسجي ٿي ۽ ان سان گڏ چمڪندڙ، سليڪا جا ذرڙا به نظر اچن ٿا. موهن جي دڙي متعلق مسٽر مئڪي Macky جو بيان آهي ته "مٽيءَ ۾ واري يا چن يا ٻئي ملايا ويندا هئا. پر سادي ٿانون کان چٽساليءَ واري ٿانون ۾ وڌيڪ ملايا ويندا هئا. موهن جي دڙي [1] جي ٿانون جي درياهي مٽيءَ ۾

1. *Mohenjo-daro*, Vol. I, p.289.

واريءَ جو فطري طور گهٽو انداز شامل هوندو هو. لوهم جي دڙي جا ڪنير جيڪا ٿانون جوڙڻ ۾ مٽي استعمال ڪندا هئا، سا موهن جي دڙي واري ساڳي جنس جي هئي، اها سنڌوءَ جي لٽاشي زمين مان آڻيندا هئا. منجهس واريءَ جا ذرا موجود هوندا هئا. هن حقيقت مان اها ثابتي ملي ٿي، تہ لوهم جو دڙو ٿامي واري دور ۾ درياهہ جي ڪناري سان آباد هو. جيستائين چن جي هٿ ڪرڻ جو احوال آهي، تہ اهي يا تہ چن جو پٿر يا سپون باهہ ۾ ساڙي چن هٿ ڪندا هئا. ڪن ملڪن ۾ چن جي پٿر کي ڪٽي لئي بنائي استعمال [1] ڪندا هئا. سنڌ جا ڪنير ان ڏس ۾ عام سپ استعمال ڪندا هئا. لوهم جي دڙي مان لڌل هڪ ٺڪر جي وچ ۾ سپ جو ٽڪرو چنبڙيل هو، جيڪو پڻ سان گڏ ڪنير جي پرسان رکيو هوندو، جيڪو اتفاق طور مٽيءَ سان ٿانو ۾ ملي ويو هوندو. پوئين دور جو ٿانو، مائي ۾ ساڳيءَ ريت ٺلهو آهي، پر باهہ ۾ رَءِ پڪل ناهي. پچائڻ مهل ڌيان نہ ڏيڻ ڪري انهن ٿانون جو ڏيک پهرين دور جي ٿانون جي ڀيٽ ۾ اباٽيل پيو نظر ايندو. ڳوهيل مٽي بہ ڪا ايڏيءَ محنت سان تيار ڪانہ ڪئي ٿي وئي. مٽيءَ ۾ واريءَ جي ملاوٽ تمام ٿوري آهي ۽ گهڙ جي ڪاريگري بہ معياري ڪانہ آهي.

## (ب) رنگ

ٻنهي قسمن جي ٿانون ۾ جيڪو خاص فرق موجود آهي، سو سنڌن مٿاڇري جي چٽسالي آهي. قديم دور سان واسطو رکندڙ ٿانون جي مٿان ڇهج ڳاڙهي رنگ جو هٿ ڦيري، مٿان ڪاري رنگ ۾ چٽسالي ڪئي وئي هئي. اهي رنگ ڏاڍا پڪا ٿي ڏنا، جيڪي سچيتائيءَ سان ڪتب آندا وياآهن. پوئين دور جي ٿانون مٿان بوسڪي يا ڳاڙهي ڏاءَ تي هٿ ڦيري، مٿان ڪاري يا ميٽائين رنگ سان چٽسالي ڪئي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رنگ جي گهٽائين جو تاثر ملي ٿو، جيئن اسان آمريءَ جي ٿانون ۾ ڏسون ٿا. جتان جي ٿانون تي پڪي ميٽائين يا ڪارن پٽن جي وچ تي پورو يا ڳاڙهي رنگ جو استعمال ڏسون ٿا. پوئين دور جي

1. Fraknfort, *Studies in Early Pottery of the Near East*, Part I, p.6.

ٿانون جو صحيح استعمال ڪونہ آهي. اهي ٿانو ڪجهہ ڦڪانجها معلوم ٿين ٿا ۽ قديم دور واري ٿانو جي پيٽ ۾ هڻ ۾ گهٽي چٽسالي ڪانہ آهي.

## (ج) نمونا

ٿانو جي سونهن ۽ چٽسالي ۾ بہ وڏو ويڇو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڏسو (Pl.XXII). پراڻي دور سان واسطو رکندڙ ٿانون ۾ خاص چٽسالي گلتيءَ پاسن سان پوروچوٽ قطارن ۾ چوراس هٺا، جن سان گڏ ڦلڙن سان ڦول، اڏامندڙ پکي، لهريدار قطارن ۾ پوروچوٽ تي وٽن جو ليٽڻ سنوت ۾ چٽ ، جن کي هيٺان ايندڙ ايو چٽ ڪاٽي تو، پپر جو پن، ڦڻيءَ جي ڏندن وانگي لامون، ٽين نوڪن وارا پن، هر هڪ قطار کي گهاٽيون ليٽڻ سنوت ۽ پوروچوٽ تي ڏنگڙيون ليڪون جدا ڪري بيهارين ٿيون. پوئين دور سان لاڳاپيل ٿانون جي چٽسالي اڳئين دور جهڙي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. ان جي بدران قطارن ۾ آڪڙيون Eye-shaped ڏسجن ٿيون، جن جو منجهہ جافريءَ سان پريل آهي. آڪڙين جي چٽ تي خانا آهن ۽ وچ تي چدن جو نشان آهي. چدن سان پيگهڙ تي گلتي پاسن سان چوراس ۽ گلتي پاسن ۽ جافريءَ جي منجهہ سان ٽڪنڊو ترو آهي.

### جهڪر جي قديم دور سان واسطو رکندڙ ٿانون جي ياد

اهڙيءَ ريت لوهم جي دڙي مان لڌل بہ ٿانو مڪيہ وستار ۾ هڪ ٻئي کان وڏو ويڇو رکن ٿا. اسان ٻڌتر ۾ آهيون، تہ ڇا اهي ٿانو مختلف دورن سان لاڳاپيل آهن، يا ڪنهن هڪ دؤر سان واسطو رکن ٿا. لوهم دڙي جي تهہ مان لڌل بہ ٿانو، جهڪر جي دڙي جي کوٽائي ۾ لڌل شيون پاڻ ۾ سهمت رکن ٿيون. اتي بہ ٽامي جي دور سان هممعصر ٻن تهن مان ٻن مختلف قسمن جا ٿانو مليا. پوئين دور سان لاڳاپيل ٿانو قديم دور جي ٿانون ۾ ايتري تہ هڪجهڙائي رکن ٿا، جو انهن ٻنهي قسمن جي ٿانون کي هڪ دور ۽ سنڌو سڀيتا جي ساڳي مرحلي ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿو. جهڪر ۽ لوهم جي دڙي وارا موهن ۽ هڙاپا جي ٿانون جي چٽساليءَ جي پوئلڳي ڪندا ڏسڻ ۾ آيا. جيتوڻيڪ موهن ۽ هڙاپا تباه ۽ ويران ٿي ويا، پر پوءِ بہ لوهم ۽ جهڪر جا ڪنير انهن چٽساليءَ

جي روايتن کي گهڻي وقت تائين زنده رکيو آيا.چر ۾ هلڪي وڙ وارو ٿانو. جيڪو اُن دور ۾ استعمال هيٺ هو. ڏيکاري ٿو ته خوبصورتيءَ کي محسوس ڪرڻ ۽ پرکڻ جو معيار ڪيترو نه هيٺ ڪري پيو هو. هن اڪيلي ڳالهه مان ئي چڱيءَ ريت پتو لڳائي سگهجي ٿو، ته هن دور ۾ سنڌو سڀيتا تنزل جو شڪار ٿي چڪي هئي.

## ڪاهي ـ١ ۽ ڪاهي ـ٢ مان لڌل شيون

لوهم جي ٻن ڪاهين مان ٻه سو اٺيتهه شيون لڌيون (Lh.1-229 pp.52-58)، جن کي رڪارڊ ۾ لکي محفوظ ڪيو ويو. هنن ۾ اهي ٿانو به شامل آهن، جن تي اسان مٿي بحث ڪري آيا آهيون. ۽ اهي ٿانو به موجود آهن، جن جي چٽسالي اتان جي ماحول ۽ جاگرافيءَ تي خوب روشني وجهي ٿي. انهن مان ٻه بهترين مثال ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن، يعني Lh.90, 92 (Pl.XXII, 24, 18) ٻئي پوئين دور سان لاڳاپيل آهن. انهن ٻنهي ٿانون جو منهن سوڙهو، پيٽ نڪتل ۽ ترا لوٽيرا آهن. اهي انهن ٽنهي خاصيتن ۾ جهڪر جي پوئين دور جي ٿانون سان هڪجهڙائي رکن ٿا. Lh.-1 به هڪ ٿانو آهي، جيڪو پوئين دور سان واسطو رکي ٿو، پر چٽن کان خالي آهي. (Pl.XXXVI, 38) مٿي بيان ڪيل ٿانون جيان منهن سوڙهو، پيٽ ٻاهرتي نڪتل ۽ ترو لوٽيرو اٿس. پر ڪيس ڪڙو لڳل هو، جيڪو وڃائجي ويو آهي. قديم دور سان واسطو رکندڙ تهه مان لسن ٿانون جون ٽڪريون مليون آهن، جيڪي ننڍڙي وڙ جي ٿانون سان تعلق رکن ٿيون. اهي ننڍا ٿانو انهن وڏن ٿانون جو روپ آهن، جيڪي روزمره جي گهرو استعمال ۾ ايندا هئا. انهن ٿانون مان موڏ ڪني (وريل ڪناري واري) ڳچيءَ ۽ اوچي گول تري سان ٿانو ۽ ڪونجي جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. (Pl.XXXVI, 30, 40) جهڙي نموني جهڪر مان چگهن وارا ٿانو لڌا آهن، اهڙي نموني جا لوهم جي پوئين دور جي تهه تان ٻه ٿانو (Pl.XXII, 35,36) لڌا آهن. اڪريل ٿانو جو قديم تهه مان لڌل مثال اهي ٿالهيون آهن، جن کي اوچو پڙڳي ترو لڳل آهي. انهن جي تري ۾

ڪوڪي اڪر تيل آهي. گھڻو ڪري اهي سچ جا ڪرٽا آهن. مٽيءَ جون پڪل، ڏاند جون مورتيون ۽ نهي تهن تان مليون آهن، جن ۾ ڏاندن ڪي مٽي نڪتل ڪلها (ڪنيٽيون ) موجود آهن. ان وڙ جي مورتين ۾ اڳين ڄنگھن ڪي پوين ڄنگھن کان نروار ڪري بيهارڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي آهي. هڪ مورتي ڏاڍي دلچسپ آهي. چاڪاڻ تہ ان جا ٻنڊڻ تمام ٿلها آهن. (Lh.229) . هنن جهڙيون ساڳيون شيون موهن مان پڻ مليون آهن. اهي مٽيءَ جون پڪل شيون آهن: سٽ ڪتڻ واري چرخي جا ٽڪ، رانديڪا، گاڏين جا فريم، روهڙا، چوڙيون، رانديڪن تي سنهي چر. پڪيءَ جي شڪل تي سيٽيون ۽ مٽيءَ جون پڪل ٽڪيون. (Pl.XXII) . آخر ۾ بيان ڪيل شين جي اهميت ڪي، چٽيءَ طرح پيش نٿو ڪري سگهجي، جيڪي اسان سنڌ جي ڪيترن ئي ماڳن تان لڌيون. گھڻو ڪري تہ انهن ڪي اڌ پڪل ڏٺو ويو آهي. ٿانون ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيءَ ۾ توهڙ يا ڪو سنهو ڳاھ ملايل ٿو ڏسجي. مثال طور جيئن چانهونءَ جي دڙي مان لڌل ٿانون ۾ ٻنهي پاسن کان گهب آهن. اهي فقط تڏهن ٿي سگهن ٿا، جڏهن آلي ٿانو کي هٿ جي آڱرين سان جهليو وڃي. امڪان اهو آهي تہ اهڙا ٿانو آوي ۾ پچائڻ جي مقصد سان نہ، پر بَلَ (قربانيءَ) جي مقصد سان رکيا ويا هوندا. لوهہ مان اسان کي اڪيچار مڻيا هٿ آيا. (Pl.XXXIII, 55,56,58).
انهن ۾ گھڻائي پٿرن جي چيٿرن مڻين جي آهي. عقيق Cornelian جا مڻيا بہ هٿ لڳا، جيڪي ٻن ورنن ۾ نَنڍا ۽ ڊگها هئا. پٿر جو هڪ ٻہ نوڪو مڻيو (Soap stone) پڻ لڌو، جنهن تي ڪوڪيءَ اڪير ۾ گول دائرا نڪتل آهن (Lh.22) ناليءَ جي شڪل تي مٽيءَ جا پڪل مڻيا بہ مليا. هڪڙو قسم اهڙو بہ آهي، جنهن کي شيشي جي لئيءَ Paste مان ٺٽائي تيار ڪيو ويو آهي. انهن مان ڪن جي شڪل ڊگهي ۽ ڪن جي گول طرز تي آهي. هن ئي قسم جو گول مڻيو آهي، جنهن تي پاسيرن چڳهن جي چٽسالي تيل آهي. (Lh.9) مٽيءَ جي پڪل چوڙين سان شيشي جي لئي paste مان جوڙيل چوڙن ۽ ڪاشيءَ جي چوڙين پائڻ جو بہ رواج هو. پوئين دور جي چوڙين تي ڪونج يا ڪرنگهي

Chevron يا ڪنهن ٻئي قسم جي ڪوڪي اڪير ڏسون ٿا، سو به سينگار (آرائش) آهي. اوزارن مان اسان کي پاساڙا flakes مگريون، ڏڪي جا ڦر، ڪات، چاقو، پاڪي ۽ آر هٿ آيا آهن. (PP.45,56, 58). عقيق جو ڇهه پاسئون خوبصورت تور جو وٽ به هٿ لڳو. هڪ شيءِ جنهن کي اسان وڏي اهميت جي نگاه سان ڏسون ٿا، سا پٿر جي همچورس steatite مهر آهي. (Lh.2) . منجهس پارنهن تصويري علامتي اکر ۽ هڪ سڱئي جانور جي تصوير آهي. (Pl.XXXIII, 8, p.56). حقيقت هيءَ آهي، ته هيءَ ثقافت موهن جي ثقافت سان ميل کائي ٿي. سنڌ جي مهرن مان هڪ سڱئي جانور جي تصوير، بحث جو موضوع بڻيل آهي ۽ هن وقت تائين هيءُ جانور سڃاڻپ [١] ۾ ڪونه آيو آهي. مهاڀارت مان به سرو جانور معلوم ٿئي ٿو. هو ڏاند جهڙو به آهي، ته روجهه (نيل گانءِ) جهڙو به آهي ۽ ويدن ۾ ذڪر ڪيل جانور ڳئو مرگهه go-mriga[٢] سان هڪجهڙائي رکي ٿو. علم جي ماهر سيانا Syana مٿئين اصطلاح کي ڳئون ۽ نر روجهه جو گڏيل نسل ڪري سمجهي ٿو. ايگلنگ Eggaling جو خيال آهي ته اهو ڪو ڏڳي جو نسل هو، جيڪو هاڻي هندستان[٣] ۾ موجود ڪونهي. ٻين عالمن جي نظر ۾ اهو "گايال" Gayal قسم معلوم ٿئي ٿو.

## لوهم مان مڪيل لاڌ جي پنوتري

هيٺيون تهه (ڌرتيءَ مٿاچري کان ٻن کان چئن فوٽن تائين اونهائي)

Lh.53 چٽيل ٺڪر. لامن سميت وٽ. لهريدار ليڪن ۾ چٽو ڪيل. ناسي ڏاءَ مٿان ڪاري چٽسالي. Pl.XXII, 1

Lh. 66 چٽيل ٺڪر. گلتي پاسن سان چوڪڙي . چوڪڙين جي پاسن تي آڪڙيون ۽ منجهن اٽين جا نشان. چوڪڙيءَ جي چوڌس آڪڙيون چلو ٺاهي بيهن ٿيون. گول دائرن ۾ وچ تي ٽٻڪن سان جوڙيل گل. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII, 21

1. *Mohenjo-daro*, Vol. II, p.382.
2. *Vedic Index*, Vol. I, *s.v. go-mirga.*
3. *Sacred Books of the East*, Vol. XLIV, p.338. n.I.

Lh.67 چٽيل ٺڪر. مڇي چلر جهڙو چٽ. لهريدار ليڪن سان ڏيڪاريل تارين سان وڻ. ناسي رنگ، ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII, 3

Lh. 68 گلتي پاسي تي چوراس. هر پاسي تي منجهه واريءَ اٽيءَ سان آڪڙيون. هر چوراس جي چوڌاري گول چلو. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Lh. 72 چٽيل ٺڪر. ڪيڙ ٻيلهه جافريءَ جي منجهه ۾ گلتي پاسن سان چوراس. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Lh.74 چٽيل ٺڪر . گلتي پاسن سان چوراس. پاسن تي اٽيءَ جي منجهه سان آڪڙيون. چوراس جي چوڌاري آڪڙين جي چٽ ڪري گول چلو ٺهيل. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Lh. 136 Pl.XXII-12 جيان چٽساليءَ جون وريون يا ڏنگيون -curilin ears ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي Pl.XXII,26

Lh. 75 چٽيل ٺڪر. چٽ ۾ وڻ ۾ ڪونجن جي قطار. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII,20

Lh. 146 چٽيل ٺڪر. ڦٽي - ڏند جيان چٽ. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII,25

Lh.111 چٽيل ٺڪر. گهرين اندر جافري منجهه سان ٻه نوڪا پَنَ. ٻيگهڙ ۾ ليٽڻ سنوت ۾ نڪتل گهرين اندر ليڪون. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII, 19

Lh.112 چٽيل ٺڪر. پپر جو پن. لهڪين يا ماڪوڙي طرز تي وڻ جي تارين جو ڏيک. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.Pl.XXII,13

Lh.129-133 چٽيل ٺڪر. لهڪين يا ماڪوڙن جي طرز سان لامن جو چٽ. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Lh. 137, 138, 142, 161 چٽيل ٺڪرَ. گلتي پاسن سان چوراس. هر هڪ پاسي تي آڪڙيءَ ۾ منجهس اٽي يا لينگهه. چوراسن جي چوڌس آڪڙيون وڏي آڪڙي بنائي تيون بيهن. وچ تي چُگهه. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Pl.XXII,14(Lh.137)

Lh.162 چٽيل ٺڪر.ٿانو جي ڳچيءَ جي چوڌس گهرين ۾ ٻري طرز جي جافريءَ سان ٻه نوڪو پن. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII, 2

Pl.163 چٽيل ٺڪر. ٻري طرز تي جافري منجهه سان ٻه نوڪو پن. گهرين اندر ڪاتن جهڙيون وريون. ناسي ڏاءَ ۾ ڪارو چٽ. Pl.XXII,11

Lh. 39 چٽيل ٺڪر. ڦيلهيءَ جو ٽڪرو. ڪناريءَ تي ڪانَ (تير) جو نشان. وچ تي ڦٽيءَ ڏند چٽ. پاسي سان ٽبڪي جي چوڏاري منجهلا گول. پٽي ۾ اڌ گول گهريون ۽ ٻريءَ طرز پريل ٻيج جي شڪل. ناسي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Lh. 164 چٽيل ٺڪر. ڳچيءَ تي لَمَ طرز Sloping تي ٻريءَ سان پريل پن. ناسي ڏاءَ ۾ ڪارو چٽ. Pl.XXII, 5

Lh.166 چٽيل ٺڪر. پپر جو پن ۽ گهاٽيون وريون. ناسي ڏاءَ ۾ ڪارو چٽ. Pl.XXII, 12

Lh. 167 چٽيل ٺڪر. وڻ جو چٽ. گهاٽيون وريون. جيڪي شايد پٽن جي علامت ڏيکارين ٿيون. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl. XXII,4

Lh. 181 چٽيل ٺڪر. لهڪين يا ماڪوڙن (لهريدار ليڪن ) جهڙين لامن سان وڻ جو چٽ. ناسي رنگ جي ڏاءَ سان ڪاري چٽسالي.

Lh.188 چٽيل ٺڪر.هيٺئين پاسي جي پٽي ۾ اڏامندڙ پکي. هيٺئين پٽي ۾ ٽڪنڊي جي هر هڪ ڪنڊ تي چدي جو نشان. ناسي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXII -29

Lh.194 چٽيل ٺڪر. جافريءَ جي منجهه سان تارين واري وڻ جو چٽ. ناسي رنگ جي ڏاءَ مٿان ڪاري چٽسالي. Pl.XXII, 27

Lh. 139 گول تري سان بنا چٽ، سادو ٿانو. اوچائي ٢,٧ انچ.
Pl.XXXVI, 24

Lh. 141 هسي تري سان لسو ٿانو. اوچائي ٢,٨٥ انچ. Pl.XXXVI, 23

Lh. 147 هسي تري سان لسو ٿانو اوچائي ٣ انچ. Pl.XXXVI, 22

Lh. 203 هسي تري سان لسو ٿانو اوچائي ٣ انچ. Pl.XXXVI, 30

Lh. 63 هسي تري سان لسو ٿانو اوچائي ٢,٨ انچ. Pl.XXXVI, 31

نوٽ: مذڪوره ٿانون جو ترو گول ڦيٿي بجاءِ تڏي جهڙو هو.

Lh. 4 لسو ٿانو. اوچائي ١,٥ انچ.Pl.XXXVI, 12

Lh. 26 لسو ٿانو. اوچائي ١,٦ انچ. Pl. XXXVI, 13

Lh. 28 لسو ٿانو. اوچائي ٢,٥ انچ. Pl. XXXVI, 34

Lh. 24 لسو ٿانو.اپن پاسن سان . اوچائي ٢,٧٥ انچ.

Lh. 27 لســـو ٿـــانو.اپن پاسن ســـان . منهن ســـوڙهو. اوچائي٣,٢ انچ.Pl.XXXVI, 33

Lh. 29 لسو ٿانو. اوچائي ١,٧ انچ.

Lh. 26 لسو ٿانو. ڪپو. اوچائي ١,٧٥ انچ. Pl.XXXVI, 16

Lh.49 لسو ٿانو. ڪپو، ويئوڙي تري سان. اوچائي ٤,٦ انچ.Pl.XXXVI, 40

Lh.228 لسو ٿانو. مٽ. اوچائي ١,٦ انچ. Pl.XXXVI, 14

Lh. 7, 143, 180, 201 چار ٺڪر. مچتا جون ٿالهيون ڏگهن ترن سان. اندرئين پاسي چگهه، جيڪي شايد سچ جا ڪرٽا ڏيڪارين ٿا.Pl.XXXI-7. (Lh.201) - Pl.XXII-48 - (Lh.7)

Lh. 172 سوراخن واري ٿانو جو ٺڪرو.

Lh.30 ننڍڙي ٿانو جو پڪل ڍڪ. گولائي ١,٢٥ انچ. Pl.XXII, 42

Lh. 82 ٺڪر جو ٿانو. ڍڪ. گولائي ٢,٢٥ انچ. Pl.XXII, 39

Lh. 31 مٽيءَ جو پڪل ڪينهوڙو. گولائي ٣,١ انچ.

Lh.51 مٽيءَ جو پڪل ڪينهوڙو. گولائي ٢,٥ انچ.

Lh. 34 مٽيءَ جي پڪل، ڍاند جي مورتي. ڊگهائي ٣ انچ.

Lh. 10 مٽيءَ جي پڪل، ڍاند جي مورتي. ڊگهائي٢,٣ انچ. Pl.XXII, 44

Lh. 115 مٽيءَ جي پڪل، ڍاند جي مورتي. ڊگهائي 2.8 انچ.

Lh.116 مٽيءَ جي پڪل، ڏاند جي مورتي. ڊگهائي٢٥,٣ انچ. Pl.XXII, 51

Lh. 140 مٽيءَ جي پڪل، ڏاند جي مورتي. ڊگهائي ٢,٣ انچ. Pl.XXII, 47

Lh. 175 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي ڊيگهه ٩,٤ انچ. ڳچيءَ ۾ ڏوري ٻڌڻ لاءِ سوراخ. Pl.XXII, 52

Lh.176 مٽيءَ جي پڪل، ڏاند جي مورتي. اوچائي ٠٥,٣ انچ.

Lh.186 مٽيءَ جي پڪل، ڏاند جي مورتي. اوچائي ٤,٣ انچ. Pl.XXII, 53

Lh. 81 ٻاراڻي راند گاڏيءَ جو ڦيٿو.. گولائي ١,٣ انچ. Pl.XXII, 41

Lh.208 ٻاراڻي راند گاڏيءَ جو ڦيٿو.. گولائي٢٥,٣ انچ.

Lh.184 مٽيءَ جي پڪل چمڪڻي يا جهنجهڻ ٢,٢ انچ گولائي.

Lh. 14, 38, 85 مٽيءَ جا پڪل راند گاڏين جا فريم. Pl. XXII, 50 (Lh.185)

Lh. 114 مـــــٽيءَ جو پـڪل روهڙو. چيـــــڙي وٽان ڀڳل. ڊيـگهـــــ ٦,١ انچ. Pl.XXII, 45

Lh. 177 مٽيءَ جي پڪل پاٽيءَ جي نڙي يا نڙو. ڊيگهه ٧ انچ. Pl.XXII, 47

Lh. 170 مـــٽيءَ پڪل پکيءَ جي شـــڪل جهـڙي سيـــٽي. ڊيگهــ ٦,١ انچ. Pl.XXII, 43

Lh. 169 ٻاراڻي راند گاڏيءَ جو ڦيٿو. گولائي ٣,٣ انچ. Pl.XXII, 40

Lh. 168 مٽيءَ جي پڪل چمڪڻي. گولائي ٢,٢ انچ. Pl.XXII, 37

Lh.36 مٽيءَ جي پڪل ٽڪي، شڪل ٽڪنڊي. ڊيگهه ٩,٣ انچ. Pl.XXII, 46

Lh. 110 پٿر جو مڻيو. چپٽرو. گولائي ٥٥, انچ. Pl.XXXIII, 12

Lh.173 پٿر جا ٽي مڻيا. چپٽرا. گولائي ۴ , انچ. Pl.XXXIII, 11

Lh. 174 پٿر جو مڻيو چپٽرو. گولائي ۴ , انچ.

Lh. 149 عقيق Cornelian جو مڻيو. ڍگهيري شڪل تي. ناسي رنگ. ڊيگهه ۴۵ , انچ. گولائي ۲ , انچ.Pl.XXXIII, 21

Lh. 3 فيلسپار جو مڻيو. صوف رنگو سائو. گولائي قطر ۾ ورهايل. ڊيگهه ۴۸ , انچ. Pl.XXXIII, 16

Lh. 159 پٿر جو مڻيو. رنگ ڪارو. شڪل ڍگهيري. ڊيگهه ۹ , انچ. Pl.XXXIII, 26

Lh. 61 پٿر جو سائو مڻيو. شڪل ننڍي، بندوق جي نري وانگي. ڊيگهه ۲۸ , انچ. گولائي ۲۸ , انچ.Pl.XXXIII, 18

Lh. 65 شيشي جو مڻيو. نلڪيءَ نموني. ڊيگهه ۷ , انچ. گولائي ۲۵ , انچ. Pl.XXXIII, 17

Lh. 58 شيشي جو مڻيو. ڍگهو گول ۽ ڪٽيل ڪاڏل. ڊيگهه ۴ , انچ. گولائي ۲ , انچ. Pl.XXXIII, 14

Lh.9 شيشي جو مڻيو. گول . گولائي ۱ , ۱ انچ Pl.XXXIII, 10

Lh. 17 شيشي جو مڻيو.شڪل ڪجهه گول. گولائي ۳ , انچ.,Pl.XXXIII 13

Lh.80 مٽيءَ جا پڪل ۳ مڻيا. ڍگهيءَ نليءَ نموني. هر هڪ جي ڊيگهه ۴ , ۱ انچ، ۷ , ۱ انچ ۽ ۹ , ۱ انچ. انهن مان ۹ , ۱ انچ ماپ وارو شيشي جي مٽي سان گڏيل آهي، جنهن جي شڪل ڍگهي نلڪيءَ جيان آهي. Pl.XXXIII, 1

Lh. 171 مٽيءَ جو پڪل مڻيو. شڪل ۾ ٻه نوڪو. مٿاڇري تي سنها چگهه. اوچائي ۷۵ , انچ. گولائي ۹۵ , انچ. Pl.XXXIII, 4

Lh.200 مٽيءَ جو پڪل مڻيو. شڪل گول. چگهه. اوچائي ٦۵ , انچ. ڊيگهه ۹۵ , انچ. PL.XXXIII, 5

Lh.6,35 مٽيءَ جي پڪل چوڙين جا ٽڪرا. Lh. 35 گولائي ۱ , ۲ انچ.

Pl.XXII, 46 (Lh.6)

Lh. 21 شيشي جي چوڙين جا ٽڪرا. ڦن تي ڪرنگهين جي اڪير. مٿاڇرو ڪٽيل ۽ ڪاڙل. Pl.XXXIII, 7

Lh. 18 شيشي جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. ڪونج يا ڪرنگهي اڪير سان. Pl.XXXIII, 6

Lh. 144 سنک جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. ۾ سوراخ. Pl.XXXIII, 2

Lh. 79 شيشي جي چوڙين جا ٽڪرا. لَمَ طرز تي Stanting ليڪون اڪريل. Pl.XXXIII, 6a

Lh. 56 پٿر جي مڪري. ڊيگهه ۲,۳ انچ.

Lh.59 پاسڙو Flake ڊيگهه ۲,۵ انچ. Pl.XL, 2

Lh.109 پاسڙو. ڊيگهه ۱,۹۵ انچ. Pl.XL, 1

Lh. 205 پاسڙو. ڊيگهه ۲,۴ انچ.

Lh. 19 ڏقي جو قر. ڦن مهانڊي. ڊيگهه ۵,۵۲ انچ. Pl.XL, 34

Lh.62 ٽامي جي ڀاڪي. ڊيگهه ۸۸, انچ. Pl.XLI, 32

Lh.206 ٽامي جي آر. مڙيل. ڊيگهه ۱,٦ انچ. Pl.XLI, 25

Lh. 217 ٽامي جي چاقوءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ۴,۸ انچ. Pl.XLI, 33

Lh. 20 ٽامي جو ٽڪرو، مٿان سون چڙهيل. شايد ڪنهن ڳهه جو ٽڪرو. Pl.XXXIII, 24

Lh.199 ٽامي جو مٽيو. ڊگهو نلڪيءَ وانگي. ڊيگهه ۲۲, انچ. Pl.XXXIII, 25

Lh. 187 ٽامي جو ڇلو ring ڪنهن ٻار لاءِ ٺاهيل. گولائي ٦, انچ. Pl.XXXIII, 27

Lh. 5 هڏي مان ٺهيل ڪلي. هڪ پاسي ڪان ڀڳل. ڊيگهه ۲,۵۵ انچ. Pl.XXII, 33

Lh. 22 عقيق جو تور جو وٽ، شڪل ۾ ڇهه پاسئون. 8. x .8 x .9

انچ PI.XXXIII, 3

Lh. 2 پٿر جي همچورس مهر. جنهن جي مهاڙي تي هڪ سڱيو جانور ۽ تصويري لکت جي هڪ سٽ، ٿورو ڪجهه تباه ٿي ويو آهي. ڊيگهه ۾ منڍو ۽ لام ١,٢ انچ. PI.XXXIII, 8

Lh. 37 پٿر جو ڪينهون. گولائي ١,٩ انچ.

Lh. 57 پٿر جي گولي. گولائي ٨٨, انچ.

**٢ - مٿيون تهه ( ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ١٠ فوٽ مٿي )**

Lh. 13 چٽيل ٺڪر. ڪمري رنگ جي ٿانو جو ٽڪرو. ڳهريون بوسڪي ۽ ڳاڙهي رنگ جي پيگهڙ تي. ٻاهريون ليڪون ناسي رنگ جون. بوسڪي رنگ جو ڌاءُ. PI.XXII, 40

Lh. 90 چٽيل ٺڪر. منهن سوڙهو. پيٽ اياٽو. ترو لوٽيرو. اوچائي ٢,٦ انچ. گلتي پاسن سان ٽڪنڊن يا چيرين جي قطار. ڳرهن ۾ منگليءَ نموني گلتيءَ طرز وارو ترو، هيٺان.ڌاءُ ۾ چٽ ختمه PI.XXII, 24

Lh. 91 لوٽيري تري سان چٽيل ٿانو. اوچائي ٨,۴ انچ. چٽ جو هلڪو اهڃاڻ.
Cf.PI.XXXVI,37. PI.XXII, 18

Lh. 92 چٽيل ٺڪر. سوڙهو منهن. اياٽو پيٽ. لوٽيرو ترو. گلتي پاسن ۽ ڪيڙ پيلهه جافري طرز تي چوارس، پاسي واري پٽي ۾ نڪتل چڊن سان پيگهڙ تي. بوسڪي رنگ جي ڌاءَ تي ميٺائون چٽ. هيٺان مٿان ميٺائين رنگ جا پٽا. اوچائي ۴ انچ. PI.XXII, 18

Lh.88 چٽيل ٺڪر. بوسڪي ڌاءُ ۾ ميٺائين رنگ جو چٽ. ٻوٽي جي طرز. PI.XXII, 22

Lh.97 چٽيل ٺڪر. ڊگهين وڙين يا ورين Sigmas جي قطار. بوسڪي رنگ جو ڌاءُ ۾ ميٺائين رنگ جي چٽسالي. جافري طرز سان آڪڙيون. PI.XXII, 30

Lh.104 اندرئين پاسي چٽيل ڦيلهيءَ جو ٽڪرو، بوسڪي رنگ جي ڌاءَ تي ٻه پورا پٽا. پرسان ڪاريون اٽيون. ٻنهي پٽن جي وچ تي جافري منجهه سان ڪاري

رنگ جا ۾ نوڪا خانا. ڦيلهيءَ جي ٻاهرئين پاسي سنهڙيون ڪاريون ليڪون.
Pl.XXII,16

Lh. 119 چٽيل ٿالهيءَ جو ٺڪر. اندرئين پاسي چٽسالي. وچ تي ٻوٽي جي طرز. ڪناري سان ڪرڪيون. ڳاڙهي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ٿالهيءَ جي ٻاهرئين پاسي سنهڙين ليڪن جا نشان. Pl.XXII, 3

Lh. 118 چٽيل ٺڪر. گلتي پاسن ۾ ڪيڙ ٻيلهہ جافري طرز سان چوراس. ٽپڪن سان ٺاهيل چِلا. چهنب جيان وڏاءُ. پاسن تي لمر تي لهڪيون يا ماڪوڙا. پوئين قسم جو چٽ پکين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ چٽيو ويو آهي. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهي يا پوري پٽي جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڳاڙهي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي.
Pl.XXII, 6

Lh. 121 چٽيل ٺڪر. ٿانو جي پاسي وٽ پٽي ۾ چدن جي قطار. ٻوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. Pl.XXII,17

Lh.145 چٽيل ڦيلهيءَ جو ٺڪر. ميٽائين رنگ ۾ پوري پٽي جا نشان.
Pl.XXII,9

Lh.151 چٽيل ٿانو. آڪڙين ۾ چدن جا نشان. ٻن آڪڙين جي وچ تي گهرين ۾ ليٽيل طرز ۾ ٻڙيءَ جو نمونو. هلڪو گلابي ليڙ ڪارو چٽ. ڳچيءَ تي پورن يا ڳاڙهن پٽن جا اهڃاڻ. Pl.XXII, 15

Lh.178 چٽيل ٺڪر. ٻري طرز جي جافريءَ سان پپر جو پن. ٻوسڪي رنگ جو ڏاءُ ۾ ميٽائين رنگ جو چٽ. Pl.XXII,32 . هن ٿانو جي چٽسالي نال جي ٿانو جي چٽساليءَ سان گهڻو ملي ٿي. Cf.Mem.A.S.I.No:35
Pl.XXI,4

Lh.191 ڦيلهيءَ جو چٽيل ٺڪر. چٽسالي اندرئين پاسي ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪارن ليڪن جي وچ ۾ ڳاڙهو پٽو. وچ تي ڪاري رنگ ۾ ٻوٽي جو چٽ.
Pl.XXII, 23, Cf. Lh.119

Lh. 211 چٽيل ٺڪر. ڪاٽ جيان ڪرڪيون. ڪيڙ ٻيلهہ جافري منجهہ سان

چوراس. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. اوچائي ٢,٢ انچ. Pl.XXII, 8

Lh.226 چٽيل ٺڪر. گهرين ۾ چڊا. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ ۾ چٽسالي. Pl.XXII,7

Lh.1 ٺڪر جو ٿانو. سوڙهي ٻوٽ سان. اپاٽو پيٽ. لوٽيرو ترو. اهو ڪڏهن چٽيل هوندو. پاسن وٽ ڪڙي جا نشان موجود آهن. پر ڪڙو هاٿي گم اٿس. اوچائي ٢,٥ انچ. هي ٿانو، Lh.90 ۽ Lh.92 سان ميل ڪائي ٿو. جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي.Pl.XXXVI, 38

Lh.198 ٺڪر جو ٿانو. هيٺيون پاسو لوٽيرو ۽ ترو وينوڙو. اوچائي ٢,٣ انچ. ٿانو جو رنگ ڪٽو. Pl.XXXVI, 39

Lh.223 ٺڪر جو ٿانو. هيٺيون پاسو لوٽيرو . ترو وينوڙو. اوچائي ١,٦ انچ. رنگ ڪٽو.Pl.XXXVI, 32

نوٽ:- ٺڪر جو ٿانو Lh.223 ، جيڪو کاهي -٢ مان لڌو ويو، خبر ڪانہ ٿي پوي تہ پهرئين يا ٻئي تهہ سان تعلق رکي ٿو. پر هيءُ Lh.98 سان هڪ جهڙائي رکي ٿو، جيڪو اسان پوئين تهہ مان لڌو، ظاهر ۾ ائين لڳي ٿو تہ ان ٿانو کي بہ پوئين تهہ سان منسوب ڪرڻ گهرجي. ٿانو Lh. 1 کاهي -١ مان لڌو ويو هو.پر جيئن تہ هيءُ ٿانو Lh.92 ۽ Lh.90 سان هڪجهڙائي رکي ٿو، تنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهو ٿانءُ بہ پوئين تهہ سان تعلق رکي ٿو.

Lh.227 ٺڪر جو ڪپو. اوچائي ١,٥ انچ. Pl.XXXVI, 15

Lh.189, 208 ٺڪر جو گلدان. ڳچيءَ تي چگهہ نڪتل.

Lh.152 گلدان جا بہ ٺڪر. ڳچيءَ وٽ چگهن جو نشان Pl.XXXI, 1 (Lh.152)

Lh.212 گلدان جو ٽڪرو. ڳچيءَ تي چگهن جون پنج قطارون.,Pl.XXII, 35

Lh.213 گلدان جو ٽڪرو. ڳچيءَ تي چگهن جون بہ قطارون.,Pl.XXII,

جي مٿاڇري مٿان )، Lh.13 (٥, ٤ فوٽ جي مٿاڇري مٿان )، Lh.49-62 (٣ کان ٣,٣٢ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.63-83 ( ١ کان ٢,٥٨ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh. 84-89 ( ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ٩,٧ فوٽ مٿان )، Lh 90-108 (٧,٥ کان ٩,٥ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.109-115 (اڌ فوٽ کان ١ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.116 (٤,٢٩ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.117-126 (٦,٥ کان ٧,٨ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.127-149 (ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ٢ فوٽ هيٺ ۽ ٢,٩ زمين جي مٿاڇري کان مٿان)، Lh.150-158 (٥,٢ کان ٦,٩ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.159-176 (٥, کان ١,٦ فوٽ، ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.178-179 ( ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ٢,٧ فوٽ هيٺان )، Lh.180-188 (١,٢ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.189 (ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ٥ فوٽ مٿان )، Lh.190-194 ٥ کان ٧ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.195-197 ( ٢,٨ کان ٣,٧ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.198 ( ٥,٦ فوٽ ڌرتي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.199-200 (٣ کان ٣,٧ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )،Lh.201-207 (٩, کان ١,٥ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان هيٺ )، Lh.209-216 (٦,٢٥ کان ٧ فوٽ زمين جي مٿاڇري کان مٿان)، Lh.217 (٧٤, فوٽ زمين جي مٿاڇري کان هيٺان )، Lh. 218, 222, 224-227, 229 ( ٤ کان ٥,٤٦ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان)، Lh.223 (٣,٣ فوٽ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان مٿان )، Lh.228 (٣,٦٦ فوٽ زمين جي مٿاڇري کان مٿان).

●

# باب پنجون

## منڇر ڍنڍ جو اوسو پاسو

### ڀڳو ٺوڙهو ۽ لڪي تيرٿ

نومبر جي پڇاڙيءَ ڌاري، جڏهن لوهم دڙي وارو ڪم پورو ٿيڻ تي هو، تہ اسان وڏيڪ کوجنا جو ٺام ٺاهيو. اهو ڪو سولو ڪم ڪونہ هو. تعلقي جوهي ۽ سيوهڻ مان دڙن متعلق اطلاع ڪونہ مليا هئا. تعلقي خيرپور ناٿن شاہ ۾ دڙن متعلق اطلاع ڪي خاطرخواہ ڪونہ هئا. اڳينءَ موسم ۾ آمريءَ جي کوٽائي ڪئي هئي سين. اهو سمجهڻ بہ مشڪل هو تہ آمري ۽ لوهم جي وچ تي، اتر يا اولهہ طرف، تاريخ کان اڳ واري ڪنهن ماڻ جي موجودگي هجي. آمريءَ وٽ دفن ٿيل ثقافت ظاهر ٿي چڪي هئي، جنهن جي گهٽي ويجهڙائي بلوچستان سان هئي. ڇا سنڌوءَ جي ڪناري سان هن ثقافت جي پنهنجي حيثيت ۾ فقط اڪيلي موجودگي هئي؟ هن خيال متعلق منهنجي سوچ مسٽر ڪوگن برائون جي "Catalogue of Prehistoric Antiquities in the Indian Museum" جي صفحي ١٠ ڏانهن وئي، جنهن ۾ اهو بيان موجود هو تہ ڪراچي ضلعي جي ڀڳي ٺوڙهي مان ٺامي جو ڪپ مليو، جيڪو هاڻي گم آهي. ڀڳو ٺوڙهو [1]. لڪيءَ جي ٽڪرائتي علائقي جي هڪ ڀاڱي جو نالو آهي. جيڪو سيوهڻ کان ڏکڻ طرف لڪيءَ تيرٿ تائين درياہ جي ڪناري سان هلندو وڃي ٿو. ٺامي جي ڪپ جو رڪارڊ ڀڳي ٺوڙهي يا ان جي آس پاس ٺامي جي دور سان لاڳاپيل ڪنهن ماڻ جي موجودگيءَ جي نشان ڏهي ڪري ٿو. آر. ڊي. بئنرجي جي اڻ ڇپيل ماڻن بابت وچور مطابق تيرٿ لڪي ۽ ڪاڇي واري علائقي

1. The word 'Bhago-toro' means in Sindhi 'the broken hill', an appellation it came to possess when this section of the Range was partly blasted for the passage of railway line along the hill side.

۾ تاريخ کان اڳ واري دور جا ماڳ چاٿايل آهن. شايد هن ڪوگن برائون جي بيان کي پنهنجي اندازي جو بنياد بڻايو آهي. لکيءَ تيرٿ وٽ، جتي گندرف جا چشما موجود آهن ۽ هندن جي مذهبي جڳهہ آهي، اتي کوجنا ڪئي وئي، پر سڦل ثابت نہ ٿي. پکي ٺوڙهي ۽ لکيءَ تيرٿ جي وچ واري علائقي مان بہ ڪجهہ ڪونہ مليو. پکي ٺوڙهي ريلوي اسٽيشن جي پرسان ٽڪرين جي ڪجهہ سان سنڌوءَ جي اٿل جو پاڻي هر سال اچي ٽڪرائبو آهي ۽ درياهي لٽ جي ڪري فصل تمام پلا ٿيندا آهن. پر هن علائقي جي زمين انساني آباديءَ لائق نہ آهي. تنهن هوندي بہ اسان درياه جي ڪناري سان تاريخ کان اڳ واري انساني آباديءَ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان جا امڪان ڏاڍا گهٽ هئا. اسان پکي ٺوڙهي جي هڪ اتاهين ٽڪر جي چوٽيءَ تي چڙهي هڪ ڪليل وسيع ميدان ۾ مشاهدو ڪيو، جنهن ۾ منڇر ڍنڍ بہ شامل هئي ۽ ان کان دور کيرٿر جو جابلو علائقو هو، جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد آهي. هن مان اسان کي اهو معلوم ٿيو، تہ آمريءَ کان وٺي لوهم جي دڙي تائين سنڌوءَ جي ڪناري سان ڪوبہ تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ثقافتي ماڳ موجود نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ درياهي ٻوڏ ڪري انساني آباديءَ جي موجودگيءَ جو امڪان ڪونہ هو. پر منڇر جي اولهہ طرف تاريخ کان اڳ واري ثقافتي ماڳ جي موجودگيءَ جو امڪان هو. ڇاڪاڻ تہ ان علائقي تائين سنڌوءَ جو ٻوڏ وارو پاڻي پهچي ڪونہ سگهندو هو. ضلعي جي روينيو آفيسر هن ڍنڍ جي پرپاسي ۾ ڪن دڙن جي موجودگيءَ جو اطلاع ڏنو هو ۽ اهڙي قسم جو اطلاع شايد بئنرجيءَ کي پهتو هوندو. ان جي ڏنل وچور ۾ منڇر ڍنڍ بہ شامل هئي ۽ ان جي ڪنارن جي پرپاسن ۾ تاريخ کان اڳ واري دور جا حوالا ڏئي ٿو. پر هو انهن دڙن جا نالا ۽ علائقي جو نالو ڪونہ ٿو ڏئي. تعلقي جوهيءَ ۽ تعلقي سيوهڻ مان معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي سين، ڇاڪاڻ تہ هيءَ ڍنڍ پنهي تعلقن ۾ اچي وڃي ٿي، پر اتان بہ اسان کي ڪوبہ اطلاع ڪونہ مليو. تنهن ڪري اهو ضروري ٿي پيو تہ پاڻ وڃي منڇر ڍنڍ جي اوسي پاسي جي تپاس ڪجي. لوهم جي دڙي جي کوجنا کان پوءِ ۴

ڊسمبر تي، لڏو پٽي وچي دادوءَ نڪتا سون. اتي ڇهن ڏينهن جي ڊاهپي کان پوءِ بوبڪ آيا سين، جيڪو منڇر جي کوجنا جي ڪم ڪرڻ لاءِ سهوليت وارو آستان هو. تعلقي سيوهڻ جي شهر بوبڪ وٽ واندي قائم ڪئي وئي. هي شهر ننڍڙو پر ڏاڍو خوبصورت آهي ۽ ريلوي اسٽيشن بوبڪ روڊ کان ٽن ميلن جي پنڌ تي، منڇر ڍنڍ مان نڪرندڙ هڪ واهه جي اتاهين ڪناري تي آباد آهي. واهه جي هڪ شاخ سندس چوڌاري گهيرو ڪندي گذرندي آهي. (Pl.XII, a). منڇر ڍنڍ ڏانهن وڃڻ لاءِ هتي ٻيڙيون ملي ويندي يون آهن، جي هتان جي ٻرپاسي وارن مهاڻن جون آهن، جيڪي منڇر ۾ مڇي مارڻ جو ڌنڌو ڪندا آهن. هتان جي مڇي سڄيءَ سنڌ [1] ۾ مشهور آهي. ڏهاڙي اچ وڃ لاءِ اسان هڪ ٻيڙي ياڙي ڪئي. هن شرط سان تہ اسان کي صبح جو سويل منڇر ڪٺي ويندي ۽ شام جو موٽائي واندي پهچائيندي ۽ اها آمدورفت گهٽا ڏينهن جاري رهندي. چاڪاڻ تہ ڍنڍ پرسان اسان کي مختلف ماڳن ڏسڻ لاءِ ان جي چوڌاري چڪر لاٽو هو.

## منڇر ڍنڍ

٨ ڊسمبر تي صبح جو اسان سفر جو سانباهو ڪيو. ڪلاڪ سوا جي ٻيڙيءَ هاڪارڻ کان پوءِ منڇر ڍنڍ تي پهتاسون. چوڌاري اٿاهہ پاڻي نظر پئي آيو. اتر، اوڀر ۽ اولهہ پاسي کان ڪيرٿر جون ٽڪريون هيون، وچ تي پکڙيل پاڻي جڻ افق تائين ڏسڻ ۾ پئي آيو. منڇر جي وشال پاڻيءَ تي ڪاٽي ڪاٽي ٻيڙيون ٽپڪن جيان ڏسڻ ۾ ٿي آيون، جيڪي بيشمار سفيد ننڍڙن ذرن جي شڪل ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرنديون نظر ٿي آيون ۽ هيءَ ڍنڍ اڻ ڳڻ پاڻيءَ جي پکين سان ڀري پئي هئي. اهو نظارو ڏاڍو دل لڀائيندڙ هو. ڍنڍ جي پکيڙ ٨ کان ١٠ ميل لام ۾ ۽ ايتراڻي ميل منڊي ۾ آهي. پر چاڙهہ جي رت ۾ اها تمام وڏيءَ ايراضيءَ تي پکڙجي ويندي آهي ۽ اتر طرف کان الهندي ناري رستي ۽ اوپر کان

1. This *Ain-i-Akbari* says, "Near Sehwan is a large lake, two days' journey in length, called *Manchur*, in which artificial islands have been made by fishermen who dwell on them." (Jarrett, Vol. II, p.338). Practically the same account has been given also in the *Khulasat-ut-Tawarikh* (J.N. Sarkar, *India of Aurangzib*, p.70).

اڙل ذريعي سنڌوءَ سان سڌو سنئون ڳنڍجي ويندي آهي. ان کان سواءِ جيئن ته کيرٿر جبل جي ڪڇ ۾ آهي، تنهن ڪري بلوچستان جي مينهن جي پاڻيءَ جو ڳپل حصو نين ذريعي هن ڍنڍ ڏانهن وهي ايندو آهي.

## جوهيءَ کان سيوهڻ ڏانهن ويندڙ رستو

هن ڍنڍ جي اوالهين ڪناري سان سيوهڻ کي جوهيءَ سان ڳنڍيندڙ رستو آهي، جيڪو اتر طرف ڏانهن وڌندو سنڌ جي اترئينءَ سرحد ڏانهن وڃي ٿو. سيوهڻ وٽ پهچڻ کان اڳ ۾ ڪوهستان کان ڪراچيءَ ويندڙ پراڻي قافلي واري رستي سان وڃي ملي ٿو. هيءُ رستو فقط ائن جي سفر لاءِ آهي، تنهن بابت مسٽر مئسن جي حوالن ۾ ذڪر[1] ملي ٿو، جو ته هن رستي سان هن پاڻ به سفر ڪيو هو. بمبئيءَ جي سرڪاري رڪارڊ[2] ۾ اهڙو ذڪر موجود آهي. مسٽر مئسن هڪ ٻئاڻ سان گڏجي قلات کان ٿيندو مولاڪ کان سنڌ پهتو هو.هيءُ صاحب چانڊين جي جاگير غيبي ديري مان به گذريو. جيڪا لاڙڪاڻي ضلعي جي اتر-اولهه طرف آهي ۽ ائن جي قافلي وارو رستو وئي ڦلجي، جوهي، چيني، ترني ۽ جهانگارن پرسان ڪوٽ بلوچ کان ٿيندو ڪراچيءَ ويندڙ رستي ۾ اچي پيو. ترني، ڪوٽ بلوچ ۽ جهانگار، منڇر ڍنڍ جي ڀرپاسي ۾ آهن ۽ ترني جي اولهه پاسي شاه حسن جو اهم ڳوٺ آباد آهي.

## لال چتو

هن علائقي ۾ اسان ڀهريون ترهيني يا تريني کي ڏسڻ ويا سون. اتي اسان کي هڪ ڏنار ٻڌايو ته ڳوٺ کان ميل سوا جي پنڌ تي هڪ پير لال چتي جي نالي سان دڙا آهن. ان زماني ۾ دڙي جي چوڌاري منڇر ڍنڍ جو پاڻي بيٺو هو ۽ ٻيڙيءَ کان سواءِ اتي پهچڻ ممڪن نه هو. اهڙي قسم جي اطلاع تي يقين ڪرڻ به ڏکيو هو. پري لال چتي جا ماڳ چڻ ته ٻيلاٽي پئي نظر آيا. (Pl.VI,

1. *Narratives of Various Journeys in Balochistan, Afghanistan and the Punjab* (London, 1842), Vol.II, pp.129-158.
2. *Selections from the Records of the Bombay Government*, No.XVII, New Series, 1855, Part II, Appendix, 'Route from Kurachee' by Lt. Col. J. Holland.

a). انهن جي ظاهري شڪل صورت ڏيان ڏيڻ جوڳي ڪانهـ هئي. وڏ ۾ وڏ موجوده دور جي ڪا مهاڻن جي وستي هئي. اهڙي، جن جو ذڪر آئين اڪبريءَ ۾ موجود آهي. هتان جا ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن سبب ڪري لڏي پئي هنڌ وچي وستيون وسائيندا هئا. سنڌ ۾ پير پوڄا جو ڏاڍو گهڻو رواج آهي ۽ ان ڪي لوچي لهڻ واري هورا ڪورا هڪ لازمي امر هو. بوبڪ ڏانهن واپس وڃڻ لاءِ اتان ٿي گذرڻو هو، تنهن ڪري لال ڇتي ڪي وچي ڏوري ڏٺو سين. هن ننڍڙي سفر لاءِ اسان ڪي گهٽي تڪليف محسوس نہ ٿي. اسان ڪي ڏسڻو اهو هو تہ پير لال ڇتي جي وستي واقعي ڪنهن تاريخ ڪان اڳ واري دور سان متعلق آهي يا نہ؟ اسان ڪي هن پيٽاري نما دڙي جي اولهہ ـ ڏکڻ پاسي تان پاساڙا chert flakes ۽ سوراخدار ٿانون جون ٽڪريون مليون. دڙي جي چوٽيءَ تي پٿرن جو ڍير لڳو پيو هو، جن هيٺان پير پوريل هو. هن ڍنڍ جي وچ تي قديم وستيءَ جي موجودگي اچرج جهڙي ڳالهہ هئي. ۸ ڊسمبر تي پاڻيءَ جي متاڇري ڪان دڙي جي اوچائي ۸ فوٽن ڪان وڌيڪ ڪانہ هئي. اسان ڪڏون ڪوٽي دڙي جي ڪوجنا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هن دڙي جي کوٽائي ڪرڻ ڪان اڳ ۾ اسان هن دڙي جي ويجهڙائيءَ ۾ ڪنهن پئي دڙي جي موجودگيءَ جو پڇيو، جيڪو ڪنهن پير جي موجودگيءَ ڪري پاڪ سمجهيو ويندو هجي. اسان جي پيڙائت ناڪئي پير ماشاڪ (مشائخ ) Mashakh نالي، ڍنڍ جي وٽ سان هڪ پئي دڙي جو ڏس ڏنو. اسان ڪي وڌيڪ ٻڌايو ويو تہ پاڻيءَ ۾ ٻڏل يا ٻڏڻ جي قريب ”مڏي“ ۽ ”روهيڙا“ نالي ٻہ پراڻا دڙا بہ آهن.

## مشاخ[۱]

ٻئي ڏينهن صبح جو، شاه حسن ڪان اولهہ ـ ڏکڻ طرف ميل ڪن جي پنڌ تي پير مشاخ پهتا سون. پير لال ڇتي جيان پير مشاخ جي چوڌاري بہ پاڻي بيٺو هو. ان جي اوچائي بہ لال ڇتي جيتري هئي. (Pl.VI, b). پيڙيءَ وسيلي سڌو دڙي تي پهچي ڪونہ پئي سگهيا سون. ڇو تہ دڙي جي وٽ سان پاڻي

۱. هيءُ اصل ۾ مشائخ آهي، جيڪو بگڙجي عام طور مشاخ اچاريو وڃي ٿو. (مترجم ).

ٿانگهو هو. تنهن ڪري گپ ۾ پاڻيءَ مان جهاڳي وچي دڙي تي دنگ ڪيو سين. دڙي تي ٻوڙا ۽ ٻير جام هئا، جن اسان جي کوجنا کي وڏيڪ ڏکيو بنائي وڌو هو. پير لال ڇتي جيان هن دڙي جي چوٽيءَ تي به پير جي مزار هئي. دڙي جو سڄو متاڇرو گند گاهڻ سان ڇانيو پيو هو. ڪٿي ڪٿي دڙو به ظاهر هو، جتي ٺڪريون، روڙي ۽ مٽيءَ ۾ گڏيون پيون هيون. انهن جي وچان اسان خبرداريءَ سان جاچي ڏٺو تہ سوراخن واريون ٺڪريون مٽيءَ جي پڪل چوڙين جا ٽڪرا ۽ پاساڙا به مليا. انهن شين جا ڪيترا نمونا، عقيق جا مڻيا چونڊي ڪٺا ڪيا سون. اسان کي معلوم ٿيو تہ هتي ٽامي جي دور واري تاريخ جي اڳ واري عهد سان لاڳاپيل ثقافتي ماڳ موجود آهي.

## پير لال ڇتي جي کوجنا

۱۳ ڊسمبر تي اسان بوبڪ مان واند پٽي، ترهينيءَ آياسين ۽ ننڍڙي واه جي ڪناري سان اچي ڪيما کوڙياسون. اسان هڪ ٻيڙي ٻاڙي تي ڪئي. جيئن ضرورت مطابق دڙي ۽ واند جي وچ تي اوٺون موٽون ڪريون. واند هٽڻ ڪان پوءِ اسان ٻئي ڏينهن کوٽائي شروع ڪئي ۽ دڙي جي ڏکڻ پاسي ڪاهيءَ جي ڇيهہ پٽي. (Pl.XLV) پاڻيءَ جي متاڇري ڪان متان ۴۲ فوٽ ڊگهي ۽ ۱۰ فوٽ موڪري ڪاهي کوٽائي وئي. هڪ ڪان ڇهہ فوٽ هيٺ اونهائي تان پاساڙا ۽ ڇٽيل ٺڪريون مليون. هن گهرائيءَ مان اسان کي وڏيڪ ڪجهہ بہ هٿ ڪونہ آيو. اسان ۳۰ فوٽ ڊگهي ۽ ۱۰ فوٽ موڪري هڪ ٻي ڪاهي ڪنئين. جيتوڻيڪ اها پاڻيءَ جي متاڇري ڪان فقط ۴ ۱/۲ فوٽ متي هئي، پر اتان اسان کي گهڻو ڪجهہ مليو. هتي اسان کي اهڙي ٺڪر جي ٿانو جا ٽڪرا مليا، جن جهڙا اسان کي ڪٿان به ڪونہ مليا هئا. انهن سان گڏ پيل پاساڙا بہ هٿ آيا. اهي پاڻيءَ جي متاڇري واري سنوت تائين ملندا رهيا. جيئن تہ انهيءَ ڪان هيٺ پاڻي سمي ٻاهر نڪري ٿي آيو، ان ڪري لاچار کوٽائيءَ وارو ڪم ڇڏڻو پيو. ٻيون ٽي کڏون هٽايون سون. پر جيئن تہ اهي پاڻيءَ جي متاڇري ڪان فقط ٽي فوٽ متي هيون، تنهن ڪري وڏيڪ کوٽائي ڪانہ ٿي سگهي ۽ نہ وري اتان ڪجهہ هٿ آيو. انهن

مان اهڙيون ساڳيون شيون مليون، جيڪي ٻنهي ڪاهين مان ملي چڪيون هيون. پر موهن جهڙي ڳاڙهي ريهه تي ڪاري چٽسالي وارو نڪر هتان ماڳهين ڪونه مليو.

## نڪر جا ٺانو (Pl.XXIII)

لال ڇتي مان ڳاڙهي قسم جا ٺانو مليا، جن تي ٻن رنگن ۾ چٽسالي ٿيل آهي. کوٽائيءَ مان اسان کي ڪو سڄو سارو ٺانو ڪونه مليو، تنهن ڪري سندن شڪل ۽ صورت لاءِ ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. ٺانو، گهاڙ جي لحاظ کان سنهان آهن ۽ منجهن واريءَ جو استعمال گهٽ آهي. مٿاڇري جي چٽسالي، هلڪي ڳاڙهي يا هلڪي ڀوري ڏاءَ مٿان ڪاري رنگ ۾ ٿيل آهي. گهٽو ڪري ڳچين وٽ ڳاڙهسرا ڀورا پٽا ڪڍيل اٿن. ڪن قسمن جي ٺانون ۾ مٿين پاسي واري رنگ کي هيٺين پاسي به ورجايو ويو آهي. اهڙيءَ ريت، ٺانون جي اندرين پاسي ڪاري رنگ جي استعمال کي جاري رکيو ويو آهي. ٻوٽن ۽ گلن جي چٽ کي گهٽو استعمال ڪيو ويو آهي. ڪڏهن ته چٽساليءَ جي ڪاريگريءَ کي اهڙي فنڪارانه نموني پيش ڪيو ويو آهي، جو انهن کي سمجهڻ ئي ڏکيو ٿيو پوي. Tr.47 ۽ Tr.48 ٺانو اهڙي ڪاريگريءَ جو مثال آهن. چٽساليءَ ۾ هن قسم جو لاڙو موجود آهي، جو سڄي گل بدران اڌ گل جي چٽسالي کي پيش ڪيو ويو آهي. جيئن اسان Tr.53 ۽ Tr.104 ۾ ڏسون ٿا. Tr. 53 فطرت جي ڏيک جو بي مثال نمونو آهي. ان جو ٻيو مثال Tr.3 ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ٺانون تي ٻيا چٽ هن ريت آهن: گهرين ۾ چدا. اهي يا ته ڳاڙهي رنگ جا آهن، جيئن Tr.69 ۾ ڏسجي ٿو يا ڪاري رنگ ۾ ڏنل، جنهن جو مثال Tr.204 ۾ موجود آهي. ڪمري طرز به آهي. جنهن ۾ چوراسن اندر وريون ڏسجن ٿيون، جنهن جو مثال Tr.149 آهي. Tr.7 ۾ قلڙين تي گل جو چٽ. جافرين تي ٻه نوڪا خاڪا، Tr.13 . اوپڙ Floral جو چٽ ڪنول گل تان ورتل آهي. هن گل جي چٽ جي ڏاڍي گهٽائي آهي. منڇر ڍنڊ سرءُ جي رت ۾ هن قسم[1]

1. Westmacott writing in 1840 observed, "Lake Munchar presents a beautiful sight in the season when the lotus is in blossom; the plants occupy a circle of

جي گلن سان پرجي ويندي آهي. تنهن ڪري قديم زماني ۾ ان چٽساليءَ جو رواج رهيو. ڍنڍ جي رهاڪن واسطي هيءَ هڪ فطري ڳالهه به هئي تہ اهي ڪنول گل جي چٽسالي ڪن. ڇاڪاڻ تہ ان فطري سونهن سان سندن سيانپ ۽ ساڃهہ پراچين دور کان وٺي هئي. هن قسم جي چٽساليءَ کي سنڌ جي مرحلي وار ترقيءَ جي دورن ۾ ڪهڙيءَ جاءِ تي رکجي سا ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. گهاڙيٽي، ڪاريگريءَ ۽ چٽساليءَ جي نقطہ نگاهہ کان آمريءَ جي ٿانون کان هن جي پنهنجي نياري حيثيت آهي. پر ٻنهي ۾ ساڳين رنگن جي استعمال واري هڪجهڙائي ضرور آهي. هن جي ڪن ڳالهين ۾ لوهم ۽ جهڪر جي ٿانون سان هڪجهڙائي نظر اچي ٿي. لوهم، جهڪر ۽ لال ڇتي جي ٿانون ۾ رنگن پيچاڻ جي ڪاريگريءَ ۾ بہ اسان کي هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪيترا نمونا هڪجهڙا آهن. انهن جا مثال گهرين ۾ ڳاڙهن چدن Balls جي موجودگي آهي. آخر ۾ چٽيل ٿيلهي (ٿالهي) Tr.49 جو مثال ڏينداسون. جيڪا لوهم جي ملندڙ ٿيلهيءَ Lh.119 سان هڪجهڙائي رکي ٿي، يعني ٻنهي ۾ ڪنارن تي لهڪيون (لهريدار ليڪون ) آهن ۽ ٻاهرئين پاسي تي ميٽائين رنگ جو پٽو بہ بلڪل هڪجهڙو آهي. لوهم ۽ جهڪر جي پوئين دور جي ٿانون ۾ چٽسالي موجود نہ آهي. لال ڇتي مان چٽساليءَ جو ملڻ اتان جي ماحول ڪري آهي، جنهن جو مثال اسان اڳ ۾ ڏئي آيا آهيون.

## ٻي لاٽ (لٽل شيون)

لال ڇتي مان چٽيل ٺڪر جي ٿانون کان سواءِ دلچسپيءَ لائق هي شيون لڌيون: ڍڳهن پڙڪي ترن واريون وڏيون ٿيلهيون (Dishes on stand) ، مٽيءَ جي پڪل چوڙين جا ٽڪرا، مٽيءَ جون پڪل ٽڪنڊيون ٽڪيون. فيلسپار جا نلڪي نموني مڻيا جن جو رنگ سائو هو، عقيق جي ڍگهيرن مڻين جا ٽڪرا ۽

more than twenty miles, covering the surface of the water with a thick carpet of leaves and flowers far beyond the region of vision." *J.A.S.B.*, Vol. IX, 1840, p.1207.

بيشمار پاساڙا ۽ مڪريون. ڏاتوءَ جي ڪابه شيءِ هٿ ڪانه آئي.

## مشاخ (مشائخ) وٽ آزمائشي کڏون

٢١ ۽ ٢٢ ڊسمبر اسان شاه حسڻ ۾ ترسيا سين. وڪڙ ڪري روزانو ٻيڙيءَ ذريعي ڪمين سان گڏ نڪرندا هئاسين. ڪناري ڪان ڊڙو فقط ٽن سو گزن (والن) جي پنڌ تي هو، پر پاڻي گهٽو ٽانگهو هو تنهن ڪري ٻيڙيءَ کي سڌو دڙي تائين نيئي ڪونه پئي سگهيا سين. مشاخ (مشائخ) جي دڙي ۾ ٽي کاهيون کوٽايون ويون. ٻن جي ماپ ١٥ فوٽ لام ۽ ١٠ فوٽ منڊو هو ۽ هڪ ١٠ x ١٠ فوٽ هئي. انهن کوٽاين مان اسان کي هلڪيءَ ڇر سان ٺڪريون (Pl.XXIII, 36, 42, 45-47) مليون. اهي لال ڇتي جي دڙي مان لڌل ٺڪرين سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. جنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته ٻئي ماڳ هڪ ٻئي جا همعصر هئا. هتي اسان کي ٺڪرين سان گڏ پٿر جا پاساڙا به مليا. تنهن ڪري اسين پڪ سان چئي سگهون ٿا، ته هن نئين قسم جي هٿ آيل ٿانون جو تعلق تاريخ کان اڳ واري دور سان آهي.

## سنڌ سيپتا سان هڪجهڙائي رکندڙ ٿانو

ترهيني دڙي جي مٿاڇري تان، سوراخن وارن ٿانون کان سواءِ به ٽي اهڙيون شيون لڌيون ويون، جيڪي سنڌو سيپتا سان ميل کائين ٿيون. شاه حسڻ واري ماڳن تان اهڙيون شيون لڌيون، جن جو سنڌو سيپتا سان وڏيڪ تعلق هو. مثال طور جيئن لوٽيري ٽري واري گلدان جا ٽڪرا، سوراخن واري گلدان جا ٽڪرا، مجتا وارين ڊگهن پڙڪي ترن سان ڦيلهين جا ٽڪرا، جن تي ڪوڪي نموني جي ٻيج جا نشان آهن. مٽيءَ جا پڪل ٻاراٽين راند - گاڏين ناهڻ جا فريم. مٽيءَ جون پڪل ڏاند جون مورتيون. هتان يا ترهيني مان لڌل شين جي نقطه نظر سان جن جي پاڻ ۾ گهڻي مشابهت آهي، سي سنڌو سيپتا جي ڪنهن سلسلي سان لاڳاپيل سمجهيون وڃن. پر موهن جهڙي ڳاڙهي رنگ جي ڏاءُ تي ڪاري چٽسالي هتي ٻنهي ماڳن تي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته ترهيني جي ثقافت پراڻي دور جي پوئين عهد سان واسطو رکي ٿي. اهڙيءَ ريت

مشاخ جي دڙن واسطي بہ ائين سمجهڻ گهرجي. منڇر ڍنڍ جي ڀنهي ماڳن تان نڪر جي ٿانون متعلق مليل شاهدين يا لوهہ ۾ جهڪر مان مليل ٿانون جي نمونن مان اهو سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌ مان موهن واري ڳاڙهي رنگ تي ڪاري چٽسالي هوريان هوريان ختمہ ٿيندي وئي. ان کان پوءِ وري بہ ٻہ رنگي چٽساليءَ زور ورتو. پر ان جي ڪاريگريءَ ۾ وڌيڪ ڏانوَ ۽ مهارت هئي.

## شاه حسڻ تي مڇي ۽ بدڪون

هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ بوبڪ جيان شاه حسڻ بہ مڇيءَ جو دن آهي. هتي مڇي ڦاسائڻ جو هڪ نئين قسم جو نمونو ڏسڻ ۾ آيو.[١] ڍنڍ جي هڪ حصي ۾ لڪڙا کوڙي انهن ۾ چار ٻڌي ڇڏيندا آهن ۽ مڇيءَ جي گذرڻ واسطي هڪ پاسو کليو ڇڏيو ويندو آهي.(Pl.XXII, b) . پوءِ مهاڻا پيڙين ۾ چڙهي ڏاتوءَ جون ڪي شيون وجائي مڇي ڦاسائيندا آهن. شاه حسڻ وٽ بدڪن (آڙين ) جي شڪار لاءِ بہ ماڻهو ايندا آهن، جنهن شڪار واسطي منڇر ڍنڍ سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. ڍنڍ ۾ ڪتل لڪڙن سان هلڪڙي قسم جا ريشي چار (رڇ ) ٻڌي ڇڏيندا آهن. رات جو بدڪن جي ولرن ۾ باه جا امڙ اڇلائيندا آهن ۽ بدڪون هزارن جي تعداد ۾ اڏامي اچي چار ۾ ڦاسنديون آهن. مڇيءَ ڦاسائڻ جو "کيدا" طريقو سنڌ جي ٻين ڍنڍن ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. پر مونکي ان متعلق شخصي ڄاڻ ڪانہ آهي. برنس[٢] ڪٽي جي علائقي جي هيلايا پرسان ڪينجهر ڍنڍ ۾ بہ ساڳو طريقو ڏٺو هو.

## منڇر اندر ٻڌل ماڳ

شاه حسڻ واري وانڊ مان، اسان روهينڊو ۽ مَڏي ٻٽ بہ ڏسڻ ويا سين. روهينڊو، ترهيني واري ساڳي ڪناري سان ۽ پير ڏمڻ کان اڌ ميل کن اتر-اوڀر طرف تي، نقشي ۾ ڏيکاريل آهي. انهن ماڳن کي ڪجهہ تڪليف کان پوءِ ڳولي لڌوسون. ان جاءِ تي دڙن جو ڪوبہ نانءُ نشان ڪونہ هو. اهي ماڳ هر سال هن رت ۾ ڍنڍ جي پاڻيءَ هيٺ اچي ويندا آهن. انهن جو مٿاڇرو البت وڏي قتل گاه

1. Cf. *Gazetteer of the Province of Sind,* Vol. A, p.75.
2. *Cabool*, 1842, p.20.

مان سجاڻي ونبو آهي. ڍنڍ جي اتر-اوڀر پاسي مَڏي ٻٽ جي ماڳ تي پهتا سون. هيءَ دڙو به لال ڇتي ۽ مشاخ جيان هڪ ڦيلاتي آهي، پر پاڻي هيٺ آيل آهي. متس وٺن هجڻ ڪري ڪيس پري کان سڃاڻي ونبو آهي. هتي به پير جي قبر موجود آهي. ان جي ڀر پاسي ۾ ٺڪريون موجود هيون. پر انهن مان اسان کي اهو معلوم ٿي ڪونه سگهيو ته هيءَ ماڳ ڪو پراڻي تهذيبي دور سان تعلق رکي ٿو. مهاڻن کان پڇا ڪئي سون ته انهن ئي اسان کي لال ڇتي ۽ مشاخ جي دڙن متعلق ٻڌايو هو ۽ هو ڍنڍ جي هر ڀر پاسي کان چڱو خاصو واقف آهن، جن ٻڌايو ته مذڪوره ماڳ خشڪ موسم ۾ ظاهر ٿي پوندا آهن.

## دڙي جي بيهڪ

لال ڇتي جي دڙي ۾ ڪاهين جي کوٽائيءَ مان اسان کي معلوم ٿيو ته هيءَ ماڳ فقط مٽيءَ مان ٺهيل آهي ۽ سندس بنياد ڪنهن ٽڪريءَ تي نه آهي. اهو قياس لڳايو ويو ته هن وستيءَ کي هٿراڌو ٺاهيل دڙي تي واسيو ويو هو. ان جو سبب اهو هو ته جيئن پاڻيءَ جي ٻوڏ کان بچاءُ ڪري سگهجي. امڪان اهو آهي، ته جڏهن هي دڙا آباد هئا، ته ڪين ٻوڏ جو ڪو خطرو ڪونه هو. اسان کي خبر آهي ته درياه جو مکيه وهڪرو موجوده وهڪري کان اوڀر طرف کان هو ۽ سنڌ کي هڪ بدران ٻه درياه[1] آباد ڪندا هئا. اسان کي درياه جي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته سندس وهڪرو اوڀر کان اولهه صرف ڏانهن ۽ اوڀر کان اولهه طرف سرڪندو رهيو آهي ۽ اهو سلسلو صدين کان جاري رهيو. اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته ٿامي واري دور ۾ هن درياه جو اهو وهڪرو هو، جيڪو آرين جي حملي وقت هو. جيئن هاڻي هيءَ ڍنڍ سنڌو درياه مان سڌيءَ ريت پاڻي حاصل ڪري ٿي ، اڳي ائين ڪونه هو. درياه پري هجڻ ڪري منجهس پاڻي ٿورو هوندو هو ۽

---

١. سنڌ کي ٻي درياهه آباد ڪندا هئا. هڪ سنڌو، جيڪو بنهه اولاهيون درياهي وهڪرو آهي. ٻيو مهراڻ، جنهنجا پراڻا پيٽ تعلقي خيرپور، ڪوٽ ڏجي، ڪنڊياري تعلقي جي ڪوٽڙي هالاڻي، سنجهورو، شهدادپور ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ٽيون هاڪڙو درياهه هو، جنهن جون ڀرتي ڪندڙ نديون ستلج، بياس، سرسوتي، گهاگهرو، چتاگ وغيره هيون ۽ اهو سنڌ جو بنهه اوڀارون پاسو ڏئي وهندو هو. ( مترجم )

وسعت ۾ ٻه اڄ کان سوڙهي هوندي. سندس گهڻو دارومدار مينهن ۽ بلوچستان مان ايندڙ پاڻيءَ تي هوندو هو.

## ڍنڍ جا رهاڪو

ڍنڍ جي چوڌاري کوجنا ڪرڻ مان اسان کي اهو پتو پيو ته سنڌ سڀيتا جي پوئين دور ۾ ڍنڍ جا رهاڪو هتي رهندا هئا. سندن وسيتون هن ڍنڍ جي ڪنارن سان وسندڙ هيون. هن مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو، ته انهن ماڻهن جو ڪيتي ـ معاشري وارن ماڻهن سان ڪو سٻنڌ ڪونه هو. هن ڍنڍ جي اوسي پاسي رهندڙ ماڻهوءَ جو مجموعي طور گذر هن ڍنڍ جي مڇيءَ ۽ ٻئي شڪار تي هوندو هو ۽ انهن ماڻهن جي زندگي منڇر جي موجوده رهاڪن کان مختلف ڪانه هوندي. سندن مکيه ڌنڌو مڇي مارڻ آهي. جيترو ٿي سگهندو اٿن پاڻيءَ جي پرسان گذارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪي ته پنهنجي سڄي ڪٽنب سميت ٻيڙين ۾ گذاريندا آهن. ڪي وري ڍنڍ اندر مٽيءَ جي دڙي تي پيهون اڏي رهندا آهن. انهن ماڻهن جون رهائش گاهون ٺامي واري دور يا پوئين پٿر واري دور ۾ يورپ جي سئزرلينڊ جي ماڻهن جهڙيون آهن، جيڪي سوڙهن گهرن ۾ مچلن جي صورت ۾ رهندا هئا. مليل حقيقتن مان اهو اندازو لائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ته منڇر جا پراڻا رهاڪو ساڳئي قسم جي سوڙهن گهرن ۾ رهندا هئا. لال ڇتي ۽ مشاخ جي ماڳن تي کوٽايل کاهين مان اسان کي پڪيون سرون يا پٿر ڪونه مليو آهي، ۽ نه وري ڪو اهو پتو پيو آهي، ته ڍنڍ ۾ تعمير ٿيل گهر اهڙي سامان سان جوڙيل هوندا هئا. کوٽائيءَ ڪندي اسان کي لٽاشي زمين نظر آئي ۽ گهرو استعمال جي شين ۾ ٺڪر جا ٿانو وغيره ڏسڻ ۾ آيا. گهرن جي اڏاوت ٻه ڪنهن اهميت جوڳي ڪانه آهي، جيڪي مٽي ۽ ڪاٺ سان پاڻيءَ ۾ هٿراڌو جوڙيل دڙن جي مٿان اڏيا ويا هئا. تنهن ڪري لازمي طور اسان اهو سمجهون ٿا ته لال ڇتي ۽ مشاخ ۾ رهندڙ ماڻهو اڄ جي سوڙهين پيهين ۾ رهندڙ منڇر جي مهاڻن جا ابا ڏاڏا هئا ۽ سوڙهين پيهين جو نمونو ٻه تمام قديم آهي. اهڙي ئي قسم جون تاريخ کان اڳ واري دور سان رهڻ لاءِ سوڙهيون پيهيون خشڪ موسم جي حالتن

۾، يورپ مان ٻہ لڏيون آهن. جيڪڏهن منڇر ڍنڍ جي کوجنا خشڪ موسم ۾ ڪئي وڃي، تہ ڪيترا شيون، ڪا اهم شيءِ ملي ويندي. بدقسمتي اها هئي، جو جنهن وقت اسان سنڌ ۾ موجود هئا سون، تہ اهڙيءَ موسم ۾ کوجنا ڪرڻ جو موقعو ڪونہ مليو.

## لوهري

جنهن وقت اسان شاهہ حسڻ ۾ موجود هئاسون تہ اتي اسان کي هڪ ٻئي ماڳ جو پتو مليو. هيءَ ٿاڪ موجوده ماڳ کان ۴ ميل اتر طرف ڇني جوهي واري رستي جي پرسان هو. اسان جي پهچڻ وقت منڇر جو پاڻي انهن ماڳن کان ٻہ ميل ڪن پري هو. پر ٻوڏ جي رت ۾ لوهري پوريءَ ريت ٻڏي ويندي آهي. هن ماڳ تي لوهريءَ جو نالو مٿس موجود پٿر جي ڪري پيو. پر هتي لال ڇتي ۽ مشاخ جيان ڪنهن پير جي قبر ڪانہ آهي. دڙي مٿان پٿرن جي موجودگي اهو ڏيکاري ٿي تہ پر وارن دڙن جيان هتان جا اڳوٽا رهواسي ڏاڍا اورچ ۽ محنتي هئا. اسان کي ڪڏن ۽ کوهن مان ٺڪريون مليون. هن روايت جي صحت جو پتو تڏهن پيو، جڏهن انهن پٿرن جي اوير پاسي اسان هڪ زمين جي مٿاڇري کي تپاسي ڏٺو. زمين جو هيءَ ٽڪر پري کان ڪنهن دڙي جيان ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو ۽ پر واري فصلن هيٺ زمين کان فقط چار فوٽ مٿي هو. اتي اسان کي ڳاڙهيون ٺڪريون، مٽيءَ جون پڪل ٽڪنڊيون ٽڪيون ۽ پٿر جا پاساڙا چوڏس پکڙيل نظر آيا. جنهن مان اسان اهو اندازو لڳايو تہ هيءَ ماڳ ڪنهن قديم زماني جي وستي آهي. هڪ ٻي ڳالهہ ٻہ اسان جو ڌيان ڇڪايو. زمين جو اهو ٽڪرو همچورس ۽ چوڪنڊن خانن ۾ ورهايو پيو هو (Pl.IV.c) . جيڪي ظاهر ظهور ڪوٺين جا نشان هئا. پٿين جي مٿان ڪنهن اوپڙ جا نشان موجود ڪونہ هئا، پر پٿين جا اندريان پاسا ڳاهہ جي ساوڪ سان پريا پيا هئا. اهو ائين ٿي معلوم ٿيو، تہ جڻ ڪنهن هيٺ زمين تي ويهي گهرن جي تعمير جو نقشو جوڙيو هجي. دڙي جي تراڪڙي مٿاڇري مان ائين پئي معلوم ٿيو تہ مٿين اڏاوت ڪر تي ڇڪي هئي. انهن جا فقط پيڙهين وارا حصا وڃي بچيا هئا. اهو نتيجو

ڪنهن لڳاتار ٻوڏ جي ڪري ٿيو هوندو، جيڪا هر سال هن ايراضيءَ کي ٻوڙي ڇڏيندي آهي.

## ڪوٽائي (Pl.XLIV)

اسان ڪوٽائيءَ جي ارادي سان، ٢٢ ڊسمبر تي شاه حسڻ کان لوهريءَ پهتاسون. مذڪوره چوراسن ۾ چوڪنڊن جي ڀرپاسي ۾ کوٽائي شروع ڪرائي سون. کوٽائي ڏاڍي سخت هئي. ڇاڪاڻ ته زمين ڏاڍي پڪي ۽ روڙيءَ ڪري ڪکڙا ڪکڙا هئي. روڙيءَ جي موجودگيءَ ڪري زمين ڏاڍي سخت هئي. پر جيئن ئي نرم زمين آئي ته پٿر جي پيتين جا بنياد لڌا ۽ ڪيترن ئي ننڍن ڪمرن جا نشان ڳولي لڌا سون. (Pl.VI, d) اهو پٿر اتي جيان ڳري ختم تي چڪو هو. ٻن ڏينهن جي جتن کان پوءِ ان وستيءَ مان ٻن مختلف ۽ هڪ ٻئي جي مٿان تهن جا نشان ظاهر ڪري ورتا سين. آخر ۾ ٽيون تهه به ڳولي ورتو سين، جيڪو پاڻيءَ جي سطح جي سنوت برابر هو. کوٽائي هيٺ ايراضي 80 x 60 فوٽ هئي. پيتيون ڪچي (اڻ گهڙيل ) پٿر سان تعمير ٿيل هيون. پوئين دور واري وستيءَ جي تهه جا نشان ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان اڌ فوٽ کان هڪ فوٽ هيٺ مليا. جنهن مان مطلب اهو ٿي نڪتو ته سڄي اڏاوت پاڻي ڳهلي ويو هو. پيتين جي هنن ننڍن remains of walls جي هيٺان، گند گاهڻ ڪڍي هڪ فوٽ ڪن صفائي ڪئي سون، ته قديم دور سان لاڳاپيل پراڻي تهه تي اچي پهتا سين. هن تهه تي گهر جا بنياد تمام بهتر حالت ۾ لڌا. اسان کي معلوم ٿيو ته چار ڪمرا، به پاسن وارا ڪمرا ۽ آڏو ورانڊو مليو. ڪوبه ڪمرو 6 1/2 x 4 1/2 کان وڌيڪ ماپ جو ڪونه هو. اهو گهر جنهن ۾ ڪمرا موجود هئا، تنهنجي ماپ 30 x 26 فوٽ هئي. هن گهر جي چئن جاين تي اسان کي اصلوڪو فرش ڏسڻ ۾ آيو. گند گاهڻ ۽ مٽيءَ کي پري ڪرڻ کان پوءِ اسان وچين دور واري تهه تائين پهتاسون ۽ ان کان پوءِ ٿوري پنجهوءَ جي صفائي ڪري، ٽيون ۽ قديم دور وارو تهه لڌوسون، جيڪو زمين جي مٿاڇري کان ٧ فوٽ هيٺ هو. هيٺ سمي ايندڙ پاڻيءَ سبب، وڌيڪ کوٽائيءَ جو امڪان ڪونه هو. کوٽائيءَ واريءَ

جاءِ تي ٻن هنڌن جي کوٽائيءَ مان ٽي مختلف تهه نکري نروار ٿيا. ماڳ جي مٿاڇري تي 10 x 20 جي هڪ کاهي کٽائي سون، جيڪا ٽي فوٽ هيٺ اونهي هئي. ان جو ترو ٻئي دور جي تهه تي وچي ٿي بيٺو.

## ٺڪر جا ٿانو

ٺڪر جي ٿانون جي موجودگي ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ ملي. معلوم ٿيو ته اهي ٺڪريون اصلي طور چٽيل هيون، پر مٿن چڙ جو ڪو اهڃاڻ موجود ڪونه هو. چٽساليءَ جي ختم ٿي وڃڻ جي اها ثابتي ڪافي آهي ته سڄي سال جو ڪافي عرصو هيءَ ايراضي پاڻيءَ هيٺ هوندي آهي. جڏهن پاڻي سڪڻ شروع ٿيندو آهي، ته لوڻيات پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڪري چٽساليءَ هوريان هوريان ٿانون تان لهندي وئي. جيئن اسان هڪ فوٽ کان هيٺ کوٽائي ڪندا ويا سون ته چٽساليءَ سان وڌيڪ ٺڪريون لڀنديون ويون تان جو کوٽائي ڪندا جر جي پاڻيءَ جي سنوت، ٧ فوٽن تي رسيا سون. اها لاڏ اسان کي ٻئي ٿئي تهه تان ملي. ٺڪر جي ٿانو جو پورو ۽ هلڪو ڳاڙهو رنگ آهي. گهاڙ ۾ سنهو ۽ ٻه رنگي دور واري ٿانون سان لاڳاپيل آهي. (Pl.XXIV, 14-15, 18-34, pp. 73, 75). ٿانو جي مٿاڇري جي چٽساليءَ ۾ ڳاڙهسرا پورا ۽ ميٺاوان يا پورا رنگ استعمال ڪيل ٿا ڏسجن ۽ تر جو رنگ هلڪو پورو آهي. چٽ گهٽو ڪري اليڪي، ڪمري طرز جا ٽڪنڊا، جافريءَ جي منجهه سان چوکڙيون ۽ ڪرنگهيون يا ڪونج چٽ وغيره آهن. ڪي استعمال ٿيل رنگ ڦيٿهڙ آهن. ٺڪر ڪي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ سان رنگ لهي ٿي ويا. مجموعي طور تي هتان جو مٽيءَ جو ٿانو آمريءَ جي ٿانون سان هڪجهڙائي رکي ٿو. جيئن ته ٿانون جا سڀ نمونا ڪونه مليا، ان ڪري پڪ سان ڪجهه به چئي ڪونه ٿو سگهجي. لهنوارن ۽ اپن پاسن وارا ٿانو (Pl.XXXVIII-25) آمريءَ جيان هتي به گهٽائيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

## سنڌ سيپتا جي ٿانون جا تهه

اهميت جوڳي ڳالهه اها آهي، ته مٿئين تهه تان ڳاڙهي ٿانو تي ڪارو

چٽ، جيئن تہ سنڌ سڀيتا جو ٽانو آهي، سو ڪونہ مليو. پر اسان کي ياد رکڻ گھرجي تہ هي تهہ اٿل جي پاڻيءَ جي لڳاتار تباهہ ڪارين هيٺ رهيو آهي. تنهن ڪري مٽائڻ رنگ لهي ويو. پر ڪجهہ ٽانو پوئين دور جي تهہ مان مليا آهن، جن کي سنڌ سڀيتا جا ٽانو سڏي سگھجي ٿو. جھڙو ڏگھي ٻڙڳي تري سان ٿالهيون جن تي ٻيج جا نشان آهن، سوراخن وارا ٽانو، ٺڪر جون ٽڪنڊيون ٽڪيون. مٽيءَ جون پڪل پکين جي شڪل جھڙيون سيٽيون ۽ مٽيءَ جون پڪل ٻارن جون راند ڪاڏيون . پهريون ٽي شيون، ڏرتيءَ جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ مٿان لڌيون ۽ ٻيون زمين جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ لڌيون. ڌيان ۾ رکڻ جوڳي ڳالهہ اها آهي، تہ آمريءَ جي ٽانون وانگي هنن ٽانون تي اليڪي چٽسالي ڪانہ هئي اهي ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان فقط ٻہ فوٽ هيٺ لڌا. هر هڪ ٽانو جي مٿاڇري کي چڱيءَ ريت تپاسيو ويو، ۽ ڏٺو ويو تہ انهن جو تهہ ساڳيو آمريءَ جي ٽانون وارو هو. اسان کي اها ثابتي وري ٻہ ملي ٿي تہ آمريءَ جي ثقافت، موهن جي دڙي واري سڀيتا جي مرحلي کان اڳاٽي آهي.

## لڌل شيون

مٽيءَ جا پڪل ٻہ نوڪا مٽيا جن تي کوکي طرز جي اڪير آهي. مٽيءَ جون پڪل جانورن جون ٻہ مورتيون، جيڪي سڃاڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن، ٽامي مان جوڙيل ڳهہ جو ٽڪرو، شيشي جي چوڙيءَ جو ٽڪرو، پٿر جا پاساڙا ۽ مگريون انهن ڪمرن مان لڌيون (PP.75, 76) ڪن پاساڙن جي ڏاڍي ٽڪي ڌار هئي. ٻہ مگريون ڏاڍيون دلچسپ آهن. اهو معلوم ٿئي ٿو تہ چن جي پٿر کي ٽڪي حاصل ڪيون وينديون هيون. اهڙو پٿر جنهن مان پاساڙا ۽ مگريون ٺاهيون وينديون هيون، سو کيرٿر جي ٽڪرين ۾ موجود آهي. پٿر جي ٻي شيءِ "روهي" ملي آهي. ان ۾ پٿر جي وچ تي ٿورو گھبُ آهي. اها ننڍين شين کي ڪٽڻ (تيز ڪرڻ ) لاءِ استعمال ٿيندي هوندي ۽ حڪيم يا عطار جي ڪنهن دوا يا ستيءَ ڦڪيءَ ڪٽڻ جي ڪم ايندي هوندي.

## لاڪيو

لوهري جي وانڊ ۾ ترسي اسان هڪ ٻئي پير جي دڙي جي تپاس ڪئي. هي ماڳ پير لاڪئي جي نالي سان سڏبا آهن، جيڪي الهندي ناري کان اتر اوڀر طرف چئن ميلن جي پنڌ تي آهن. سندس هڪ طرف جوهيءَ ويندڙ رستو ۽ ٻئي طرف کان الهندو نارو آهي. هن ماڳ جي چوڌاري زرخيز زمينون موجود آهن، جيڪي درياه جي پاڻيءَ سان ڳڌ آيل لٽ سان پريل آهن. هاڻي موجوده دور ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي ٻوڏ هن ايراضيءَ لاءِ ڄڻ مستقل آزار ٿي پئي آهي. اسان جڏهن هنن ماڳن تي پهتا سون، ته لائيڊ بئراج جي منصوبي مطابق ٻوڏ جي پاڻيءَ تي ضابطي رکڻ لاءِ بند ٻڌجي رهيو هو. پير لاڪي جي ماڳ تي هڪ مسجد به هئي. اوسي پاسي واري زمين سنوت ۾ هئي ۽ ساون فصلن سان پري پئي هئي. لوهريءَ وانگي هي ماڳ به دڙو معلوم ڪونه ٿو ٿئي، تنهن هوندي به پوري ريت ظاهر ۽ چٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس مٿاڇرو مٽيءَ جي پڪل چوڙين جي ٽڪرن ۽ مٽيءَ جي پڪل ٽڪنڊن ٽڪين سان چٽڪمرو لڳو پيو هو، جنهن مان سندس دور جي قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ماٺهن مسجد جي پرسان پاڻيءَ واسطي کوهي کوٽي هئي، ان پنجهوءَ ۾ ٺڪريون جام ٿي ڏٺيون.

## آزمائشي کڏون

اصولي کوٽائيءَ واسطي وقت ڪونه هو. تنهن ڪري مسجد جي پاسي ۾ 10 x 15 فوٽن ۾ 10 x 10 فوٽن جون کڏون کوٽايون ويون. جنجي ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان اونهائي سراسري ٦ فوٽ ڪن هئي. کڏن جي مٿاڇري کان وٺي تري تائين سڄو تهه پنجهوءَ ٺڪرين سان پريو پيو هو. اسان ان تهه کي کوٽي پورو ڪري ڪونه سگهيا سون. ٻنهي کڏن مان ٺڪرن جو وڏو تعداد لڌو ويو. ماڳ تي ئي تپاس ڪرڻ مان پتو پيو ته انهن مان ٿوريون ٺڪريون چٽيل هيون. موهن جي دڙي جيان بنا ڪنهن چٽ جي ساديون ٺڪريون چٽيل ٺڪرين کان تمام گهٽيون هيون. هن طرح جون شيون جهڙوڪ، ڳاڙهي رنگ تي ڪاري چٽساليءَ وارو ٿانو، مٽيءَ جا پڪل روهڙا، مٽيءَ جي پڪل ماتا ديويءَ جي

مورتي، مٽيءَ جون پڪل ڏاند جون مورتيون، سوراخن وارا ٽانو، مٽيءَ جي پڪل چوڙين جا ٽڪرا، مٽيءَ جا پڪل ڊگهيرا مٽيا، پاراٽي راند ڳاڏي، پٿر جا مٽيا، جن مان ڪن جي چپٽري ته ڪن جي ٻي شڪل هئي، پٿر جو ڇهه پاسو وٽ ۽ پٿر جا پاساڙا لڏا (PP. 76,78) . ٺڪر جي ٽانو ۾ واري تمام گهٽي مليل هئي. اهي ٽانوَ گهاڙ ۾ ٺلها آهن. اتان لڌل ٺڪرين تي چٽساليءَ جي طرز جافريءَ جي منجهه سان گهرين ۾ رکيل پن آهي. (Pl.XXIII, 48) . سادين ٺڪرين جو تعداد تمام گهٽو آهي، جيڪي ڪيترن ئي قسم جي ٽانون سان تعلق رکن ٿيون. انهن مان هڪ لوٽيري تري وارو، پيو ڪلهن تي ونگين ليڪن وارو ٽانو هوبهو موهن جي ٽانون جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڌ پڪل، مٽيءَ جون ٽڪيون جن کي پاسن ۾ گول ڪڏا آهن، سي هوبهو چانهونءَ جي دڙي مان لڌل ٽڪين جهڙيون آهن ۽ علي مراد [1] مان ساڳئي نموني جون ٽڪيون لڌيون آهن، جن جو ذڪر مناسب جاءِ تي ايندو. هتان پٿر جا اوزار تمام ٿورا لڌا.

## موهن جي ثقافت جهڙيون شيون

پير لاکي مان لڌل شين جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، جيڪي موهن جي ساڳي قسم جي شين سان گهٽي مشابهت رکن ٿيون. رڳو قسم جي نقطہ نگاه کان نه، پر انفرادي نقطہ نگاه به منجهن هڪجهڙائي نظر پئي اچي. حقيقت ۾ اها هڪجهڙائي ايڏي ته چٽي آهي، جو ماٿهو پير لاکي جي ٽانون کي غلطي ڪري موهن جي ماڳ جا ٽانو سمجهي ويندو. هن ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي، ته هيءُ ماڳ سنڌ جي ثقافت جو مرڪز هو ۽ موهن جي ماڳ جو همعصر هو. هتان جا ماٿهو ماتا ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا، جنهن جي هن مٽيءَ مان ننڍڙي مورتي جوڙي هئي، سا بيٺل صورت ۾ آهي. مٿي ۾ اوچيءَ پوشاڪ پاتل، چيلهه ۾ پٽو ۽ ڳچيءَ ۾ هار اٿس.[2]

1. *Ante,* p. 42, Ch 463; cf. p.52, and below, p.108, Al 12.
2. Cf. *Mohenjo-daro*, Vol. III, Pl. XCIV, figs. 5, 14.

## جهانگار * پرسان دڙا

ترهنيءَ جي ڏکڻ طرف، جوهي ـ سيوهڻ جي قافلي واري رستي سان هڪ سڪيو ستابو جهانگار ڳوٺ، ان جاءِ تي آهي، جتان رستي جي هڪ شاخ ڪراچيءَ ڏانهن وڃي ٿي. ترهنيءَ ۾ هٽا سون جو اسان کي ڪنهن دڙي جو ڏس پتو مليو. (Pl.IX-a) جيڪو جهانگارن کان ٻن ميلن جي پنڌ تي ڏکڻ طرف هو. شاهه حسڻ وٽ ڪم اڪلائي اسان اوڏانهن روانا ٿيا سون. دڙو پير آري Pirari ڳوٺ جي بلڪل ويجهو، ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪناري تي آهي، ٻن پاسن کان آباد زمينون اٿس. ماڳ جو ڪو خاص نالو نه آهي. پر اتان جا ماڻهو ڪيس ڪوٽڙو ڪري سڏيندا آهن. دڙي جي اوچائي ١٧ فوٽ کن ٿيندي، جيڪو اتر کان ڏکڻ ڏانهن وڌيل آهي. سندس ايراضي اٽڪل روءِ 700 x 375 فوٽ ٿيندي. (Pl:XLV) . اهو پتو ڪونه ٿو پوي ته دڙي جو ڪيترو حصو سنوت ۾ اٿي آباديءَ هيٺ آندو ويو آهي. پراڻن ٺانون جون ٺڪريون آباد زمين تي پکڙيون پيون آهن. اها زمين شير محمد خان نالي هڪ زميندار جي آهي. هن زمين جي اباديءَ جو دارومدار جهرٽي جي پاٽيءَ تي آهي. دڙي کان چار ميل ڏکڻ طرف بڊي جبل جي ڪڇ ۾ پاٽيءَ جهڙو گرم جهرٽو آهي، جيڪو هڪ، ڪسيءَ ذريعي پير آريءَ ڏانهن آندو ويو آهي. هن پاٽيءَ ۾ مکيه وڏو ڪڙيو جنهن مان پاٽيءَ جي ڪسي ڪوٽي آندي وئي، تنهن کي پير آري واري واهي ڪري سڏيندا آهن. دڙن تي هنڌين ماڳين ڇن جي پٿر جي روڙي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پٿر جي پاساڙن جا ڇلر به عام جام آهن ۽ ڪٽي رنگ واريون ٺڪريون به چوڌاري پکڙيون پيون آهن. انهن مان ڪابه ٺڪري چٽيل نظر ڪانه آئي. سندن گهاڙ به آمري يا سنڌ سيپتا جي ٺانون کان ٻيو هو.

## ڪاهيون ۽ لڌل شيون

اسان به ڪاهيون ڪوٽايون. هڪ وڏي دڙي جي اتر پاسي کان ۽ ٻي ڏکڻ طرف ننڍڙن دڙن جي وٽ ۾. ٻنهي ڪاهين مان ڪاري رنگ ۽ ڪوڪيءَ اڪير

* هن وستيءَ کي جهانگارا سڏيو ويندو آهي.

سان سينگاريل ٿانو مليا. ائين نہ ٿو چئي سگهجي تہ چٽيل ٺڪريون ماڳهين ڪونہ مليون، پر انهن جي في سيڪڙو لاڳ تمام ٿوري هئي. ڪاري قسم جا هي ٿانو سنڌ [1] اندر پنهنجو مثال پاڻ آهن. هنن ٿانون کي مدراس صوبي جي بنگلور جي هُتانهالي Huttanhali مان لڌل ڪارن ۽ ڪوڪيءَ اڪير سان چمڪندڙ ٿانون سان پيٽائي سگهجي ٿو، جن کي تازو انڊين ميوزيم ڪلڪتہ پنهنجي قبضي ۾ ورتو آهي. جهانگار مان لڌل ڪارن ٿانون تي بہ ڪوڪي اڪير ٿيل آهي، جيڪي ورن ۾ چمڪندڙ آهن. (Pl.XXXI) . مٿن گول چلن جي قطار، ٽڪنڊا، چوڪڙيون ۽ ڪرڪيون ( لهنواريون ليڪون ) آهن ۽ اپيچيءَ (اپي چٽسالي ) سان پيگهڙ ۾ مانڊائيون [2] ۽ چوڪڙيون ۽ لهڪيون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. گهٽيون ٺڪريون بيڪر (چِلَ ) Beaker جهڙي ٿانو جون لڌيون. ٿنِ وارن ٿانون ۽ ڪنارن وارن ٿانون جا بہ ٺڪر هٿ آيا. هڪ ٿانو (Pl.XXXV-5) Jh. ٺڪرن جي صورت ۾ لڌو، جنهن کي بعد ۾ ڳنڍي تيار ڪيو ويو، اهو ڊينيوب سيپتا جي بيل بيڪر Bell Baeker ٿانو سان تمام گهٽي هڪجهڙائي رکي ٿو. ڏيان ۾ رکڻ جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ اهي ڊينيوب جا ٿانو رنگ جا ڪارا هئا، مٿن ڪوڪي طرز [3] جي اڪير ٿيل هوندي هئي. پيو ٿانو (Pl.XXXV, 10) Jh.54، اوچائي ١٦,٥ انچ اٿس، جنهن جي ڳچيءَ جي چوڌاري ڪوڪيءَ طرز ۾ گول دائرن جي اڪير ٿيل آهي ۽ هيٺان پٽي پٽي ۾ ڪرڪيون چٽيل آهن. انهن ٿانون جهڙا جن جي ڳچين تي ڪوڪيءَ اڪير ۾ چٽسالي ڪيل آهي، ضلع مدراس جي ٽينيولي Tinnevelly مان لڌا ويا آهن، جيڪي لوهہ جي پهرئين دور سان تعلق رکن ٿا. جيتري قدر پوئين ذڪر ڪيل ٿانون جو تعلق آهي، تہ اهي سنڌ سيپتا جي پوئين دور، جهڪر ۽ لوهہ جي ٿانون جا همعصر آهن. جهانگار دڙي مان چٽيل ٺڪريون تمام ٿوري انگ ۾ مليون آهن. ٿانو جو پنهنجو رنگ هلڪو

1. Some specimens of black pottery akin to this were also found by the side of Stupa at Mohenjo-daro, on the surface.
2. This pattern occurs on the incised pottery of Neolithic age in Europe__Dechelette, *Manuel d'Archaeologie Prehistorique,* Vol.I, p.558, fig. 207.
3. For a parallel *see* Childe, *The Danube in Prehistory,* fig. 24,c. I am indebted to Mr. Mackay for having drawn my attention to this resemblance.

ڳاڙهو آهي، هلڪي ڀوري يا هلڪي گلابي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي، (P.79) پر اها تمام ٿوري آهي. ذڪر ڪرڻ جي لائق چوڪڙين جي چٽساليءَ جو نمونو آهي ۽ ٻئي پٽي ۾ ماڪوڙن يا لهڪين جي چٽسالي آهي. اها لهڪين جي ورن واري چٽسالي ڪوڪيءَ اڪير وارن ٿانون ۾ به ملي ٿي. ٻي لاڏ ۾ (p.79) اسان ٿامي جي آر ۽ ٿامي جي چيٽي ڏسون ٿا، (Jh. 51, 52) ، انهن سان پٿر جا پاساڙا به لڌا، جيئن دڙي جي مٿاڇري مٿان ڦڏيءَ شڪل ۾ لڌا، تيئن دڙي جي هيٺان به ڏنگا ڦڏا لڌا. هن دڙي مان، مٽيءَ جون پڪل ٽڪيون، مٽيءَ جون پڪل جانورن جون مورتيون ۽ مٽيءَ جون پڪل چوڙيون هٿ ڪونه آيون. سنڌ ۾ سيني ڪوٽائي ٿيل دڙن جي پيٽ ۾ هتان لاڏ گهٽ ملي، پر تنهن هوندي به پاساڙن ۽ ٿامي جي ڏهيل شين ملڻ سبب اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته هن دڙي جي ثقافت ٿامي جي دور سان سهيوڳي آهي.

## هن ماڳ جي سيپتا جو دور

جهانگارن جي لاڏ تي مٿين چند ڇاڻ مان به اهم ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون. هڪ پٿر جي اوزارن جي گهاڙ ۾ اناڙپ، ٻيو ڏڪر جي ٿانو جي چٽساليءَ ۾ اڻ چاٽائي. جيتري قدر ڪاري ٿانو تي طرزن ۽ نمونن جو تعلق آهي، ته اهي سڀ ڪوڪيءَ اڪير واري چٽ ۾ آهن. جيڪو فن جي لحاظ کان سولو ۽ سستو طريقو آهي. اهڙي ڪوڪي اڪير تڏهن ڪئي ويندي آهي، جڏهن ٿانو آلو هوندو آهي، جنهن ۾ نه ايڏو هنر هوندو آهي ۽ نه وري وڏي محنت درڪار هوندي آهي. عراق (Mespotamia) جي تازين ڪوٽاين مان اهو معلوم ٿيو آهي، ته چٽيل ڏڪر جي ٿانو کان پوءِ تاريخ کان اڳ واري دور ۾ ڪوڪي اڪير واري ٿانو جو عهد آيو. هن مذڪوره حقيقت ۾ ڪنهن شبهي جي گنجائش ڪانه آهي. ڪش مان لڌل ٿانو به بنا چٽسالي جي سادا آهن. پر مٿن ڪوڪي اڪير ٿيل آهي. پر العبيد ۽ جمدت نصر Jamadat Naser مان لڌل ٿانون جي گهٽائي چٽساليءَ واري آهي، جيڪا قديم دور سان واسطو رکي ٿي. سنڌ سيپتا جي ٿانو جي تاريخ جو به ساڳيو سلسلو سمجهڻ گهرجي. جهانگار جي دڙي جي ثقافت ان

دور سان واسطو رکي ٿي. ٺڪر تي چٽ جي ڪاريگري ۽ پٿر جي اوزارن جي گهاڙ جي معيار ۾ ڪري چڪي هئي. ٺڪر جي چٽ جي هنر، ڪاري ٿانو جي ڪاريگريءَ ۽ کوڪي اڪير کي جاءِ ڏني. جهانگار ۽ ڊينيوب جي bell beak-er جهڙن هڪجهڙن ٿانون تي گهڻو بحث ڪونہ ٿو ڪجي. هن قسم جي ڪاريگري پنهي جاين تي پاڻ مرادو پيدا ٿي آهي يا نہ، تنهن لاءِ بہ ڪجهہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. پر ٿانو تي کوڪيءَ اڪير جي ڪرڪين جي طرز اسان کي هن حقيقت کان آگاه ڪري ٿي تہ هي دڙو ثقافت جي نقطہ نگاه کان جهڪر ۽ لوهم جي تمام ويجهو هو. گول دائرن وارو چٽ بهر صورت پوئين دور سان تعلق رکي ٿو. سنڌ ۾ ڪنارين وارن ٿانون جو دور آمري ۽ جهانگار جي پهرئين دور کان پوءِ جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هيءُ ٿانو جو نمونو جهانگار جي ثقافت منڇر جي اصلي رهاڪن يعني ترهيني ۽ شاه حسڻ جي ثقافتن جي سلسلي جي پوئين ڪڙي آهي.

## منڇر جي ماڳ تان لاڌ جي پنوتري

## لال چٽي جا ماڳ .Tr (ترهيني جي پرسان )

## چٽيل ٺڪريون Pl.XXIII, fig. 1-35

Tr. 106 ٺڪر جو گلدان. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ ۾ پٽو. گلن جي جوڙاري ڪاريون ليڪون. ڳاڙهي رنگ جي ريهہ slip تي ڳاڙهسري پوري رنگ جي پرائي. Fig. I

Tr. 1 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري رنگ جو پٽو. هڪ روايتي گل جو چٽ. وچ وارو حصو ڳاڙهسري پوري رنگ ۾ باقي ڳاڙهي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig. 12

Tr. 103 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري رنگ جو پٽو. ڳاڙهي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Fig. 17

Tr. 58 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. ڳاڙهي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري رنگ ۾ اوپڙ Floral جي چٽسالي. پنکڙين تي موهيڙا ۽ وچ ڏانهن

چٽيل ٿاڪ. Cf.Tr.103, fig. 9

Tr. 102 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. ٿاڪ جي حصي ۾ اوپڙ جو چٽ ڳاڙهي رنگ جي ڏاءَ مٿان ڪاري چٽسالي. fig. 4

Tr. 151 گلدان جو ٺڪر. روايتي گل جي چٽ جي ٻاهرئين پاسي ڦلڙيون. ڏاءُ هلڪو ڳاڙهو. Fig.24

Tr.46 گلدان جو ٺڪر. گل جي چٽ، ٻاهرئين پاسي ڦلڙيون جن کي پنکڙين جو ڏيک ڏنو ويو آهي. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. fig.22

Tr. 48 گلدان جو ٺڪر. گل جي چٽ، ٻاهرئين پاسي ڦلڙيون جن تي پنکڙين جو ڏيک. ٻيگهڙ ۾ ليڪن سان اڀيچي. شايد گاه ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڳاڙهسري پوري رنگ جو ڳچيءَ وٽ پٽو. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. fig. 31

Tr.53 گلدان جو ٺڪر. ميٽائين رنگ جي ريهه مٿان ڪاري رنگ ۾ اوپڙ جي چٽسالي. هيٺان ڳاڙهسرو پورو پٽو. Fig.7

Tr.203 گلدان جو ٺڪر. ڳاڙهي ڏاءَ مٿان گل جي چٽسالي. fig. 11

Tr. 66 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو، ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽساليءَ ۾ گل. Fig. 15

Tr. 104 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. ڦيٽي جيان گول گل جو چٽ. هيٺان وري ڳاڙهسرو پورو پٽو. ڳاڙهي ڏاءَ تي تيل چٽسالي. fig.10

Tr.111 گلدان جو ٺڪر. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ ۾ گل جي چٽسالي، ورين ۾ پنکڙين جو ڏيک. هيٺان وري ٻه ڳاڙهسرو پورو پٽو. fig. 2

Tr.3 گلدان جو ٺڪر. گل ( ڪنول ؟ ) چبري ( تڪنڊي ) گهريءَ ۾ ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. fig.8

Tr. 174 گلدان جو ٺڪر. ٻن پٽن ۾ ڦلڙين جون قطارون. هيٺ، ڦيٽي جيان وڏو روايتي گل ۽ ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. fig.3

Tr. 47 گلڏان جو ٺڪر. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاريءَ چٽساليءَ ۾ اڀيچي چٽ ۾

پوتو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري پٽي جا امجاڻ. Fig.18
Tr. 150 گلدان جو ٽڪرو. ڪاري رنگ ۾ گل جو وڏو چٽ ڦلڙين سان ٺهايل پنکڙيون: Fig.23
Tr.59 گلدان جو ٽڪر. ڳاڙهي ڌاءِ تي ڪاري رنگ ۾ ڪرڪيون. جيئن Tr.48 ۾ آهن. هيٺ، ڳاڙهسري پوري پٽي جا امجاڻ. fig.32
Tr. 105 گلدان جو ٽڪر. بوسڪي ڌاءِ تي ڪاري رنگ ۾ ٻري يا ڪرڪيون ۽ لينگهون جيئن Tr. 48 ۾ آهن. fig.33
Tr.172 گلدان جو ٽڪر. بوسڪي ڌاءِ تي ڪاري رنگ ۾ ٻري يا ڪرڪيون ۽ لينگهون. هيٺ ڳاڙهسري پوري پٽي جا امجاڻ. fig.34
Tr.55گلدان جو ٽڪر. گل جو چٽ. ڳاڙهي ڌاءِ تي ڪاري چٽسالي. Fig.13
Tr.116 گلدان جو ٽڪر. هلڪي ڳاڙهي ڌاءِ تي ڪاري رنگ ۾ گل جي طرز. مٿان ڳاڙهسري پوري رنگ جو پٽو. Fig.20
Tr.73 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ جو پٽو. هيٺ وڏي گل جي روايتي طرز. وچ تي ڳاڙهسري پوري رنگ جي ڌاءِ تي ڪاري رنگ ۾ چٽسالي. Fig.14
Tr.198 گلدان جو ٽڪر.ڳچيءَ وٽ اندرئين پاسي ڳاڙهسري پوري پٽي جا امجاڻ. هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ڌاءِ مٿان ڪاري رنگ ۾ گل جي چٽساليءَ جا امجاڻ. fig.16
Tr. 204 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ جو پٽو. هيٺ ونگن ۾ چڊن جا نشان بوسڪي رنگ جي ڌاءِ مٿان ڪاري چٽسالي. fig.5
Tr.69 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پٽو. هيٺ، ونگن ۾ ڳاڙهسرن پورن چڊن جا نشان. ڪاري چٽسالي. fig.5
Tr.149 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پٽو. هيٺ، ليڪيل چوراسن جي وچ تي ونگي. هلڪي رنگ جي ريهه مٿان ميٽائين چٽسالي. fig.29
Tr.113 گلدان جا ٽڪر. چٽسالي Tr. 149 جيان. fig.25

Tr. 7 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري ڀوري رنگ جو پٽو. هيٺ، ڳاڙهي ڏاءَ مٿان ڪاري رنگ ۾ ڦلڙين جون قطارون. fig.30

Tr. 177 گلدان جو ٽڪر. ٻہ نوڪيون جافريءَ سان شڪليون. بوسڪي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي.

Tr.134 گلدان جو ٽڪر. طرز Tr.177جهڙي. هلڪي ڳاڙهي رنگ جو ڏاءُ. ڳاڙهسري ڀوري پٽي جا اهڃاڻ. Fig.26

Tr. 50 گلدان جو ٽڪر. چٽسالي Tr.134 وانگي. بوسڪي رنگ جو ڏاءُ. ڳاڙهسري ڀوري پٽي جا اهڃاڻ، fig.21

Tr.68 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري ڀوري پٽي جا نشان. هيٺ گهرين ۾ جافريءَ گول چلا. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين چٽسالي. fig.19

Tr.109 گلدان جو ٽڪر. بوسڪي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽساليءَ ۾ گل جي طرز واري چٽسالي. fig.28

Tr.49 ٿالهيءَ جو ٽڪر. اٿيوري جهالر ڪري ڦڪو رنگ. ڪنارن وٽ ٽڪنڊن ۾ ماڪوڙا يا لهڪيون. ٻيج جي مختلف شڪلين ۾ لهڪيون. وچ ۾ چٽسالي. پنئين پاسي کان ميٽائين رنگ جو پٽو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.35

## متفرق شيون

Tr.222, 224 ڍڪهي تري سان ٿالهيءَ جا ٽڪر.

Tr.5, 154-156, 182 مٽيءَ جي پڪل چوڙين جا ٽڪرا.

Tr.217 مٽيءَ جي پڪل ٽڪنڊي ٽڪيءَ جا ٽڪرا.

Tr. 229 فيلسپار جو سائو مٽيو. شڪل نلڪيءَ جهڙي. ڊيگهہ ٥ , انچ Pl.XXXIII, 54

Tr.240 عقيق جي مٽئي جو ٽڪرو. نلڪيءَ جي شڪل جيان. ڊيگهہ ٦٥ , انچ. Pl.XXXIII,56

Tr.41 پٿر جو اوزار. مکري. ڊيگهه ۱,۷ انچ. Pl.XL, 23

Tr.232 پٿر جو اوزار. مکري. ڊيگهه ۱,۳ انچ. Pl.XL, 19

Tr.86 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهه ۲,۵ انچ. Pl.XL, 22

Tr.88 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهه ۱,٦ انچ. Pl.XL, 21

Tr.141 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهه ۱,۲ انچ. Pl.XL, 20

Tr.26 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهه ۱,۷ انچ.

Tr.95 پٿر جو اوزار. پاساڙو نوڪدار. ڊيگهه ۸, انچ.

## ۲. مشاخ دڙو Sh شاه حسن پرسان

چٽيل ٺڪريون (Pl.XXIII, fig. 36-42, 45-47)

Sh. 43 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ جي پٽي جا اهڃاڻ. ڳچيءَ جي اندرئين پاسي هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ڌاءَ مٿان وڏي گل جي طرز. *f*ig. 40

Sh.56 گلدان جو ٺڪر. اڀي ورن ۾ ٻه نوڪي جافرين جي منجهه سان چٽ. ڳاڙهي رنگ جي ليڪ ۾ ميٽائين رنگ جي پر سان اندرئين پاسي چٽسالي. *f*ig.45

Sh. 34 پگل پرچ جو ٽڪرو. اندرئين پاسي اپيچي طرز ۾ چٽسالي. هيٺئين پاسي ڳاڙهسرو پورو پٽو. *f*ig.37

Sh.5 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ روايتي قسم جو وڏو گل جيڪو چوطرف ڦري اچي ٿو ۽ ڳاڙهي رنگ جي ليڪ مٿان ڪاري رنگ ۾ ڪرڪيون. Fig.38

Sh.4 گلدان جو ٺڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پٽو. ڳاڙهي رنگ جي ليڪ تي ڪاري چٽساليءَ ۾ گل. ٽانو جو وڄ ٿلهو. *f*ig.41

Sh.57 گلدان جو ٽڪرو. ڳاڙهسري پوري پٽي سان. ٻاهرئين پاسي پنڪڙين ڏيکارڻ لاءِ ڦلڙين جا نشان. ڳاڙهي رنگ جي ليڪ تي ڪاري چٽسالي. *f*ig.36

Sh.41 گلدان جو ٽڪرو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ گهرين ۾

قلڙيون. ڳاڙهي رنگ جي ليڻ مٿان ڪاري چٽسالي Fig.47
Sh.33 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ ڳاڙهي ليڻ تي ڪاري رنگ ۾ گل جي چٽسالي. Fig.42
Sh.39 گلدان جو ٽڪر.ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان قطارن ۾ قلڙين جي چٽسالي. Fig.39
Sh.30 ٿالهيءَ جو ٽڪر. رنگ ڦڪو. اندرئين پاسي، ميٽائين رنگ جو پٽو ۽ لهڪيون. Fig.43

## سادا ٿانو ۽ ٻيون مٽيءَ جون پڪل شيون

Sh.46, 47 گلدان جو ٽڪر. لوٽيري تري سان.
Sh..2, 45, 61 سوراخدار گلدانن جا ٽڪرا. (Sh.2) (Pl.XXXIV, 17)
Sh.9 ڏگهي پڙڳي تري واري ٿالهيءَ جا ٽڪرا. ٿالهيءَ تي ٻيج جا نشان.
Sh.12-15, 50-53, 63-65 مٽيءَ جي پڪل چوڙين جا ٽڪرا.
Sh.11 مٽيءَ جي پڪل ٻاراڻي راند گاڏيءَ جا ٽڪرا.
Sh.16, 48 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتيءَ جا ٽڪرا جنهن جون اڳيون يا پويون ٽنگون الڳ نہ آهن.
Sh.17 ننڍو ٿانو. ڍڪ. گولائي ۱,۴ انچ.
Sh.49 مٽيءَ جو پڪل ڪينهون. گولائي ۱,۱ انچ.
Sh.18-28, 66-68, 55 مختلف ماپ جا پندرهن پٿر جا اوزار.
Sh.19 چوڪنڊو ڪپ. رنگ هلڪو ڪٿو. ڊيگهہ ۱,۳۵ انچ. Pl.XL, 26
Sh.68 پٿر جو اوزار. نوڪدار پاساڙو. رنگ پورو. ڊيگهہ ۱,۲ انچ.
Sh.54 سنک جي چوڙي.

## ۳. لوهريءَ جو ماڳ .Lr

### چٽيل ٺڪريون Pl.XXIV 14, 15, 18-34

Lr.226-227 گلدان جو ٺڪر. اوچائي ۵ انچ. چوڪنڊن جي ورجاءَ اندر چٽڪمري چٽسالي. پيگهڙ ۾ آڪڙيون ليٽڻ طرز تي. (جيئن اسان

Pl.XXXVIII-20 ۾ ڏسـون ٿـا ). پٽن ۾ پـريل ڳاڙهسـري پـوري رنگ جا اهڃاڻ ڏسجن ٿا. بوسـڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي ڪمري نـمبر ۸ مان لڌل. ٦ , ۲ فوٽ هيٺ. Fig.31

Lr.225 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ هيٺان ايڀي طرز جي چٽسالي جنهن کي ٽن پٽن کـان پوءِ وري ورجايو ويو آهي. هرهڪ پٽي ۾ ڇهرين جي قطار آهي. بوسـڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪمري نـمبر ۲ مان لڌو. ۲ , ۲ فوٽ هيٺ. Fig.28

Lr.161 گلدان جو ٽڪرو. ٿانو جو وڙ ٿلهو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو، هيٺ ٻہ ڇهريون، جيڪي ڪنهن خاص نقطي تي پاڻ ۾ ملن ٿيون ۽ ايڀي چٽسالي (ايپيچي ) کان پوءِ انهن جو ورجاءُ ٿئي ٿو.بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. (Lr.10 جيان ). ڪمرو ۳. ۲ فوٽ. Fig.22

Lr.10 گلدان جو ٽـڪـر. پاسن وٽ ٻہ ڇهريون خاص نقطي تي ملن ٿـيون، ٽن اڀن لينگهن کـان پوءِ ورجاءُ. بوسـڪي رنگ جي ڏاءَ مـٿـان مـيـٽـائين رنگ جي چٽسالي. ۲ فوٽ هيٺ. Fig.21

Lr. 218 گلدان جو ٽڪـرو. بوسـڪي رنگ جي ڏاءَ مـٿـان مـيـٽـائين رنگ ۾ ڪرنگهيون (ڪونجون ). ڪمرو ۸، ۲۵ ,۴ فوٽ هيٺ. *f*ig.23

Lr. 163 گلدان جو ٽڪرو. ٻري طرز تي جافرين جي منجهہ[1] سان چوڪڙين جي قطار. ڪمرو ۸. ۲ فوٽ هيٺ. *f*ig.25

Lr.128 گلدان جو ٽڪرو. ڪنهن ٻـ رنگ جو ڏاءُ نظر ڪونہ ٿـو اچي. ميٽائين رنگ ۾ ڪرنگهيون. ۲ کان ۳ فوٽ هيٺ. Lr.218 جيان.

Lr.123 گلدان جو ٽـڪـرو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسـري پـوري رنگ جي پـٽي جا اهڃاڻ. هيٺ ڇهريون ۽ ٻيگهـڙ تي ايـيون لينگهـون. (Lr.10 جيـان ). بوسـڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ۲ کان ۳ فوٽ هيٺ.

Lr. 39 گلدان جو ٽـڪـر. ڏاڍي خراب حـالت ۾. چٽسـالي چٽي نظر ڪانہ ٿي

1. It occurs at Kaudani._*Mem. A.S.I.*, No.37, Pl.X, K.11.

اچي. شايد چهرين سان پيگهڙ تي اپيون ليڪون آهن. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. (Lr.10 جيان ). ٢ فوٽ هيٺ. fig.32

Lr.134 گلدان جو ٽڪرو. خراب حالت ۾. ڳچيءَ وٽ هار وانگي چٽسالي. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري يا ميٽائين رنگ تي چٽسالي. ٢ کان ٣ فوٽ هيٺ.

Lr.135 گلدان جو ٽڪر. خراب حالت ۾. پاسي تي نانگ وڪڙ ليڪون. اِيي قطار ۾. ڏاءَ وارو رنگ لهي ويو آهي. پنج اپيون ليڪون ميٽائين رنگ ۾. ٢ کان ٣ فوٽ هيٺ.

Lr.126 گلدان جو ٽڪر. ٿانو ٿلهو. ڏگهي گهريءَ ۾ نانگ وڪڙ جو چٽ. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائون چٽسالي. ٢ کان ٣ فوٽ هيٺ. fig.29

Lr.153 گلدان جو ٽڪر. جافريءَ جي منجهه سان نوڪدار پن. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪمرو ٢. ١ فوٽ هيٺ. fig. 19.

Lr.124 گلدان جو ٽڪرو. حالت خراب. چٽسالي اڻ چٽي. گهٽو ڪري چهريءَ کان پوءِ اپيون ليڪون ڪرڪيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چر. ٢ کان ٣ فوٽ هيٺ. fig.30

Lr.127 گلدان جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ ٻه ليڪون، جي ٻين ليڪن سان ملي ٽڪنڊي اندر ٽڪنڊو جوڙين ٿيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ٢ کان ٣ فوٽ هيٺ. fig.24

Lr. 196 ٽڪر جو ننڍڙو ٿانو. پاسن وٽ قطارن ۾ لينگهون sigma. شايد نانگ وڪڙ ليڪن جي چٽسالي هجي. ڏاءُ ختم تي چڪو اٿس. چٽساليءَ جو رنگ ميٽائون. ڪمرو ـ ٨. هڪ فوٽ هيٺ. fig.26

Lr.138 گلدان جو ٽڪر. پوروچوٽ تي ورين curves جا چٽ، جيڪي ڳچيءَ وٽ نظر اچن ٿا. ٢ کان ٣ فوٽ هيٺ. fig. 14

Lr. 130 گلدان جو ٽڪر. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاريءَ چٽساليءَ ۾ گل جي طرز جو ياڳو. شاه حسن ۽ ترهينيءَ مان اهڙيون ٻه ٽڪريون لڌيون. ٢ کان ٣ فوٽ

ڪوڪيءَ طرز تي ڇٽ. اوچائي هڪ فوٽ هيٺ لڌو.

Lr.140 ڏکڻي پڙڳي ترڻ واري ٿالهيءَ جو ٽڪر. سج جي ڪرڻن جو ڪوڪي طرز تي ڇٽ هڪ فوٽ مٿان لڌو؛

Lr.142, 150 سوراخدار گلدانن جا ٽڪرا. هڪ فوٽ هيٺ لڌا.

Lr.194 ٽڪر. ننڍي قسم جو ڪپو. اوچائي ١،٩ انچ. Pl.XXXVI, 20

Lr.22 ٽڪر جي پيالي جو ڪڙو (؟) سوراخ نڪتل.

Lr.20 مٽيءَ جو پڪل مٽيو، ٻه نوڪو. چڪهه. گولائي ١ انچ. ١ کان ٢ فوٽ هيٺ لڌو.

Lr.113 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. ٻه نوڪو، مٿان چڪهه. گولائي ٢،١ انچ. ١ کان ٢ فوٽ هيٺ لڌو.

Lr.172 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. ٻه نوڪو، مٿان چڪهه. گولائي ١،١ انچ. ٢٦. فوٽ مٿان لڌو.

Lr.173 مٽيءَ جو پڪل مٽيو ٻه نوڪو، مٿان چڪهه گولائي ٢،١ انچ ڪمرو ٢. ٩۴، فوٽ هيٺ لڌو.

Lr.188 مٽيءَ جو پڪل مٽيو، ٻه نوڪو، مٿان چڪهه. گولائي ١،١ انچ. ڪمرو ٢. - ٦،١ فوٽ هيٺ لڌو.

Lr. 141 مٽيءَ جو پڪل ڊگهو مٽيو. ڊگهائي ٣،١ انچ. Pl.XXXIII, 81 هڪ فوٽ مٿان لڌو.

Lr. 19, 109, 139, 171 مٽيءَ جون پڪل ٽڪنديون ٽڪيون. ڊيگهه ٣ کان ۴ انچ. ١ فوٽ مٿان لڌيون.

Lr.18 مٽيءَ جي پڪل پکيءَ جي شڪل تي سيٽي. صورت ڏنگي ڦڏي. اوچائي ٢،٣ انچ. ١ کان ٢ فوٽ هيٺ لڌي. Pl.XXX-11

Lr.110 مٽيءَ جي پڪل راند گاڏي ١ کان ٢ فوٽ هيٺ لڌي.

Lr.111 مٽيءَ جي پڪل جانور جي مورتي. ڊيگهه ٧،٢ انچ. ١ کان ٢ فوٽ هيٺ لڌي.

Lr.112 مٽيءَ جي پکل جانور جي مورتي. ڊيگهہ ١,٩ انچ. ١ ڪان ٢ فوٽ هيٺ لڌي.

Lr. 193 شيشي جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ١,٨ انچ.

Lr.176 ٽامي جو ٽڪرو. ڪنهن ڳهہ جو ٽڪر. ڊيگهہ ٣, انچ.

Lr. 26 پٿر جو اوزار. مگري. ڊيگهہ ٢,٨ انچ. سائس پٿر چنبڙيل. ١ ڪان ٢ فوٽ هيٺ لڌو.

Lr.164 پٿر جو اوزار. مگري. ڊيگهہ ٢,٢٤ پٿر چنبڙيل ڪمرو ٣. ٢ فوٽ هيٺ لڌو. Pl.XL

Lr.27 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ٢,٨ انچ. ١ ڪان ٢ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr.67 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ١ ,٤ انچ. تيز ڌار سان. هڪ ڪان ۾ فوٽ هيٺ لڌو. Pl.XL.13

Lr. 68 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ٢ ,٢ انچ. تيز ڌار سان. - ١ ڪان ۾ فوٽ تان لڌل. Pl.XL, 14

Lr.69 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ٩ ,٢ انچ. ١ ڪان ۾ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr.72 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ٢ ,٢ انچ. ١ ڪان ۾ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr. 74 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ٢,٠٨ انچ. ١ ڪان ۾ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr.77 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ١,٧٥ انچ. ١ ڪان ۾ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr. 34 پٿر جو اوزار. نوڪدار پاساڙو. ڊيگهہ ١,٦ انچ. ١ ڪان ٢ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr.257 پٿر جو اوزار. نوڪدار پاساڙو. ڊيگهہ ٢,٦٤ انچ.ڪمرو ٣. ٨ فوٽ هيٺ لڌل.

Lr.165 پٿر جو اوزار, پاساڙو, نوڪدار. ڊيگهہ ٢ انچ. ڪمرو ١. ٧, فوٽ مٿان لڌل.

Lr.184 پٿر جو اوزار, پاساڙو, نوڪدار. ڊيگهہ ٢ انچ. ڪمرو٢. ٩, فوٽ هيٺ لڌل . Pl.XL. 12

Lr.209 پٿــر جو اوزار، پاســاڙو، نوڪدار. ڊيگهـــ ٢,۴ انچ. ڪمــرو ٢. ١,٧ فوٽ هيٺ لڌل .

Lr.66 پٿــر جو ڪـرل. وچ تي ســوڙهو. ڊيگهـــ ٩,٧ انچ. مــوڪر ۴,۴ انچ. اوچائي ٣ انچ. ١ کان ٢ فوٽ هيٺ لڌل. Pl.XIX,38

## ٤. پير لاکي وارا ماڳ .Lk

Lk.34 چٽيل ٺـڪر.. ٿلهـو ٺـانو. رنگ هلڪـو ڳاڙهو. مٿيءَ سـان گهـٽي واري ملايل. گهرين ۾ ٻري طرز جافريءَ جي منجهہ سـان پن. تيز ڳاڙهي ڏاءَ مٿان ڪاري چٽسالي. Pl.XXXIII, 48

Lk.52 چٽيل ٺـڪر.. ٿلهو ٺانو. رنگ هلڪو ڳاڙهو.ٺانو ۾ چمـڪندڙ واريءَ جا ذرا. ٻري طرز جافريءَ جي منجهہ سان گهرين ۾ پن. تيز ڳاڙهي ڏاءَ مٿان ڪاري چٽسالي. Pl.XXXIII, 44

Lk.37 چٽيل ٺـڪر. ٿلهـو ٺانو. رنگ هلڪو ڳاڙهو. مٿيءَ ۾ چمـڪندڙ واريءَ جا ذرا. تيز ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري رنگ ۾ اڀيون ليڪون. Pl.XXIII, 43

Lk.23 ٺـڪر جي ٿالهيءَ جا ٽڪرا. ڪنارين وٽ، ڳاڙهي ڏاءَ مٿان ڪاري رنگ سان پٽا. اندرئين پاسي تي ڪارو لهريدار پٽو. Pl.XXIII, 49

Lk.22 ٿـالهيءَ جو ٺــڪـر. ترو ڏمر ڏمر. اصل ۾ ١٠,٥ انچ. گـولائي ٢/١ ١ انچ.

Lk. 48 اپو گول ٺانو. مٿي ڳچيءَ وٽ سوراخ. اصلي ٺانو کي ٽنگڻ لاءِ ٻيو سوراخ هوندو. اوچائي ١,۴ انچ. Pl.XXXVI,18

Lk.19 ســـادي گلدان جو ٺـــڪـــر. نوڪدار ترو. اوچائي ٣,٣ انچ. Pl. XXXVI

Lk.20 سادي گلدان جو ٺڪر. نوڪدار ترو. اوچائي٢ ,٢ انچ.

Lk.30 ســـادي گلدان جو ٺـــڪـــر.وينـــوڙو ترو. اوچائي ١ ,٣ انچ. Pl.XXXVI, 25

Lk.49 سادو ٺانو. ڪپو. وينوڙو ترو. اوچائي ٢,٥ انچ.

Lk.18 سادو ننڍڙو ٿانو. ڏکڻ ترو. ۴ ,١ اوچائي. Pl.XXXVI, 17

Lk.26 سادي گلدان جو ٽڪر. منهن سوڙهو. پاسن تي ڳري يا اڀيون ليڪون. تازو موهن جي دڙي مان لڌل ٿانو جيان نوڪدار ترو اوچائي ٣ انچ.

Lk.47 سادو ٿانو، ڪناريءَ جو ٽڪرو. اوچائي ۵ انچ.

Lk.27 سادي گلدان جو ٽڪر. ڪلهن وٽ اڀيون ليڪون. هيٺان ايا ڪوڪي طرز تي ليڪا. شايد تصويري لکت جا حصا هجن.

Lk.43 سادي رنگ جي ٿالهيءَ جو ٽڪر. هڪ پاسي ڏانهن ڇڪيل. اوچائي ٦ ,٢ انچ.

Lk.24 سادو، گلدان جو ٽڪر. پاسي تي اڀيون ليڪون. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهي رنگ جي ليڪ. اوچائي ۵ ,٣ انچ.

Lk.56 سادو، گلدان جو ٽڪر. پاسي تي اڀيون ليڪون. هيٺان چڱهن جون ٽي قطارون. اوچائي ۵ ,۴ انچ. Pl.XXXIV, 21

Lk.25 سادو، گلدان جو ٽڪر. پاسي تي اڀيون ليڪون. هيٺان پورويچوٽ تي ۾ ماڪوڙا يا لهڪيون جيڪي اڀين ليڪن مٿان ليٽڻ طرز تي چٽيل. اوچائي ۵ انچ.

Lk.12 سادي، ٽڪر جي ڏوٺيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٩ ,٣ انچ. Pl.XXXIV,12

Lk.10 سادي سوراخدار گلدان جي ڳچيءَ جا ٽڪرا. اوچائي ٣ ,٣ انچ.

Lk.44 سوراخدار گلدان جا ٻه ٽڪرا. اوچائي ۵ ,٦ انچ. Pl.XXXIV, 23

Lk.35 ننڍي وڙ جي ٽڪر جو ڍڪڻ. گولائي ٦۴ ,١ انچ.

Lk.36 ننڍڙي وڙ جو ٿانو. ڍڪڻ. گولائي ٣۴ ,١ انچ.

Lk.1 ٽڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي. ڳچيءَ ۾ هار پاتل. مٿيون ڌڙ. اوچائي ٣ ,٢ انچ. Pl.XXXIV, 6

Lk.2 ٽڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي. باقي سر بچيل. اکيون مٽيءَ جي گولين جون ٺهيل، ڪن پيالن جيان. مٿي جي پوشاڪ اوچي.

Lk.3 ٺڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي. باقي سر بچيل. اوچائي ١,٦٥ انچ.

Lk.4 ٺڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي. باقي سر بچيل. اوچائي ٢ انچ.

Lk.5 ٺڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي. مٿيون ڌڙ. چيلهه تي ڪنهن ڳهه جو اهڃاڻ. اوچائي ١,٦٥ انچ.

Lk.54 ٺڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي.وچون ڌڙ. ڳچيءَ ۾ هار جو اهڃاڻ ۽ چيلهه جي ڳهه جا اهڃاڻ. اوچائي ٢,٥ انچ.

Lk.58 ٺڪر جي پڪل ماتا ديويءَ جي مورتي. سيني کان وٺي مٿيون پاسو رهيل. پيالن وانگي ڪن. اوچائي ٣,١ انچ. Pl.XXXIV, 7

Lk.55 مٽيءَ جي پڪل ڪا شيءِ. شايد ڪنهن مورتيءَ جو وچون ڌڙ هجي. سٿرون تمام ٿلهيون. هيٺين پاسي تي سوراخ. اوچائي ٢,٢ انچ.

Lk.6 مٽيءَ پڪل جانور جي مورتي. شايد مينهن آهي. سالم نہ پر ڀڳل ٽڪرو. اکين جي جاءِ تي مٽيءَ جون گوليون رکيل. جنگهون ظاهر نظر اچن ٿيون. اوچائي ١,٩٥ انچ. Pl.XXXIV, 10

Lk.28 مٽيءَ حي پڪل پر ڀڳل، ڪتي جي مورتي. جنگهون صاف ظاهر ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اوچائي ٢,٢٥ انچ.

Lk.11 مٽيءَ جي پڪل ٻاراٽي راند گاڏيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهہ ٣,٩٥ انچ. Pl.XXXIV, 10

Lk.29 مٽيءَ جي پڪل ٻاراٽي راند گاڏيءَ جو ڦيٿو. گولائي ٦,٢ انچ. Pl.XXXIV, 2

Lk.14 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٣,٢ انچ.

Lk.15 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٣,٩ انچ.

Lk.16 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي٢,٢ انچ.

Lk.32 مٽيءَ جو پڪل گول مٽيو (؟ ) يا چلو. گولائي ١,٨ انچ.

Lk.31 مٽيءَ جو پڪل نوڪدار روهڙو. ڇر جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. ڊيگهہ

١,٨ انچ. Pl.XXXIV, 3

Lk.63 مٽيءَ جي پڪل ٽڪي. ٻن طرفن کان اڌ گول نشان. گولائي ۴ انچ. Pl.XXXIV,20 گول نشان شايد ان ڪري ٿيا آهن، جو ان کي آلي هجڻ وقت آگرين ۾ جهليو ويو جو Lk.46 مان صاف نظر اچي ٿو. ,.463 Ch cf. 42

Lk.46 مٽيءَ جي پڪل ٽڪي. پاسي تي گول نشان. ڪجهہ تباه ٿيل. گولائي ٣,٧۵ انچ. اهي گول نشان Lk.63 کان وڌيڪ چٽا آهن.

Lk.59 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. ڊگهيري شڪل. ڊيگهہ ٣,٧ انچ. Pl.XXXIII, 30

Lk.41 پٿر جا پنج مٽيا. (a) هڪ چپٽري مٽئي جو ٽڪر ۵, انچ. (b) گول ڊگهيرو ننڍڙو ڊگهائي ٩, انچ، (c) چپٽرو. گولائي ٢۴, انچ. (d) چپٽرو گولائي ٢, انچ. .(e) چپٽرو گولائي ١۵, انچ. Pl.XXXIII, 28

Lk.51 پٿر جو تور جو وٽ. ڇهہ پاسئون. .95 x .95 x .75 . Pl.XXXIII, 45

Lk.45 هڏي جي آر (؟ ) جو ٽڪرو. ڊيگهہ ١,۵۵ انچ. Pl.XXXIII,29

Lk.33 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ١,٣۵ انچ. Pl.XL, 25

Lk.40 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهہ ٢,٣۵ انچ. Pl.XL, 24

### ۵. جهانگار جي پرسان دڙو .JH

JH.1 ٺڪر جي چِلَ. رنگ ڪٽو. چمڪدار. اوچائي ٦,٧ انچ. منهن وٽ گولائي ساڳي Pl.XXXV,5

JH.54 ٺڪر جو وڏو ٿانو. رنگ ڪٽو. اوچائي ١٦,۵ انچ. لوٽيرو ترو. ڌرتيءَ ۾ اندر کپائي رکڻ واسطي. منهن وٽ گولائي ١١,٧۵ انچ. ڪنارين وٽ هيٺ گهرا گول دائرا. چڳهن جي قطار. هيٺ چٽ، جهڙا جهڪر ۾ لوهر جي ماڳن تان لڌا. اناڙي ڪاريگر جو ٺاهيل.Pl.XXXV, 10

JH.9 چِلَ جو ٺڪر. ڪٽو ٿانو. اوچائي ٢,۵ انچ. پورويچوٽ تي تي نانگ وڪڙ

JH.29 چٽيل ٺڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. پوري رنگ جي ڏاءُ تي ميٽائين رنگ جون چوڪڙيون.

JH.30 چٽيل ٺڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٻه پٽا جن ۾ چوڪڙين جون قطارون. چٽسالي ختم ٿيل. پريل نانگ وڪڙ پٽو. ونگ جيان وٽيون. هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ليئه مٿان ميٽائين رنگ جي چِر. Pl.XXXI, 29

JH.31 چٽيل ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. مکيه چٽسالي ختم ٿيل. پريل نانگ وڪڙ پٽو. ونگ جيان وٽيون. هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ليئه مٿان ميٽائين رنگ جي چِر. Pl.XXXI-30

JH.38 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ليئه تي ميٽائين رنگ ۾ چوڪڙين جي چٽسالي. Pl.XXXI, 23

JH.40 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. هلڪو ڳاڙهو رنگ. هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ڏاءُ تي ميٽائين رنگ ۾ پوروچوٽيون نانگ وڪڙ ليڪون. Pl.XXXI, 26

JH.41 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. چوڪڙين جا ٻه پور وچوٽا پٽا. هيٺ پريل پٽو. Pl.XXXI,30 وانگي. هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ڏاءُ جي مٿان، ميٽائين رنگ جي چٽسالي. Pl.XXXI,31

JH 43 چٽيل گلدان جو ٺڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٻن پٽن ۾ ٻه پوروچوٽيون لهيڪيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءُ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. Pl.XXXI, 24

JH.56 چٽيل گلدان جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٻه پوروچوٽيون چوڏاري لهيڪيون. چٽ Pl.XXXI, 30 وانگي. ڳاڙهي رنگ جي ڏاءُ مٿان ميٽائين رنگ۾ چٽسالي. Pl.XXXI, 25

JH.53 مٽيءَ جو ڪچو اڻ پڪل مٽيو. ڪوڪيءَ طرز تي پوروچوٽ ليڪون. گولائي ١,٦ .Pl.XXXIII, 64

JH.34 مٽيءَ جي پڪل مٽي جو اڏ. ڏنگو ڦڏو. گولائي ٣,٥٥ انچ.

JH.46 b. مٽيءَ جو پڪل ڦيٿو. ٿانو جي پاسي مان جوڙيل. گولائي ٢,٧ انچ.

مٿس هڪ پاسي تي چَڪَ جو نشان .

JH. 51 ٽامي جي آر جو ٽڪرو ڊگهائي ١,٢ انچ. Pl.XLI, 1

JH.52 ٽامي جي چيٽيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ١,٢٥ انچ. Pl.XLI, 2

JH. 5 پٿر جو اوزار. پاسازو. ڊيگهه ١,٣٨ انچ. رنگ ڀورو. شڪل نوڪدار.
Pl.XL, 29

JH. 7 پٿر جو اوزار. پاسازو. ڊيگهه ٢,٢٥ انچ. رنگ جو ڀورو ٿورا ڪارا نشان. Pl.XL, 30

●

# باب ڇهون

# جوهيءَ جي جابلو علائقي ۾

## غازي * شاه جو دڙو

ڇهين کيرٿر جي ويجهو وڃبو، تيئن منڇر وارو ميدان مٿاهون ڏسڻ ۾ ايندو. وچ واري علائقي ۾ ڪاٿي ڪاٿي اڪيليون ٽڪريون آهن، جن سبب اتر کان ڏکڻ پکڙيل هي ٽڪرائتو علائقو بڻجي پيو آهي.ان کان پريان پٽ نالي هڪ جبل آهي جنهن جي لام ٢٠ ميل ۽ اوچائي ٢٧٩٠ فوٽ آهي. هن متعلق جيالاجيءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي ته مخالف طرف تي لڙيل، کيرٿر رينج [1] جي چن جو وڏي ذخيري وارو جبل آهي. هن جبل جي هڪ چڪ تي مسلمانن جي پير غازي شاه جو مقبرو آهي، (Pl.VII-c) ۽ هن ايراضيءَ تي به غازي شاه پنيان نالو پيو آهي. ائن ڪلاڪن جي سواريءَ کان پوءِ اسان هتي پهچي، پنهنجي وانڍ هنئين. غازي شاه واري چڪ کان هيٺان واديءَ ۾ اٽڪل ٣٥ فوٽن جي اوچائيءَ وارو مٽيءَ جو دڙو آهي، جنهن کي پياري جي ماڙي چوندا آهن. سندس چوڌاري وڻ آهن (Pl.VII, a) ان بابت اهو پڌايو وڃي ٿو ته هي ماڳ پياري نالي مسلمان آباد ڪيو هو، جنهن جي مزار غازي شاه جي پرسان آهي. هن علائقي ۾ پياري متعلق ڪيئي ڳالهيون مشهور آهن. جيئن ته اهي اسان لاءِ ڪا اهميت ڪونه ٿيون رکن، ان ڪري اهي هتي پڌائڻ مناسب نه ٿيون لڳن. پر اهم نقطو اهو آهي، ته هن دڙي جي مٿان پنهنجي ڪچي جاءِ ٺهرائي، سندس چوڌاري ڏنگي ڦڏي پٿر جو ڪوٽ ڏياري پنهنجي رهائش گاه کي مضبوط ڪري ڇڏيو هو. مگر هڪ طاقتور جادوگر پنهنجي وڏي طاقت سان حملو ڪري ان ڪوٽ کي چوٽ ڏئي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ پياري پيش پئي جان ڇڏائي. اها ڳالهه ڪيئن به هجي،

---

1. Blanford, *Geology of Western Sind*, p.111.

* هن ماڳ کي ڳاجي شاه سڏيو ويندو آهي. (مترجم)

پر اها هڪ حقيقت آهي، تہ هيءَ جاءِ دڙي جي ڊير ۾ ڍڪل ۽ ڇڏيل مال مان نهي هئي. نتيجي ۾ هي گهر ۽ تعمير ٿيل ننڍڙي قلعي (ڪوٽڙي ) واري ايراضي نڪرين ۽ ٻين پراڻين شين سان ڇٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پياري جي اڏاوتن جو پنجهو اصلي دڙي کان ١٠ يا ١٢ فوٽ مٿي آهي. دڙي جي لاهہ ۾ ڪنهن تازي دور سان واسطو رکندڙ جايون آهن. ان جي ثابتي اها آهي تہ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ٢٠ فوٽ مٿي هڪ پڪ سرائين پٽ نظر اچي ٿي. پٽ ۾ استعمال ٿيل سرن جي ماپ 9 x 5 3/4 x 1 3/4 انچ آهي. ان جڳهہ جي ويجهو، اٽڪل ١٦ فوٽن جي اوچائيءَ تي مٿاڇري تان ٽامي جو هڪ سڪو لڌو ويو، جنهن جو مسلمان دور سان تعلق هو. پر هن دڙي جي پراچينتا، سنڌ جي ڳاڙهي ٺانو مٿان ڪاري چٽساليءَ وارين ٺڪرين، پٿر جي اوزارن، سوراخدار ٺانون، مٽيءَ جي پڪل مورتين، مڻين ۽ چوڙين جي ٽڪرن مان ٿي چٽي هئي، جيڪي دڙي جي مٿاڇري تي چوڌاري ڪنبڙيا پيا هئا. اسان کي اتان آمريءَ جي چٽيل ٺانون جهڙا ٺانو بہ مليا، جن جي ڳچين تي ڳاڙهسرو پورو پٽو هو ۽ ننڍين نانگ وڪڙ ليڪن يا ورين جي چٽسالي هئي.

## گرم جهرڻي پرسان هڪ دڙو

هن ماڳ جي اهم ڳالهہ اها آهي، تہ پير وارين ٽڪرين مان هڪ جهرڻو نڪري غازي شاہ واري جبل جي ڪڇ ۾ چوڙ ڪري ٿو. هيءُ پنهنجي ورن جو ويروتار وهندڙ هڪ جهرڻو آهي. بلان فورڊ[1] هن چشمي کي ڏٺو هو. سندس بيان آهي تہ هيءُ جهرڻو مٿان ٽڪرين تان وهي هڪ غار مان نڪري هيٺ واديءَ ۾ ناڙيءَ ۽ ڪيرٿر جي واهين ۾ وهي ٿو. هن غار مان چشمي جو پاڻي نڪري ٿوري فاصلي تائين سيڙهيءَ (چن ) جي ٽڪرين مان وهي، بہ سو فوٽ اتاهينءَ چوٽيءَ تان هيٺ ڪري، زمين تي ڪيترن گزن جي پنڌ تائين وهندو رهي ٿو. پاڻي ٽڪريءَ تان هيٺ چن جي ٻڏل هڪ ٻاقيءَ ۾ وهندو رهي ٿو. چن جي

1. *Geology of Western Sind*, pp.11-12. The spring is described also by an earlier writer, Capt. Vicary who was an officer under Sir Charles Napier.__*Proceedings of the Geological Society of London*, Vol. III (1847), p.345.

ٽڪرين مان گذر ڪري ڇن پاڻيءَ سان ملي وڃي ٿو ۽ ڇن جي اها ٻاقي يا واهي پاڻ مرادو ٻڌجي پئي آهي. نظر ڦيرائڻ سان چوڌاري ٽڪريءَ مٿان پاڻيءَ جون اهڙيون ٻاقيون، نظر اينديون آهن. ان ۾ ڪو شڪ ڪونه آهي، ته هتي جيڪو اڄو ڇن نظر اچي ٿو، سو ان جهرڻي جي پاڻيءَ سان گڏ هتي پهتو آهي. پر وارين ٽڪرين تي پئي قسم جو ڇن ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر اهو جهرڻي جي پاڻيءَ جي سنوت کان گهٽو مٿي آهي. شايد پراڻي زماني ۾ جهرڻي جو پاڻي ايڏانهن وهندو هو. واهين ذريعي پاڻيءَ جي مکيه وهڪري کي ڦيرائي هنن ماڳن جي پير ۾ آندو ويو آهي ۽ هن پاڻيءَ کي آباديءَ ۽ ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو. پراڻي زماني ۾ هن جهرڻي جي پاڻيءَ ماڻهن کي ڇڪي هتي آندو هوندو. هن متعلق بلان فورڊ جو ٽڪرين مٿان پراڻين واهين وارو بيان دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. هن ٽڪراٽي علائقي جي آباديءَ جو دارومدار فقط هن جهرڻي جي پاڻيءَ تي ڪونهي، پر مينهن جو پاڻي به جابلو نين ذريعي هيٺ لهي ايندو آهي. هن ڏس ۾ نئن نئنگ پنهنجي لحاظ سان وڏي اهميت رکي ٿي، جيڪا برسات جي رت ۾ پير غاي شاه وٽان وهندي آهي. انهن ماڳن جي پرسان ماڙي نالي هڪ وڏي کڏ Mari Khad مشهور آهي، جنهن ۾ گهڻو پاڻي اچي ڪٺو ٿيندو آهي، جيڪو سال جو وڏو حصو پرپاسي جي زمين لاءِ آباديءَ جو ذريعو بڻبو آهي.

## ڪاهي -١

دڙي (Pl.XLIV) جي مختلف ڇهن جاين تي کوجنا واسطي کڏون ۽ ڪاهيون کوٽايون ويون. ڪاهي -١، دڙي جي اوڀارين طرف 42 X 15 فوٽ کٽائي سندس اونهائي ١٥ فوٽ رکي وئي. ڪاهيءَ جو مٿيون پاسو ١١ فوٽ ٨ انچ مٿي ۽ ترو دڙي جي پيڙهه کان ٣ فوٽ ٢ انچ هيٺ هو. هن کوٽائيءَ مان اسان کي ٻن پراڻن تهن بلڪ ٽن تهن جا اهڃاڻ مليا. مٿئين تهه مان ڏنگيون ڦڏيون پٿر سان ٺهيل پتيون مليون. انهن پتين جون هيٺ پيڙهيون هيون. اهي مختلف سنوتن جي ماپن سان مليون، جيڪي ٻه فوٽ ٨ انچ کان ۴ فوٽن جي وچ تي، دڙي جي تري کان مٿي هيون. ان کان پوءِ دڙي جي تري وٽ يا ٻين لفظن ۾ ائين

چئجي تہ ڏرتيءَ جي مٿاڇري جي سنوت تي وچين تهہ جا نشان مليا ۽ ان کان ڇہ فوٽ هيٺ ٽئين تهہ جا اهڃاڻ مليا. هيٺ کوٽائي ڪانہ ٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ هيٺان ٽڪرائتو مٿاڇرو هو. پهريان ڇئي تهہ ٺڪرين، پنجهوءَ ۽ سروٽن جي وچ واري ڍير ڪري الڳ الڳ هئا ۽ انهن کي پنهنجي جدا جدا تهن جي حيثيت ۾ سڃاڻي پئي سگهيا سون. هر هڪ تهہ تي ٺهيل اڏاوت جا نشان گم هئا. پر ڪاٿي ڪاٿي ڪجهہ پٿر ۽ پڪل ٽٽل پٽين جا اهڃاڻ باقي هئا. هر هڪ کوٽائيءَ مان اسان کي ڳاڙهي رنگ مٿان ڪاري چٽسالي وارا ٿانو گهٽائيءَ ۾ مليا. ڪاٿي ڪاٿي پوري رنگ وارن سيمون قسم جي ٿانون جون ٺڪريون بہ لڌيون، جيڪي وڏ ۾ ساديون (ريءَ چٽ ) هيون. اهي مذڪوره ساديون ٺڪريون ڏرتيءَ جي مٿاڇري کان ڇهہ فوٽ مٿي لڌيون ۽ ڏرتيءَ جي مٿاڇري تائين لينديون رهيون. ڏرتيءَ جي مٿاڇري کان ٢ فوٽ مٿان آمريءَ جي ٿانون جيان ٻن رنگن جي چٽساليءَ وارا ٿانو، هن ڪاهيءَ ۾ پهريون دفعو نظر آيا ۽ ڏرتيءَ کان ڇہ فوٽ هيٺ واري مٿاڇري تائين اهي ڳاڙهي رنگ تي ڪاريءَ چٽساليءَ وارا ٿانو ملندا رهيا.

## ڪڏ ٢ ۽ ٥

ڪڏ نمبر ٻي دڙي جي چوٽيءَ کان ١٧ فوٽ هنئي وئي ۽ پنج فوٽ هيٺ کوٽي وئي. هن ڪڏ ۾ سندس پرپاسي مان آمريءَ جي وڏ ورن وارا ٿانو هٿ لڳا. تنهن ڪري ٻنهي قسمن جي گڏيل موجودگيءَ تي يقين ڪرڻ واسطي وڌيڪ کوٽائي لازمي ٿي پئي. ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکي، دڙي جي مختلف جاين تي، ڪڏ ٣، ۴ ۽ ٥ هٽائي وئي.ڪڏ يا ڪاهي نمبر ٣ جي لام ۴٠ فوٽ ۽ منڊو ٨ فوٽ رکيو ويو هو ۽ دڙي جي چوٽيءَ کان ٢٩ فوٽ هيٺ کان شروع ڪرائي، ٣٩ فوٽ ٦ انچ تي بيهاري وئي. ڪاهي نمبر ۴ جي لام ٣٥ فوٽ، منڊو ٨ فوٽ ۽ دڙي جي چوٽيءَ کان ٣٠.٥ فوٽ هيٺ کان شروع ڪرائي وئي ۽ ۴١.٥ فوٽن تي پهچي، کوٽائي ختم ڪرائي وئي. ڪاهي نمبر ٥ جي لام ١٦ فوٽ ۽ منڊو ٨ فوٽ رکيو ويو هو. دڙي جي چوٽيءَ کان ٣٢ فوٽ هيٺ کان شروع ڪرائي

۴٣.٩ فوٽن تي بيهاري وئي. کاهي نمبر ١ وانگي هن سيني کاهين مان ججهي انگ ۾ ٻه رنگو ٺڪر مليو. ٺهي وڙن جي ٺڪرن تي ويچار ڪيوسون، ته کاهي ١، ٣ ۽ ۵ مان ٺهي وڙن جي ٿانون جي ورهاست هن طرح ڏسڻ ۾ آئي: ٺهي وڙن وارا ٿانو ٣۵.٧ ۽ ٣٩.٢ جي وچ تي اسان جي سوچيل تهه کان هيٺ مليا. ٢٨.٨ فوٽ ۽ ٢۵.٧ فوٽن جي وچ واري مٿاڇري تان به بلڪل گهٽ مليا. ٣٠.۴ فوٽ کان ٣٢.٣ فوٽن جي وچ تي تمام ٿورا نظر آيا. جيڪا سوچڻ جي ڳالهه هئي. ان کان هيٺ ته تمام گهٽ هئا. اسان ڏٺو ته ڳاڙهي رنگ تي ڪاري چٽسالي وارا ٿانو ٣٠.۴ کان ليڻ شروع ٿيا. انهن سان گڏ ئي ٻه رنگا ٿانو پڻ لڌا. ڪجهه مٿئين سطح تي ملڻ کان سواءِ اهي ٻه رنگي وڙ وارا ٿانو ٣٠.۴ فوٽن کان وٺي اسان جي سوچيل تهه کان هيٺ، ۴٢.۵ فوٽ تان لڌا. پر ٣۵ فوٽن ۽ ۴٢.۵ فوٽن جي وچ تي سندن انگ وڏيءَ ججهائيءَ ۾ هو.

## کاهي ٦

تاريخ کان اڳ واري دور جي پوئين عهد سان لاڳاپيل شيون غازي شاهه واري دڙي مان کاهي نمبر ٦ مان مليون. ان کاهيءَ جي اونهائي دڙي جي چوٽيءَ کان ١۴ فوٽ ۽ پاڻ کاهي ٦ فوٽ گهري هئي. هن کاهيءَ ۾ پٿر سان جوڙيل هڪ پٽ کوٽي ظاهر ڪئي وئي. هن پٽ جي پاسي مان، ثقافت جي هن مرحلي سان واڳيل ٺڪر ۽ ٻيون شيون مليون. هن دور سان اڻ لاڳاپيل هڪ ٻه رنگو ٺڪر جو وڙ به هتان هٿ آيو. هن وڙ جي اڪيلي ٿانو جو هئي يا ٻين جڳهين جي مٿئين تهن ۾ ليڻ مختلف دورن جي تهن جي گڏجي وڃڻ ڪري ٿيو آهي، جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون. هن حقيقت کي هيئن سمجهائي سگهجي ٿو ته مٿيون تهه مسلمان دور سان واسطو رکي ٿو، جنهن سان سر جي مٿين اڏاوت تعلق رکي ٿي. ان جي اڏاوت ۾ جيڪو سامان ڪم آندو ويو آهي سو نئون ڪونه هو. پر دڙي جي هيٺين تهن مان کوٽي استعمال ڪيو ويو هو. تنهن ڪري هيٺين تهن واريون شيون ڪجهي اچي مٿئين تهه وارين شين سان گڏجي ويون، جن جو

بنيادي طور تي هن ته سان کو ڳانڍاپو ڪونہ هو.

## ڳاڙهي رنگ تي ڪاري چٽسالي وارا ٿانو

جيئن ته چنيل ٺڪر جو وڏو انگ غازي شاه مان لڌو آهي، (Pls. XXVI, XXVII, pp-95 - 99) تنهن ڪري اسان تي لازم آهي، تہ ان جو وستار پيرائتي نموني ٻڌايون. انهن ٿانون مٿان ٺيل چٽسالي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. مان اوهان کي ڀهريندي ڳاڙهي رنگ مٿان ڪاري چٽسالي واري ٿانو متعلق ٻڌائيندو هلان. هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ انهيءَ وڙ وارا ٿانو ڀن مختلف تهن سان لاڳاپ ( تعلق ) رکن ٿا. انهن جون ڪجهہ طرزون، جيئن ڍڳي ۽ وڻ وارو چٽ، گهٽو ڪري پراچين سمئہ واريءَ وستيءَ سان واڳيل آهي. ڪا چٽسالي في سيڪڙو اهڙي بہ آهي، جو خود موهن مان بہ ڪونہ ملي آهي.

## ڍڳي جي چٽسالي

هتان جون ڪي چٽساليون اهڙيون آهن، جن جو لاڳاپ ( تعلق ) چوچائي سنسار سان آهي. پر انهن جو مکيہ چٽ ڍڳي وارو آهي. Pl.XXVI, 12, 22, 26; Pl.XXVII, 26. هيءَ جانور، سنڌين جي سماجي زندگيءَ ۾ مکيہ جڳهہ والاري ٿو. موهن ۽ هڙاپا مان ان جي مورتين جو وڏو انگ مليو آهي. پر جيستائين موهن جي ٿانون جي چٽساليءَ جو تعلق آهي، جيڪا اڄ تائين ملي سگهي آهي[1]، تہ ان ۾ ڍڳي جي چٽسالي ڪانہ ملي آهي. غازي شاه جي ٿانو جي چٽساليءَ ۾ ڪنيٽ واري ڍڳي جي چٽسالي ملي آهي. اهڙا هڪ يا بہ مثال اسان کي نال[2] جي ٿانون جي چٽساليءَ ۾ ملن ٿا. پر ڏکڻ بلوچستان جي ڪولي ۽ ميهي[3] جي ماڳن تان ڏاڍا ججها مليا آهن. انهن جي چٽساليءَ جون وصفون، غازيءَ شاه مان ملندڙ ٿانون جي چٽساليءَ جون خوبيون هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪائين ٿيون ۽ آهي، اِ هي آهن تہ هن جانور جي چٽساليءَ جا ڪجهہ پاڳا هڪ رنگ ۾ پريل آهن، تہ ڪي وري ٻري طرز جافري ورن تي آهن. غازيءَ شاه جي ڍڳي جي

1. *Mohenjo-daro,* Vol. I, p.324. 2. *Ibid.*, No.35, Pl. XVII, fig. 59.
3. *Mem. A.S.I.*, No.35, Pl. XVII, fig.59, *ibid.,* No.43, Pl.XXII, Kul.v.iii.1 and Pl. XXVIII, Mehi, 1. 7. 2.

ڳچي هڪ رنگ ۾ پريل ڪانه آهي. GS 119 (Pl.XXVI, 20) چاڪاڻ ته ڪن کي سڃاڻڻ واسطي ائين ڪيو ويو آهي. ساڳي ريت اک جي پرسان وٽي چڙهي وئي آهي. نال واري ڍڳي ۾ اک ۽ ڳچيءَ کي هڪ جهڙو رکيو ويو آهي ۽ گهڻن گڏن ۾ ڪولي ۽ ميهيءَ سان پيت آهي. غازي شاه جي -GS,165 Pl.XXI,3، تصوير هڪ علامتي چٽسالي آهي، جنهن ۾ ڍڳي جا پير پکيءَ جي پيرن سان پيت آهن (GS.165-(Pl.XXVII,26 ۾ تير جي اٽي جيان هڪ وڻ ۽ ڍڳي جو چٽ ڏيکاريو ويو آهي ۽ اهڙو ميهي[1] مان پڻ لڌو آهي. سوس[2] جي پٺي دور وارن اچيءَ مٽيءَ جي ٿانون تي اپريل چٽساليءَ ۾ ڏاند جي تصوير به ملي آهي. پر سوس جي چٽيل ٿانو تي اهڙي چٽسالي موجود ڪانه آهي. العبيد مان اهڙيءَ اپريل چٽسالي وارا ٿانو مليا آهن، پر اتي به ٿانو تي چٽيل تصوير نه ٿي نظر اچي. سنڌ ۽ بلوچستان جي ٿانو تي ڍڳي جي چٽسالي اوير جي چٽسالي جي نواڻ سان تعلق رکي ٿي.

## روجهه Antelope

سڱن واري چوپائي جي تصوير آهي، جيڪا اسان رڳو ,Pl.XXVI 13 - GS.159 ۾ ڏسون ٿا. گهڻو ڪري ٿانو تي ڪيترن روجهن جون تصويرون چٽيل آهن. وڻن جي چٽسالي جهنگ ڏيکارڻ جي خيال کان ڪيل آهي. امڪان اهو آهي ته GS .151 واري ٿانو جو ٽڪر ساڳيءَ چر سان واسطو رکي ٿو. موهن مان روجهه جي چر وارو ٿانو تمام گهٽ مليو آهي، اتي جدا نموني جي نظر اچي ٿي.

## مور ۽ ٻيا پکي

پکين جي چٽساليءَ سان لاڳاپيل ڪيترائي ٽڪر لڌا آهن. Pl.XXVI, 2- GS.103, 104 ۾ اهڙو پکي هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڦرندي واري طرز ۾ ڏيکاريو ويو آهي. GS.78 ۾ اسان هڪ پکيءَ کي پنهنجي ڇهنب ۾ نانگ جهليل ڏسون ٿا. اهو پکي مور آهي، جنهنکي سندس ڪلنگيءَ

1. *Mem. A.S.I.*, No.43, Pl. XXVIII, Mehi,1.7.2.
2. *Mem. Del. en Perse,* tome XIII, Pl. XXXIV, figs. 5, 6.

مان سچائون ٿا. GS 78 کي هڪ جهڙائيءَ جي نقطه نگاه کان چانهونءَ جي دڙي مان اهڙي چٽساليءَ سان پيٽي ڏسي[1] سگهون ٿا.

## پوٽن وارا چٽ

چٽيل ٺڪر جو وڏو انگ اهڙي چٽساليءَ سان تعلق رکي ٿو، جنهن جو اوپڙ جي سنسار سان لاڳاپو آهي. تير جي اٽي جهڙي پوٽي جي چٽسالي اسان: GS-7, 8, 52, 71, 86, 145, 146,165 ۾ ڏسون ٿا، جيڪي Pl.XXVI, 11, 12 ۾ ڏنل آهن. جن ۾ هڪ وڻ يا پوٽي کي پٽن کان سواءِ لامن سان چٽيو ويو آهي. پن جي ڏانڊيءَ وارو حصو ونگو آهي. جنهن تي ڪانُ (تير) چٽساليءَ جي علامت سان چٽو ڪيو ويو آهي. مٿين چٽسالين ۾ لامن کي سڌين ليڪن يا ليٽن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. پر GS.188, 237, 238, 255, 203-305, (Pl XXII, 36) ۾ انهن کي وڏيڪ موڪرو ۽ ٽپڪن سان وريون ڏئي پڌرو ڪيو ويو آهي. پپر جي هڪ وٽندڙ چٽسالي به آهي. سندس پن (Pl.XXVI,1), GS.100, 213, 6 ۾ واضح آهن، جيڪي ورين ۽ ونگين سان گڏيل آهن، جيئن اسان Pl.XXVI, 20 ۾ ۽ لوهر جي Pl.XXII, 12 ۾ ڏسي سگهون ٿا. هوبهو اهڙا چٽ داٻڙ ڪوٽ[2]، (اتر بلوچستان) مان به مليا آهن. ڪجيءَ جي چٽسالي اسان GS.Pl.XXVI, 14 ۾ چڱيءَ پر ڏسي سگهون ٿا. ڪجين جا ٿرها (GS.134-(Pl.XXVI, 34 ۾ چٽيءَ ريت چٽيل آهن. انهن ٿرهن[3] کي، عالمن جي راءِ موجب، ٿڻي ڏند جهڙي چٽ ۾ چٽو ڪيو ويو آهي. اهڙو نمونو پوري چٽ جي اڻ هوند ڪري آهي. ٻيو نمونو، جيڪو اسان ڪجيءَ جي چٽ جو نقل ڏسون ٿا، سو GS 157 ۾ ڏسي سگهجي ٿو ۽ ٻيو اهڙو وڻ GS.101,151,159 ۾ به موجود آهي. به نوڪي پن وارو پوٽو GS.187 ۾ پڌرو آهي. ساڳئي نموني جا پن اسان GS.215 ۾

1. Cf. *Mem. Del en Perse,* tome XII, pp.215-16, figs. 430-433.
2. *Mem. A.S.I.*, No. 37, Pl. XV, D.N.c.8.
3. Cf. a similar tree design on the Samarra pottery.__Herzfield, *Die Vorgeschichtlichen Topfereien von Samorra,* 1930, Pl. XVIII, fig.36.

ڏسون ٿا. GS.234 جي مثال ۾ اسان کي جدا جدا ٻه نوڪا پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهڙا پڻ GS.101,151,159 جي پٽن جيان هڪ ٻئي کي ڇيڙن وٽ ڇهن ٿا. GS.102 ۾ پڻ گهرين ۾ چٽيل آهن ۽ اهي داٻڙ ڪوٽ[1] مان لڌل چٽساليءَ سان پيت آهن. اهڙا اڪيلا اڪيلا ٻه نوڪا پڻ گهرين ۾ ٽڪايل آهن، تن جي پاسن ۾ گلتي پاسن تي چوڪڙيون رکيون ويون آهن. اها چٽسالي 81 ۽ GS.35۾ چٽي نموني نظر اچي ٿي. اهڙا پڻ اييچي طرز تي نانگ وڪڙ ليڪن سان ٻيڪهڙ تي رکيل آهن ۽ GS.214 جي ٻن پٽن ۾ چٽيل آهن. ڪڏهن هڪ ٻيڪي جي چوڏاري گول دائرن ۾ اوپڙ جي چٽسالي آهي، جهڙيءَ ريت GS.117 ۾ ڏسجي ٿي. سندس چٽ لڳ ڀڳ ڪوريئڙي جي چار جهڙو آهي. ٻي طرز ٻه ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ ٻيڪي جي چوڏاري گول دائرو آهي ۽ سندس گول دائري جي چوڏاري ڦلڙيون آهن (GS161, 195) . ائين معلوم ٿئي ٿو ته هي چٽسالي گل جو چٽ ڏيکاري ٿي، جهڙي ريت اسان ترهيني ۽ شاه حسڻ وارن ٿانون تي ڏسون ٿا. GS.161 اهو چٽ چٽساليءَ جي مرڪزي حيثيت رکي ٿو. سندس چٽسالي مانڊائي جيان ۽ جافريءَ سان پيريل آهي ۽ چٽ مانڊائيءَ جي ٻانهن جي وچ تي رکيل آهي. GS.46 هن قسم جي اوپڙ جو چٽ گهريءَ ۾ ٽڪيل آهي. ٻيءَ گهريءَ ۾ ٻه نوڪو اڪيلو پڻ آهي. هن چٽساليءَ سان واسطو رکندڙ نمونو GS.254 ۾ موجود آهي. جنهن ۾ پڻ سان هڪ سڌو سنئون ٻوٽو آهي. GS-80 ۾ ٻوٽي جي هڪ ٻئي ۾ وچڙيل لامن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. گهڻو ڪري اهڙي چٽسالي جهڙا نمونا موهن جي چٽيل ٿانون تي موجود آهن.

## اليڪي نمونا Geometric Designs

اليڪي چٽساليءَ جا نمونا، ڳاڙهي رنگ ۾ ڪاريءَ چٽساليءَ وارا تمام گهٽ آهن. GS.93 تي ڇٻري (ٽڪنڊو ) نموني جو چٽ آهي.جنهن جي تر ليڪ ( تري واري ليڪ ) سان ٻوروچوٽي جافري آهي. GS.84 ۾ جافريءَ جي

1. *Mem. A.S.I.*, No.37, Pl. XV, D.N.d.1.

ڪي ڳاڙهسرو ڀوررو رنگ ڏنو ويو آهي. ٿانون جي ٻئي ڀاڱي تي ان ڪي ڪونه ورجايو ويو آهي. مختلف چٽن کي ظاهر ڪرڻ واسطي ڪاري رنگ کي ميٽائين رنگ جي پرسان رکيو ويو آهي. چپرين جي چٽساليءَ ۾ مختلف نمونا ايجاد ڪيا ويا آهن. منجهن رنگن کي مٽ سٽ ڪري ڪڏهن پاڻ ۾ ملائي رکيو ويو آهي. جنهن ۾ هڪ چپريءَ (تڪنڊي ) ونڊي ورچي منجهس تيرهن ننڍڙيون چپريون جوڙيون ويون آهن. ڪن کي منجهه جافري آهي، ته ڪي وري خالي ڇڏيون ويون آهن. اهڙو مثال GS.244, 246 ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هنداڻ جهڙو دلچسپ نقطو اهو به آهي ته هڪ گهريءَ ۾ سَرَهَہ جي تصوير آهي. (Pl.XXVII, 51). جافريءَ جي منجهه سان چوڪڙين جي قطار واري طرز هڪ سٺي چٽسالي آهي. ڪن چوڪڙين کي هڪ ٺي رنگ سان ڀريو ويو آهي. ٻي چٽساليءَ جي نموني ۾ اسان ماڪوڙا يا نانگ وڪڙ ليڪون ڏسون ٿا. هڪ طرز ۾ ونگن جي قطار آهي. هر هڪ جي وچ تي ٽيڪو پاتل آهي. ڪين آڪڙين طرز جي گهري به سمجهيو ويندو آهي، جيڪا هڪ وٽندڙ، هار جي طرز بنائي بيهي ٿي. ڪيترن نمونن ۾ انهن ونگن کي ٽن پور ويچوٽ وارن ليڪن سان بنايو ويو آهي، جهڙيءَ ريت اسان Pl.XXXVIII, 14 ۾ ڏسون ٿا. اهڙيون پوروچوٽ گهٽيون ليڪون نال جي چٽ سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون. آخري ٽئي بيان ڪيل چٽ يعني چوڪڙي وارو نانگ وڪڙ ليڪن وارو ۽ ونگن وارو چٽ آمريءَ مان به مليو آهي. پر حقيقت اها آهي، ته سنڌ ۽ بلوچستان ۾ جتي سنهو ٿانو مليو آهي، اتي به رنگو به هٿ آيو آهي. چوڪڙين ۾ ونگن واري چٽسالي ايران ۽ عراق جي چٽيل ٿانون تي به ملي آهي. جنهن جو ذڪر اسان اڳي به ڪاٿي ڪري چڪا آهيون.

## غازي شاه جو ٻين ماڳن سان لهہ لاڳاپو

غازي شاه جي مختلف تهن مان لڌل سامان مان اهو چٽيءَ ريت پڌرو ٿي چڪو آهي ته اهو آمريءَ جي چٽسالي رکندڙ ٿانو سان ميل ڪائي ٿو ۽ ان کي پراچين دور جي وستيءَ ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿو. ان ٺي دور ۾ هن وڙ ۽ ورن واري ٿانو سان گڏ ڳاڙهي مٿان ڪاري چٽساليءَ وارو ٿانو به موجود هو،

جيڪو سنڌ سڀيتا جي ڪنهن پراڻي مرحلي سان واسطو رکي ٿو. بعد ۾ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ غازي شاه ۾ فقط ڳاڙهي مٿان ڪاري چٽسالي‌ء وارو ٿانو استعمال هيٺ رهيو ۽ ٻٽي رنگ Bichrome ۾ اليڪي چٽسالي واري ٿانو جو سنڌ سڀيتا ۾ چڻ قدر ڪونہ رهيو. غازي شاه جي پراڻي تهہ مان، مکيہ طور تي ٻن الڳ قسمن جا ٿانو مليا. شايد ائين مختلف اثرن جي ڪري ٿيو هجي. هنن مان هڪڙا ٿانو اهي آهن، جن تي هندستاني اثر هو. ٻيا ٿانو اهي آهن، جن تي غير هندستاني اثر هو. جيستائين هن طرز جو تعلق آهي تہ ڪولي ۽ ميهي جي ٿانون جي چٽسالي‌ء جي هڪجهڙائي آهي. غازي شاه، ڪولي ۽ ميهي‌ء جو تعلق ڍڳي ۽ وڻن واري چٽسالي‌ء مان بہ ملي ٿو. (Pl.XXVII, 26) . اهو چٽ، ٽنهي ماڳن جي ٿين ٿانون تي ورجايل ڏسجي ٿو. اڪيلي ڏاند جي تصوير غازي شاه جي چٽسالي‌ء ۾ بہ آهي، تہ ڪولي - ميهي ٿانون تي بہ ڏسجي ٿي. نال جي چٽسالي‌ء ۾ ڏاند جي مخصوص طرز جي چٽسالي نظر اچي ٿي، جيڪا ڪاريگري‌ء جي نقطئہ نگاه کان سنڌ سڀيتا سان واسطو رکي ٿي.[1] پر گهڻن ٿانون تي علامتي چٽسالي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪيس ليکن واري طرز ڏني وئي آهي.[2] گهڻين ليکن سان ٺهيل مانڊائي چٽ، جنهن جي وچ تي ڳنڍ جهڙو نشان آهي، سو غازي شاه جي هيٺئين تهہ مان لڌل بہ رنگي ٿانو جي چٽ (Pl.XXVII, 53) جهڙو آهي. نال[3] مان بہ اهڙي طرز جي گهڻ رنگي طرز ۾ ٿانو لڌا آهن. پر سندن چٽسالي ڏاڍي ڳوڙهي آهي.

## ننڍيون شيون

غازي شاه جي کوٽائي‌ء مان چٽيل ٿانون جي ڀيٽ ۾ لسا ٿانو تمام گهٽ مليا آهن. پوئين دور جي ٿانون مان فقط هڪ ٿانو GS.248 اهميت وارو آهي. اهو تگر يا ڪوناري‌ء جو ٺڪر آهي. ائين معلوم ٿيو تہ ان جي مٽي‌ء ۾

1. *Mem. A.S.I.*, No.43, p.167 and Pl. XXXIII, Nal.13, and *ibid.*, No.35, Pl. XVII, 59.
2. *Ibid.,* No.35, Pl. XVII, 59.
3. *Ibid.*, No.35, Pl. XVII, 36-39.

ڪنهن سنهي گاه جي ڪتر[١] ڪتب آندل هئي. سندس تري اندر ڪوڪيءَ اڪير ۾ هڪ ٻئي کي پائيندڙ (  ) گول آهن. مٽيءَ جا پڪل رانديڪا ۽ جانورن جون مورتيون به اتان هٿ آيون آهن. انهن ۾ ڍاندن جون مورتيون به شامل آهن. جن جي ڳچين ۾ سوراخ نڪتل آهن. ڇٽيل جهنجهڻ ۽ ٻارن جون راند گاڏيون به انهن ۾ شامل آهن. ڳهڻن ۾ مٽيءَ جا پڪل ڏگهيرا گول مڻيا، مٽيءَ جون پڪل ۽ ڇٽيل چوڙيون، پٿر جا چپٽرا گول مڻيا، نلڪيءَ نموني سنگ سليمانيءَ جا مڻيا، ٽامي جا ڏگهيرڙا گول مڻيا، ٽامي جا ڇلا ۽ چوڙيون ۽ چانديءَ جون منڊيون به مليون. انهن کان سواءِ پٿرن جي اوزارن ۾ اسان کي پاساڙا هٿ آيا، جن جي شڪل چوڪنڊي آهي. جن مان ڪيترا ته ٽي انچ ڊگها آهن. ٽامي جي شين ۾ آر، ڇيڻي ۽ پن جي شڪل جهڙي ڪان (تير ) جي اٽي آهي. ڪان جي ٽنڪار وارو اصلي حصو به سالم لڳل آهي. انهن شين جو پيرائتو وچور هن باب جي آخر ۾ ڏنل آهي.

## ٽنڊو رحيم خان

ٽنڊي رحيم خان جي پر ۾ به پراڻن ماڳن جو مشاهدو ڪيو ويو، جيڪي انگائي Angai نئن جي ڪڙ تي غازي شاه کان ميل اتر ڏس تي هئا. ٽنڊو رحيم خان سنڌ جي سرحد تي پوليس جو هڪ اهم ٿاڻو آهي. سندس اهميت ان ڪري آهي جو هيءُ ٿاڻو، بلوچستان صوبي جي ساروڻا ماٿري واري ضلعي جهلاوان جي مڪيه رستي تي قائم آهي. ڳوٺ کان ڏکڻ ـ اوڀر طرف اسان هڪ دڙي وٽ پهتا سون. سندس اوچائي ١٠ فوٽ کن هئي. ان جي هڪ حصي تي مسلمانن جون مزارون آهن. باقي بچيل جاءِ ڇٽيل ٺڪرين ۽ پٿرين سان ڇٽڪمري لڳي پئي آهي. اهو دڙو غازي شاه کان ٽنڊي رحيم خان ويندڙ رستي تي آهي. اسان جو ڌيان به فطري طور ان طرف ڇڪجي ويو، ڇو ته اهو اسان واريءَ وانڊ جي پرسان هو. اتي پهچڻ به سولو ۽ سهنجو هو. کوٽائي کان سواءِ

١. وڏن ٿانون جهڙوڪ، ڪونرن ۽ ڪونارن وغيره ۾ سنهو گاهه نه، پر ڳاهه جي لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. ٿانون پچڻ کان پوءِ معلوم ائين ٿيندو آهي، ته جڻ مٽيءَ ۾ ڪنهن سنهي گاهه کي ڪتر ڪري ملايو ويو هجي. ڪن ٿانون ۾ سارين جا توهڙ به استعمال ڪيا ويندا هئا. ساري سنڌ جي قديم پيداوار آهي. (مترجم )

دڙي ۾ پوريل شيون ڏسڻ ممڪن نہ هو. ان ماڳ جي کوٽائيءَ مان اسان کي پٿرن مان ٺاهيل پٿين جا ٽڪرا ٽوٽا، چٺيل ٺڪريون، پٿرن جي اوزارن مان پاساڙا، مٽيءَ جون پڪل چوڙيون، پٿر جو وڏو ڇلو ring stone ٺڪر جو پڳل ٿانو جنهن جي اوچائي ١٢ انچ هئي (Pp.103-105) مليا. ٽنڊي رحيم خان جا ٿانو ڇاتل سجاتل ٻہ رنگي bichrome ورن سان آهن جنجا پاسا سڌا آهن، (Pl.XXXVIII, 26) . رنگ ڦڪو اٿن. مٿن هلڪي ڳاڙهي يا ڀوري رنگ جي ڏاءَ مٿان ڪاري يا ميٽائين رنگ جي چٽسالي ٿيل آهي. (Pl.XXX, 6-9, 15-18, 26-28, 31-34, 40-42, 47-48). انهن ۾ ٻئي رنگ يعني ڳاڙهسري ڀوري رنگ جو بہ استعمال ڏسجي ٿو. پر ڪيترن ٿانون تان اهو رنگ لهي ويو آهي. چٽسالي اليڪي ڀانت جي آهي. چٽ اهو آهي جيڪو ٻين هنڌن تي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جهڙوڪ: گهٽڻ ليڪن سان هار جي طرز، جافريءَ جي منجهہ سان يا رنگ سان ڀريل ڏيڏريون چوڪڙيون، ڪونجون يا ڪرنگهيون، ڀريل ڇپريون جن جون ڪنڊون هيٺ جهڪيل آهن ۽ ماڪوڙا يا نانگ وڪڙ ليڪون وغيره. سيني ڪان دلچسپ هڪ گهڻ ليڪو مانڊاٽي چٽ آهي Ta.9 (Pl.XXX, 26) ، جنهن جي وچ تي ڇلو آهي. هن ورن جو چٽ بلوچستان جي ماڳن تان عام جام مليو آهي. پر ڳاڙهي مٿان ڪاري چٽسالي واري ٿانو تي، غازي شاه جي بلڪل هيٺين تهہ مان لڌو آهي، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. اهم ڳالهہ هيءَ آهي، تہ هتان سنڌ سيپتا سان لاڳاپيل ٺڪر جو هڪ بہ ٿانو ڪونہ لڌو ۽ نہ وري ڪابہ اهڙي شيءِ لڌي، جنهن جو سنڌ جي ثقافت سان واسطو هجي.

### لاڏ جي اهميت

چئن ميلن جي گهيري اندر اسان ٿامي جي دور سان لاڳاپيل غازي شاه ۽ ٽنڊي رحيم خان جا ماڳ ڏٺا. هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي اهميت هئي. غازي شاه مان اسان کي ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ ۽ ٻٽن رنگن bichrome وارا ٿانو مليا. پر ٽنڊي رحيم خان مان اسان کي رڳو ٻٽن رنگن وارا ٿانو مليا. اسان

ڪي غازي شاه مان پٽن رنگن وارا ٺانو بلڪل گهٽ مليا. جنهن مان اهو پتو پوي ٿو تہ اها ڳالهہ اتان جي ماڻهن جي نفسيات سان تعلق رکي ٿي. ڇاڪاڻ تہ اهي بنيادي طور ڳاڙهي رنگ تي ڪاري چٽساليءَ وارن ٺانون سان وڌيڪ لهہ وچڙ ۾ هئا. هيءَ ڳالهہ ڪنهن اهميت کان خالي ناهي تہ هڪ جاءِ تي ٺڪر جي اهڙي ٺانو جو عام واهپو هجي، جيڪو ورن جي لحاظ سان ٻن رنگن وارو ۽ ڳاڙهي مٿان ڪاري چٽسالي واري ٺانو کان بلڪل جدا هجي. هن حقيقت مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ، ثقافتي اثر ، جيئن غازي شاه ۾ ڏنو ويو، سو گهٽو ڪري سنڌ جي حدن اندر هڪ مقامي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جي ٺانون تي ٻاهرين اثر جو پير ڪٿبو تہ وڃي بلوچستان ۾ بيهندو ۽ ان کان بہ اڳان پريان سيوستان تائين پهچندو. اتي سنڌ جي ڏنگ ويجهو اسان کي وچ وارا ڪيترا ثقافتي مرڪز ملندا، جيڪي سنڌ سڀيتا جي ٺانو مٿان ڌاريئي اثر ڇڏڻ جا ذميوار آهن. انهن مان ٽنڍي رحيم خان وارو ماڳ آهي. جنهن متعلق اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، تہ هتان اسان کي اهڙي ڪاٻہ شيءِ ڪانہ ملي، جيڪا موهن يا ٻين ماڳن جي ٺانون يا شين سان هڪجهڙائي رکندي هجي.

## غازي شاه کان ڏکڻ ڏس تي سفر

اسان هن وقت منڇر کان پار، ماتريءَ جي ڪنهن سوڙهيءَ پٽيءَ ۾ هئا سون، جيڪا کيرٿر جبل جي اوڀارين ڪچ سان آهي. هن ماتريءَ کي جبل جون مکيہ نيون، نئنگ ۽ انگائي آباد ڪنديون آهن. هنن کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ٽڪريون ننڍيون وڏيون نيون ۽ جهرڻا آهن، جيڪي پنهنجي پاڻيءَ معرفت سُکَرَ ۽ سڻائيءَ جو سنيهو ڪٺي هن واديءَ ۾ پهچندا آهن. هن واديءَ جو اتريون پاسو ٽنڍي رحيم خان کان اڳتي نڪري وڃي ٿو. ڏکڻ طرف هيءَ ماتري ڪراچي ضلعي جي ڪوهستان[1] علائقي جي اتر-اولهہ واريءَ ڪنڊ سان ٺوٺ ۽ سائي وارن لڪن جي سامهون وڃي ملي ٿي. اسان هن واديءَ جي امڪاني حد تائين کوجنا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن اسان اتان جي لاڙ سان غازي شاه ۽ ٽنڍي رحيم خان جي ڪڙين کي ملائي سگهون. ان نقطئہ نگاه کان اسان

پھريندي ڏکڻ ڏس تي سفر جو سانباھو ڪيو.

## ڳوراندڀيءَ جا دڙا

اسان غازي شاه کان ڏکڻ ست ميل سفر ڪري اچي، جھرڻي جي ڪڙئي تي واقع ڳوراندڀي واري دڙي تي پھتاسون. اتي اسان کي ٻہ دڙا ڏسڻ ۾ آيا. جن مان ھڪ کي غازي شاه جو ٿل ڪري سڏيندا آھن. ھتي اسان ھن دڙي کي 'a' جي نالي سان سڏيندا سون. ھيءُ دڙو ١٥ فوٽ اوچو ۽ وچ تي تراڪڙو آھي، جنھنجي ڪنارن سان پٿرن جا ڍير لڳا پيا آھن. دڙي جي اوپر پاسي پٿرن جو سڀ کان وڏو ڍڳ آھي. سندس شڪل چھنبياري آھي. ھن اچرج جھڙي وايو منڊل ۾ دڙي مٿان اسان 9 x 6 1/4 انچ واريون سرون ڏٺيون. جيڪي چٽيءَ ريت مسلمان دور سان واسطو رکن ٿيون. تن کي ڏسي اسان ھن نتيجي تي پھتاسون تہ ڪنھن زماني ۾ ھيءَ جڳھہ ڪنھن وڏي ڏقيڙ يا جھيڙي جي جاءِ رھي ھوندي. ھڪ روايت مطابق ھتي، ڪنھن زماني ۾ ڪوٽ يا ڪوٽڙو ٺھيل ھوندو ھو. اتر پاسي، پٿرن جي ٺھيل چو پتيءَ اندر پٿر جي وڏي جاندڻ ڏسڻ ۾ آئي، جنھن کي بزرگ غازي شاه ڏانھن منسوب ڪيو ويندو آھي. اسان ٿورو تجربو ڪري معلوم ڪري ورتو تہ مذڪوره ڪوٽ جي پيڙه ڪنھن آڳاٽيءَ وستيءَ مٿان بيٺل ھئي. جيڪا تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکي ٿي. دڙي جي لاھين مان پوري رنگ جون ٺڪريون ۽ پاساڙا مليا. تڪڙي تپاس جي ڪري اسان ٿوري گھٽي کوٽائي ڪرائي. جنھن مان اسان کي ١٠ ڪن ٺڪر جا ٿانو مليا. ٻہ فوٽ ١٥ انچ ماپ وارو ھڪ وڏو ٿانو (مَٽ) مليو. Gr.(a)1(Pl.XXXV,11)، جنھن ۾ ھڪ ٿيلھيءَ جو اڌ رکيل ھو. گولائي ١١ ١/٢ انچ ھئس. ننڍي ماپ جا پنج مٽ پيا بہ مليا. انھن مان ھڪ ۾، ننڍو مگو (چل ) ۾ نو پٿر جا رھڙا پيل لڌا جي ڪنھن گھر جا ٿانو تي پانيا. عقيق جو اڌوگابرو ٺھيل مٽيو ۽ سنک جو ٽڪرو، ٺڪر جو ھڪ ننڍڙو ٿانو ۾ ھڪ ٿيلھي dish بہ لڌي. ٿيلھيءَ ۾ سڌائيءَ تي چار سوراخ نڪتل آھن. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اھي ڪنھن تکي اوزار سان ڪڍيا ويا آھن. اتان اھميت جوڳي ھڪ

شيءِ ملي. اها ٺلهي ٺڪر جي پيالي جي شڪل تي ڪونڊي هئي. مذڪوره مٽن کي ڳچي ۽ ڪناري ڪانہ آهي. ڪن کي آريءَ جي ٿانون وانگي اپا پاسا آهن. پرسان ڪاهيءَ مان هڪ پٿر جي پٽ ظاهر ڪئي وئي. پٽ جي اوچائي ٽي فوٽ هئي. پٽ جي پاسي مان هيٺان هڪ ننڍو ٺڪر جو ٿانو لڌو. پر ڪابہ چٽيل ٺڪري نظر ڪانہ چڙهي. ڪيترين ڳالهين مان اسان کي محسوس ٿيو تہ هي ڳورانڍيءَ جو 'a' دڙو ثقافتي مرڪز آمريءَ جي ثقافت سان واڳيل هڪ ننڍو ٿاڪ هو. هن ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانهي، تہ هتي ماڳن ۾ چٽيل ٺڪر جي استعمال جو رواج هو. پر اسان جيڪي ٺڪريون لڌيون، تن جو چٽيل پاسو ڌهي ختم ٿي ويو هو. ڳورانڍي 'b' دڙو، ڳورانڍي 'a' دڙي کان ڏکڻ- اولهہ طرف ٽي فرلانگ کن پري آهي. سندس اوچائي فقط ٨ فوٽ کن ٿيندي، مٿاڇرو تراڪڙو اٿس اهو ٿامي جي دور سان لاڳاپيل ٺڪر جي ٿانون جي پرزن ۽ پٿرين سان دڙڳ لڳو پيو آهي. لڌل شيون، پاساڙن، مٽيءَ جي پڪل چوڙين جي ٽڪرن، پوري رنگ جي ٺڪرين، سوراخدار ٿانون جي ٽوٽن پرزن، مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي سريءَ تي مشتمل آهن. کوٽائيءَ مان اسان کي ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽساليءَ واريون ٺڪريون مليون. مٿن چٽساليءَ جي نمونن ۾ مڇيءَ جا چلر، گلتي پاسن تي چوراس، نوڪدار پن، موڪرا پن، هيٺ لڙڪندڙ نوڪدار ونگيون ليڪون آهن. جيڪي آخر ۾ اسان وڻ جي چٽساليءَ واري ٺڪري ڏني. اهڙي غازي شاه مان پڻ لڌي هئي. پيون شيون، عقيق جو مڻيو، سنک جي چوڙيءَ جو ٽڪر، ٿامي جي چلي جو ٽڪرو[1] هو.

## نئنگ وٽ ٽڪري

ساڳئي رستي سان اڃا بہ ست ميل ڏکڻ طرف نئنگ نالي هڪ خوبصورت جاءِ آهي. اوپر طرف کان بڍي جبل جو وڪڙ اٿس ۽ اولهہ طرف کان کيرٿر جو حصو پٽَ آهي. ڳوٺ جو نالو نئن نئنگ تان پيو آهي، جنهن هن ماٿريءَ کي پنهنجي پاڻيءَ سان سائو ستابو علائقو بنائي ڇڏيو آهي. نئن نئنگ

1. *See* 'Catalogue', pp.105-6.

کان سواءِ هتي ٻيا ست جهرڻا بہ آهن، جيڪي ٻڌي جي هن برپٽ ۾ وهندا آهن. جن جابلو علائقي جي وچ ۾ هڪ خيابان بنائي ڇڏيو آهي. هن ايراضيءَ کي آباد ڪندڙ مکيہ ذريعو هڪ گرم جهرڻو آهي، جيڪو هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان وهي، ڪڙئي وسيلي ڳوٺ جي پرسان پهچي ٿو. جهرڻي جو پاڻي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان ڪرڻ وقت هڪ آبشار بنائي ٿو، جنهن جي مٿان ان پيهڻ واسطي هڪ جانڊه هنئي وئي آهي. نئنگ ۾ پوليس چونڪي بہ آهي، جنهن جي سامهون ١٠٠ فوٽ اوچي ٽڪريءَ تي ڪشمير جي ماڙي آهي. هن ماڳ جو پهريون ذڪر اسان ڪيپٽن پريڊي[1] جي سر بارٽل ڏانهن ١٨٥١ع ۾ لکيل خط ۾ ڏسون ٿا. پر اسان کان اڳ ۾ قديم آثارن جي ڪنهن ماهر هن دڙي کي ڪونہ ٽپاسيو هو. ٽامي جي دور سان لاڳاپيل ٺڪر جي ٿانون جا پرزا چوٽيءَ کان وٺي ٽڪريءَ جي تري تائين پکڙيل نظر اچن ٿا، ٺڪر جي لاهيءَ جي ڪيترين جڳهين تي وڏن پٿرن جا اتاهان ڍير پيل آهن. شايد اهي ڪنهن زماني ۾ اڏاوتن جي ڪم ايندا هوندا. ٽڪريءَ جي ڪناري سان، خاص طور تي اوپر طرف اهڙن پٿرن سان جوڙيل هڪ پت اجا بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر اهو ٻڌائڻ ممڪن ڪونہ آهي تہ اها پت ڪنهن پراڻي دور سان واسطو رکي ٿي يا ان جو ڪنهن تازي دور سان سندس تعلق آهي. ١٨ صديءَ ۾ ڪنهن مير قلعي جي تعمير واسطي پٿر ڍوئرائي ڍير ڪرايا هئا. پر قلعي جي اڏاوتي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ هو وفات ڪري ويو. ماٿهن جو نئنگ ٽڪريءَ لاءِ اهو ويساهہ ۽ وشواس آهي تہ مٿس ڪنهن زماني ۾ قلعو يا ڪوٽ ضرور هوندو. پٿرن جي اڏاوت بہ هن حقيقت جي پٺيرائي ڪري ٿي. ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ پوريل ڍيرن اندر موجود پٿر جي پتين جي ثابتي بہ ملي آهي. علامتن مان اسان کي پوري پڪ ٿئي ٿي تہ اها اڏاوت تاريخ کان اڳ واري ڪنهن دور سان واسطو رکي ٿي. اهڙيءَ اڏاوت کي اڄ بہ محسوس ڪري سگهجي ٿو. اسان پوري پڪ سان چئي

1. *Journal of the Bombay Branch of the Royal Asiatic Society*, Vol. V, 1854, p.352.

سگهون ٿا ته انهن ڍيرن اندر ڪوئين ۽ وڏن ڪمرن جي پٽين جا نشان اڄ به موجود آهن. اولهه سنڌ جي ٻين ٽڪرين وارن ماڳن جيان هتي به ٽڪريءَ جي لاهين تي، پنهنجي سهيوڳي دور وانگي، ماڻهن جي ٺهيل گهرن جي اڏاوتن جا نشان ملن ٿا. اسان کي ننڍڙي وٽ کوجنا ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو. ٿوري وقت جي تپاس ۾ اسان جو ڪجهه به مٽاڄري تان لڌو، ان تي راضي ٿي ويا سون. اسان کي اتان ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽسالي وارا سنڌ سپيتا سان لاڳاپيل ٿانو ۽ پاساڙا مليا.

## علي مراد

اسين موتي غازي شاه آيا سون ۽ اتان اتر طرف انڳائي ماٿريءَ ۾ واقع علي مراد ڏانهن روانا ٿياسون. اهي ماڳ غازي شاه کان اٺ ميل اتر ۽ جوهيءَ کان ١٤ ميل ڏکڻ ڏس تي آهن. ١٨٤٧ع ۾ ڪئپٽن وڪاري Vicary علي مراد جي ماڳن وٽان گذريو هو. جنهن علائقي مان هو لنگهيو ان متعلق هو لکي ٿو: " هي علائقو واريا سو آهي. مٽاڄرو ڏکيو ڪونهي. هڪ کان ٻن ميلن جي منڍي جيترو هيءُ پاسو ميداني آهي، جيڪو اتر طرف ڪجهه موڪرو ٿيندو ٿو وڃي. چوڌاري پٽ جيان ايبون ٽڪريون اٿس ۽ پرسان کيرٿر جو هالار جبل وارو حصو آهي." علي مراد کان جوهيءَ واري خطي متعلق سندس بيان آهي ته " وچ تي پاڻي ملڻ جو ڪوبه امڪان ڪونهي ڪو. سڀ رستا هن برپٽ بيابان[1] مان گذرن ٿا."
علي مراد وارا ماڳ واريا سي علائقي جي وچ تي ٽڪرائتي مٽاڄري تي موجود آهن. وسڪاري جي رت ۾ جڏهن نئن انڳائي وهي ايندي آهي ته اويڙ ايري پوندي آهي ۽ ساوا ڏيک سرهائي آڻيندا آهن. هيءَ نئن علي مراد جي دڙن وٽان مٽيندي آهي. ان کان پوءِ کيرٿر مٿان ڪرنڊڙ پاڻي پرتي ڪندو آهي ۽ سندس پاڻي ايجا اڳتي اوپر طرف پکڙجي ويندو آهي. اهو سمجهيو وڃي ٿو ته نئن انڳائي قديم دؤر کان وٺي اڄ تائين انهيءَ ماٿريءَ جا پٽ پٽي پسايا آهن. جنوريءَ جي مهيني ۾ جڏهن اسان اتي واند هئاسين، ته هيءَ نئن سڪي وئي هئي.

1. *Proceedings of the Geological Society of London*, Vol.III, (1847), p.346. Vicary does not, of course, mention the mounds at Ali Murad.

ڳوٺ جي اتر پاسي منجهس ڪاٺي ڪاٺي پاڻيءَ جا ڍَبا نظر اچي رهيا هئا.

## دڙا

علي مراد وارا دڙا ٻن جدا ماڳن تي واقع آهن. هڪ ڳوٺ سان لڳو لڳ اتر طرف ۽ ٻيو ان جي اتر-اوڀر ڏس تي آهي. انهن مان اڳيون دڙو وڏيڪ چٽو ۽ ۱۱۰۰ x ۱۰۰۰ فوٽن جي ايراضيءَ جي والار ڪري ٿو، جنهنجي اوچائي ۲۷ فوٽ آهي. (Pl.VIII,a Pl.XLIV). دڙي ۾ اتر ۽ ڏکڻ طرف ٻه ترايون آهن، جيڪي وستيءَ جي آباديءَ وقت ڪليل ميدان هوندا. ڏکڻ واري ترائيءَ ۾ هڪ سڪي ويل کوه آهي. (Pl.VIII, c) . اوساري پٿرن سان ٿيل اٿس. گولائي ۸ فوٽ آهيس. اسان جي تپاس وقت اهو ۱۲ فوٽ گهرائيءَ تائين ظاهر ڪيل هو، پر جر جي پاڻيءَ جي سنوت تائين پهتل ڪونه هو. هن ايراضيءَ جي ڏکڻ-اوڀر جي ڪنڊ تي ننڍيون ٽڪريون موجود آهن. انهن جي پاسي ۾ مٺي فقير جي تربت آهي، جنهن جي چوڌاري بنا گاري پٿرن جي پِٽ ڪنيل آهي. هن جاءِ کان اوڀر طرف وري به ٽڪريون نظر اچن ٿيون، انهن جي پاسي ۾ ٻيون به قبرون آهن. هن دڙي کان ٿوري پنڌ تي اوڀر طرف ۽ اوڀر-اتر طرف، دڙن جو ٻيو مچلو (جهڳٽو) آهي، جن کي مسلمانن پنهنجو قبرستان بنائي ڇڏيو آهي. اهي دڙا، اتر کان ڏکڻ هڪ سڌ ۾ پکڙيل آهن ۽ انهن سان گڏ ٽڪريون به جاٽي ڪاٺي موجود آهن. پرسان ئي اتر طرف پلي شاه جو مقبرو آهي. هي جوهيءَ تعلقي جي مقدس جاءِ آهي. ٻنهي ماڳن جي وچ واري زمين تي ٺڪرانو پکڙيو پيو آهي. پر ٺڪرين جي گهٽائي دڙي جي مٿاڇري تي موجود هئي. دڙي جي ٿوري گهڻي تپاس ڪافي هئي، جنهن مان اندازو لڳايو ويو ته هيءُ ماڳ ٿامي جي دور سان واسطو رکي ٿو. اهم ڳالهه اها به هئي، ته اتي مٿيءَ جون پڪل هزارين شيون چوڌس پکڙيون پيون هيون.

## ڪوٽ وارا ماڳ

مٿي ذڪر ڪيل کوه جي پير ۾ کوٽائي شروع ڪرائي وئي، جنهن مان اسان کي قلعي جي هڪ پِٽ جي اڏاوت ملي. اها ديوار جڏي سڌي گهڙائي ٿيل

دوگلن پٿرن سان اڏيل هئي، جن جي ڊيگهه ۲ فوٽ، اوچائي هڪ فوٽ ۽ منڍو هڪ فوٽ يا ان کان ٿورو وڌيڪ هو. دڙي جي ڏکڻ - اوپر طرف ۱۷۰ فوٽن تائين قلعي جي ان پيت کي ظاهر ڪيو ويو. ان ننڍ پيت جي وڌ ۾ وڌ اوچائي ۵ فوٽ هئي. (Pl.VIII, b). ان قلعي جي پيت جي اڏاوت ڏاڍي دلچسپ هئي. ڪيترين جاين تي ان کي اندر ۽ ٻاهر تي وڪڙ ڏئي ناهيو ويو هو. ان پيت جا ڪجهه حصا، دڙي جي اوپر ۽ اتر طرف به ڏسڻ ۾ آيا. ان پيت جي سلسي جا اولهه طرف کان به امڪان هئا. جاڪاڻ ته اهڙيءَ ريت ان اڏاوت جي چوڌاري ڦري اچڻ جو ڪٺڻ آهي، جيڪا هاڻي دڙي جي صورت ۾ آهي. وقت ٿوري هجڻ ڪري اسان هن نقطي کي نروار ڪري ڪونه سگهيا سين. کوهه جي پر سان ڏکڻ طرف اسان کي قلعي جي پيت ۾ هڪ وڏي گهاري ڏسڻ ۾ آئي ۽ ان کان اولهه طرف تي وري ڊگهيءَ پيت جا باقي بچيل ننڍ ڏسڻ ۾ آيا.(Pl.XLIV) . اها گهاريءَ واري پيت جيڪا ۶۵ فوٽ اڳتي ڊگهي هئي، سا ساڳي قلعي جي پيت جو سلسلو هوندو، جيڪو اچا به اڳتي هلي ڏکڻ - اولهه وارين ٽڪرين سان ملي ٿي ويو. دڙن واري سڄي ايراضي، جيڪا قلعي جي پيت اندر اچي ٿي وڃي، تنهن تي ڪيترين ئي پٿر جي پيتين جا نشان چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي نشان جاين جي ڪيترين ڪوٺين ڪمرن جي اڏاوتن جون پيڙهيون ظاهر ٿا ڪن، جن ۾ وڏو امڪان اهو آهي، ته اهو ماڳ ضرور ڪو قلعو هوندو يا ڪنهن راجا جي محلات جي چوڌاري پٿر جي وڏي چوپٽي هوندي، يا ڪوٽ هوندو، جنهنجو هڪ لنگهه کوهه جي پرسان گهاري آهي. جيڪڏهن ٻيا لنگهه هوندا، ته اهي اسان لهي نه سگهيا سون. کوهه به ان پراڻي دور سان واڳيل آهي، جنهن ۾ هن ڪوٽ جي اڏاوت ٿي هئي. ان کوهه جو فقط هڪ پٿر تازي دور سان تعلق رکي ٿو. قلعي جي پيت جي پرسان ٻاهران ننڍڙن پٿرن مان اڏيل هڪ پيت جا نشان مليا. پر هن پيت جو قلعي واري پيت سان ڪهڙو تعلق هو؟ تنهن جو پتو ڪونه ٿو پوي. جاين جي تعمير ۾ مٽيءَ جي گاري جو ائين استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن بلوچستان جي جاين متعلق اسٽين جو بيان آهي. علي مراد جي دڙن جي وڏي پيماني تي کوٽائي ۽

ڪوجنا ڪرڻ ڪپي چو تہ ٿامي جي دور سان لاڳاپيل قلعو پهريون پيرو هتي لڌو آهي. جيئن تہ اسان کي هتي هڪ هفتي کان وڌيڪ ترسڻو ڪونہ هو، تنهن ڪري هن ڪم کي مستقبل جي جاکوڙي جوانن جي حوالي ڪجي ٿو.

## لاڌ Findings

علي مراد جي ماڳن تان لڌل چٽيل ٺڪرائو سنڌ سيپتا جي ٺڪر سان لاڳاپيل آهي. جن کي اوهان ;Pl.XXIV, 2,4,7-9,12,13,16,& 17 (pp.106-107) ۾ ڏسي سگهو ٿا. ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽسالي ٿيل آهي. ٿانو ٿلهي وڙ جا ۽ ري پڪل آهن، پر انهن جا نمونا تمام ٿورا لڌا. چٽسالي ۾، گلتي پاسن سان چوراس، قلڙين سان نشان ٿيل گل، گهرين ۾ رکيل پن، پپر جا پن ۽ وڻ جو روايتي چٽ اچي وڃن ٿا. قلعي جي پٽ جي اندرئين مهاڙيءَ مان بنا چٽسالي جي هڪ وڏو مٽ لڌو (Al.83 Pl.XXXV, 14) . ان سان پيا پڳل مٽ ۽ ٿامي جو ٽي انچ ڊگهو اوزار celt پڻ لڌو. وڏي مٽ ۾ رکيل ٽي پاساڙا، ننڍڙن وڙن سان لاڳاپو رکندڙ ٿانون جا ٺڪر ٿوٽا. ٿيلهيءَ dish جا ٺڪر ۽ مٽيءَ جون پڪل ٽڪيون بہ لڌيون. ساڳيءَ پٽ جي ڏاکڻيءَ ڪنڊ وٽان، ٽن انچن کان بہ ڊگهي ٿامي جي آر لڌي. ڪجهہ شخصي ڳهڻن واريون شيون، جهڙوڪ نليءَ جي شڪل تي عقيق جو مٽيو، سنگ سليمانيءَ جو هڪ خوبصورت مٽيو، جنهن جي شڪل بہ نليءَ نموني تي هئي. پٿر جا چپٽرا مٽيا وغيره پڻ لڌا. مرجان (AL.90) جو ٽڪرو لڌو، جنهن جي هڪ پاسي رهڙڻ جا نشان هئا، جيڪو گوشت رڳڙڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٿو ڀانئجي. مٽيءَ جو پڪل پاٿيءَ جو سنيارو بہ لڌو، جنهن تي اندرئين پاسي تي هڪ ٻئي کي پائيندڙ interlacing چلن جي ڪوکي اڪير ڏسجي ٿي. مٽيءَ جو پڪل گول پنوڙو بہ لڌو، جيڪو ٻنهي پاسن کان ڪپيل هو جهڙيءَ ريت چانهونءَ جي دڙي ۽ ٻين دڙن مان لڌو هو. ۽ اهو ميجتا طور[1] آويءَ ۾ اڇلايو ويو هوندو. مٽيءَ جي پڪل مورتين مان ڍڳي ۽ سوئر جي مورتي ملي. کوٽائيءَ مان پيا بہ ننڍي وڙ جا ٿانو

1. Above pp. 42, 68 and cf. 52.

جهڙوڪ پرچون، ڪُپا، پيالا وغيره به جام مليا آهن. ڏکڻي پڙڳي تري سان ڦيلهيون به لڌيون جن جي اندرئين پاسي ڪوڪيءَ طرز تي ٻيج جا نشان آهن. پچاڙيءَ ۾ سوراخدار[1] ٿانون جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي اتان مليا. آخر ۾ ذڪر ڪيل ٿانو سان هڪجهڙائي رکندڙ ٿانو نه رڳو موهن مان لڌا ويا، پر سنڌ جي هر پراڻي ماڳ مان پڻ هٿ آيا آهن. عالم هن ٿانو متعلق چون ٿا ته هي اهو ٿانو آهي، جنهن لاءِ اٿر ويد[2] ۾ ذڪر آهي ته "پاڻيءَ سان ڀريل ٿانو جنهن ۾ هزارين سوراخ آهن، سوين سوراخ آهن ۽ انهن مان پاڻي وهندو ٿو رهي." پر اها ڳالهه سوچ کان ٻاهر آهي، ته انهن ٿانون جي تري ۾ هڪ وڏو ڳڙک آهي ۽ پاسن تي ننڍا ننڍا تنگ آهن ته ان حالت ۾ پاڻي ڪيئن انهن مان وهائي سگهبو هوندو. سنڌ سڀيتا جي سوراخدار ٿانون جهڙا ٿانو، ڪش Kish [3] مان به لڌا آهن. ان ڪي سنڌ جي ٿانو وانگي تري ۾ سوراخ آهي ۽ انهن ٿانون مان به ساڳيو ڪارج سريو هوندو. سوراخدار ٿانو (ڪميي) کي ويدن مطابق ڪنهن ٻل چاڙهڻ (قرباني) وقت شراب کي روڪڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هوندو، جنهن جو ذڪر ستاپاٿا برهمانا[4] Satapatha Brahmana ۾ ملي ٿو. جنهن سوراخدار ٿانو کي هن ڪارج ۾ ڪتب آندو ويندو هو، ان ٿانو کي ٻڪريءَ جي ڏاس ۽ رڍ جي ان سان ڀريو ويندو هو، ته جيئن منجهس سرو (شراب) ٽيپو ٽيپو ٿي قربانيءَ واريءَ ٻاهه مٿان ٽمندو رهي. سنڌ جو ڪميي ٿانو، سَري کي روڪڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪارج لاءِ ڪتب ڪونه آندو ويندو هوندو.

## پانڌي واهي *

علي مراد وارن دڙن وٽ هٿاسون جو اسان کي معلوم ٿيو ته پانڌي واهي (Pl.VII, b) ڳوٺ جي ڀرسان هڪ دڙو آهي. تنهن ڪري اسان وانڊ به وڃي اتي هنئي. کوٽائي شروع ڪرڻ کان اڳ، مان ڪنهن ڪم سانگي موهن هليو

1. *See* 'Catalogue', pp.106-108 below.
2. *Mem. A.S.I.*, No.31, p.14.
3. *A Sumerian Palace and 'A' Cemetery, Kish*, Part II, p.154 and Pl. LIV, fig.33.
4. *Sacred Books of the East*, Vol. XLIV, pp.234-235, and Pl.LIV, fig.33.

* هن ماڳ کي واهي پانڌي سڏيو وڃي ٿو. (مترجم)

ويس. ڪم ختم ٿيڻ کان پوءِ واپسيءَ تي دادو ريلوي اسٽيشن تي لٿس. واهي پانڌي جي دڙن لاءِ هيءَ ويجهي اسٽيشن آهي. اسٽيشن تان لاريءَ ۾ چڙهي ١٢ ميل سفر ڪري تعلقي جي صدر مقام جوهيءَ ۾ آيس. جتان ١٦ ميل اٺ جي سواري ڪري اچي واهي پانڌيءَ پهتس. واپسيءَ تي مون اهڙي علائقي مان سفر ڪيو، جيڪو نين جي سڪل پيٽن سان ڀريو پيو هو ۽ آباديءَ واسطي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌل هئا. واهي پانڌي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. منجهس ڪيرٿر وٽ پوليس چونڪي قائم آهي ۽ هيٺ ناڙي نئن جي وهڪري جو پيٽ آهي. مذڪوره دڙو واهي پانڌي ڳوٺ کان اتر طرف ۽ ناڙي نئن جي هڪ ڇاڙهه راڄ واهه جي ڪڙ تي موجود آهي. اوچائي ٢٠ فوٽ اٿس. ان جي ايراضي وڌ ۾ وڌ 450 x 350 ڪن فوٽ ٿيندي. هتان جي ماڻهن هن دڙي کي کوٽي ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيو آهي. هن دڙي جي اتر، اوير ۽ ڏکڻ کان پاڻي روڪڻ لاءِ بند چاڙهيل آهي. انهن بندن جي سبب مٽي هن دڙي مان کوٽي ڪڍي وئي آهي. رهيل دڙي کي وري مسلمانن پنهنجو قبرستان بنائي ڇڏيو آهي. پر تنهن هوندي به دڙي جي لاهين ۾ موجود چٽيل ٺڪرائو ۽ مٽائٽس لڌل پن جي شڪل تي پٿر جي ڪان جي اٽي (PW.1) ثابتيءَ لاءِ ڪافي آهن، ته هي ماڳ تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکن ٿا.

## ڪاهي ـ١ ۽ ٢ (Pl.XLV)

دڙي جي ڏاکڻين ڪناري سان 80 x 12 ماپ جي ڪاهي کوٽائي وئي. دڙي جي چوٽيءَ کان ٧ فوٽ هيٺ کان کوٽائي شروع ڪرائي، وچِي ١٦ فوٽن تي بيهاري سون. هيٺ تيرهن فوٽن جي اونهائيءَ تي وڏيءَ ماپ جا ٿانو مليا، جيڪي ڪنهن پوئين دور جي وستيءَ سان لاڳاپيل هئا. هن ڪاهيءَ جي ويجهو اتر پاسي دڙي جي صفا چوٽي تي ڪاهي ـ٢ کوٽي وئي، جنهنجي ماپ 10 x 28 فوٽ هئي. سندس مٿيون پاسو دڙي جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ ۽ اونهائي ٦ فوٽ هيٺ هئي. ڪاهيءَ ڀرڻ جي تري مان اسان کي اهڙا ساڳيا ٿانو مليا، جيڪي ڪاهي ـ٢ مان لڌا هئا، جن کي اسان ساڳئي دور ۾ شامل ڪريون ٿا.

ڪاهي ١ جي تهه کي وڏي اهميت حاصل آهي. جيئن ئي کوٽائي شروع ڪرائي وئي ته مٿان ئي اسان کي ڳاڙهي ٿانو مٿان ڪاري چٽسالي وارا ٿانو نظر آيا ۽ ان سان گڏ ٻن رنگن جي ڇر واريون ٺڪريون به ملڻ لڳيون. اهو سلسلو وڏن ڀڳل ٿانون ملڻ واري تهه تائين هلندو رهيو. ان کان ٿورو هيٺ ڳاڙهي ٿانو تي ڪاريءَ چٽساليءَ وارن ٿانون جي ڏاڍي گهٽتائي نظر آئي، پر ٻن رنگن وارن ٿانون جي گهٽائي ڏسڻ ۾ آئي. جڏهن ڪاهيءَ جي تري ۾ پهتا سون ته رڳو ٻه رنگا ٿانو ڏسڻ ۾ آيا. هيٺ ايڪپري اونهي ڪاهيءَ مان هڪ ٻئي مٿان ٻن ورنن جي ٿانون جو ملڻ هڪ فيصلہ ڪن حقيقت هئي ته ٻن رنگن واري ٿانون جي ثقافت جي جاءِ تي اها ثقافت آئي، جنهن جي نمائندگي ڳاڙهي مٿان ڪاريءَ چٽساليءَ وارا ٿانو ڪن ٿا. پانڌي واهيءَ ۾ هڪ ثقافت کان ٻيءَ ثقافت اچڻ تائين ضرور ڪجهه وقتلڳو هوندو، جنهنجو اسان ڪاهي -١ جي تهه مان منلڌڙ شين مان اندازو لڳائي سگهون ٿا.

## ڪاهي ٣ ۽ ۴

ڪاهي ٣ ۽ ۴ دڙي جي ڪچ ۾، ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي سنوت سان کوٽايون ويون. هنن کوٽاين جو مقصد اهو هو ته جيئن اسين معلوم ڪري سگهون ته ٻن جدا دورن جا ٿانو هڪ جاءِ تي ڪهڙي سبب گڏجي ويا. کڏ نمبر ٣ جي ماپ 14 x 14 فوٽ هئي. سندس اونهائي ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان پنجن فوٽن کان ٿورو هيٺ هئي. هن اونهائيءَ تي هڪ ئي جاءِ تي ڪيترا ٿانو ڀڳل صورت ۾ هٿ لڳا. (Pl.VII, C) . انهن مان هڪ ۾، ڊاڪٽر پرشاد جي خيال مطابق ڪنهن گهريلو ٻڪريءَ جا هڏا پيل هئا. چار ٿانو ٺڪر جي صورت ۾ هئا. اهي مختلف ٺڪر پاڻ ۾ گڏي سڄا سارا ٿانو جوڙي ورتاسون. ٿانون تي ڇر جا اهڃاڻ هئا. پر ٿانو ايترا ته ٿورا هئا، جو انهن تي ٿيل چٽساليءَ جي سياءَ جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو مشڪل هو. وڌيڪ کوٽائيءَ مان اسان کي اتاهين تري سان هڪ سهٽي ٺيلهي ملي، (PW.36) ۽ (PW.187). ٻنهي جي مٿان ڳاڙهي رنگ جي پوچيءَ سان ڪاري رنگ جي چٽسالي هئي. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري

چٽسالي ۽ واري ٿانو جو هن هينئين تهه تي ملڻ هڪ اچرج جي ڳالهه هئي. خاص طور ان ڪري ته هن سان گڏ پڻ رنگو ٿانو موجود ڪونه هو، جيئن اسان ڪاهي ۱ جي تري ۾ ڏٺو هو. جنهن تڙيل پکڙيل نموني ۾ اسان کي ڪڏ مان اهي ٿانو مليا، ان مان اندازو آهي ته اها کوٽائي اسان گند ڪچري جي ڍير تي ڪرائي. اهي پوئين دور جا ٿانو جيڪي هٿ لڳا، سي پوءِ گند ڪچري ۾ اڇلايا ويا تا پاڻئجن. پئي قسم جو نقطئه نظر به غير معقول نظر ڪونه ٿو اچي ته ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽسالي پڻ رنگن واري ٿانو سان سهيوڳي هوندي ۽ غازي شاه جيان سنڌ سيپتا جي ڪنهن قديم مرحلي جي نمائندگي ڪندي هوندي. ڪڏ ۴ گهٽ ايراضيءَ ۾ کوٽائي وئي. جنهن مان چٽيل ٿانون جا ڪجهه نمونا هٿ لڳا. هن ڪڏ مان ذرتيءَ جي متاچري سئين، ڳاڙهي وڙ تي ميڄي چلر جي -PW) (32 ۽ ڏاند جي تصوير (PW-33-34) جي چٽسالي ڪاري رنگ ۾ ملي. ڪڏ مان، مختلف تهن سان لاڳاپيل ٿانون جي ملڻ بابت اسان جو نقطئه نظر مٿي بيان ٿي چڪو آهي. پانڌي واهي جي لاڏ جي پيراٽتي پنوتري اسان هن ڪتاب ۾ ڏئي چڏي آهي. پر هتي اسان اهم شين جو ٿورو ڪجهه وستار ڏئي پڙهندڙن جو ڌيان چڪائيندا سين.

## پٿر جي تير جي اٽي Stone Arrow Head

پن جي شڪل جهڙي پٿر جي ڪان جي اٽي دڙي جي متاچري تان ملي. (Pw.1) ، جنهن جو بيان اسان مٿي ڪري آيا آهيون. پر کوٽائيءَ مان اسان کي بي اهڙي ڪابه شيءِ هٿ ڪانه آئي. ڪيترين اهڙين پٿر جون ڪان جون اٽيون سر هينري ميڪ موهن ۽ سر ارل اسٽين سيستان[۱] مان آنديون هيون. ڪجهه اتر بلوچستان[۲] جي پيراٿو ڪنڊائي مان هٿ لڳيون. سيستان ۽ بلوچستان

1. The MacMahon collection (1903-05), which is now in the Quetta Museum, includes some very fine specimens of leaf-shaped arrowheads of chert, hornfels, jasper, chalcedony, quartzite and other stones. It has not yet been published. The collection made by Stein (1915-16) is described in his *Innermost Asia*, Vol.II, p.964 and Pl. CXII.
2. *Mem. A.S.I.*, No.37, pp.40, 41 and Pl. IX, P.SW.c.26; also Pl. XVI, Kr.1; and *ibid.*, No.43, Pl. VI, Su.5.

ڪان سواءِ مصر، عراق ۽ اوڀر جپان مان به هٿ لڳيون. ڪي نمونا اسٽين کي چيني ترڪستان جي لوپو نور Lopo-nor [1] جي رڻ پٽ مان مليا آهن. پر اهڙي ثابتي ڪانه ملي آهي، ته اهي هندستان اندر به مليا هجن. واهيءَ پانڌي مان ملندڙ اهو اڪيلو نمونو آهي، جيڪو سچيءَ سنڌ ۾ فقط هن جاءِ تان لڌو آهي. تنهن ڪري اهو چئي سگهون ٿا ته هن پٿر جي ڪان جي اٿيءَ جي اصليت هندستاني ڪانه آهي. ساڳي قسم جو ٽامي جو اوزار غازي شاه مان به هٿ آيو. (Pl.XLI,24). پن جي شڪل جهڙو ٽامي جو ڏڦي جو ڦر موهن ۽ سنڌ جي ٻين ماڳن مان پڻ مليو آهي. پٿر جي اوزارن اڳتي هلي ٽامي جي اوزارن جي شڪل اختيار ڪئي، جنهنجي شروعات اسان سولوٽرين Solutrean دور ۾ ڏسون ٿا. پوءِ اهي شيون، پٿر جي پوئين دور ۾ چوڏس پکڙجي ويون.

## چٽيل ٺڪر وارا ٿهه

سنڌ سپيتا سان لاڳاپيل ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارا ٿانو هتان تمام ٿورا لڌا. پر گهٽائي ڦڪي، ڳاڙهي ۽ ڀوري رنگ جي ٿانون جي آهي. هڪ رنگي چٽسالي يا آمريءَ جيان ٻه رنگي چٽساليءَ وارا ٿانو گهڻ قسمي واري وڙ ۾ اچي وڃن ٿا. ڳاڙهي ٿانو مٿان ڪاري چٽسالي وارا ٿانو Pl.XXXVIII, 2-5, 10, 16, 2a ۽ Pl.XXIX,37,38 ۾ ڏسي سگهجن ٿا ۽ fig.16, 10, 2-4 واريون ٺڪريون ڪاهي ١ مان ١١ ڪان ١٣ فوٽن جي اونهائيءَ مان لڌيون. fig.5, 24 واريون ٺڪريون، ڪاهي ۴ مان١ ,١٩ فوٽن جي گهرائيءَ تان لڌيون. Fig.37, 38 واريون ٺڪريون ڪاهيءَ ١ مان ٦ ,٢١ ڪان ٢٦ فوٽن جي گهرائيءَ تان مليون. جيستائين ٻين ٺڪرين جو تعلق آهي ته ڪن ٿورين ڪان سواءِ يعني ڀوري رنگ واريون Pl.XXVIII, 30, 38، سموريون دڙي جي سڀ ڪان هيٺين ٿهه ١٨ فوٽ هيٺ تان لڌيون. انهن جي لاڏِ مطابق ٺڪرين جي نمونن جي گهٽائي ڪن خاص گروهن سان تعلق رکي ٿي. اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته پراڻي دور ۾ ڀوري ۽ به رنگي وڙ ۽ ورن واري ٿانو جو

1. R.A.Smith, *Man*, 1911, and Pl.F; *see* also Stein, *Serindia*, Vol.I, pp.363 ff.

عام رواج هو ۽ انهن ٿانون سان گڏ ڪجهہ ٿورا ٻئي وڙ ۽ ورن جا ٿانو بہ تيار ڪيا ويندا هئا.

## چٽسالي ۽ ان جي هڪجهڙائي

ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽسالي ۾ اسان پهر جي پن کي عام جام ڏسون ٿا يا آڪڙين جهڙي چٽسالي، جيڪا وٽي چڏي ورجائي وئي آهي. ميچي - چلر ۽ ڏاند جي تصوير جو چٽ، بہ نظر اچي ٿو. پوري رنگ جي هڪ ٿانو تي فقط، اسان ڏاند جي تصوير جي چٽسالي ڏسون ٿا. (Pl.XXVIII, 30) . پانڌي واهيءَ جي ٿانو تي ڏاند جي تصوير جو پير (Treatment) غازي شاہ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. ڪولي ۽ ميهيءَ ۾ اسان کي ساڳيو پير نظر اچي ٿو. ميچي چلر جي چٽسالي اسان موهن ۾ ڏسون ٿا ۽ اهو سنڌ جي ٿانون تائين محدود آهي جيڪو ڪنهن حد تائين نال Nal ۾ بہ ڏسجي ٿو. (Pl.XXIX, 37) ۾ اهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي، جنهن ۾ پن ورنن جا چٽ موجود آهن يعني گلتي پاسن تي چهري يا ٽڪنڊي آهي، جنهن منجهہ ٿي پريل پيون ٽڪنڊيون يا چهريون آهن ۽ وچ تي خال چڏيل اٿس. ٻئي چٽ ۾ نو چوراس آهن جن مان پنج پريل آهن، جن جي ترتيب مانڌائي طرز تي آهي، باقي چار خالي آهن. خانن ۾ ورهايل چهري ٻن رنگن ۾ غازي شاہ ۾ ڏسجي ٿي. سندس چٽ ڪمري طرز چاٽڙو مان لڌل چٽ جهڙي آهي، جنهن جو بيان بعد ۾ ايندو. Pl.XXIX, 38 ۾ هڪ گول پٽو آهي، جنهن ۾ چوڌاري پريل چهريون يا ٽڪنڊا، جن جا پاسا گلتي نموني تي آهن، سندن پاسي ۾ ونگون آهن، جن جا ڪجهہ حصا پريل آهن. هن ورن جهڙي چٽسالي ڪاٽي بہ ڪانہ ملي آهي. ٻنهي ورنن جو چٽ اسين فقط انهن ماڳن تي ڏسون ٿا، جتي بہ رنگو ٿانو مليو آهي. تنهن ڪري اها ڳالهہ پڌري آهي، تہ انهن جي رنگ ڏيڻ وارو نمونو تہ سنڌ جهڙو آهي، پر پانڌي واهيءَ مان لڌل نمونن کي پوري ٿانو جي اثر کان وانجهيل ڪونہ ٿا ڏسون. پانڌي واهي ۾ ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي واري ٿانو تي سنڌ جو اثر ظاهر آهي. پيا اهڙا بہ نمونا آهن، جنجو تعلق نال ۽ بلوچستان جي ٻين مرڪزن سان

آهي. پورو ٿانو بلوچي ٿانو کي وڏيڪ ويجهو آهي. مثال طور، پريل يا جافري منجهہ سان چوڪڙيون، ڪرنگهيون، ٻہ چپريون جيڪي پاڻ ۾ هڪ نقطي تي ملن ٿيون يا چوراسن جي چوڏاري ڏاڪن جهڙي چٽسالي.Pl.XXVIII, 18 جيڪي نال [١] جي ٿانون سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. اهڙي چٽسالي جنهن جي پٽي ۾ چلن جي هڪ يا ٻہ قطارون آهن، سا عام طور ڦيلهين جي چٽسالي هوندي آهي. اها چٽسالي بلوچستان مان اسٽين [٢] لڌي هئي. هڪ دلچسپ طرز Pl.XXIII, 40 ۾ ڏسجي ٿي، جيڪا سنڌ جي ماڳن تان تمام گهٽ لڌي آهي. پر بلوچستان جي ٿانون ۾ عام آهي. سنڌس طرز هڪ پاسي واري ڦٽيءَ جهڙي آهي، يعني ان جي هر هڪ چيڙي وٽان هڪ ڊگهي ليڪ نڪري ٿي. اها چٽسالي ڪولي ۽ ميهي کان سواءِ شاهي تمپ Shahi Tump [٣] مان پڻ لڌي آهي. اهي چٽساليون اچرج جي حد تائين سوس [٤] جي پهرين دور واري چٽساليءَ سان پيٽ آهن. هتي هڪ ناياب نمونو ٻہ ڏسجي ٿو. Pl.XXVIII,1 ، جنهن جي طرز ڏاڪن جهڙي آهي. اها طرز گوادر ۽ مڪران جي نندرا [٥] مان پڻ لڌي آهي. Pl.XXVIII, 41 ۾ هڪ ڦيلهي، جنهن جي ڪناري تي وٽيءَ کان پوءِ پوروچوٽيون ونگون آهن. هن ورن جي چٽسالي نال [٦] مان هڪ ڪٽوري تي ڏسجي ٿي. جيڪي چٽساليون اسان بلوچستان ۽ سنڌ ۾ ڳڏيل ڏسون ٿا، ساڳيون پري کان عراق مان ٻہ مليون آهن. Pl.XXVIII, 8 ۾ لَمَ تي (جهڪيل Sloping ) پوروچوٽيون لهڪيون آهن، تن کي سامرا [٧] مان ملندڙ نمونن سان پيٽ ۾ رکي سگهجي ٿو. خاص ڏيان Pl.XXVIII, 39 جنهن ۾ گلتي پاسن سان پوري رگيل چپرين (ٽڪنڊن ) جي اپي قطار ڏسجي ٿي. هن ورن جي چٽسالي آمريءَ مان ٻہ ملي آهي، پر سامرا [٨] Samara ۾ تہ مقبول عام ملي ٿي.

1. Cf. *Mem. A.S.I.*, No. 35, Pl. XXI, fig.13. 2. *Ibid.*, No.43, Pl. I, Z.N.I.
3. *Ibid.*, No. 43, Pl.XXXIII, Kul.V.vii.2; Pl.XXX, Mehi, II.4.5; and Pl.XVII, Sh. T.Vi.13.b. 4. De Morgan, *Prehistoire Orientale*, tome III, p.56, fig.7.
5. *Mem. A.S.I.*, No.43, Pl.XX, G.D.4.G.D.8, and Pl.XXV, Nun.13
6. *Ibid.*, No.35 fig.11.
7. Herzfeld, *Vorgeschichtlichen Topfereien von Samarra*, 1930, Pl.XIX, fig.61a.
8. Herzfeld, Pl.XXXVI, fig.233c. It occurs also at Musyan. *See* above p.30; Am.398.

اهڙيءَ ريت ہيءَ پانت جي هڪ چٽسالي Pl.XXVIII, 7 بہ آهي، جنهن کي اسان پيالي تي ڏسون ٿا. پيالي جي مٿئين پاڱي تي پاسي کان ولي وچ تائين جافري چٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر هيٺيون پاسو خالي ڇڏيل آهي. سامرا مان بہ کجهہ پيالا هٿ آيا آهن، جن تي اهو ساڳيو چٽ [١] مليو ٿو. موکري وڙ جي ٿانو جي چٽسالي Pl.XXVIII, 38 ، تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. چٽسالي جو اهڙو ورن اسان سامرا [٢] ۾ تمام گهڻو ڏسون ٿا. جيستائين گلتي پاسن تي چوکڙين جو تعلق آهي، تہ اهي واهي پانڊيءَ مان بہ لڌيون آهن ۽ آمري ثقافت جو اثر سنڌ ۾ جاتي پهتو آهي، ان جاءِ تان اهي مليون آهن. هوبهو انهن جهڙو چٽ، العبيد [٣] جي ٿانون تي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

## ٿانون جا نمونا

پانڊي واهيءَ مان ٿانون جي گهاڙيٽي جا نمونا [٤] بلڪل ٿورا لڌا آهن. گولائيءَ تي ايا ڪٽورا (پيالا ) لڌا آهن، ( Pl.XXXIX, 9, 13, 15). ڪي ٿانو اهڙا بہ آهن، جن جا ڪنا لسا ۽ ڪلهن سان گڏ وريل آهن يا ڪن ٿانون جون ڪچيون ٻاهر تي نڪتل آهن. ڪن پيالن جا ترا ويڙوڙا آهن (Pl.XXXIX, 11). ۽ ٽيون جن کي ٽيپ Ring base ترا آهن، (Pl.XXXIX-12). پرچيون Saucers ٿالهيون ۽ ڍڪهن پڙڳي ترن واريون ڦيلهيون Pl.XXXIX, 04 نمبر واري هڪ اهڙي ڦيلهيءَ جو نڪر آهي، جنهن جي ڪلهن وٽ ڪناري ٻاهر نڪتل آهي. انهن سيني تي سنڌ سپيتا سان لاڳاپيل چٽ آهن. سڌن ڪلهن وارا ٿانو ڪنهن قديم زماني سان تعلق رکن ٿا، (Pl.XXXIX, 6, 8) اهو نمونو پوئين دور تائين ٿوري ڦيرگهير ڪندو واهي پانڊيءَ ۾ موجود رهندو آيو آهي. هن ماڳ تي خاص گهاڙيٽي ۽ ورن وارو ٿانو Pl.XXXV, 7 (PW.40) آهي، جنهن جو واسطو ڪاهي - ٣

1. *Ibid.*, Pl.XXIII, figs. 115, 116.
2. *Ibid.*, Pl.XX, fig.89.
3. Hall and Wooley, *Ur Excavations*, Vol. I, Pl. XVII, figs.1695, 1812.
4. Fo some typical Pandi Wahi examples of pottery shape and decoration *see* Pl. XXXIX, 6-15.

جي ٿانون واري مڇلي سان آهي. سندس نمونو آڪڙيءَ نموني تي گول آهي. ٺڪريءَ جا ڪي ٽورا اهڃاڻ اٿس. مٿس چوڙين وانگي ڪنهن اصلي چٽساليءَ جا اهڃاڻ آهن. بنا چٽساليءَ جي لسن سادن ٿانون ۾ ٺيٺ ۽ ٻاهر تي پيٽ نڪتل ٿانو مليا آهن، جن ڪي مٿي ٽنگڻ لاءِ ڪناريءَ تي سوراخ آهن.

## موهن جي گهاڙ سان لاڳاپيل شيون

ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽساليءَ ڪان سواءِ، جيڪا هوبهو موهن جي گهاڙ ۾ چٽساليءَ جهڙي آهي، پٿر جا گول چپٽرا مٽيا لڌا، ڏکهي پڙڪي تري واري ڦيلهي، جنهن جي اندرئين پاسي چٽ نموني چگهه نڪتل آهن. مٿيءَ جون پڪل ٽڪنڊيون ٽڪيون به موهن جي گهاڙ ۾ چٽساليءَ سان موافقت رکن ٿيون. مٿيءَ جون پڪل ٽڪنڊيون ٽڪيون، ڪڏ ٢ جي تري مان ۽ ڏڙي جي هيٺين تهه مان لڌيون. موهن جي شين سان ميل ڪائيندڙ شيون هتان تمام ٿوريون لڌيون.

### جوهيءَ مان لڌل چونڊ شين جي پنوتري

### ١. غازي شاه ڏڙو (GS)

ڳاڙهي ڏاءَ مٿان ميٽائين يا ڪاري چٽسالي.

GS.5 ٿانو جي ٺڪري نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ.

GS.6 ٺڪر. مڇي چلر چٽسالي. ڪڏ ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 16

GS.7 ٿانو جي ٺڪري. تير جي اٽي وانگي وڻ جو چٽ. ڪڏ ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI. 8

GS.8 ٿانو جي ٺڪري. تير جي اٽيءَ وانگي وڻ جو چٽ. ٻه نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ Pl.XXVIII, 18

GS.9 ٿانو جي ٺڪري. ڪان جي اٽيءَ وانگي وڻ جو چٽ. ڪڏ ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ. GS.10 ٺڪر. جافريءَ جي چٽسالي. ڪڏ ـ١ . ٧,٢٥ فوٽ هيٺ.

GS.11 ٿانو جي ٺڪري. پنن جو چٽ. ڪڏ ـ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ

GS.12 ٿانو جي ٺڪريءَ جي ٺڪري. ڪان جي اٽيءَ وانگي وڻ جو ٽڪر. ٻريءَ طرز تي ماڪوڙا. ڪڏ ـ١. ٧,٢٥ فوٽ هيٺ.

هيٺ.

GS.123 ٺڪر. ڦٽي ڏند ڇٽ جيان وڻ جي لامن جو ڀاڱو. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ.

GS.132 ٿانو جي ڀڳي. پپر جو وڻ. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ.

GS.133 ٺڪر. ڪيڙ پيلهہ جافريءَ جي منجهہ سان ونگ جيان گهريون ۾ نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI,19

GS.134 ٺڪر. ڦٽي ڏندن ڇٽ جيان لامون. پيگهڙ تي نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 34

GS.141 ٺڪر. مڇي ڇلر. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 31

GS.144 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ.

GS.145 ٿانو جو ٺڪر. ڪان جي اٺيءَ جهڙو وڻ. پيگهڙ تي ٻہ نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXVi,11

GS.146 ٿانو جو ٺڪر. ڪان جي اٺيءَ جهڙو ٻيو ڇٽ ختمہ تي ويل. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 38

GS.150 ٿانو جو ٺڪر. اڀيءَ گهريءَ ۾ ليٽئن طرز ۾ لينگهون. پيگهڙ ۾ گهريون اڀيون پوروچوٽيون ليڪون. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ.

GS.151 ٺڪر. ڦٽي ڏند ڇٽ تي وڻ جون لامون. ڪڏ-١. ٨ ,٢٨ فوٽ هيٺ. GS.159 ڏسو Pl.XXVI, 13

GS. 159 ٺڪر. ڏاڪن تي ڇٽ. ڦٽي ڏند ڇٽ تي وڻ جون لامون. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ Pl.XXVI, 13 ڏسو GS.151

GS.156 ٺڪر. پڪي ۾ وڻ جنهن جون لامون ڦٽي ڏند جي ڇٽ جي طرز تي. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.157 ٿانو جي ڀڳي. ڦٽي ڏند طرز تي وڻ جو لامون. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 25

GS.158 ٺڪر. ڦٽيءَ ڏند جي طرز تي وڻ. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.161 ٿانو جي ڳچي. مانڊاٽيءَ جي پانهن اندر ٽپڪن سان گل جو چٽ. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ Pl.XXVI, 5

Gs.162 ٿانو جي ڳچي. ڏاند جي تصوير. ڪجهہ حصو جافري جيان. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ. Pl.XXVI,22

GS.163 ڦيلهيءَ جو ٽڪر. ٽن پوروچوٽين ليڪن سان مانڊاٽيءَ جون پانهون. وچ تي چلو. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 53

GS.165 ٿانو جي ڳچي ڪان جي اٽيءَ جهڙو وڻ. پيگهڙ تي ڏاند جو پويون حصو. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI,12

GS.166 ڦيلهيءَ جو ٽڪر. چٽ جي طرز GS.163 جيان. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 47

GS.175 ڦيلهيءَ جو ٽڪر. چٽ ۾ ڊگها ڪڙا. ڪڏ-٢. ٢٠,٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 15

GS.187 ٽڪر. ٻہ نوڪن پڻ وارو وڻ. ڪڏ-١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 10

GS.188, 203, 205 چار ٽڪر. نوڪدار موڪريون وريون. شايد وڻ جي ٽارين ڏانهن اشارو. ڪڏ-١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII,35 (GS.204), Pl.XXVII,36 (GS.203), Pl.XXVII,45 (GS188)

GS.195 ٿانو جي ڳچي. گهريءَ ۾ ٽپڪن سان ٽاهيل گل. ڪڏا-١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 21

GS.194,197 ٽڪر. ڏاڪڻ طرز جو چٽ. موڪرين ليڪن سان. ڪڏ-١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 25 (GS.194)

GS.199 ٽڪر. ڏاند جي تصوير. رڳو چٽ وارو پاسو رهيل. ڪڏ-١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ.

GS.200 ڦيلهيءَ جو ٽڪر. چٽ جو نمونو GS.163 جيان. ڪڏ-١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ.

GS.213 ٺڪر. پير جا پن. ڪڏ-١. ٣ ,٣٢ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 20

GS.214 ٺڪر. ٻري طرز جافريءَ جي منجهه سان ٻه نوڪا پن وچ تي نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ-١. ٣ ,٣٢ فوٽ هيٺ.

GS.215 ٺڪر. جافريءَ جي منجهه سان ٻه نوڪا پن ڀيگهڙ تي نانگ وڪڙ ليڪون. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ.Pl.XXVI,30

GS.217 ٺڪر. ڏاڪڻ جي طرز. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.220 ٿانو جي ڳچي. ڍڳي جي تصوير. پير پکين جيان. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 3

GS.234 ٺڪر. پٽي ۾ ٻه نوڪي پن ۽ ٻري طرز جافري. هيٺ چاري جهڙي ڪيڙ ٻيلهه جافري ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 29

GS.237, 239 تي ٺڪر. ڪان جي اٽي ۽ جيان وڻ. موڪريون وريون جيڪي وڻ جي لامن طور ڏيکاريون ويون آهن. اهي وريون GS.188, 203-205 جهڙيون آهن. ڪڏ-١. ٣ ,٣٢ فوٽ هيٺ. (GS.238) Pl.XXVII, 48

GS.243 ٿانو جي ڳچي. ڀيگهڙ تي ونگون. هيٺ ليٽڻ طرز تي چوڏاري هڪ ليڪ جنهن کي ننڍيون ڪرڪيون ڪاٽن ٿيون.[1] ڪڏ-١. ٣٣ فوٽ هيٺ Pl.XXXVIII, 13, Pl.XXVI, 24

GS. 249, 235 ڦيلهيءَ جا ٽڪرا. طرز GS.163 جهڙي. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 52( GS.235)

GS.251 ٿانو جي ڳچي. سڌي ٻوٽي جو چٽ. ڪڏ-١. ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 43

GS.253 ڦيلهيءَ جا ٻه ٺڪر. چٽ GS.163 جيان. ڪڏ-٢. ٢ ,٣٩ فوٽ هيٺ.

GS.255 ٺڪر. هيٺ لڙڪندڙ موڪريون ڪرڪيون. GS237-239 جيان. ڪڏ-٢. ٢ ,٣٩ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 46

GS. 296 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. مٿي ايرڻ واري طرز جيان موهيڙا پٽن ۾ پن.

کڏ-١. ٣٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 32

GS. 299 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. پٽن ليکن سان کنيا.کڏ-١. ٣٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 16

GS.303 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. مانڊاڻي ڇٽ جي طرز. GS.163 جيان. کڏ-٣. ٣٧ فوٽ هيٺ.

GS.317 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. کنيا. کڏ-۴. ٦ ,٣٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 24

## ٻيا نمونا

GS.33 پيالي جو ٺڪر. اوچائي ٨ ,٢ انچ. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٿانو مٿان ڪارا پٽا. کڏ-١. ٢ ,٢٧ فوٽ هيٺ.Pl.XXXVII, 30

GS.3 ٿانو جو ٺڪر. اوچائي ٥ ,٣ انچ. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڪارا پٽا. کڏ-١. ٧ ,٢٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII, 29

GS.247 ٻاهر نڪتل تري سان ڪپو. اوچائي ٦ ,٣ انچ. چوڏاري ڏاڪڻ جي ڇٽ جي طرز. ڌاءُ ڊنل. اندرئين پاسي چٽيل پٽا. کڏ-٦. ٨ ,١٩ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII, 39

GS.222 پيالي جو ٺڪر. اوچائي ٣ ,٣ انچ. ڪارا پٽا. کڏ-١. ۴ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII, 38

GS.98 پيالي جو ٺڪر. اوچائي ٥ ,٣ انچ. ڳچيءَ جي ڪناري وٽ ٿلهيون لينگهون . ڳاڙهي ليٽ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. کڏ-١. ٢ ,٢٧ فوٽ هيٺ.

GS.167 ڪپي جا ٺڪر. اوچائي ٧ ,١ انچ. گولائي ٣ ,٢ انچ. ٻاهريون ٺڪر جي رنگ مٿان ميٽائين رنگ جا پٽا. ڳچيءَ جي اندرئين پاسي ميٽائين رنگ ۾ لهڪيون يا ماڪوڙا. کڏ-١. ۴ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.191 ٿانو جو ٺڪر. اوچائي ٥ ,٢ انچ. ڳچيءَ وٽ ميٽائين رنگ جا پٽا. هيٺ ٻيگهڙ تي چدا ءِ ونگون. کڏ-١. ٢ ,٣٢ فوٽ هيٺ.

GS.1 گلدان. اوچائي ٧ ,٢ انچ. ٺڪر مٿان ڪارا پٽا. کڏ-١. ٧ ,٢٥ فوٽ

هيٺ. Pl.XXXVII, 22

GS.232 ڍڪڻيءَ ڳچيءَ سان گلدان. اوچائي ٤,٧٥ انچ. ٽڪر مٿان ڪارا پٽا. ڪڏ-٦. ١٧,٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII,21

GS.233 ڦيلهيءَ جا ٽڪر. وچ تي چگهن جا چٽ. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ. Pl.XXVI, 33

## ٻٽي رنگ وارا ٿانو Bichrome Pottery

GS.244, 246 گلدان جا ٽڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهسرو. تيرهن ننڍڙين چهرين جي منجهه سان وڏي چهري (ٽڪنڊو ). ننڍيون نَوَ چهريون جافري منجهه سان باقي چار ڪوڪيون (خالي ) آهن. وڏي چهريءَ ۾ پيگهڙ تي ٻي چهري آهي جنهن ۾ اندر تصويرون پريل آهن. هڪ گهريءَ ۾ سره جي تصوير آهي. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-١. ٢٣ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 49, 51

GS.309 رنگ ڳاڙهسرو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ رگيل چهريون، جيڪي ڪنهن نقطي تي پاڻ ۾ ملن ٿيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. چهرين جي مچلن جي وچ تي اپي ليڪ. هيٺ ٻه ڳاڙهسري پوري پٽي ڪي ورجايو ويو آهي. ڪڏ-٤. ٣٧,٦ فوٽ هيٺ Pl.XXVII, 23

GS.311 گلدان جو ٽڪر. ٿانو جو رنگ ڳاڙهسرو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ ٻه پٽيون چهريون جيڪي پاڻ ۾ ڪنهن خاص نقطي تي ملن ٿيون. وچ تي ٽي ڪرڪيون انهن کي الڳ ڪن ٿيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-٦. ٣٧,٦ فوٽ هيٺ.. Pl.XXVII, 33, 37

GS.219 گلدان جو ٽڪر. رنگ ڳاڙهسرو ليٽيل طرز تي ٻري نموني جافري جي منجهه سان ٻن قطارن ۾ چهريون. هيٺيون ۽ مٿيون چهريون مٿيئن ۽ هيٺئين ڪنڊ سان پاڻ ۾ ملن ٿيون ۽ گڏجي هڪ چوراس گهري ناهن ٿيون. ڳاڙهسري ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. ڪڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 40

GS.287 گلدان جو ٽڪر. ٿانو ڳاڙهسرو. گلتي پاسن ۽ جافري منجهه سان

چبريون. بوسڪي رنگ جي ڏاء تي ڪاري چٽسالي. هڪ چڏي ٻي چبري ابتي رکيل. ان ڪري ٻن چبرين جي وچ تي ٻه نوڪي تصوير ٺهجي پئي آهي. ڪڏ-١، ٣٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 2

GS.278 گلدان جو ٽڪر. رنگ ڳاڙهسرو. ٻري طرز جافريءَ جي منجهه سان چبري. ٻه چبريون ملي هڪ چوڪنڊو ٺهجي ٿو. بوسڪي رنگ جي ڏاء سان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-٥. ١, ٤١ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 4

GS.174 گلدان جو ٽڪر. ڳاڙهسرو رنگ. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ چوڏاري چوڪڙين يا ڏيڏرين جي قطار جن جو منجهه جافريءَ تي آهي. بوسڪي رنگ جي ڏاء تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-٢. ٥, ٢٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII,41

GS.280 گلدان جو ٽڪر. ڦڪو رنگ. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. GS.174 جيان چوڪڙين جي چٽساليءَ جا اهڃاڻ. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاء تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ٥. ١, ٤١ فوٽ هيٺ.

GS.285 گلدان جو ٽڪر. رنگ ڦڪو. ڳچيءَ وٽ ميٽائين رنگ جو پٽو. چٽسالي GS.174 جيان هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاء مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-٦. ٣, ٢٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 44

GS.269 گلدان جو ٽڪر. ڦڪو رنگ. چٽسالي GS.174 هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاء مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-١. ٣٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 42

GS. 180 گلدان جو ٽڪر. هلڪو ڳاڙهو رنگ. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ جي پٽي جا اهڃاڻ. هيٺ واري چٽسالي GS.174 جيان هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاء مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ-٢. ٥, ٢٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 32

GS.332 گلدان جو ٽڪر. ٻري طرز جافريءَ جي منجهه سان ٻن قطارن ۾ چوڪڙيون، جيڪي اهڙي سٽاء سان چٽيل آهن جو خالي چوڪنڊا ٺهجي پيا آهن.

(Cf. GS.219) . هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ۔۵. ۴۲,۵ فوٽ هيٺ. (Pl.XXVII, 27)

GS.184 گلدان جو ٺڪر. هلڪو ڳاڙهو رنگ. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو ۽ هيٺ گهٽوڪري GS.332 جي چٽساليءَ جيان. ڳاڙهسري ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ سان چٽسالي. ڪڏ۔۲. ۲۱,۵ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 28

GS.202 گلدان جو ٺڪر. هلڪو ڳاڙهو رنگ. چٽساليءَ جو نمونو گهٽو GS 332 جيان. ڳاڙهسري ڏاءَ مٿان ڪاري چٽسالي. ڪڏ۔۱. ۲۲,۳ فوٽ. Pl.XXVII, 30

**نوٽ:** ۲۰۲ ۽ ۱۸۴ GS جي چوڪڙين جي پهرين قطار، ڳچيءَ واري پٽي سان پوروپوٽ تي آهن يا ان سان ملي ٿيون وڃن ۽ GS232 ۾ انهن جي هڪ ڪنڊ هن پٽي کي فقط ڇهي ٿي.

GS.331 ڦڪي رنگ جو ٺڪر. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڏ۔۵. ۴۲ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 31

GS.281 گلدان جو ٺڪر. ڦڪو رنگ اندرئين ۽ ٻاهرين پاسي هلڪي بوسڪي رنگ جو ڏاءَ. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ جو پٽو. هيٺ هلڪي بوسڪي رنگ جي پوچي تي ميٽائين رنگ ۾ وريون (نانگ وڪڙ ليڪون ). ڪڏ۔۵. ۴۱,۱ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 21

GS.290 گلدان جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳاڙهسري پوري پٽي جا اهڃاڻ. هلڪي بوسڪي رنگ جهڙي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ ۾ وريون ( نانگ وڪڙ ليڪون ). ڪڏ۔۱. ۳۷ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 29

GS.289 گلدان جو ٺڪر. رنگ ڦڪو. ڳاڙهسري پوري پٽي جا اهڃاڻ. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ ۾ وريون. ڪڏ۔۱. ۳۷ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 20

GS.177 گلدان جو ٺڪر. رنگ ڦڪو. ٻاهرئين ۽ اندرئين پاسي هلڪي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ميٽائين رنگ ۾ ورين جي قطار. ڪڏ۔۲. ۲۰,۵ فوٽ هيٺ.

Pl.XXVII, 11

GS. 315 گلدان جو ٽڪر. رنگ ڦڪو. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڌاء مٿان هار نمــوني تي چوڌاري ونگن جي قطار. بوســڪي رنگ جي ڌاء مــٿــان ڪاري چٽسالي. ڪڌ-٣. ٦ ,٢٧ فوٽ هيٺ. (Pl.XXVII, 10)

GS.310 گلدان جو ٽــڪــر. هلڪــو ڳاڙهو رنگ. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهســرو پـورو پٽــو. هيٺ هار جيـان ونگن جي قطار ســان پوروچوٽيـون نانگ وڪڙ ليـڪــون. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڌاء مٿان ميـٽـائين رنگ جي چٽـسالي. هر هڪ ونگ ۾ ٽِڪو. ٦ ,٢٧ فوٽ هيٺ.[١] Pl.XXVII. 9

GS.277 گلدان جو ٽــڪــر. هلڪــو ڳاڙهو رنگ. ڳاڙهســري پـوري پٽي جا اهيڃاڻ. ونگن جي ٽن قطارن تي مشتمـل هار جهڙي چٽسالي. هر هڪ ونگ ۾ آڪڙيءَ (Oval) جو چٽ. هيٺ ٻہ نانگ وڪڙ ليڪون. هلڪي بوسڪي رنگ جي ڌاء تي مــيــٽــائين رنگ جي چٽــســالي. ڪــڌ-٥.[٢] - ١ ,٤١ فـــوٽ هــيٺ.

GS.312 Pl.XXVII, 19 گلدان جو ٽــڪــر. هلڪــو ڳاڙهو رنگ. ڳچيءَ وٽ ڪرڪين يا اپين ليڪن سان پٽو. هيٺ آنڙين (eye shape) جي طرز تي چوڌاري قطار. هلڪي بـوسـڪي رنگ جي ڌاء مـٿـان مـيـٽـائين رنگ جي چٽـســالي. ڪڌ-٣. - ٦ ,٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 1

GS.178 پيــالي جو ٽــڪــر. رنگ ڦــڪــو. اوچائي ٥ ,١ انچ. اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي هلڪي بوسڪي رنگ جو ڌاءُ ۽ ميٽائين رنگ ۾ ڪرڪين يا اپين ليڪن جي قطار. ڪڌ-٢. -٥ ,٢٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 22

GS.182 گلدان جو ٽڪر. ڦڪو رنگ.ڳاڙهسري پوري پٽي جا هلڪا اهيڃاڻ. بوسڪي رنگ جي ڌاء مٿان ميٽائين رنگ ۾ ڏندائين چٽسالي. ڪڌ-٢. ٥ ,٢١ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII. 39

GS.276 گلدان جا ٽڪر. رنگ ڦڪو. بوسڪي رنگ جي ڌاء مٿان ميٽائين رنگ ۾ ڏاڪڻ جي چٽ جو نمونو. ڪڌ-٥. ١ ,٤١ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 3

1. *See* also Pl. XXXVIII, 12.

2. *See* also Pl. XXXVIII, 14.

GS.307 گلدان جو ٽڪر. رنگ ڦڪو. جافريءَ جي منجهه سان نوڪ سان پن. بوسڪي رنگ جي ڌاءُ مٿان ڪاري رنگ جي چٽسالي. ڪڌ-٣. ٣٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 12

GS. 260 گلدان جو ٽڪر. رنگ ڦڪو. اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي بوسڪي رنگ جو ڌاءُ گهٽو ڪري لَرَ جي ورن تي پريل چٻريون. ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ڪڌ-٤. ٣, ٤١ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 6

GS 272 گلدان جو ٽڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ وٽ ميٽائين رنگ جو پٽو. ڳاڙهسري پوري پٽي جا ڪجهه اهڃاڻ. پوچي بوسڪي رنگ تي. ڪڌ-٥. ٤٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 5

GS.226 گلدان جو ٽڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. بوسڪي رنگ جي پوچيءَ تي ميٽائون رنگ انساني ڊانچي جهڙي چٽسالي. ڪڌ-٤. ٤, ٣٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXVII, 13

GS.171 ننڍڙي وزن جو گلدان. ڪجهه هٿ جي گهاڙ ۽ ڪجهه چڪ تي ٺاهيل. رنگ دونهاٽيل. اوچائي ٠٤, ١ انچ. ڪڌ-١. ٤, ٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII, 11

GS. 283 ننڍڙو ٿانو. ڪپو. مٿي ايو، گول ۽ وريل ڳچي. اوچائي ٢ انچ. ڪڌ-٦. ٣, ٢٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII,12

GS.284 ننڍي وڙ جو ٿانو. تري سان ڪپو. اوچائي ٨, ١ انچ. ڪڌ-٦. ٣, ٢٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXXVII, 10

GS 168 سوراخدار ٿانو جو ٽڪر. ڪڌ-١. ٤, ٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.248 ٽڪر جي ڪوناريءَ جو ٽڪر. اندرئين پاسي هڪ ٻٽي کي پائيندڙ گولَ. مٽيءَ ۾ توهڙن گڏڻ جا اهڃاڻ. ڊيگهه ٦, ١٢ انچ. ڪاهي -١. ٤, ٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXXI, 17

GS.25 ٽڪر. ڊگهي تري سان ڦيلهيءَ جو ٽڪر. چگهن جي چٽسالي. ڪڌ-١. ٧, ٢٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXXI,2

## مٽيءَ جا پڪل رانديڪا ۽ چوپاين جون مورتيون

GS.62 ڏاند جي مورتي. ڊيگهه ٢,٣ انچ. چنگهون ڇنيون ڪونه. کڏ-١. ٢٧,٢ فوٽ هيٺ.

GS.153 ڏاند جي مورتي. هڪ سڱ مورتيءَ سان لڳل. ڊيگهه ٣,٥ انچ. نمونو GS62 جهڙو. کڏ-١. ٢٨,٨ فوٽ هيٺ.

GS.154 ڏاند جي مورتي. ڊيگهه ١,٣ انچ. GS.62 جهڙو نمونو. کڏ-١. ٢٨,٨ فوٽ هيٺ.

GS.155 ڏاند جي مورتي. ڳچيءَ وٽ سوراخ. ڊيگهه ٣ انچ. نمونو GS.62 جهڙو. کڏ-١. ٢٨,٨ فوٽ هيٺ.

GS.172 ڏاند جي مورتي. چنگهون ڇنيون. ڊيگهه ٢,٢ انچ. کڏ -١. ٢٨,٨ فوٽ هيٺ.

GS.362 چتونءَ جو مٿو. ڳچيءَ ۾ سوراخ. ڊيگهه ١ انچ. کڏ.١. ٣٢,٣ فوٽ هيٺ.

GS.356 ننڍڙي وڙ جي ٿانو جو ڍڪ. نوڪدار بونبي. رنگ ڪٽو. گولائي ٦, انچ. کڏ-١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ.

GS.27 ننڍڙي وڙ جي ٿانو جو ڍڪ.مٿان نوڪدار بونبي. اڌ پڪل. گولائي ١,٤٥ انچ. کڏ-١. ٢٥,٧ فوٽ هيٺ.

GS.125 ننڍڙي وڙ جي ٿانو جو ڍڪ. مٿان نوڪدار بونبي. اڌ پڪل گولائي ١,٣ انچ. کڏ-١. ٢٨,٨ فوٽ هيٺ.

GS.252 سپيءَ جو نقل. ڪناري ۾ سوراخ. ڊيگهه ٣,٦ انچ. کڏ.١. ٣٠,٤ فوٽ هيٺ.

GS.58 ٻاراڻي راند ڳاڏي جو ڦيٿو. ميٽائين رنگ جي رنگ ۾ جافريءَ جي چٽسالي. ٻه هڪ طرف کان ڊيگهه ٣,١ انچ. کڏ-١، ٢٧,٢ فوٽ هيٺ.

GS.59 ٻاراڻي راند ڳاڏي جو ڦيٿو.هڪ پاسي کان ميٽائين رنگ ۾ ليڪو نڪتل ڊيگهه ٣,٣ انچ. کڏ-١. ٢٧,٢ فوٽ هيٺ.

GS.169 ٻاراٽي راند ڳاڏي جو ٽڪر.هڪ پاسي کان ميٽائين رنگ ۾ ليڪو نڪتل ڊيگهه ۴ ,٢ انچ. ڪڏ-١. ۴ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.193 ڦرٽيءَ جو ٽڪر. هڪ ٽيڪي جي چوڏاري منجهلا گول. چٽسالي ميٽائين رنگ ۾. گولائي ٢ ,٢ انچ. ڪڏ-١. ٢ ,٣٢ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIV, 13

GS.173 ٻاراٽي راند ڳاڏيءَ جو ڦيٿو. گولائي ۵ ,٢ انچ. ڪڏ-١، ۴ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIV, 14

## ڳهه

GS.31 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. شڪل ڊگهيري. ڊيگهه ٠۵ ,٢ انچ. ڪڏ.١. ٧ ,٢۵ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 47

GS.338 مٽيءَ جو پڪل ڊگهو مٽيو. ڊيگهه ٢ انچ. ڪڏ-١. ٧ ,٢۵ فوٽ هيٺ.

GS.30 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٩ ,٢ انچ. شڪل تراڪڙي. ڪڏ-١. ٧ ,٢۵ فوٽ هيٺ.

GS.170 مٽيءَ جي پڪل ۽ چٽيل چوڙيءَ جو ٽڪرو. تراڪڙو. ٻن طرفن کان ڳاڙهي رنگ جي ليئه مٿان ميٽائين رنگ جون ننڍيون ليڪون ڏنل. گولائي ١۵ ,٢ انچ. ڪڏ -١. ۴ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.206 مٽيءَ جي پڪل چٽيل چوڙيءَ جو ٽڪرو. تراڪڙو. ٻن طرفن کان GS.170 وانگي. ميٽائين رنگ ۾ چٽسالي. گولائي ۵ ,٢ انچ. ڪڏ.١، ٣ ,٣٢ فوٽ هيٺ.

GS.206 مٽيءَ جي پڪل چٽيل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گول. ميٽائين رنگ ۾ ننڍيون ليڪون. گولائي ٨ ,٢ انچ. ڪڏ-١، ٣ ,٣٢ فوٽ هيٺ.,Pl.XXXIV 4

GS.342 پٿر جا مٽيا. سنهان ۽ چپٽرا. گولائي ۵ , انچ، ۴۵ , انچ، ۽ ٣۵ , انچ. ڪڏ-١، ٢ ,٢٧ فوٽ هيٺ.Pl.XXXIII,31

GS.341 عقيق جو مٽيو. گول ۽ تراڪڙو. گولائي ٢۵ , انچ. ڪڏ-١، ٢ ,٢٧ فوٽ

هيٺ. Pl.XXXIII, 33

GS.335 اڌ گول شڪل تي مڻيو. ٿورو ڊگهيرو ٣ , انچ. کڏ-١، ٧ , ٢٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 32

GS.346 عقيق جو مڻيو. ڊگهو. ڊيگهه ٦ , انچ. کڏ-١، ٢ , ٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 39

GS.353 مٽيءَ جو پڪل مڻيو. ليڪن نموني چٽسالي. ڊگهو، ڊيگهه ٨٥ , انچ. کڏ-١، ٨ , ٢٨ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII,40

GS.377 سنگ سليماني مٽئي جو ٽڪرو. شڪل ۾ ڊگهو. ڊيگهه ١ انچ. کڏ-١، ٦ , ٣٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 46

GS.304 ٽامي جو ڇلو. گولائي ٧ , انچ. کڏ-١، ٢ , ٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 48

GS.348 ٽامي جي چوڙيءَ جا ٽڪرا. گولائي ٦ , ١ انچ. کڏ-١، ٢ , ٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 50

GS.351 ٽامي جو سنهو پٽ. گهٽو ڪري وارن جي چوٽيءَ ڦلَ جو حصو. ڊيگهه ٦٥ , ١ انچ. موڪر ٣٥ , انچ. کڏ-١، ٨ , ٢٩ فوٽ هيٺ.Pl.XLI, 23

GS.339 چانديءَ جي ڇلي جو ٽڪرو. گولائي ٧٥ , انچ. کڏ-١، ٧ , ٢٥ فوٽ هيٺ. Pl.XXXIII, 49

GS.364 ٽامي جي ٻيج جي شڪل. ڊيگهه ١ , ٢ انچ. موڪر ٢٥ , انچ. کڏ-١، ٢ , ٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XLI, 19

GS.344 پن جي شڪل تي ڪان جي اٽي. اصلي ٽنڪار لڳل. ڊيگهه ٤٥ , ٤ انچ. منڊو ٥٥ , انچ. کڏ-١، ٢ , ٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XLI, 24

GS.345 آر. ڊيگهه ٦٥ , ٣ انچ. کڏ-١، ٢ , ٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XLI, 30

GS.349 ڇيٽيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ١ , ١ انچ. موڪر ٢٢ , انچ. کڏ-١، ٨ , ٢٩ فوٽ هيٺ. Pl.XLI, 20

## پٿر جا اوزار

GS.130 پاساڙو. رنگ سفيد. ڊيگهہ ٩٥ ,٢ انچ. کڏ-١، ٨ ,٢٧ فوٽ هيٺ. Pl.XL,18

GS.181 پاساڙو. رنگ پورو. ڊيگهہ ٠٤ ,٢ انچ. کڏ-٢. ٤٦ ,٢٠ فوٽ هيٺ.

GS.208 پاساڙو. ڪارو رنگ. ڊيگهہ ٤٥ ,١ انچ. کڏ-١، ٣ ,٢٢ فوٽ هيٺ.

GS.225 پاساڙو. پورسرو رنگ. ڊيگهہ ٨ ,٢ انچ. کڏ-١، ٣ ,٢٢ فوٽ هيٺ.

GS.242 پاساڙو. رنگ ڪٽو. ڊيگهہ ٠٢ ,٢ انچ. کڏ-١، ٣ ,٢٢ فوٽ هيٺ.

GS.274 پاساڙو. رنگ پورسرو. ڊيگهہ ٩ , انچ. کڏ-٥، ٤٠ فوٽ هيٺ.

GS.359 پاساڙو. هلڪو ڪٽو رنگ. ڊيگهہ ٤ ,١ انچ. کڏ-١، ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ.

GS.365 پاساڙو. رنگ پورو. ڊيگهہ ٧٥ ,٢ انچ. کڏ-١، ٤ ,٣٠ فوٽ هيٺ. Pl.XL, 17

GS.369 پاساڙو. رنگ پورو. ڊيگهہ ١ ,٢ انچ. کڏ-١، ٣٥ فوٽ هيٺ.

GS.374 پاساڙو. رنگ پورو. ڊيگهہ ١ انچ. کڏ-١، ٣٧ فوٽ هيٺ.

## ٢ ٽنڊو رحيم خان پرسان دڙو (Ta)

**چٽيل ٺڪريون:** Pl.XXX figs.6-9, 15-18, 26-28,31-3440-42 ۽ 47-48

Ta.41 ٺڪر. رنگ ڦڪو. بوسڪي رنگ جو ڏاءُ ميٽائين رنگ جو چٽ. چوڏاري هار جهڙي چٽسالي. گول ۾ ٻڙيءَ جو نشان. fig.6

Ta.3 ٿانو جو ٺڪر. رنگ ڦڪو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي، جيڪا اندران ۽ ٻاهران ڏسڻ ۾ اچي ٿي. چوڏاري هار جهڙي چٽسالي. گهريءَ اندر ٻہ ٻڙيون. fig.7

Ta.24 چٽيل ٺڪر. رنگ هلڪو ڪٽو. چوڏاري هار نموني چٽسالي. هر هڪ گهريءَ ۾ هڪ ٻڙي ڏنل. پوروچوٽ تي ماڪوڙا نڪتل. بوسڪي رنگ جو ڏاءُ ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.8

Ta.21 چٽيل ٺڪرو. پريل اڏگول. بوسڪي رنگ جو ڏاءُ، ميٽائين رنگ جي

چٽسالي. ٿانو هلڪو ڪٽو.fig.9
Ta.10 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٻري طرز جي جافريءَ سان ڏيڏريون. چٽسالي اهڙي طرز ۾ آهي جو ڏاڪڻ پٽي معلوم ٿئي. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.15
Ta. 23 ٺڪر. رنگ ڦڪو. چوڏاري هار جهڙو چٽ. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.16
Ta.34 چڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. ٻري طرز جي جافري منجهه سان پن. fig.17
Ta.6 ٺڪر. رنگ ڳاڙهو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. چوڏاري هار جو نمونو. fig.18
Ta. 9 ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو ڀورو پٽو. هيٺ مانڊاٺي طرز جو چٽ. مانڊاٺي جي هر هڪ پاسهن ٽن ليڪُن جي ٺهيل. وچ تي گول چلو. جتان ليڪن جي شروعات ٿئي ٿي. ڳاڙهسري ڏاءَ تي ڪارو چٽ. fig.26
Ta.43 ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳاڙهسري ڏاءَ تي ڪونجن جي قطار. چٽ ڪارو.fig.27
Ta.16 ٿانو جو ٺڪر. هلڪو ڳاڙهو رنگ. چوڏاري ڪونجن جي قطار. هيٺ ڏيڏرين جي قطار جن جا ڪجهه حصا ڪاري ڪجهه ڳاڙهي رنگ جا پورا ڀريل آهن، سواءِ ٻيج طرز وارين شڪلين جي، جيڪي اندرئين پاسي خالي ڇڏيل آهن. هيٺ ڪاري رنگ ۾ ڪونجن جي ٻي قطار آهي. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جو چٽ، جيڪو گهٽو اڏامي ويو آهي. fig.28
Ta.46 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. اڀا ٿلها ليڪا. پٽن جي ڇڻ هڪ طرز ٻڌجي پئي آهي. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.31 Ta. 7 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. پٽي جي هر گهريءَ ۾ ڇهه ڪرڪيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ڪارو چٽ. fig.32
Ta.11 ٿانو جو ٺڪر. ننڍڙي وڙ جو ٿانو اوچائي ١,٦٥ انچ. رنگ هلڪو

ڳاڙهو. منڊيڙو چٽ. چٽسالي ميٽائين رنگ ۾. fig.33

Ta.29 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. چوڪڙي چٽ. پريل طرز. ڪجهہ حصو ڳاڙهسرو پورو ۽ ڪجهہ حصو جافري طرز سان چٽيل. پيگهڙ تي پوروچوٽيون لَمَ تي ليڪون. بوسڪي رنگ جي پوچي مٿان ڪاري چٽسالي. fig.34

Ta.2 گلدان جو ٺڪر. رنگ ڦڪو. ايپن ليڪن جي مڇلي جي پاسي ۾ پوروچوٽيون وريون بوسڪي رنگ جي پوچي تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.40

Ta.37 ٿانو جو ٺڪر. رنگ ڳاڙهسرو. ڳچيءَ وٽ لم تي پوروچوٽيون ليڪون. مٿان نانگ وڪڙ ليڪن جا ٽڪرا. بوسڪي رنگ جي مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.41

Ta.15 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسري پوري رنگ جي پٽي جو اهڃاڻ. هيٺ نمونو Ta.2 جيان. fig.42

Ta.25 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ وٽ پريل چڪريون. چوٽيون هيٺ تي. بوسڪي رنگ جي پوچي مٿان ميٽائين رنگ جي چٽسالي.fig.47

Ta.12 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڦڪو. اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ٻيج جي شڪل ڪڏهن پوري پريل، ڪڏهن جافرين تي پيگهڙ ۾ گهرين ۾ رکيل ايپون نانگ وڪڙ ليڪون.(W) (ماکوڙو چٽ). بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ميٽائين رنگ جي چٽسالي. fig.48 ، Cf.Pl.XXX.25 چانهوڻءَ مان لڌل چٽساليءَ جهڙي.

Ta.49 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. اندر وچ تي گول جنهن جو ٻاهريون پاسو موهيڙن جهڙي چٽسالي سان سينگاريل. ڳاڙهي ليٽ (پِچَ) تي ڪاري چٽسالي. گولائي ١٠ انچ.

Ta.50 ٺڪر جو ٿانو. ٿئي. گول چِلي جهڙي تري جو ٽڪرو. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٽبڪي جي چوڏاري گول منجهلا. ڪاري رنگ ۾

## ٣. گوراندي پرسان دڙو

### غازي شاهه جو ٿل Gr.(a)

Gr.(a).8 ٺڪر جو ڪپو. ٿيپ جهڙو ترو. رنگ بوسڪي جهڙو. اوچائي ٢,٥ انچ.منهن وٽ ١,٦ انچ. Pl.XXXVII,27

Gr.(a) 14 ٺڪر جوڪپو. موڪري منهن سان ٿيپ نموني ترو. رنگ هلڪو ڳاڙهو. مٿئين حصي جو ڪجهه پاڱو گم. اوچائي ٢ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٧٥ انچ. Pl.XXXVII,28

Gr.(a) 4.ٺڪر جو ٿانو ڳچيءَ واري ڪناري کان سواءِ.پڳل ٽٽل حالت ۾. شروعات ۾ چٽسالي اٿس. چوڏاري ليڪن جي چٽسالي. اوچائي ٦,٥ انچ. منهن وٽ گولائي ٣,٨ انچ. رنگ هلڪو ڳاڙهو. وڙ ۾ سنهو ترو پيالي جيان. Pl.XXXV,1

GR.(a).5 ٺڪر جو ٿانو پڳل ٽٽل. پيالي وانگي ٿيپ تري تي. ٿانو جو رنگ هلڪو پورو. اوچائي ١٠,٥ انچ. گولائي اٽڪل ۴ انچ.

GR.(a).9 ٺڪر جو ٿانو. ٻنهي پاسن کان لوٽيرو. ڳچيءَ سان. اوچائي ٧ انچ. منهن وٽ ويڪر ٣,٥ انچ. رنگ هلڪو ڳاڙهو. شروعات ۾ چٽيل هوندو. Pl.XXXVII,2

GR.(a).6 ٺڪر جو ٿانو. سوڙهي منهن سان ڳچيءَ کان سواءِ. چٽساليءَ جا اهڃاڻ. اوچائي ١٧ انچ. Pl.XXXV,6

GR.(a).2 ٺڪر جي ڦيلهيءَ جو اڌ. وٽِ سان ترو. ڳاڙهي ڏاءَ تي چٽساليءَ جا اهڃاڻ. اوچائي٨,٢ انچ. گولائي ١١,٥ انچ. وچ تي چار سوراخ نڪتل. ٽنگڻ واسطي سوراخ ڪنهن اوزار سان ٺاهيل.رنگ هلڪو ڳاڙهو. Pl.XXXVII,35,37

GR.(a).3 پيالي نموني ٺڪر جو وڏو ٿانو. شايد اکريءَ يا ڪونڊي جي ڪم ڏيڻ واسطي هوندو. اوچائي ٩,١ انچ. منهن وٽ ويڪر ١٠ انچ. چپ ٿورو اندر تي وريل. رنگ هلڪو ڳاڙهو، وڙ ۾ ٿلهو. چٽ جو ڪوبہ اهڃاڻ ڪونهي.

Pl.XXXVII,36 جيڪو پانڊي واهيءَ جي ٿانو Pl.XXXV جهڙو آهي.

GR.(a).13 ٺڪر جي ٿئي. اوچائي ٨,٣ انچ. گولائي ١٢,٥ انچ. رنگ هلڪو ڳاڙهو. چٽساليءَ جو اهڃاڻ ڪونهي ڪو.Pl.XXXVII, 34

GR.(a).1 ٺڪر جو وڏو ٿانو. سڌا ڪلها. ڳچيءَ ڪان سواءِ. اوچائي ٢٩ انچ. Pl.XXXV,11

GR.(a).10-a-h-8 سنها ۽ ٽڪيءَ ڏار وارا پاساڙا. هر هڪ جي ڊيگهه ٢ انچ جنهن مان 10f ۽ 10h ، Pl.XL,27,28 ۾ ڏيکاريا ويا آهن.

GR.(a).11 بيضوي طرز تي سنگ جو ٺڪر. ڊيگهه ٨ انچ.

GR.(a).12 اڌ ۾ چڏيل عقيق جو مڻيو. شڪل ۾ ڊگهيرو. ڊيگهه ٤, انچ. گولائي ٣, انچ. Pl.XXXIII,52

## غازي شاه واري ٿل جو SW دڙو Gr.(b)

Gr.(b).4 چٽيل ٿانو جو ٺڪر.رنگ هلڪو ڳاڙهو. وڙ ۾ سنهو. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري رنگ ۾ سنهي ماڪوڙي طرز Pl.XXXII,25 ۽ GS.255 جي Pl.XXVII, 46 جهڙو.

Gr.(b).5 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. گلتي پاسن سان پريل چوراس ۽ نوڪدار پن. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXXII, 38

Gr.(b).8چٽيل ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري رنگ ۾ ميچي ڇلرن جي چٽسالي.Pl.XXXII,33

## ٤. علي مراد وٽ دڙو

### چٽيل ٿانو

AL.10 ويڪري منهن سان پيٽ نڪتل ٿانو. اوچائي ٣,٥ انچ. منهن وٽ گولائي ٤ انچ. پوچي ۽ چٽ ڏري گهٽ ختمه تي ويل. Pl.XXXVI, 36

AL.11 سوڙهي منهن سان ٺڪر جو ٿانو. اوچائي اٽڪل ٣ انچ. منهن وٽ گولائي ١ انچ. ليٽڻ طرز ۾ چوڏاري پٽا. پوچي بوسڪي رنگ تي. Pl.XXXVI, 10

AL.8 ٿانو جو ٽڪر. ڪلهن وٽ جافري طرز جي چٽسالي. اوچائي ٢ انچ. منهن ويڪرو. گولائي ۴ انچ. Pl.XXIV, 4

AL.3 ٿانو جو ٽڪر۾ اوچائي ٢ انچ. ڪلهن وٽ چگهن جون قطارون، اندرئين پاسي ليڪن يا ليٽن جي چٽسالي. Pl.XXIV,9

AL.34 ٽڪر. اوچائي ٢,٢ انچ. پنجن ايين ليڪن سان هيکڙ ۾. گهريءَ اندر ليٽڻ طرز ۾ ليڪون اييچي چٽ ۾.

AL.35 ٿانو جو ٽڪر. ونگن جي طرز تي هريءَ نموني جافري منجهه سان گهريون. Pl.XXIV, 16

AL.31, 32 ٿانو جو ٽڪر. پٽي تي پيپر جي پن جو چٽ. هيٺ پٽي ۾ ڪيڙ بيلهه جافري طرز.Pl.XXIV, 12

AL.33 ٿانو جو ٽڪر. گهٽو ڪري AL.31-32 جو ٽڪر. هيٺ چاري طرز جي چٽسالي. مٿي، پن پاسن گلتيءَ سان چهري (ٽڪنڊو ) ۽ ان ۾ اندر چاري يا جافري چٽسالي. پن ۽ پڙيون. Pl.XXIV, 13

AL.20 ٿانو جو ٽڪر. گلتي پاسن سان هڪ پٽي کي پائيندڙ چوراس ۽ ڪييترين ئي گهرين ۾ گل ۽ پن جي چٽسالي. Pl.XXIV, 2

AL.67 ٿانو جو ٽڪر. وڏي وڻ ۽ سندس لامن جي چٽسالي.Pl.XXIV, 3

AL.50 ٿانو جو ٽڪر. ڳچيءَ وٽ وڻ ۽ سندس ٿارين جو پاگو. Pl.XXIV, 17

AL.49 ٿانو جو ٽڪر. لامن واريءَ چٽساليءَ جو پاگو. Pl.XXIV, 8

AL.45 سوڙهي منهن سان ٿانو. اوچائي ٣,٢ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٢٥ انچ. Pl.XXIV,9

## لسا ٿانو

AL.83 پاٽ ڪني سان (ڏگهه ڪني ). ڳچيءَ وارو لسو ٿانو. اوچائي اٽڪل ٣ انچ Pl.XXXV, 14

AL.66 ٿانو جو ڪجهه حصو گم آهي. اوچائي ٧,۵ انچ. Pl.XXXVI,42

AL.73 ٺيپ تري سان ٿانو. ڪجهه ڀاڱو گم آهي. ڳاڙهيءَ پوچي جا اهڃاڻ. اوچائي ٣,٥٢ انچ. منهن وٽ گولائي ٢,٨ انچ. Pl.XXXVI, 35

AL.78 ايو گول ٿانو. مٿي نڪتل ڳچي. ڀيو ٿانو گهاڙ وارو ( هٿ سان ٺپيل ) ڳچي چڪ تي لاٿل ۽ ملايل. اوچائي ٢,٩ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٨٨ انچ. Pl.XXXVI, 5

AL.47 ايي تري سان پيالو. اوچائي ٻه انچ. منهن وٽ گولائي ٢,١ انچ. ترو هٿ سان ٺهيل ۽ ڏيڍ ڏيڍ. بعد ۾ چڪ تي بنايل مٿين حصي سان جڙيل. Pl.XXXVI, 3

AL.72 موڪري منهن وارو ٿانو. اوچائي ١,٦٥ انچ. منهن وٽ ويڪر ١,٤ انچ. Pl.XXXVI, 4

AL.18 ننڍڙو ننڪر جو ٿانو. اوچائي ١,٢٧ انچ. منهن وٽ موڪر ١,٢٥ انچ. Pl.XXXVI, 7b

AL.46 ٿانو. اوچائي ٢ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٥ انچ. Pl.XXXVI, 8

AL.71 ٿانو. اوچائي ١,٤ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٠٨ انچ. تري وارو ڀاڱو جڏو سڏو ٺاهيل. Pl.XXXVI, 1

AL.87 ڪپو اوچائي ٢ انچ. گولائي ١,٥ انچ. Pl.XXXVI, 2

AL.88 پرچ. گولائي ٢,٩ انچ. Pl.XXXVI, 6

AL.40 نوڪدار بونبيءَ سان ڍڪڻ. گولائي ١,٣ انچ. Pl.XXXVI, 7a

AL.6 هٿ سان جوڙيل يا گهاڙ جي پاندي جو ٽڪرو جنهن ۾ ٻه خانا آهن. ڊيگهه ٢,٢٥ انچ. موڪر ١,٧ انچ. اڌ پڪل (پيلو ).

AL.1 ڦيلهيءَ جو ٺڪر. وچ تي ٻيج جي طرز تي ڪوڪي چٽسالي.

AL.30 سوراخدار ٿانو جي ڳچي. ڊيگهه ٤,٩ انچ. Pl.XXXIV, 24

AL.70 سوراخدار ٿانو جو ترو. اوچائي ٣ انچ. Pl.XXXIV, 29

AL.69 ڊگهي تري سان ڦيلهيءَ جو ٺڪر. وچ تي ٻيج جهڙي چٽسالي. هر هڪ قطار ۾ ٻيج جهڙيون ليڪون جيڪي واري سان ساڄي ۽ کابي موڙيل آهن.

Pl.XXXI, 3

AL.22 لوٽيري تري سان ٺانو جو ٽڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. پوچي بوسڪي رنگ تي. اوچائي ٥ ,٢ انچ. Pl.XXXVI,27

**ڳهه**

AL.26 ٽامي جو مڻيو. گولائي ٣, انچ. Pl.XXXIII,58

AL.74 مٽيءَ جو پڪل ڏگهيرو مڻيو. مٿس ڳاڙهي ليٽ(پچ ) wash جا اهڃاڻ. ڊيگهه ٢ ,٢ انچ. Pl.XXXIII, 59

AL.75 مٽيءَ جو پڪل ڏگهيرو مڻيو. ڊيگهه ٢ ,٢ انچ. Pl.XXXIII, 60

AL.64 پٿر جو چپٽرو مڻيو. گولائي ٥ , انچ. Pl.XXXIII,57

AL.81 سنگ سليماني جو مڻيو. شڪل ڏگهيري. سفيد رنگ تي ميٽائين رنگ جا پٽا. ڊيگهه ٨٢ ,١ انچ. Pl.XXXIII,65

AL.86 عقيق جو مڻيو. ڏگهيرو. ڊيگهه ٥ ,٢ انچ. Pl.XXXIII,67

AL.25 عقيق جو مڻيو. ڏگهيرو. ڊيگهه ٨٥ ,١ انچ. Pl.XXXIII,66

AL.62 عقيق جو مڻيو. ڏگهيرو. ڊيگهه ٢٥ ,١ انچ. اڇو رنگ مٽئي کي پچائڻ ڪري. Pl.XXXIII, 68

AL.44 سنک جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٢ ,٢ انچ.

AL.39 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٨ ,٢ انچ.

AL.90 مرجان جو رهڙو. ڊيگهه ٥ انچ. اوچائي ٣ اِنچ. Pl.XIX, 39

**جانورن جون مورتيون**

AL.56 مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي. اکين جي جاءِ تي مٽيءَ جون گوليون رکيل. چنگهون چٽيون ڪونہ آهن. ڊيگهه ٣ ,٢ انچ.

AL.57 مٽيءَ جي پڪل سوئر جي مورتي. ڊيگهه ۴ ,٢ انچ.

**مٽيءَ جون پڪل متفرق شيون**

AL.4 مٽيءَ جي پڪل سپي. اصل سپيءَ جو نقل. ڪناري وٽ ڏوريءَ پڏڻ لاءِ سوراخ نڪتل. Pl.XXXIV, 16

AL.7 ٽڪنڊي ٽڪي. اڌ پڪل (پيلي). توهڙن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڊيگهه ١٥، ٣ انچ. ٿولهه ١، ١ انچ.

AL.12 گول ٽڪي. اڌ پڪل. توهڙن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. گولائي ٥، ٢ انچ. ٿولهه ١ انچ. Pl.XXXIV, 15. هن کي ڀنهي پاسن کان کپا آهن. شايد جڏهن آلو هو تڏهن آڱرين ۾ جهلڻ ڪري متس اهي نشان بڻجي پيا هئا.

AL.91 نيساري جهڙي اڌ پڪل ڪا شيءِ. اندرئين پاسي تي هڪ ٻئي کي پائيندڙ گول چلن جهڙا نشان. پڳل ٽٽل صورت ۾ لڌو. مٿيءَ ۾ توهڙ مليل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڊيگهه ٢٥، ١٢ انچ. Pl.XXXI, 19

Al.59 باراٽي راند گاڏيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٦، ٢ انچ.

AL.68 باراٽي راند گاڏيءَ جو ڦيٿو. Pl.XXXIV, 25

## ٽامي ۽ پٽر جا اوزار

AL.82 ٽامي جو وڍيندڙ اوزار celt . ڊيگهه ٩٥، ٢ انچ. ڳن وارو پاسو ٢ انچ. ويڪر چيڙي وٽ ٥٥، ٢ انچ. ٿولهه وڌ ۾ وڌ ٣، انچ. قلعي جي پٽ جي اندرئين پاسي مان لڌو. ڌرتيءَ جي مٿاڇري جي ٩، ٧ فوٽ مٿان دڙي مان لڌو. Pl.XLI,29

AL.10 ٽامي جي آر. ڊيگهه ١٥، ٣ انچ. هٿ واري پاسي کان موڪر ٢٥، انچ. چيڙي وٽ ١٥، انچ. قلعي جي پٽ جي اندرئين پاسي لڌي. ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ. Pl.XLI, 28

AL.84, a,b,c پٽر جا اوزار. هڪ وڏي مٽ مان لڌا.

AL.83 قلعي جي پٽ پرسان ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ٩، ٧ فوٽ مٿان مليو. a جي ڊيگهه ٨٥، ٢ انچ، b جي ڊيگهه ٥٥، ٢ انچ (Pl.XL,8) ۽ c جي ڊيگهه ٩٥، ١ انچ آهي.

AL.16,a پاساڙو. ڊيگهه ٧٥، ١ انچ.

AL.27 پاساڙو ڊيگهه ٣، ٢ انچ (Pl.XL, 9)

AL28 پاساڙو ڊيگهه ٧٥، ٢ انچ (Pl.XL, 10) .

ڪلهن کان وٺي لڪ تائين هلڪي پوري رنگ جي پوچيءَ تي ميٽائين رنگ ۾ چاري يا جافري. اندرئين پاسي کان ڳچيءَ وٽ ميٽائين رنگ جي پٽي جا اهڃاڻ. وچ تي ٻڙيءَ جو نشان. ڪذ-۱، ۵ , کان ۲ , ۳ فوٽن تائين هيٺ لڌل. fig.7.

PW.16 پيالي جو چٽيل ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. اوچائي ۵.۲ انچ. هڪ گهريءَ ۾ اپن ليٽن يا سڌن ليڪن جو مچلو. پيگهڙ تي لم تي ماڪوڙين جي مچلي واري گهري. هلڪي پوري رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. ساري پوچي ختم تي چڪي آهي. ڪذ-۱، ۲ فوٽ مٿان لڌل . fig.8 ۽ Pl.XXXIX, 13

PW.265, 271 چٽيل ٺڪر. ڳاڙهو رنگ. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي ڏاڪڻ طرز. ڪذ-۱، ۲ فوٽ مٿان لڌل. fig..9 ۽ (GS.276) Cf.Pl.XXVII, 3,

PW.92 چٽيل ٺڪر. وڏي ٿانو جو ٽڪرو. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽساليءَ ۾ پپر جو پن. پوري نہ پچڻ ڪري ٿانو جو وچ ڪارو آهي. ڪذ-۱، ۸ کان ۱۰ فوٽ مٿي لڌل. fig.10

PW.149 چٽيل ٺڪر. ڪنهن ايسري پيالي جو ٽڪرو. شڪل ۾ PW 119,a جهڙو. اوچائي اٽڪل ۳ انچ. ڪلهن وٽ جافري طرز تي چٽ. هيٺ جافريءَ منجهہ سان چهريون، پيگهڙ تي ميٽائين رنگ سان پريل چهريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پوچو نظر ڪونہ ٿو اچي. ڪذ-۱، ۲ , ۳ فوٽ مٿي لڌل. fig.11

PW.236 چٽيل ٺڪر. ايءَ ڳچيءَ واري ٿانو جو ٽڪرو. رنگ ڳاڙهو. ڪلهن وٽ چوڪنڊيون گهريون. منجهن پوروچوٽيون نانگ وڪڙ ليڪون ليٽڻ طرز ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پيگهڙ تي ڪو پيو چٽ جيڪو ڍهي چڪو آهي. ڳاڙهي پوچي تي ڪاري چٽسالي. ڪذ-۲، ۱۲ کان ۱۹ فوٽ مٿان لڌل. fig.12

PW.259 چٽيل ٺڪر. سڌي ڳچيءَ واري ٿانو جو ٽڪرو. رنگ ڳاڙهو. پٽا پوري رنگ ۾. ڳچيءَ جي چوڌاري ماڪوڙي، سادي هار جهڙي چٽسالي. پوچي کان سواءِ چٽسالي ڪاري آهي. ڪذ-۱، ۵ فوٽ کان ۲ , ۳ فوٽ مٿان لڌل. fig.13

انچ. چٽسالي ڪاري پوري رنگ ۾ ٽيل. جن جا ٿورا ڪي اهڃاڻ باقي وڃي بچيا آهن. آڪڙي طرز جي گهرين ۾ هيٺان ۽ مٿان ڪرڪيون. اندرئين پاسي ڪان ڪاري پٽي جو نشان. ڪڏ-١، ٥, ڪان ٢ ,٣ فوٽ هيٺ لڌل. fig.20

PW.148 چٽيل ٺڪر. رنگ ڳاڙهو. پورو ڏاءُ. ٻن پورن پٽن جي وچ تي پوري پريل solid رنگ سان ڏيڏرين جي قطار. ٽن رنگن جي چٽساليءَ جو ٺاهوڪو مثال. ڪڏ-١، ٢ ,٣ فوٽ مٿان لڌل. fig.21

PW.165 چٽيل ٺڪر. پيالي جو ٽڪرو. رنگ پورو. ڏاءُ پورو. اصلي ڏٺل رنگ گهٽو ڪري اباٽجي ويا آهن. ڪارن ۽ پورن پٽن جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. ڪرڪين جو مچلو پوروچوٽ ونگن سان ملي ٿو. طرز چٽي طرح ڪانهه تي نظر اچي. ڪڏ-١، ٢ ,٣ فوٽ مٿان لڌل. fig. 22

PW.290 چٽيل پيالو. تراڪڙو. پڳل حالت ۾. اوچائي ٨ ,١ انچ. رنگ ڳاڙهو. ڏاءُ پورو ٿانو جو وچ ڪٽو. پيگهڙ تي نڪتل ٻري، جنهن جي وچ تي ٽڪنڊا (چهريون ) ٻٽجي پيا آهن. ڪڏ-١، ٥, ڪان ٢ ,٣ فوٽ تائين مٿان لڌل. Pl.XXXIX,11 ,fig.23

PW.34 چٽيل ٺڪر. رنگ ڳاڙهو. ڳاڙهي ڏاءُ تي ڪاري چٽ ۾ ڍڳي جي تصوير. گهٽو ڪري پريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪڏ-٣، ٩ ,١ فوٽ مٿان لڌل. fig.24

PW.35 چٽيل ٺڪر. رنگ ڳاڙهو. ڏاند جي تصوير جو ٽڪرو. ڳاڙهو ڏاءُ ڪارو چٽ. ڍڳي جي تصوير جو ڪجهه حصو پريل ڪجهه حصو جافري طرز تي. ڪڏ-٣، ٩ ,١ فوٽ مٿان لڌل. fig.25

PW.18 ٺڪر جو ٿانو. رنگ ڳاڙهو. ڏاءُ پورو، چٽ ڪارو. گهٽو ڪري هندستان جي ڪدمبا[1] Kadamba جهڙو ڪو گل آهي. ڪڏ-١، ٢ فوٽ مٿان لڌل. fig.26

PW.26 چٽيل ٺڪر. ٿلهي وڙ واري ٿانو جو ٽڪرو. ڪنا سڌا. رنگ ڳاڙهو.

1. For a similar motif *see Ur Excavations,* Vol. I, Pl. XVI, 1621.

ڌاءُ پورو ڳچيءَ وٽ پورو پٽو. هيٺ ڪاري رنگ سان پوريون پريل ڏيڏرين جي قطار. اندرئين پاسي ڪارو پٽو. هن قسم جا ٿانو آمري ٿانون کان الڳ ڪري ڪونہ ٿا سگهجن. ڪڏ-١، ٢ فوٽ مٿان لڌل. *fig.27* پڻ ڏسو Pl.XXXIX,7

PW.262 چٽيل ٺڪر. ٿلهي وڏ وارو ٿانو. اڻ پوريءَ باہ سبب ٿانو جو رنگ ڪٽو. ڌاءُ پورو. اصلي چر بلڪل اپاتجي چڪي آهي. ہري طرز جافري سان چوڌاري ڏيڏرين جي قطار. چٽ ڪارو. ڪڏ-١، ٥, فوٽ کان ٢, ٣ فوٽن تائين مٿان لڌل. *fig.28*

PW.285 چٽيل ٺڪر. ڳچيءَ وارو ڪنو اندر تي نِويَلَ. ترو وٽ جهڙيءَ ڪناريءَ سان. اوچائي ٥, ٢ انچ. پڳل.[1] رنگ ڳاڙهو. ڳاڙهو ليٿ. اندريون پاسو وچ تان شروع ٿيندڙ. چپرين يا ٽڪنڊن سان سينگاريل. گهاٽين اٿين جا نشان ٽڪنڊن جي قطارن جي وچ تي. چٽسالي ميٽائين رنگ ۾ ٿيل. ڪڏ-١، ٥, فوٽ کان ٢, ٣ فوٽن تائين هيٺ لڌل. *fig.29*

PW.112 چٽيل ٺڪر. ٺڪر ۾ ڌاءُ جو رنگ پورو. ڪاري رنگ ۾ ڏاند جي تصوير. ڊِگي جي ڪجهہ تصوير ہري طرز جافريءَ سان ۽ ڪجهہ پوري پريل. ڪڏ-١، ٨ کان ١٠ فوٽن تائين مٿان لڌل. *fig. 30*

PW.25 چٽيل ٿانو. پيالي جو ٽڪرو. پورو ليٿ. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. جافري منجهہ سان ونگون، جيڪي واري وٽيءَ سان ٻن قطارن ۾ آهن. چٽسالي ڪاري. ڪڏ-١، ٢ فوٽ مٿان لڌل. *fig.31*

PW.254 چٽيل ٺڪر. تراڪڙي ڦيلهيءَ جو ٺڪر. ٿانو ڳاڙهو. ليٿ ڳاڙهو. ٿانو ۽ پڪل نہ آهي. ڪاري يا ناسي رنگ ۾ چوڌاري ڪنڌيون ليڪون. (وريون ). ڪڏ-١، ٥, کان ٢, ٣ فوٽن تائين هيٺ لڌل. *fig.32*

PW.155 چٽيل ٺڪر. پورو ڌاءُ. پوري پٽي جي ٻنهي پاسن کان ٻيگهڙ تي ہري طرز جافري سان آڪڙيون. ڪڏ-١، ٢, ٣ فوٽ مٿان لڌل. *fig.33*

1. Pl. XXXIX, 12.

ڪاري. ڪڏ-٢، ١٢ کان ١٥ فوٽن تائين مٿان لڌل. *fig*.41

PW.289 چٽيل پيالو. ڪنا اڪتي وڏيل. ترو ويٺوڙو. اوچائي ٩،١ انچ. ڳاڙهو ٿانو اندر ڪٽو. ٻاهرئين پاسي پورو ڏاءُ ٻن پورن پٽن جي وچ تي پٽي ۾ ڏنگيون (يا وريون sigmas ). ڪڏ-١، ٥، کان ٢،٣ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.42

PW.133 چٽيل ٺڪر. تراڪڙي ٿيلهيءَ جو ٽڪرو. ڳاڙهو ٿانو. وچ تي چوڏاري نڪتل پٽن سان ڪڍيل ٻٽيون ۽ هيڪوٽيون ڏنگيون. ڏاءُ ڪوني. ڪڏ-١، ٢، ٣ فوٽ مٿان لڌل. *fig*. 43

PW.115 چٽيل ٺڪر. تراڪڙي ٿيلهيءَ جو ٽڪرو. ٿانو پورو. ليٽ به پورو ڏنل ٿو پانڄي. هڪ پٽي ۾ ٻٽيون ڏنگيون. پٽي ۾ چوڏاري ماڪوڙو نڪتل. ڪاري رنگ ۾ چٽسالي. ڪڏ-١، ٨ کان ١٠ فوٽن تائين مٿان لڌل. *fig*.44

PW.277 چٽيل ٺڪر. سڌن ڪنن سان پيالو. پورو رنگ. ڏاءُ جي پوچي پوري. ڳچيءَ وٽ پوري پٽي جا اهڃاڻ. هيٺ آڪڙين نموني جي قطار چوڏاري ڦري اچي ٿي. هيٺان ۽ مٿان ونگن تان ڪرڪيون نڪتل. اندرئين پاسي ڪاري پٽي جو نشان. ڪڏ-١، ٥، کان ٢،٣ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.45 ۽ Pl.XXXIX,10

PW.276 چٽيل پيالي جو ٺڪر. اوچائي ٣.٣ انچ. پوچي ۽ ٿانو جو رنگ پورو. ڳچيءَ وٽ پوري پٽي جا اهڃاڻ. هيٺ ورين sigmas جي چوڏاري قطار. چٽسالي ڪاري ۽ ناسي رنگ ۾. اندرئين پاسي ڪاري پٽي جا اهڃاڻ. ڪڏ-١، ٥، کان ٢،٣ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.46 ۽ Pl.XXXIX, 9

PW.278 چٽيل پيالي جو ٺڪر. اوچائي ٣ انچ. ٿانو ۽ پوچي پوري. ڪاري رنگ ۾ چوڏاري وريون sigmas نڪتل. ڪڏ-١، ٥، کان ٢،٣ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.47

## Pl.XXIX ۾ ڏنل ٿانو

PW.282 چٽيل ٺڪر. وڏي ٿانو جو ٽڪرو. پوري رنگ جي ليٽ سان پورو ٿانو. وچ تي ڦلڙين سان گل جو چٽ ۽ گل ٻاهران پنکڙين جو چٽ. چپرين ۽ ٻيچ جهڙيون شڪليون، جافريءَ سان پريل. مختلف گهرين ۾ انهيءَ طرز کي

ورجايل. ڪاري رنگ ۾ چٽسالي. ڪڏ-۱. ۵, ڪان ۲, ۳ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.6
PW.187 چٽيل ٺڪر. وڏي ٿانو جو ٽڪرو. رنگ ڳاڙهو. چٽساليءَ جي طرز چوراسن سان ڪمري ۽ پريل چهريون. چٽسالي ڏاءَ جي پوچي ڳاڙهي. ڪڏ-۳. ٦, ڪان ۱ ,۴ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.37
PW.36 ڍڪڻي تري سان چٽيل ٿالهي. رنگ ڳاڙهو. گولائي اٽڪل ۵, ۱۱ انچ. ڪناري سان گلتي پاسن سان پريل چهرين جي قطار. چهرين جي وچ تي ونگن نموني جون گهريون ۽ هر هڪ گهريءَ ۾ ٻيج جي شڪل تي چٽ. وچ تي منجهلا گول آهن. (  ). ڳاڙهيءَ ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي ٿيل آهه. ڪڏ-۳. ۳, ۵ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.38

## Pl.XXXI ۾ ڏنل ٿانو

PW.42 مٽيءَ جي پڪل ٽڪي. مانڊاٿيءَ طرز سان ڪوڪي چٽسالي. مٽيءَ ۾ ڪتر ٿيل سنهي گاه جا اهڃاڻ. ٽڪرو. ڊيگهه ۱۵ انچ. موڪر ۴, ٦ انچ. ٿولهه ۳, ۱ انچ. ٺاهڻ جي مقصد جو پتو ڪون ٿو پوي. ڪڏ-۱. ۸ ڪان ۱۰ فوٽ مٿان لڌل. *fig*.18

## Pl.XXXIII ۾ ڏنل ٿانو

PW.280 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. اڪيريل. ڊيگهه ۹, انچ. ڪڏ-۱. ۵, ڪان ۲, ۳ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.35
PW.281 مٽيءَ جو پڪل مٽيو. اڪريل. ڊيگهه ۸۵, انچ. ڪڏ-۱. ۵, ڪان ۲, ۳ فوٽ هيٺ لڌل. *fig*.36
PW.226 پٿر جو مٽيو. چپٽرو. گولائي ۲۵, انچ. ڪڏ-۱. ۸ ڪان ۱۰ فوٽن ٽائين مٿان لڌل. *fig*.37
PW.219 پٿر، جنهن جي مٿان فطري اڇا پٽا. شايد اڏ ۾ جڙيل آهي. ڊيگهه ۹, انچ. ڪڏ-۱. ۸ ڪان ۱۰ فوٽن ٽائين مٿان لڌل. *fig*.41
PW.119 سفيد پٿر جو اڏ ۾ جڙيل مٽيو. ڊيگهه ۵, ۱ انچ. ڪڏ-۱. ۸ ڪان ۱۰ فوٽن ٽائين مٿان لڌل. *fig*.42

PW.215 لاجورد جو مٽيو. شڪل ڊگهيري يا لوٽيري نموني. ڊيگهہ ٧, انچ. چيڙي وٽ گولائي ٣٥, انچ. ڪڏ-٣، ٦, ڪان ١ ,۴ فوٽ هيٺ لڌل. fig.43

## Pl.XXXIV ۾ ڏنل ٽانوَ

PW.58 مٽيءَ جي ٻاراٽي راند لاءِ پاٽيءَ جي نالي. مٽان جافري ڇر. ڊيگهہ ٢٥, ٣ انچ. اوچائي ۴, ١ انچ. موڪر ٥٥, ١ انچ. ڪڏ-١، ٨ ڪان ١٠ فوٽن ٽائين مٽان لڌل. fig.18

PW.169 مٽيءَ جي پڪل ٽڪنڊي ٽڪي. ڊيگهہ ٧, ٢ انچ. ٿولهہ ١ انچ. ڪڏ-١، ٦, ڪان ١ ,۴ فوٽ هيٺ لڌل. fig.26

PW.43 ڊگهي ٽري واريءَ ٿيلهيءَ جو ٽڪرو. چگهن جي چٽسالي سان. ڪڏ-١، ٨ ڪان ١٠ فوٽن ٽائين مٽان لڌل. fig.27

PW.45 تراڪڙي ٽري واريءَ ٿيلهيءَ جو ٽڪرو. اوچائي ٣ انچ. ٽري تي ٽڏي جا نشان، ترو وينوڙو. ڪنهن سيڪڙاٽ جو ناهيل. ڪڏ-١، ٨ ڪان ١٠ فوٽن مٽان لڌل. fig.28

## Pl.XXXV (ڪڏ-٣، ٣, ٥ فوٽ هيٺ)

PW.40 گولائي ۾ ماريل ٽانو. اوچائي ٥, ١٩ انچ. fig.7 ڳچيءَ جي ٿوري علامت موجود.

PW.41 گولائيءَ ۾ ماريل ٽانو. شڪل صورت fig.7 جيان. اوچائي ٢٢ انچ. fig.12

PW.41 a پيالي جي شڪل تي ٺڪر جي ڪونڊي. ٿلهو وڙ. اوچائي ١٥ انچ. fig.8 ڳورانڊيءَ مان اهڙو ساڳيو ٽانو لڌو. Pl.XXXVI, 36

## Pl. XXXVII ۾ آيل ٽانوَ

PW.59 ننڍڙي وڙ جو ٽانو. ڪپو. اوچائي ٣, ٢ انچ. منهن وٽ گولائي ٢ انچ. ڪڏ-١، ٨ ڪان ١٠ فوٽن ٽائين مٽان لڌل. fig.13

PW.39 ننڍڙي وڙ جو ٽانو. ڳچي ٿورو لنهواري. رنگبن پٽن جا اهڃاڻ. اوچائي ۴, ٢ انچ. ڪڏ-٣، ٣, ٥ فوٽ هيٺ لڌل. fig.14

PW.184 ننڍڙي وڙ جو ٽانو. مگهه. هٿ سان ٺهيل. اوچائي ٢, ٢ انچ. کڏ-٣. ٦, کان ١, ٤ فوٽ هيٺ لڌل. fig.15

PW.21 ننڍڙي وڙ جو ٽانو. ميوات رکڻ واري ٿالهي. رنگين پٽا ۽ وچ تي ٻري. اوچائي ١, ٢ انچ. کڏ-١، ١ فوٽ مٿان لڌل. fig.16

PW.193 سڌن چپن سان ٻاهر نڪتل پيٽ سان ٽانو. هيٺيون ترو پيالي جيان تنگڻ واسطي ڪنن ۾ سوراخ. اوچائي ٢, ٢ انچ. منهن وٽ گولائي ٨, ١ انچ. کڏ-٢، ١٢ کان ١٥ فوٽن تائين مٿان لڌل. fig.17

PW.195 ننڍڙي وڙ جو ٽانو.چلي جهڙي گول تري سان پيالو. چٽسالي جا نشان ڏسڻ ۾ اچڻ جهڙا. اوچائي ٩, ١ انچ. منهن وٽ گولائي ٤, ٢ انچ. کڏ-٢، ١٢ کان ١٥ فوٽ مٿان لڌل. fig.23

PW.194 ٽانو PW193 جهڙو. تنگڻ واسطي ڪنن وٽ تي سوراخ. اوچائي ٩, ٢ انچ. منهن وٽ گولائي ٨٥, ١ انچ. کڏ-٢، ١٢ کان ١٥ فوٽ مٿان لڌل. fig.24

PW.182 ٺڪر جو ٽانو. لنهواري ڳچيءَ سان. اصلي چٽساليءَ جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. اوچائي ٩, ٣ انچ. منهن وٽ گولائي ٦٥, ٢ انچ. کڏ-٣، ٦, کان ١, ٤ فوٽ هيٺ لڌل. fig.25

PW.183 ٺڪر جو ٽانو. لنهواري ڳچيءَ سان. اوچائي ٩, ٣ انچ. منهن وٽ موڪ ٦٥, ٢ انچ. کڏ-٣، ٦, کان ١, ٤ فوٽ هيٺ لڌل fig.31

## PI.XL ۾ ڏنل ٽانو

PW.216 پٿر جو اوزار. پاساڙو. تکي ڌار سان. رنگ واڱڻائي. ڊيگهه ٦٥, ١ انچ. موڪر ٣, انچ. کڏ-١، ٥, ٢ فوٽ مٿان لڌل. fig.4

PW.1 پٿر جو اوزار. ڪان جي اٽي. شڪل پن جهڙي. ڊيگهه ٦٥, ١ انچ. موڪر ٥٥, انچ. چلائيءَ ڪري مٿاڇرو ڏم ڏم. fig.6

PW.198 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهه ٩, ٣ انچ. موڪر ٦, انچ. کڏ-١، نمر ٥, کان ٢, ٢ فوٽ هيٺ لڌل. fig.7

PW.196 پٿر جو اوزار. ڊيگهه ٢ انچ. موکر ٥٥ , انچ. کڏ-٣، ٦ , کان ١ ,٤ فوٽ هيٺ لڌل. *fig.5*

# باب ستون

# علي مراد کان جھانگار ڏانھن

اولھہ سنڌ جي تفصيلي نقشن جو گھرو اڀياس ڪري، سيوهڻ ۽ ڪوهستان واري ٽڪرائتي علائقي متعلق جاگرافيائي گھڻ پاسائين معلومات هٿ ڪرڻ کان پوءِ، اسان ان فيصلي تي پھتاسون، تہ منڇر کان ڪراچي ويندڙ ڪچي وارو پٽو ڪوٽائي ۽ ڪوجنا جي ڏس ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. جوهي تعلقي جو دورو ڪندي اسان ۱۵۰ ميل پٽي جي ڪوجنا لاءِ پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري ورتو ۽ علي مراد ۾ ئي سفر واسطي ضروري تياري ڪري ورتي سين. جنوريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اسان جھانگار جي اوسي پاسي دڙن جي هڪ سلسلي وٽ پھچي ويا سون. ڪمين جو وڏو ٽولو، لاڏو ۽ مهري اٺ اسان سان ساڻ هئا. سفر لاءِ سمر ٻڌي، خط پٽ پهچائڻ لاءِ ائن جو بندوبست ڪري، ڏکڻ ڏس تي اسهيا سين. جھانگار ۾ پوسٽ آفيس هئي، جيڪا اسان کي ٦٠ ميل پري تي پئي. جوڳو بندوبست ڪرڻ کان پوءِ اتان روانا ٿياسون.

## دمب ٻُنيءَ جا ماڳ

جھانگار متعلق اسان اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري چڪا آهيون ۽ ان پيرآري واهيءَ جو بيان بہ اڳ ۾ لکي آيا آهيون. هيءَ واهي ٻڌو ٽڪريءَ وٽان گرم جھرڻن مان وهي ٿي. هن گرم چشمي جي پير ۾ دمب ٻُنيءَ نالي ۸۴ فوٽ هڪ اتاهين ننڍڙي ٽڪريءَ تي دڙو آهي.(Pl.IX, b) . نئنگ جيان هن ٽڪر جي لاهين ۽ ڪڇ ۾، تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪي ڪنڊر موجود آهن. هيءُ ماڳ وسعت جي نقطئہ نگاه کان ڪافي وڏو آهي. اسان کي وک وک تي ٺڪرين مان اکوڙيل پٿر پيل ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي ڪڏهن جڳهين جي اڏاوتن اڏڻ ۾ ڪتب ايندا هوندا ۽ چپي چپي ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽساليءَ وارن ٿانون جون ٺڪريون ڏسڻ ۾ آيون. ٽڪريءَ جي مختلف مٿاڇرن تي پٿرن جون لاڻيون

(قطارون ) نظر آيون. اسان کي پڪو ويساه آهي، ته اهي پراڻي دور جي پٿرن مان جوڙيل پٽين جون پيڙهيون هونديون. پٿرن جون اهڙيون قطارون، ڏکڻ - اولهه واري پاسي ٽڪريءَ جي لهريدار ڍاڪن تي به ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر ٻن ايراضين جي وچ تي ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن ۽ نه وري ڪو ٺڪرانو نظر اچي ٿو. ڪن ڍاڪن تي هلڪي پوري رنگ جي سنهي وڙ وارو ٺڪرانو ڏسڻ ۾ آيو. مٿن اليڪي چٽسالي ٿيل هئي. آمريءَ جي ٿانون سان سندن ويجهي هڪجهڙائي هئي. تعجب جي ڳالهه اها آهي، ته هتي ماڳن مان ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي وارو سنڌ سڀيتا سان لاڳاپيل هڪ ٿانو به ڪونه لڌو. پر پرسان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي يا ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ اهڙا ٿانو عام جام مليا. اچرج جهڙي هڪ ٻي ڳالهه به هئي ته هڪ دڙي مان آمريءَ سان هڪجهڙائي رکندڙ ۽ ٻئي دڙي مان سنڌ سڀيتا سان واسطو رکندڙ ٿانو هٿ آيا.

## دمب بُٺيءَ وارو گرم چشمو

دمب بٺيءَ ۽ ان جي اوسي پاسي واريون ٽڪريون سنسان ۽ ويران لڳيون پيون آهن. اتي فقط گرم چشمي واري اهڙي جاءِ آهي، جتي ڪجهه رونق آهي.(Pl.IX, d) . هتان جا ماڻهو چوندا آهن ته اڳ ۾ هن چشمي جو پاڻي تمام گهڻو هوندو هو. هن وقت به هيءُ پاڻي هن جاءِ ۽ پيرآري جي وچ واري علائقي جي زمين کي آباد ڪندو آهي. مئسن [1] ڪوٽ بلوچ کان ٦ ميل پري هڪ گرم پاڻيءَ جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو هن ڪراچيءَ ڏانهن ويندي جهانگار پرسان پار ڪيو هو. اهو پاڻي هڪ چشمي مان نڪتو ٿي ۽ اتر طرف هڪ ڍاڍو ٺڪرانو ڏٺو هئائين. شايد اها گهڻين واهين منجهان هڪ هئي، جيڪا دمب بٺي ٽڪريءَ جي چشمي مان وهي رهي هئي. پر اها ڳالهه چٽي ڪانه آهي، ته هن دمب بٺيءَ وارن ڪنڊرن جو ذڪر ڪيو آهي يا جهانگار جي پر وارن دڙن جو احوال اوريو آهي. مئسن جيڪو ڪوٽ بلوچ کان مفاصلو ٻڌايو آهي، سو دمب بٺيءَ نسان سهمت ڪونه ٿو ڏيکاري. ان کان سواءِ به دمب بٺي مذڪوره

1. *Journey*, Vol. II, pp.147-149.

قافلي واري رستي کان ڪجهہ پري بہ آهي.

## تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو رکندڙ قبرستان

هن ٽڪري (Pl.XLV) جي ڏکڻ - اولهہ واري پاسي کان ڪجهہ کوٽائي شروع ڪرائي سون تہ متاڃري تي پنجن ڪوٺين جي بنيادن جو نقشو نکري نروار ٿيو. (Pl.IX, c) . هر هڪ مان اکري ٿانو جي وڙ جهڙا ٿانو مليا، پر ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي وارا ٿانو ڪونہ لڌا. هڪ ڪمري مان اسان کي ٿانون سان گڏ ماڻهوءَ جو هڪ هڏائون [1] پڃرو لڌو. اهي ڦڪي رنگ جي مٽيءَ ۾ ڪنو ڪري رکيل ڏسڻ ۾ آيا. هڏا ڳري چڻ خاڪ جي صورت ڌاري چڪا هئا. سڄو هڏائون پڃرو کڻڻ جي لائق ڪونہ هو ۽ نہ وري اهو اهڙو هو جنهن جي تپاس ۽ جاچ پڙتال ڪري سگهجي ها. ڪجهہ هڏا اتفاقي طور تي ٿانون ۾ پئجي ويا هئا. انهن مان ڪجهہ ٿانو سڄا سارا هئا پر گهڻائي ڀڄي ڀور ٿي چڪي هئي. سڄن سارن ٿانون ۾ ٺڪر جون ٿيون (دانگيون )، پيالا ۽ ڪُپا هئا، جن جا ترا وٿ سان ۽ ڪن گلاسن جهڙن ٿانون جا ترا تراڪڙا هئا. هنن ٿانون سان گڏ پٿر جا اوزار پاساڙا پڻ رکيل هئا. Dm.126.a جي ڊيگهہ ٣ انچ ۽ Dm.126.b جي ڊيگهہ ٢,٣ انچ هئي. کين Pl.XXV, 39, 40 ۾ ڏسي سگهجي ٿو. انهن سان مگريون cores مٽيءَ جون پڪل ۽ سنک جون چوڙيون بہ وڏا سپَ Dm.119 . جيڪي هڪ پٺي متان اهڙيءَ ريت رکيل هئا، چڻ کنهن سندر يا گيڙو رنگ کي ڍڪي رکيو ويو هو. اها هڪ فطري ڳالهہ هئي تہ ماڻهو پنهنجي مري ويل مائٽ جون روز مره ڪم ايندڙ شيون ۽ ڳاڙهو سندر جيڪو عورت سينگار ميز تي استعمال ڪندي آهي، سو ان سان گڏ رکيل هو. موهن جي دڙي جي .Dk حصي مان سپيءَ ۾ رکيل سندر کنهن رهائشي ڪوٺي مان پنجو ڪيندي لڌو ويو هو. ڪش [2] ۽ العبيد جي تاريخ کان اڳ واري قبرستان مان اهڙي قسم جي رنگ واريون سپيون لڌيون ويون هيون. پر واري

1. *See* Dr. Guha's note, below.

2. Hall and Wolley, *Ur Excavations,* Vol. I, pp. 212, to 438; Mackay, *Report on the Excavations of the 'A' Cemetery, Kish,* Part I, pp.14-15.

ڪمري مان ٻه ماڻهوءَ جا هڏا ۽ ساڳي طرز جا ٽانو لڌا. اسان کي ائين معلوم ٿيو ته جنهن ايراضيءَ ۾ اسان کوجنا ڪري رهيا هئا سون، اتي اهڙا ٻيا ٻه ڪمرا موجود هئا. ڇاڪاڻ ته اهڙن ڪيترن ڪمرن جي اڏاوتن جا اهڃاڻ نظر اچي رهيا هئا. وڌيڪ کوجنا ڪرڻ کان سواءِ اهو چوڻ ڏکيو آهي ته انهن ۾ لاش دفن هئا يا نه. ماڻهوءَ جو هڏائون پڃرو، ٽانو ۽ ٻيون شيون اسان ڪمري جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ لڌيون. ڪمري جي مٿاڇري کان ٿورو هيٺ، انهن شين جو ملڻ اچرج جوڳو آهي. هن ۾ ڪنهن شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي، ته شروع ۾ اهي شيون گهڻو هيٺ پوريون ويون هونديون. پر وقت گذرڻ ڪري اها مٽي اتان ڪسڪي وئي هوندي. هر هڪ قبر کي چوڏاري گهڙيل پٿرن جي چوڪنڊي ديوار ڏني وئي آهي. ان ۾ اندر ٽڪراٽي مٿاڇري تي پنهنجي روزمره جي واهپي وارين شين سان گڏ ماڻهوءَ جي ميت کي رکيو ويو آهي. اهڙين قبرن وارن ڪمرن جو ڪوبه لنگهه نظر ڪونه ٿو اچي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته اهڙو لنگهه شروعات ۾ ئي ڪونه ڇڏيو ويو هوندو. پٿين جي اوچائي ٻه اصل واري آهي. چوته پٿين جي اندر يا ٻاهر ڪريل پٿرن جا ڍير نظر ڪونه ٿا اچن.

## پورڻ جو طريقو

دمب ٻڌيءَ جي قبرن جي چوڌاري پٿر جون ٿلهيل مستطيل طرز تي چوديوارين جهڙيون اڏاوتون نال ۾ ٻه ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مسٽر هارگريوس Mr.Hargreaves اتي کوٽائي ڪئي هئي. تنهن لکيو آهي ته " اسان صفائي ڪرائي اڏاوتن جي مڪيه باقيات کي ظاهر ڪيو. اسان کي اتي تيرهن ڪمرا ۽ آکر ڏسڻ ۾ آيا. اسان پنهنجي سهوليت خاطر انهن کي ڪمرا چئون ٿا، پر حقيقت اها آهي ته انهن کي ڪمرو چئي ڪونه ٿو سگهجي. پٿيون گونيءَ ڪنڊ تي ٿلهيل آهن. پر اهي پوري گوني ڪنڊ تي پاڻ ۾ ڪونه ٿيون ملن. اهي مٿي اوچيون ٻه ڪونه آهن. ڪنکي فقط ٻه پٿيون ڏنل آهن. گهڻو امڪان اهو آهي، ته پيڙهين ۾ پٿر جون پٿيون اڏيون ويون آهن ۽ مٿان ڪچين سرن جا ٻه ٽي بار هنيل ڏسجن ٿا. جيئن پٿر جي مٿين سنوت هڪجهڙي آهي ۽ صفائي ڪندي اسان کي

پٿرن جا ڍير وغيره به ڏسڻ ۾ ڪونه آيا. جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پٿين جي اصلي اوچائي به اها هئي. پٿين جي مٿين اڏاوت ڪچين سرن يا ڪنهن هلڪي وٿ مان ٺهيل هوندي، جيڪا هاڻي گم آهي. ڪو ظاهر ظهور لنگهه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. اهڙن گهڻن ڪمرن جو فرش ڪچو آهي." ٻن ڪمرن لاءِ هيءُ چوي ٿو ته: "انهن جو فرش پاٽي ڪاڏل پٿرن سان جڙيل آهي." هڪ ٻي ڪوٺيءَ لاءِ چوي ٿو ته: "هن ڪمري جو فرش پٿين جيان پڪو هو ۽ پيڙهه وارن پٿرن مٿان ڏاڍي خبرداريءَ سان پٿرن جا ٽي بار ڏنل آهن."[1] هن حوالي ۾ دمب بنيءَ ۽ نال جي قبرن وارين ڪوٺين جي هڪجهڙائي چٽي آهي. اسان هتي مختصر طور ٿورن ڪلاڪن لاءِ ترسياسون ۽ جيئن مسٽر هارگريوس کي نال جي کوٽائي ڪرڻ جو موقعو مليو هو، تيئن مونکي تفصيلي تپاس لاءِ موقعو ملي ڪونه سگهيو. اسان فقط ٻن ڪمرن جي تپاس ڪئي. امڪان اهو آهي ته ميٽ پوري ريت پوريل ڪونه هئا. جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته اسان کي ماڻهوءَ جي هڏن جو پورو پڃرو ڪونه مليو. پر جيڪي ڪجهه اسان کي مليو (ڊاڪٽر گوها جو اپينڊيڪس 'A' ۾ رايو پڙهو)، اهو هيٺ فرش تي ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ مليو. لاشن کي ساڙڻ جا ڪٿي به اهڃاڻ ڪونه مليا آهن. گهڻو ڪري دمب بنيءَ ۾ لاش دفن ڪيا ويندا هئا. قديم آثارن جا ماهر هن قسم جي دفن کي Fractional Burial چون ٿا. جنهنجو مثال نال[2] ۽ ايران جي موسيان[3] ۾ملي ٿو. سر جان مارشل جي خيال موجب موهن[4] ۾ به لاش هن طريقي سان دفن ڪيا ويندا هئا.

## قبر ۾ پوريل ٿانو

اسان کي قبرن مان جيڪي به ٿانو مليا، سي چڪ جا ٺهيل ٿانو هئا. انهن مان ٿورا ڪجهه گهاڙ سان به واسطو رکن ٿا. ٿانو رءِ پڪل نه هئا ۽ روزمره جي واهپي ۾ ايندڙ ٿانون کان وڏ ۾ گهٽ هئا. هٽ سان ٺهيل ٿانو به

1. *Mem. A.S.I.*, No.35, pp.20-21.
2. *Mem. A.S.I.*, No.35, p.21
3. *Mem. del, en Perse,* tome VIII, p.76.
4. *Mohenjo-daro*, Vol.I, p.82.

ڪنهن سيڪڙات جا ٺهيل آهن. اهي گهاڙيٽي ۾ سنها ۽ هلڪي ڀوري رنگ جا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي گهٽو ڪري چٽيل آهن. ٿورا ڪجهه سادا به هٿ آيا آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ڪن ٿانون جي چٽسالي لهي ختم ٿي وئي آهي ۽ اهو معلوم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ته مٿن، اصل ۾ ڪهڙي طرز جي چٽسالي ٿيل هئي، يا ماڳهن هئي به ڪا نه. ڪاري رنگ ۾ چٽسالي ۽ ڏاءَ جي پوچي هلڪي ڀوري رنگ جي آهي ۽ عام طور تي ڳاڙهسري ڀوري رنگ جا پٽا آهن. مٿن استعمال ٿيل ڪجهه رنگ ڪچا آهن، جن ڪي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي آزمائي ڏٺو ويو ته رنگ لهي ويو. چٽساليءَ ۾ تمام گهٽيون طرزون استعمال ڪيون ويون آهن. (Pl.XXV, 125). چٽ جي طرز اليڪي آهي. انهن ۾ ڪي ڪمريون ڪي پريل چوڪڙيون، ڪي ماڪوڙا، ڪونجون، آڪڙيون، هار، ڀريل چهريون ۽ ٽياس جهڙيون طرزون هيون. خاص دلچسپيءَ جي لائق هڪ ڏاڪڻ واري طرز هئي. جنهن جي وچ ۾ منجهلا چوڪنڊا رکيل هئا، جنهن جهڙا نال مان به (Pl.XXV, 1-2) مليا. جيتري قدر ٿانون جي گهاڙ جو تعلق آهي، جيڪي تيون، وٽ سان ترن وارا پيالا، گلاس نموني تي تراڪڙن ترن وارا ٿانو مليا، سي نال مان لينڊڙ ٿانون سان مشابهت رکن ٿا. انهن حالتن هيٺ جهڙي طريقي سان ميت دفن ڪيا ويا آهن، معلوم ائين ٿئي ٿو ته دمب بٺي ان ثقافت جي نمائنده آهي، جيڪا نال جي ثقافت سان ميل کائي ٿي. اتان جيڪي سڄا سارا ٿانو لڌا آهن، سي پنهنجي نموني پٽاندر پنوتريءَ ۾ ڏجن ٿا.

## (الف). چلي جهڙي وٽِ سان تري واريون تيون

Dm.92 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. اڌ ۾ چڙيل. ڪجهه حصو چڪ تي تيار ٿيل. اوچائي ٢,٤ انچ. منهن وٽ گولائي ٦,٦٥ انچ. Pl.XXV, 26

Dm.30 هلڪو ڳاڙهو ٿانو اڻ پورو. ڪجهه حصو چڪ تي تيار ٿيل. پورو ناهي. اوچائي ٢,٥ انچ. منهن وٽ موڪر ٧,٤ انچ. Pl.XXV,28

Dm.23 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. ڪني جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي ڪاري چٽساليءَ جا اهڃاڻ. چڪ جو نشان ڪونهي. اڻ پورو. اوچائي ١,٦ انچ. منهن وٽ

موڪر ۴,۵ انچ. Pl.XXV, 27

## (ب ). چلي جهڙيءَ وٽ تي تري سان پيالا

Dm.22. ڪني جي ٻاهرئين پاسي ناسي رنگ جو پٽو. سنهي ڳاڙهي ليڪ (پِچَ ) جي مٿان ناسي رنگ ۾ جافري. چڪ تي ٺاهيل. اوچائي ۲,۱۵ انچ. منهن وٽ موڪر ۳,۱ انچ. Pl.XXV, 31

Dm.115 چٽسالي ۾ طرز Dm.22 جيان. اوچائي ۱,۷ انچ. منهن وٽ موڪر ۲,٦۵ انچ. Pl.XXV, 35

هنن پيالن بنائڻ وقت خبرداريءَ کان ڪم ڪونہ ورتو ويو آهي، اهي چڱيءَ ريت پچايا بہ ڪونہ ويا آهن.

## چلي جهڙيءَ وَٽِ جي تري سان ڪُپا

Dm.25 ڳچيءَ وٽ ناسي رنگ جا پٽا. اوچائي ۲ ,۴ انچ. منهن وٽ موڪر ۱ ,۳ انچ. تري ٻرسان ماپ ٦۵ ,۳ انچ. Pl.XXV,32

Dm.118 ٿانو تي ناسي رنگ جا پٽا. اوچائي ۲ ,۲ انچ. منهن وٽ موڪر ۳ ,۲ انچ. Pl.XXV,42

Dm.121 اوچائي ۲ ,۳ انچ. منهن وٽ موڪر ٦۵ ,۲ انچ. تري کان ٿورو مٿان، موڪر ۲,۵ انچ. اڻ پورو پڪل Pl.XXV,43

## (ج ). تراڪڙي تري سان گول ايا ٿانو

Dm.26 مٽس، چڪ تي ٺاهڻ جا نشان ڪونہ آهن. اوچائي ۲ انچ. منهن وٽ گولائي ۱,۷ انچ. تري وٽ موڪر ۱,۷۵ انچ. Pl.XXV, 29

Dm.116 اوچائي ۱,۳ انچ. منهن وٽ گولائي ۱,۹ انچ. تري وٽ گولائي ۱,۹۵ انچ. Pl.XXV, 36

Dm.117 اوچائي ۱,۴ انچ. منهن وٽ گولائي ۲ انچ. تري وٽ گولائي ۲,۱۵ انچ. Pl.XXV, 37.

اهي ٿانو گهٽو ڪري هٿ سان بنايل، اڻ پورا. چڪ تي تيار ٿيڻ جا نشان تمام گهٽ. پورا پڪل بہ ڪونہ آهن.

## (د) ٻئي قسم جا ٿانو

Dm.24 سوڙهي منهن سان ٿانو. ڪلهن وٽ، پاسو ٻاهر تي وڌيل. ڳهاڙ جو ٿهيل. ڪنهن سيڪڙات جو ٺاهيل. اڻ پورو پڪل. ڳچيءَ تي ناسي رنگ جون ڦلڙيون. اوچائي ٢,١ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٨ انچ. پاسن وٽ گولائي ٣,١٥ انچ. تري وٽ گولائي ٢,٧٥ انچ. Pl.XXV, 33

Dm.28 ٿانو. چلي جهڙي وٽ سان ترو. اوچائي ٢,٣ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٦ انچ. تري کان مٿان گولائي ٢,٧٥ انچ. Pl.XXV, 30

Dm.114 ٿانو. چلي جهڙي وٽ سان ترو. اوچائي ٢,٤ انچ. منهن وٽ گولائي ٢,١ انچ. تري کان مٿان گولائي ٢,٩ انچ. Pl.XXV, 41

Dm.28, 114 پورا پڪل نہ آهن.

انهن ٿانون کان سواءِ ٺڪرن جو وڏو انگ لڌو. انهن مان خاص ٺڪرن جو (Pl.XXV, 1-25, 34) هيٺ بيان ڪجي ٿو.

Dm.89 ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. چوڌاري اڌ گول گهرين جي هار جو چٽ ۽ ڏاڪڻ جي طرز تي چٽسالي. آڪڙي طرز گهري ۾ اڀيءَ ورن تي پريل پن هڪ ٻئي جي مٿان. ٿانو جو رنگ گلابي. هلڪي پوري رنگ جي پوچي ناسي چٽسالي. رنگ پڪو. اوچائي ٦ انچ. منهن وٽ گولائي ٤,٦ انچ. *f*ig.34 ۽ ڏسو Pl.XXXVIII, 16

Dm.95 هلڪي پوري رنگ جي ڌاءَ تي ناسي رنگ ۾ چٽسالي. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو ڏاڪڻ چٽ. *f*ig.1

Dm.50 منجهلن چوڪنڊن جي چٽسالي اندر ڪمرو چٽ. هلڪو ڳاڙهو ٿانو ۽ اهڙي ڌاءَ جي پوچي. *f*ig. 2.

Dm.102 ڪمري چٽسالي. هلڪي پوري رنگ جي ڌاءَ جي پوچي. ٿانو ڳاڙهسرو. *f*ig.3

Dm.62 ڦڪو ٿانو. ورين sigmas جي قطار ۽ پوروچوٽيءَ تي چوڪڙيون. ڳاڙهسري ڌاءَ جي پوچي تي ڪاري چٽسالي. *f*ig.4

Dm.78هلڪي پوري يا بوسڪي رنگ جي پوچي ڪاري چٽساليءَ ۾ ٻن پوروچوٽن پٽن ۾ وريون. ٿانو جو رنگ ڦڪو. fig.5

Dm.105 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ٻن پوروچوٽين قطارن ۾ ٻيگهڙ تي آڪڙين جو چٽ. هلڪي پوري رنگ جي ڏاءَ جي پوچيءَ تي ناسي چٽسالي.. fig. 6

Dm.97 هلڪو ڳاڙهو رنگ. چوڏاري آڪڙين جهڙين گهرين جهڙي چٽ جو هار، هر هڪ آڪڙيءَ جي وچ تي چدو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچي ءَ تي ناسي رنگ جي چٽسالي. fig.7

Dm.108 بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچيءَ تي ناسي رنگ ۾ پريل چوڪڙين جي چوڏاري قطار. ٿانو ڦڪو. fig.8

Dm.107 ناسي ڪناريءَ سان پٽي ۾ لَمَر تي ليڪون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچي. ٿانو جو رنگ ڳاڙهو. fig.13

Dm. 100 بوسڪي رنگ جي ڏاءَ مٿان ناسي چٽسالي ۾ منجهلا چوڪندا. ٿانو ڦڪو. fig.9

Dm.99 ٽي پوروچوٽيون ليڪون ٻين پوروچوٽين ليڪن سان ملي مٿان جافريءَ هيٺان چپريءَ جو چٽ بنائن ٿيون. ڳاڙهسري ڏاءَ جي پوچي مٿان ناسي چٽسالي. ٿانو ڦڪو. fig.14

Dm.98 ٿانو جو رنگ ڪتو. گهريءَ ۾ اڀين ليڪن جو مچلو. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچيءَ تي ناسي چٽسالي. fig.10

Dm.46 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ڦيلهيءَ جو نڪر. ڪرنگهيءَ جو چٽ. (Pl.XXIV, 33) جيان.ڳاڙهي پوچي مٿان ناسي رنگ جي چٽسالي. fig.11

Dm.112 ڳاڙهسرو ٿانو. چوڏاري آڪڙين جهڙين گهرين جي هار جي چٽسالي. ڳاڙهسري ڏاءَ جي پوچي مٿان ناسي چٽسالي. fig.12

.Dm.106 هلڪي پوري رنگ جو ٿانو. گهرين ۾ پريل چپريءَ جو چٽ. پوري رنگ جي ڏاءَ جي پوچي تي ناسي رنگ جي چٽسالي. fig.16

Dm.96 ٿانو ڳاڙهسرو. گهريءَ جي ڪنڌ ۾ چدو. هيٺان پوروچوٽي ڪنڊيون

ليڪون. بوسڪي ڏاءَ جي پوچيءَ تي ناسي رنگ جي چٽسالي. fig.17

Dm.111 ڦڪو ڪٽو ٺانو. هلڪي پوري رنگ جي ڏاءَ جي پوچيءَ تي ڪاري چٽ ۾ ٽياس Cross جي طرز .fig.18

Dm.110 ڦڪو ٺانو. بوسڪي يا هلڪي پوري رنگ جي ڏاءَ تي ناسي رنگ ۾ جافريءَ جي منجهه سان ڇن. اندرئين پاسي به اهڙي چٽسالي. fig.19

Dm.109 هلڪو ڳاڙهو ٺانو. ٻه پوروچوٽيون ليڪون ٻين ڇن پوروچوٽين ليڪن سان ڪنهن ڪنڊ تي ملن ٿيون. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچي ڪاري چٽسالي. fig.20

Dm.93 هلڪو ڳاڙهو ٺانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ چوڏاري هار جيان اڌ گول گهريون. هر گهريءَ ۾ ٻري. هيٺ ٻه پوروچوٽا ماڪوڙا. ٽئين ڳاڙهسري پوري پٽي جا نشان. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچي مٿان ناسي چٽسالي. fig.15 ۽ Pl.XXXVIII, 15

Dm.104 ٺانو. هلڪو ڪٽو. بوسڪي ڏاءَ تي ناسي رنگ جي ڇن جي چٽسالي جافريءَ سان ڪيل. fig.21

Dm.110 هلڪو ڳاڙهو ٺانو. ڳچيءَ تي پورو پٽو. هيٺ ڳاڙهي ليٽ تي ناسي رنگ جو پٽو. fig.22

Dm.94 ڦڪو ٺانو.ورين جي قطار.بوسڪي رنگ جي ڏاءَ تي ناسي رنگ جي چٽسالي.fig.23

Dm.92 ٿلهو ٺانو. رنگ ڦڪو ڳاڙهو. ڇن گهرين ۾. ڇنَ ۾ چڊي جو چٽ. بوسڪي رنگ جي ڏاءَ جي پوچي يا تر تي ناسي رنگ جي چٽسالي.fig.24

Dm.103 ٺانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. گلتي پاسن سان گهريءَ ۾ چٽ.ڳاڙهي ڏاءَ جا اهڃاڻ.fig.25

## ٽڪريءَ جي ڪچ مان لاڌ جو وچور

ٽڪريءَ جي پاڙ ۾ اوير پاسي آزمائشي کڏون کوٽيون ويون. ڪيترن ڪمرن جي پٿراين پتين جي پيڙهين جا نشان ظاهر ٿيا. هنن کڏن مان ڪنهن به

ڀڳي رنگ جي ٿانو جو نانءُ نشان ڪونہ مليو. ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽساليءَ وارن ٿانون سان اهڙيون شيون مليون، جيڪي سنڌ جي ماڳن مان عام طور ملنديون آهن. انهن جا ڪجهہ مکيہ نمونا هيٺ ڏجن ٿا.

Dm.7 چٽيل ٿانو جو ٽڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. وچ تي ڪارو نشان جيڪو اٽپوري باه جي ڪري هوندو آهي. جافريءَ جي منجهہ سان نوڪدار پن. گهريءَ ۾ وڏو گل ۽ وچ تي ٻڙي. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXIV,5

Dm.8 چٽيل ٿانو جو ٽڪر. ورن Dm.7 جهڙو. Dm.7 جيان نوڪدار پن ڪناري تي لم تي ليڪن جي قطار. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXIV,6

Dm.11 چٽيل ٿانو جي ڳچي. اندرئين پاسي ڳاڙهو ليئہ. ڳاڙهي پوچي تي ڪاري چٽساليءَ ۾ لام جو چٽ. Pl.XXIV,1

Dm.12 چٽيل ٿانو جو ٽڪر. اوچائي ۳,۵ انچ. ڳاڙهي ڏاءَ جي پوچي مٿان ڪاري چٽساليءَ ۾ گهريءَ اندر جافريءَ جي منجهہ سان نوڪدار پن. Pl.XXIV, 10

Dm.14 چٽيل ٿانو جو ٽڪر. ڇهن ليڪن (سڌين ليڪن ) جو مچلو. پيگهڙ تي ليٽئ طرز تي ليڪن جو مچلو. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXIV,11

Dm.9 سوراخدار ٿانو جو ٽڪر.

Dm.15 مٽيءَ جو پڪل ڪينهون. گولائي ۱,۴ انچ. بوسڪي تر تي ناسي رنگ ۾ گول ٻڙيون. Pl.XXXIV,5

Dm.17 ننڍڙي وڙ جا ٿانو. پاسن تي ڪاري رنگ جا پٽا. اوچائي ۱,۵۲ انچ. منهن وٽ گولائي ۱,۲ انچ. Pl.XXXVI, 11

Dm.10 مٽيءَ جي پڪل نموني طور هڪ ٽڪي.

Dm.20-21 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪر.

Dm.2 سنک جي چوڙي. گولائي ۱,۵۵ انچ.

Dm.3 سنک جو ڪڙو. گولائي ۱ انچ.

Dm.1,a,b,c,d,e سنک جا چوڪنڊا مٽيا. هر هڪ اٽڪل ٨, انچ. ڊيگهه ٥٥, انچ. موڪر ٢٥, انچ. هرهڪ کي ٻه سوراخ. هر هڪ تي اڪريل گول ۽ وچ تي ٻڙي.

## ٻنڊٿي (Bn)

جهانگار جي پرسان پيرآري واريءَ واند ڪان اٺ ميل ڏکڻ طرف پنڌ ڪري، ٢٨ جنوريءَ تي اسان اچي ٻنڊٿيءَ ۾ پهتا سون. هڪ ڏنار اسان کي ٻنڊٿيءَ جي ڀر وارن دڙن جو ڏس ڏنو هو. ان ڏنار کي اسان رهبر بنائي ٢٩ فوٽ اوچي دڙي (Pl.IX,e) وٽ پهتاسون. دڙي جي مٿاڇري تي ٺڪريون ۽ پاسازا نظر اچي رهيا هيا، جيڪي جاين جي پيڙهين جي ڪچري ۾ گڏيا پيا هئا. دڙو اتر کان ڏکڻ ڏانهن پکڙيل آهي. سندس ڪل پکيڙ 400 x 230 گز کن ٿيندي. دڙي جي وڏيڪ اوچائي اتر طرف آهي. ڏکڻ طرف مٿاڇرو تراڪڙو اٿس. هوريان هوريان لنهوارو ٿيندو هڪ ننڍيءَ جهاڪن واريءَ ٽڪريءَ وٽ پهچي اچي دنگ ڪري ٿو. دڙي کان اٽڪل ٤٥٠ گز اتر طرف اٽڪل ١٠ فوٽ اوچائي وارو هڪ ٻيو ٻه دڙو آهي. هن دڙي ۾ اتر پاسي واري اوچي دڙي جو چڱو ڀاڱو مسلمانن جي قبرستان سان والاريل آهي. اسان کي دڙي جي کوٽائي واسطي اتان جي بلوچ زميندار محمد خان کي راضي ڪرڻ ۾ ڪجهه مشڪل ٿي. سندس ڪجهه ماڻهو ڪمي ڪري، دڙي جي کوٽائي ڪرڻ واسطي ڪتب آڻنا پيا. جڏهن اسان ڪيس مڃايو تہ قبرساتن ۾ دفن ٿيل لاشن سان ڪنهن بہ قسم جي ڪونس ڪانہ ٿيندي، تہ پوءِ هو راضي ٿيو ۽ اسان مکيہ دڙي جي ڏکڻ پاسي کان ٿوري کوٽائي شروع ڪرائي. کوٽائيءَ کي 35 x 40 فوٽن جي ايراضيءَ تائين محدود رکيو ويو. جنهن ۾ کوئين جي هڪ مچلي جي پٿراين قطارن جا نشان مٽي صاف ڪري ظاهر ڪيا ويا. انهن مان ڪنهن بہ ڪمري جي فرش جي سنوت ٢ فوٽن کان هيٺ ڪانہ هئي. ڇاڪاڻ تہ اهي گهر هڪ ٽڪريءَ جي مٿاڇري تي اڏيل هئا ۽ اسان ان سنوت تائين پهچي چڪا هئاسون. پٿرن جون اهي قطارون پٽين جيان معلوم ٿي ٿيون، جيڪي حقيقت ۾ کوئين جون پيڙهيون هيون.

## چٽيل ٺانو

سنهي وڙ جا چٽيل ٺانو (BN.15, 52) ۾ پٿرن جا اوزار پاسارا، (Pl.XL, 32) ڊيگهه ٢,٢ انچ ۾ (Pl.XL,33) ڊيگهه ٢,٢ انچ.

BN.54 گهٽ ڪمرن مان لڌا. پر ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي وارا ٺانو ۾ انهن سان گڏوگڏ ملندڙ ٻيون شيون نظر ڪونه چڙهيون. ڪجهه اهڙيون ته ٺڪريون هٿ لڳيون، جن تي گهڻي وقت گذرڻ ڪري چٽسالي ختم ٿي وئي هئي، ۽ اهو سڃاڻڻ مشڪل هو ته ٺهڻ وقت مٿن ڪهڙي ورن جي چٽسالي ڪيل هوندي. بهر حال ڪن خاص قسم جي ٺانون جي ٺڪر جو هيٺ بيان ڏجي ٿو.

Bn.30 ٺانو ٿڪو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. ٻريل چھريون پاڻ ۾ ڪنهن نقطي تي ملن ٿيون. انهن جي ٻيگهڙ تي اپين ليٽن جو مچلو. بوسڪي رنگ جي ڏاء تي ناسي چٽسالي.

Bn.13 هلڪي پوري رنگ جي ڏاء تي ناسي رنگ ۾ چوڪڙين جي چوڏاري قطار. اندرئين پاسي به اهڙو رنگ نظر اچي ٿو.

Bn.52 ٺانو جو رنگ ٿڪو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ ڪڙن ۾ چدن جا نشان. هلڪي پوري رنگ تي ناسي رنگ جي چٽسالي.Pl.XXIX, 3

Bn.34 ٺانو هلڪو ڳاڙهو. هلڪي پوري ڏاء تي ناسي چٽساليءَ ۾ ليٽڻ طرز ۾ هڪ ٻئي مٿان اچي نموني ليڪون. Pl.XXIX,5

Bn.26 هلڪو ڳاڙهو ٺانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ آڪڙين جي طرز ۾ مٿان اپين ليڪن جي قطار. هلڪي پوري رنگ جي ڏاء تي ناسي چٽسالي. Pl.XXIX, 6

Bn.15 ٺانو هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسري پوري پٽي جا اهڃاڻ. هيٺ هڪ ٻئي مٿان ليٽڻ ۾ رکيل ٻريل پن ٻيگهڙ ۾ اپيون ليٽيون (سڌيون ليڪون ). هلڪي پوري رنگ جي ڏاء تي ناسي چٽسالي. Pl.XXIX, 12

Bn.38 ٺانو ٿڪو. هر ڪڙي ۾ ٻڙيءَ جي نشان سان هار جي طرز. هلڪي پوري تر تي ناسي چٽسالي. Pl.XXIX,13

Bn.42 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسري پوري پٽي جا اهڃاڻ. هيٺ پريل ڇپريون، جنهن جي پاسن سان پوروچوٽيون لم تي ليٽون. هلڪي پوري رنگ جي ڏاءَ تي ناسي رنگ جي چٽسالي. Pl.XXIX, 15

Bn.14 ڦڪو ٿانو. ٻن پوروچوٽين قطارن ۾ ڀيگهڙ تي پريل اڏاڪڙيون (نيم بيضوي ellepses ) هلڪي پوري تر تي چٽسالي. Pl.XXIX, 16

Bn.53 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽساليءَ ۾ چوڪڙين جي چٽسالي. اندرئين پاسي ٻه ساڳي طرز نظر اچي ٿي. ٻنهي طرفن کان ليٽن ۾ ڪنڊن جي طرز. گهٽو ڪري وڻ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. چٽ ڪاري رنگ ۾. Pl.XXIX, 19

Bn.46 ڦڪو ٿانو. ڳاڙهسري پوري پٽي جا اهڃاڻ. هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي چٽسالي ۾ نوڪدار ۽ ڀري طرز جافريءَ جي منجهه سان وڻ جي ٽاري. Pl.XXIX, 20

Bn.50 ڦڪو ٿانو. جافريءَ جي منجهه سان چوڪڙين جي قطار. هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي چٽسالي. Pl.XXIX, 21

Bn.5 پورو ٿانو. ٻن پوروچوٽين قطارن [1] ۾، ڀيگهڙ طرز تي ونگن ۾ چدن جي چٽسالي. هلڪي پوري ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXIX,26

Bn.33 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. چوڏاري ٻه ماڪوڙا جيڪي وچ تي ڪڙن جو چٽ ٺاهن ٿا، جن جي وچ تي ٻڙيءَ جو نشان آهي. هيٺان ٽيون ماڪوڙو ٻه چوڏاري ڦري اچي ٿو. هلڪي پوري تر تي ڪارو چٽ. Pl.XXIX, 27

Bn.48 ڦڪو ٿانو. گهرين ۾ پريل ڇپريون ۽ ٻڙيون. هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي چر. Pl.XXIX, 4

## ٻنڊٿي نٺن

ٻنڊٿي جي مکيه دڙي کان اوڀر ـ ڏکڻ طرف، ميل کن پنڌ ھي ٻنڊٿي

1. Cf. a Ramrud (Sistan) example in *Innermost Asia*, Vol. III, Pl. CXIII, R.R. XVII,05.

نئن (Pl.XII, d) آهي. اها نئن ، لڪيءَ واري ٽڪرائتي علائقي وٽ ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ رستي هيٺان لنگهي ٿي. هن علائقي ۾ ڪجهه دل لڀائيندڙ ڏيک آهن. جڏهن اهو چلڪندڙ ۽ ورن وڪڙن وارو وهڪرو ننڍڙين پٿرن واري گٽ مان هلي ايڪپرين ٽڪرين سان گهندي ڏٺي وهي ٿو، تہ اهو ڏيک ڏاڍو وڻي ٿو. چشمي جي پاڻيءَ سان هي نئن ٻارهو ئي وهندي رهندي آهي ۽ جهانگار ڪان ڪراچيءَ ويندڙن پانڌين پهيڙن لاءِ ڏاڍي سک ۽ سهنج جو سبب آهي. هن پاڻيءَ جي واهيءَ جي ڪڙ تي ڪراچي ويندڙ رستي جي پاسي سان هڪ ٽڪريءَ تي اسان پٿر جي اوزارن، جهڙوڪ: پاساڙن ۽ مگرين جو ججهو انگ پکڙيل ڏٺو. پر اتي اسان کي ڪو پراڻو دڙو نظر ڪونہ آيو. سالم پٿر، جنهن جا اوزار ٺهندا هئا، وڏي انگ ۾ ٽڪريءَ جي مٿاڇري تي ڊريو رکيو هو. اسان کي پورو يقين آهي تہ اها ايراضي پٿرن مان اوزارن ٺاهڻ جو صنعتي علائقو هئي. اهڙي قسم جا پٿر هن جاءِ تي عام جام ملي ويندا هئا ۽ پٿرن مان اوزارن ٺاهڻ وارا ڪاريگر بہ هن ئي علائقي سان واسطو رکندا هوندا.

## دڙي جي پکيڙ ۽ سهوليتون

ٻنڌنيءَ جي وسندي اڳتي وڃي اچي نئن جي ڪناري تائين پهتي هوندي. چاڪاڻ تہ دڙي ۽ نئن جي وچ واري جهنگ ۾ اسان پٿرن جا اوزار ۽ تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ٺڪريون ڏٺيون. ٻيو ماڳ، هن دڙي کان نڪ سامهون اولهہ طرف ميل ڪن پنڌ تي ڏسڻ ۾ آيو. ٻنڌني واري دڙي مان ماڻهن مٽي ۽ پٿر نڪر ڊوئي وڃي بند ٻڌو هو، ان ڪري دڙو صفا چٽو لڳو پيو هو، پر اتي انجي موجودگيءَ کي اڄ بہ محسوس ڪري سگهجي ٿو. ٻتراڻيون پٽيون اڃا تائين ٻنجهوءَ ۾ پوريون پيون آهن ۽ ٺڪريون بہ چوڌس پکڙيون پيون آهن. ٻنڌني دڙي جي اولهہ پاسي آباد زمين ۾ ڪيترن ئي دڙن جي موجودگيءَ جا نشان مليا آهن. اتي بہ اسان کي پٿرن مان ٺهيل اوزار ۽ ٺڪريون جام ڏسڻ ۾ آيون. ڪٿي تہ انهن جو انگ ڏاڍو ججهو هو. دڙا جيتوڻيڪ هِتي هُتي پکڙيل صورت ۾ ڏسڻ ۾ آيا، پر معلوم ائين پئي ٿيو تہ اڳ واري دور جي ماڻهن جي اها

ڪا وڏي وسندي هئي، جيڪا ٻنڌڻي نئن تي آباد ٿيندڙ زمين تي پکڙيل هئي، اها اولهه کان ٻڌو جبل کان شروع ٿي، اوڀر طرف نئن جي ڪناري وٽ اچي ختم ٿي هئي. محسوس ائين ٿي رهيو هو، تہ تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ هتان جي ماڻهن، جيترو بہ ممڪن ٿي سگهيو، هن نئن جي پاڻيءَ مان پوري پوري لاڀ پرائڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. هن نئن جي پاڻيءَ جي ٻهچ ٿورو گهڻ وڌ ۾ موجوده طريقي سان قائم پئي رهي آهي. موجوده دور ۾ پاڻي واهين جي رستي آباد زمين تائين ڪاهي آندو ويو آهي. ٻنڌڻي نئن ۾ موجود پاڻيءَ جي تلائن ۾ ميجي بہ هوندي آهي. جهرڻي جو پاڻي جنهن کي واهيءَ رستي مکيہ دڙي جي اتر تائين آندو ويو آهي، سو پيئڻ ۾ ڏاڍي اعليٰ معيار جو آهي. پراڻي دور جي ماڻهن کي هن وسنديءَ وسائڻ واسطي هن پاڻيءَ جي موجودگي وڏي مدد ڏني هوندي، ان ڪري ئي ماڻهو اچي هن ايراضيءَ ۾ آباد ٿيا هوندا.

## ٻنڌڻيءَ پرسان پٿر جي اڏاوت

ٻنڌڻيءَ کان ٻہ ميل اتر طرف، ٽڪريءَ مٿان پٿرن جي وڏن دوڪن سان هڪ جاءِ جي اڏاوت ڏسڻ ۾ آئي. نقشي ۾ چوڪنڊي آهي. لام ۾ ١١٠ ۽ منڊي ۾ ٥٥ فوٽ آهي. ٻہ ڪمرا اٿس. لنگهڻ لاءِ اوڀر طرف کان ٦ فوٽ موڪرا در اٿس. پٿرن جي انڊي منڊي گهڙائي ٿيل آهي، جي گاري کان سواءِ هڪ ٻئي مٿان رکيل آهن. پٿرن جي وٿين ۾ پٿرن جي ڀڳ ڀور وجهي سنوت جي هڪجهڙائي برقرار رکي وئي آهي. ڀتين جي اوچائي ٥ فوٽ آهي. ڪمرن جي اندر ڪوبہ پٿر جو اوزار يا ٺڪري وغيره ڪانہ لڌي ۽ نہ وري ٻي ڪا اهڙي شيءِ لڌي، جنهن مان هن اڏاوت جي عمر جو اندازو ڪري سگهجي ها. ان کان پوءِ اسان اهڙيون اڏاوتون سيوهڻ، ڪوهستان ۽ ڪراچي تعلقن ۾ ڏٺيون، جيڪي ڪراچي ويندڙ رستي جي ويجهو هيون. گهڻو ڪري اهي انگريزي دور کان اڳ قافلہ سرايون هونديون. اهو بہ امڪان ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪن جو تعلق هندن واري وچولي دور سان هجي.

## چاڙو

اسان ٣١ جنوريءَ تي، ٻنڊٽيءَ کان ٧ ميل ڏکڻ طرف چاڙي جي لانڊيءَ پهتا سون. لانڊي (Rest House) گهٽو ڪري انگريزن جي شروع دور ۾ ٺهرائي وئي آهي. هن وقت ڪنڊرن جي حالت ۾ آهي ۽ رهڻ جي لائق نه آهي. لانڊيءَ جي پرسان پاڻيءَ جي واهي وهي ٿي، جيڪا چاڙو جي جهرٽي مان نڪري ٿي (Wrongly spelt as "CHULERA" in some maps) .

هن جاءِ تان اسين اچي ڪراچي واري رستي تي چڙهيا سين ۽ هڪ سڪل نئن جو پٿرين سان پريل پيٽ اڪري، لانڊيءَ جي ڏکڻ پاسي هڪ جابلو علائقي ۾ پهتا سون، جتي اسان کي ڪن دڙن جو اطلاع مليو هو. (Pl.X, a) متاڃري تي گهمندي اسان کي پٿرن جا اوزار ۽ ڀِتي رنگ واريون ٺڪريون ڏسڻ ۾ آيون ۽ ٺٺنگ ۽ دمب ٻنيءَ جيان پٿرن مان جوڙيل ڪمرا ينجهوءَ ۽ متيءَ ۾ پوريل مليا. انهن ننڊين ٽڪرين جي اوچائي ٢١ فوٽ هئي. وڌ ۾ وڌ اوچائي ٥٠٠ فوٽ ۽ وڌ ۾ وڌ ويڪر ٣٠٠ فوٽ هئي. وانڊ ڍلهه ۾ قائم ڪئي وئي، جيڪا چاڙي کان ٽي ميل ڏکڻ طرف هئي ۽ اسان اتي ترسي هنن ماڳن جي کوٽائي شروع ڪئي.

## کوٽائي

اسان چاڙي ۾ ڪاهيون کوٽايون ته پٿرائين پتين جا ٺنڊ ظاهر ٿيا. هڪ ڪاهيءَ مان ٽڪريءَ جي متاڃري کان ٥ فوٽ هيٺ تائين، ڪنهن به ٺڪر جو نانءُ نشان به ڪونه مليو. ان کان پوءِ پٿر جون پتيون ظاهر ٿيون ۽ متان چوٽيءَ کان نون فوٽن جي اونهائيءَ تي سندس ترو وڃي ٽڪريءَ جي متاڃري تي بيٺو. پتين جي پاسن مان اسان کي ججهي انگ ۾ ٺڪريون هٿ آيون، جن جو ورن آمري ٿانون جهڙو هو. ٻي ڪاهيءَ جي متاڃري کان ۴ فوٽ هيٺ کوٽائي ڪئي وئي، ته ڪمري جي پتين جي پيڙهه ظاهر ٿي پئي. اها هيٺ اونهي ڪانه هئي. هڪ فوٽ ڪن کوٽائي ڪرائي سون ته وڃي ٽڪريءَ جي متاڃري تي پهتا سون. هن ڪمري مان به ڀِتي رنگ واريون ٺڪريون هٿ آيون.

## ٻني رنگ وارا ٿانو (Pl.XXX)

هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ٻنڊٽي واري ماڳ تان اسان کي سنڌ واري ڳاڙهي مٿان ڪاري چٽساليءَ وارو ٿانو هٿ ڪونہ لڳو ۽ نہ وري اسان کي مٽيءَ جي پڪل ڏاند جي مورتي، مٽيءَ جي پڪل ٽڪنڊي ٽڪي يا ڪي ٻيون اهڙيون شيون هٿ آيون، جن جو سنڌ جي ثقافت سان تعلق آهي. سچو سارو ٿانو تہ مورڳو ڪونہ لڌو، البت ٺڪريون سو ايتريون ججهيون لڌيون، جو ٿانو جي گهاڙ جي هنر ۽ چٽسالي جي ڪاريگريءَ جو چڱي ريت پرو پئجي ٿي سگهيو. ٿانو چڱيءَ پر ڳوهيل مٽيءَ مان ٺاهيل هئا، جيڪي ٺڌيءَ باهہ ۾ پچايل هئا. جيڪڏهن باهہ ڏيڻ ۾ لاپرواهي ڪبي تہ ٿانو جو رنگ صحيح ڪونہ بيهندو. ان ڪري اسان کي ٿانو ڳاڙهسري ۽ هلڪي پوري رنگ جي وچ تي لڳي ٿو. ٿانون جي گهٽائي سنهي گهاڙ واري عام پيالن ۽ ڇهنب وارن پيالن جي آهي. (Pl.XXXIX, 1-5). چٽساليءَ جون طرزون سيئي اليڪي آهن. ڏاءَ هلڪو پورو يا هلڪو ڳاڙهو ۽ چٽ ڪارو آهي. انهن جي چٽساليءَ مان وڏو فن ظاهر ٿئي ٿو. ڳچيءَ تي هميشہ جيان پورا پٽا ڏسڻ ۾ ٿا اچن ۽ هيٺ بہ چٽ واري حصي تائين انهن کي ورجايو ويو آهي. گهٽن ٿانون جا رنگ لهي ويا آهن. هيٺ اهڙن ٿانون جو وچور بيان ڪيو ويو آهي، جيڪي اتفاق سان اپاتجڻ کان بچي ويل آهن. ٿورو شڪ اهو آهي تہ اصل ۾ ٿانون تي ڳاڙهسري پوري رنگ جا پٽا آهن. چٽسالي جي نمونن جي گهٽائي آهي. مٿن خاص تيڪا ٽپٽيءَ جي ضرورت ڪانہ آهي. انهن جهڙا ٻين ماڳن تان بہ هٿ آيا آهن.

Cr.75 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. چوڏاري اڏاڪڙين جي طرز جهڙو هار. اڏاڪڙين پوروچوٽين ڏنگين سان ٺهيل. وچ تي چدو. هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي چٽسالي. *fig*.1

Cr.81 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. ٻن پوروچوٽ قطارن ۾ چوڪڙيون. ٻنهي قطارن کي الڳ ڪرڻ لاءِ وچان ليٽو نڪتل. ڳاڙهي ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. *fig*.2

Cr.22 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. ڳچيءَ وٽ ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ هلڪي ڳاڙهي ڌاءَ تي چوڪڙين جي قطار. fig.3 ۽ Pl.XXXIX,4 ۾ به ساڳي چٽسالي نظر ايندي.

Cr.24 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ڪنهن خاص نقطي تي ملندڙ پريل چهريون. هيٺهڙ تي گهرين ۾ پريل پن. هلڪي ڳاڙهي ڌاءَ تي ناسي چٽسالي. ڳاڙهسري پوري پٽي جي موجودگيءَ جا امڪان.fig.4

Cr.98 ڦڪو ٿانو. گهرين ۾ خاص نقطي تي ملندڙ پريل چهريون. هلڪي پوري تر تي ڪارو چٽ.fig.5

Cr.65 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽسالي. چٽساليءَ جو نمونو Cr.57 جهڙو.fig.10

Cr.97 ڦڪو ٿانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ هار واري طرز. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽسالي.fig.11

Cr.34 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي رنگ ۾ ڏنگيون. (وريون sigmas ). fig.12

Cr.96 پٽي کهاڙي يا ڏلهه جو چٽ. ڪيڙ ٻيلهه جافري جي منجهه سان. ٿانو ڦڪو. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽ. fig.13

Cr.92 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ٻري طرز جافريءَ سان ڏيڏرين جي قطار (چوڪڙيون ) هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽ.fig.14

Cr.69 ڳاڙهسرو ڪٽو ٿانو. آڪڙين جهڙيون گهريون. هيٺان ۽ مٿان ڪرڪيون. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽ.fig.20

Cr.27 هلڪو ڪٽو ٿانو. پوروچوٽيون پريل ٻيج جون قطارون. پرسان پريل (پوريون رڱيل ) ڏيڏرين جي قطار. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽ. fig.21

Cr.60 ٿانو هلڪو ڳاڙهو. پوروچوٽا ٻه هار. وچ تي هر گهريءَ ۾ چڊو. ڳاڙهي ليڪ تي ناسي چٽ. fig.22

Cr.76 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. ڪيڙ ٻيلهه جافريءَ سان پٽي کهاڙي يا ڏلهه جو چٽ

جيئن Cr.98 تي آهي.هلڪي پوري ڏاء تي ناسي چٽ. fig.23

Cr.61 هلڪــو ڳاڙهو ٿــانو. اڏاڪــڙين جي وچ تي گلتي پاسن ســان چوراس. منجهن ڪمري چٽسالي. هرهڪ پاسي تي ٻري طرز جي جافريءَ سان ڀن. هلڪي پوري ڏاء تي ناسي چٽ. fig.43

Cr.21 ڳاڙهو ٿانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ ڪنهن خاص نقطي تي ملندڙ چٻريون ( ٽڪنڊيون ). ٻيگهڙ تي ڪرڪين جو مچلو. هيٺان مٿان ننڍيون ليڪون هلڪي پوري ڏاء تي ناسي چٽ.fig. 36

Cr.57 ڦڪو ٿانو.ٻه پريل چٻريون خاص نقطي تي پاڻ ۾ ملن ٿيون. وچ تي ٻري طرز جافريءَ سان ڀن جو چٽ. هلڪي پوري ڏاء تي ناسي چٽ. fig.24

Cr.89 هلڪو ڳاڙهو ٿانو.نمونو Cr.60 جهڙو. هلڪي ڳاڙهي ڏاء تي ناسي چٽسالي.fig. 35

Cr.79 ڳاڙهسرو ڪٽو ٿانو. اندر تي وريل ٻيج جهڙي شڪل. گهريءَ جي ٻن چيڙن وٽ پريل وانٽيون. وچ تي ڪرڪين جو مچلو. هيٺ پريل ٻيج جي شڪل ڳچيءَ تي ڳاڙهســري پــوري پٽي جا اهڃاڻ. هلڪي پــوري ڏاء تي ناسي چٽ. fig.25

Cr.29 ڳاڙهسرو ڪٽو ٿانو. هلڪي ڳاڙهسري پوري پٽي جا ڳچيءَ تي اهڃاڻ. هيٺ پوروچوٽين اڏاڪــڙين [1] جي قطار. هلڪي پــوري ڏاء تي ناسي چٽ. هيٺــان ڳاڙهسرو پورو پٽو. fig.44

Cr.91 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ ٻن ڏنگين ليڪن سان ٿهيل پوروچوٽين اڏاڪڙين جي قطار. وچ تي ٻڙي. هلڪي پوري ڏاء تي ناسي چٽ. fig.45 ۽ Pl.XXXIX,1.

Cr.6 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. آڪڙين جي قطار جو چٽ. هيٺ ۽ مٿي مختلف اوچاين جون ليــڪــون. هيــٺــان ڳاڙهســرو پــورو پٽــو. هلڪي ڳاڙهي ڏاء تي ناسي چٽ. fig.29

1. This pattern occurs at Nal. __ *Mem. A.S.I.*, No. 35, Pl. XVII,17.

Cr.17 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. چٽساليءَ جو نمونو Cr.6 جيان. ƒig.30
Cr.38 ٿلهي وڙ جو ٿانو. رنگ ڦڪو. پريل چهريون خاص نقطي تي ملن ٿيون. پنئين پاسي ڇهه ڪرڪيون. هڪ گهريءَ ۾ هڪ ٻئي مٿان سٽ ۾ رکيل پريل پن. گهريءَ ۾ وري ٻه ڇهه ڪرڪيون. پوري ڊاءَ تي ناسي چٽ. ƒig.39 ۽ ساڳيءَ طرح Pl.XXXIX, 2.
Cr.16 سنهي وڙ جو ٿانو. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳاڙهسرو ڳچيءَ وٽ پورو پٽو. هيٺ ڪرڪين جو مچلو. پيگهڙ تي ليٽڻ طرز تي پن، جن کي هڪ ٻئي مٿان سٽ ڪري رکيو ويو آهي. ڳاڙهسرو پورو پٽو وري ٻه هيٺ ورجايو ويو آهي. هلڪي پوري ڊاءَ تي ناسي چٽ.
Cr.82 هلڪو ڳاڙهو ٿانو. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. گلتي پاسن تي چٽڻ پريل چهرين جي طرز مان ٺياس (Cross) جو چٽ. ٻٽجي پيو آهي. وچ تي ٺهيل چوڪنڊو خالي آهي. هن شڪل جي پاسن تي اڀا ليٽا نظر اچن ٿا. گهرين ۾ هڪ ٻئي مٿان پن رکيل آهن، جن جا باقي اهڃاڻ وچي بچيا آهن. هيٺ ڳاڙهسري پوري پٽي کي ورجايو ويو آهي. هلڪي پوري ڊاءَ تي ناسي چٽ. ƒig.46 ۽ Pl.XXXIX, 3 ۾ اهڙو چٽ ڏسي سگهجي ٿو.
Cr.95 ڦڪو ٿانو. مختلف اوچاين جون ليڪون. پوري رنگ جي ڊاءَ تي ناسي چٽسالي. ƒig.37

## پٿر جا اوزار

پٿر مان ٺهيل اوزارن جو چڱو انگ هٿ لڳو. اهي ڊاڍي سٺي طريقي سان جوڙيل آهن ۽ وڍڻ واري تکي ڌار اٿن. انهن مان هڪ (Pl.XL, 31) چٽڻ انچن ڪان ٻه ڊگهي آهي (Cr.40)، سندس موڪر ٦ , انچ آهي. ٻئي اوزار (Cr.44) جي ڊيگهه ۲ , ۵ انچ ۽ ۳ , انچ موڪر آهي. چار نمونا 35 ۽ Cr.41, 32, 43 جن جي الڳ ماپ ۲ , ۷۵ انچ، ۱ , ۴ انچ، ۱ , ۷ انچ ۽ ۱ , ۱۵ انچ آهي.

## ڏلهہ

هن دڙي جي واجبي جاچ پڙتال کان پوءِ ڏلهہ ڏانهن روانا ٿيا سون. هيءَ ماڳ ڪراچيءَ ويندڙ رستي جي اوپر پاسي ويجهو موجود هو. اسان پنهنجي واٽ وچ ٽڪرين ۾، چشمي جي پاڻيءَ جي واهيءَ مٿان ڏلهہ ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ وڃي هنئين. "ڏلهہ" لڪي رينج جي ٽڪرين مان هڪ ٽڪريءَ جو نالو آهي. هن رستي کان فرلانگ کن اوپر پاسي، ٻن ٽڪرين جي وچ تي وڏي وٽي آهي ۽ ان ڪليل ميدان ۾ ٽئن جو پيٽ آهي. انهن مان هڪ ٽڪريءَ جي مٿاڇري تي ۵۰ فوٽ لام ۾ عجيب قسم جون علامتون اڪريل آهن. اڪريل علامتن جو وچ تي منڊو ٦ فوٽ کن ٿيندو ۽ ٻنهي پاسن تي گهٽجي وڃي ۲ فوٽ بيهي ٿو. ٽڪريءَ جي جنهن پاڳي تي اهي علامتون لکيون ويون آهن، سو اهڙو پٿر آهي، جنهن تي سولائيءَ سان هڪ ننڍڙي پٿر وسيلي علامتون اڪيري سگهجن ٿيون (Sand stone). فطري طور اهڙي پٿر تي اڪريل علامتون جلديءَ ۾ تباهہ ٿي سگهن ٿيون. هر هڪ علامت جي جدا جدا ماپ ۸ انچن کان ۱۴ انچن تائين آهي. صفا مٿئين سٽ کان وچ تي جديد سنڌيءَ ٻوليءَ جي لکت بہ آهي. ڪجهہ علامتون، ماڻهن جهڙيون، ماڻهوءَ جو مٿو، ڪجي، ڪان ۽ ڪمان، سنک ڀيڙي. سنڌ جي سَرَهَہ ۽ هرڻ جهڙيون آهن. جنهن علامت جو گهڻو ورجاءُ ڪيو ويو آهي، سا نعل جي شڪل جهڙي آهي. ان کان پوءِ اليڪي شڪليون آهن جهڙوڪ: چوراس ۽ چوڪنڊا آهن، جن کي اجا بہ ننڍين واٽين ۾ ونڊيو ورچيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪنهن گهر يا راند جو نقشو هجي. هنن لکيل علامتن جو ڪنهن بہ صورت ۾ تاريخ کان اڳ واري ماڻهن [1] سان واسطو ڪونهي. معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌن واسطو ڪنهن تازي دور سان آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهي اکر ڪنهن ڏنار لکيا هجن، جنهن جو مال پرپاسي چرندو هجي ۽ واندڪائيءَ ۾ ويهي هي مزيدار (دلچسپ) علامتون ٽڪريءَ تي اڪيريون هجن.

1. Dr. Pran Nath, who is engaged in deciphering the Indus seals, tells me that it is a genuine prehistoric document.

## تاريخ کان اڳ واري وستيءَ جا ڪنڊر

مٿي بيان ڪيل ٽڪرائتي ايراضيءَ ۾، جابلو نئن جي ڪاڌ ڪري بڻايل وڏي تلاءَ جي ڪناري سان، اٽڪل ٻن فرلانگن تي مشتمل، تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل آباديءَ جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. وستيءَ جي ڊيگهه ڏيڍ ميل کن ٿيندي. هن ايراضيءَ ۾ ڊڙا هِتي هُتي پکڙيل نظر ايندا. هنن ڊڙن ۾ ٺڪرائي جي موجودگيءَ مان اسان وستيءَ جي نقشي ۾ منصوبہ بنديءَ جو چڱيءَ ريت اندازو لڳائي سگهون ٿا. هيڏي هوڏي پٿرن جا دوڳ، روڙيءَ جا ڪوڙا، ٺڪرائي ۾ پٿرن مان ٺهيل چوڏس پکيڙيل اوزار، پنجهوءَ ۾ پٿر جي پتين جا ٺُلا نظر ايندا، جيڪي هن ماڳ تي رهجي ويا آهن. حقيقت اها بہ آهي تہ هتان جي هارين جي لڳاتار هٿ چراند جو هنن تي هاڃي اثر ڪونہ پوندو. هن ايراضيءَ جي وچ تي وهندڙ واهي وٺي اچي ڏلهہ ٽڪريءَ وٽ پهتا سون. هتان ويجهو هڪ سوڙهي پٽي رني ڪوٽ ڏانهن وڃي ٿي. اها واهي ان سوڙهي پٽيءَ مان اچي اولهہ طرف ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ رستي ڏانهن ڇوڙ ڪري ٿي. هن جاءِ تي، ٽڪريءَ جي چوٽيءَ مٿان ٿامي جي دور سان لاڳاپيل اڏاوتن جا ڪنڊر موجود آهن. سڀ کان مٿي اوچائي واري ايراضيءَ ۾ جتي هي ڪنڊرَ آهن، اتي اسان کي ٻہ ڪڏون نظر آيون. اسان کي ٻڌايو ويو تہ اهي تازو ڪنهن ماڻهوءَ دولت جي ڳولڻ لاءِ هنيون هيون. پٿرن جي پيڑهہ تي مشتمل هڪ جاءِ جو ڪجهہ حصو کوٽي مٿاڇري وارا پٿر ٻاهر ڪڍي ظاهر ڪيو ويو هو. (PL.X, B). اسان ساڳي نموني جي ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ صفائي ڪرائي، جتان قلعي جي ڀت ظاهر ٿي پئي. اسان ان ڀت کي ٦٠ فوٽ ڊيگهہ تائين کولي ظاهر ڪيو. (PL.XLVI). هڪ فوٽ هيٺ کوٽائي ڪرائي وئي تہ ٽڪريءَ جو مٿاڇرو ظاهر ٿي پيو، جنهن تي سڄيءَ اڏاوت جي پيڑهہ رکيل هئي.

## ڏلهہ ٽڪريءَ تان لاڌِ جو وچور

اتان کوٽين مان لڌل شين جو وچور اسان هيٺ بيان ڪجي ٿو. ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ واري ٿانو جون ٺڪريون، سوراخدار ٿانون جون ٺڪريون،

مٽيءَ جون پڪل ٽڪيون، پٿرن جي اوزارن مان ٺهيل پاساڙا. لڏل شين مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هن ماڳ تي سنڌ سيپتا سان لاڳاپيل ماڻهو رهندا هئا. هيٺ ميداني علائقي مان ڪجهه آمري ٽانو جي قسم جهڙن ٽانون جون ٺڪريون به مليون آهن.

DL.3 ننڍي وڙ جو ٽانو. تگر ( trough) اوچائي به انچ. منهن وٽ موڪر ۴,۲ انچ. پوچي جي ڳاڙهي ڏاء تي ڪاري چٽ ۾ پٽي اندر لَمَ تي ليڪون. Pl.XXXVII, 3

DL.13 چٽيل ٽانو جو ٺڪر. ٻن پٽن اندر جدا جدا مڇلن ۾ لَمَ تي نڪتل ليڪون. ڳاڙهي ڏاء تي ڪاري چٽسالي. Pl.XXXII,22 .

DL.20 چٽيل ٽانو جو ٺڪر. گول نوڪدار گهرين ۾ ورهايل. هرهڪ گهريءَ ۾ هڪ يا ٻه اٽيون. هيٺ چوراس جي وچ تي ٻڙي. ڳاڙهي ڏاء تي ڪاري چٽسالي.

DL.2 ٽانو جو پاڳو. لهنوارو ترو tapering bottom . ڦڪو ٽانو. اوچائي ۳ انچ. Pl.XXXVI, 19

DL.1 ٽانو. ٺيب تري سان. سمجهه ۾ اچي ٿو ته ترو جدا ٺاهيو ويو آهي. تري تي تڏي جا نشان آهن. اندازو آهي ته آلي هجڻ وقت تڏي تي رکيو ويو هوندو. ٽانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. اوچائي ۲,۸ انچ. منهن وٽ موڪر ۱,۹۵ انچ. Pl.XXXVII, 26 .

DL.25 ڦيلهي پڙگي تري سان. ٺڪر. ٻيج جو چٽ اڪريل. Pl.XXXI, 9

DL.12 پڙگي تري سان ڦيلهيءَ جو ٺڪر. ٻيج طرز تي اڪريل گول. Pl.XXXI, 9

DL.4, 19 ٽانو جو ٺڪر.منجهلن گولن جو اڪريل چٽ. Pl.XXXI, 14

DL.27 سوراخدار ٽانو جا ٺڪر.

DL.32 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ۲,۵ انچ.

DL.39 آڪڙي طرز تي مٽيءَ جي پڪل ٽڪي. ڊيگهه چار انچ. ٿولهه ۱,۲

انچ.

DL.29 سنک جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٢,٣ انچ.

DL.40 پٿر جي هڪ گول شيءِ. شايد دروازي واري اکري هجي. اوچائي ٢,٥ انچ. گولائي ٣,٣ انچ.

DL.42 ٽامي جو ڇلو. گهيرو ٨٥, انچ. Pl.XXXIII, 51

DL.36 پٿر جو اوزار. پاساڙو. ڊيگهه ٢,١ انچ.

## مليري لانڊي

فيبروريءَ جي ٣ تاريخ تي اسان ڇهن ميلن جو پنڌ ڪري شام جو مليري لانڊي جي ماڳن تي پهتاسون. پويان به ميل اسان ڏاڍو ڏکيو سفر ڪيو. ڇاڪاڻ ته ملير نئن جو پيٽ پٿرن سان پريو پيو هو، جيڪو لاڏو ائن لاءِ ڏاڍو اڻانگو ثابت ٿيو. هڪ اٺ ته ٿاپو کائي سامان سوڌو ڌو وڃي هيٺ ڪريو ۽ اسان جو پروچ ساتي ڏاڍو گهائجي پيو. اها رات اسان ڊٺل لانڊيءَ جي ٻاهران تنبوءَ ۾ گذاري. خوش قسمتيءَ سان لانڊي جي پٽ جو ڪجهه حصو سلامت هو ۽ اسان جي جتن ۽ ڪمين لاءِ ڏاڍو چڱو اجهو ثابت ٿيو. پرسان ٽڪريءَ جي ڪچ ۾ جهرڻو موجود هو. ان جهرڻي جو پاڻي جبلن جي ترائيءَ ۾ وڙ هو ٿي، جنهن ڪري پاڻيءَ جا ڪيترائي تلاءَ ٺهجي ويا هئا، جن ۾ مڇي جام هئي. لانڊيءَ جي پرسان جهرڻي جي وچ واري ايراضيءَ ۾ اوزارن ٺهڻ وارن پٿرن جو ججهو انگ ڏسڻ ۾ آيو. ڪي پنهنجي اصلي صورت ۾ ته ڪي گهڙيل ٽي ڏٺا. انهن مان ڪي سچا پٿر ۽ ڪي مگريون (Pl.XL, 46) ڪنيون سين ۽ ڪجهه انگ پاساڙن جو به ميڙيوسين (Pl.XL, 47). اهڙو پٿر پر وارين ٽڪرين مان جام ملي ٿو. اهو به امڪان آهي ته هيءَ ايراضي به پنڊٽيءَ جيان پٿرن جي اوزارن ٺاهڻ جو هڪ صنعتي علائقو هجي. هيءَ وستي اڻ پوري پاڻيءَ ۽ سوڙهي پٽيءَ ۾هجڻ ڪري عام مشهور ڪانه هونديءَ زرعي پيداوار لاءِ به هن آباديءَ کي ڪو سٺو مستقبل ڪونه هو. موجوده زماني ۾ جهرڻي جي اوسي پاسي به خاص آبادي ڪانه آهي. مليريءَ جي آدم شماري به پن ٽن پيهين کان سواءِ ٻي ڪانهي

ڪا.

## پوکران * لانڊي

ٻئي ڏينهن صبح جو اسان مليريءَ مان وانڊ اکيڙي سفر تي اسهياسين. مليري لانڊيءَ کان اڳتي اسان ڪراچي ضلعي جي ڪوهستان واري ڀاڱي ۾ داخل ٿياسين. هڪ ويران بيابان کي ١٥ ميل کن لتاڙي منجهند ڌاري اچي پوکران (پوکڻ ) جي لانڊيءَ پهتاسون (Pl.XIIe). وچ تي نه ڪو ماڻهو نظر آيو، ۽ نه وري پاڻيءَ جو ڪو ڦڙو. هن جاءِ تان ڪراچيءَ وارو رستو پوکران (پوکڻ ) نئن مان گذري ٿو (Pl.Xc). نئن مان اکرڻ واريءَ جاءِ تي هڪ تباه حال لانڊي موجود هئي. سندس ڇت ڪري پئي هئي ۽ پٿين پرسان پنجهوءَ جا ڍير لڳا پيا هئا. اسان نئن جي اترئين پاسي ٽڪريءَ پرسان تنبن جي وانڊ قائم ڪئي. لانڊي، نئن جي ڪناري تي ٢٨ فوٽ اوچائي واري تراڪڙي ٽڪريءَ جي مٿان ٺهيل آهي. هن جاءِ تي نئن جو پيٽ ١٢٠٠ فوٽ موڪرو آهي. اسان جي موجودگيءَ وقت سندس پيٽ ۾ ڪاٿي ڪاٿي پاڻيءَ جا تلاءَ بيٺل هئا. جيڪڏهن نئن جو ترو وٺي اولهه طرف هلبو وڃبو ته ٽڪرين جي ترائيءَ ۾ پاڻيءَ جي هڪ وڏي ڍنڍ ڏسڻ ۾ ايندي. منڇر ڇڏڻ کان پوءِ اسان هتي دل لڀائيندڙ ڏيک ڏٺو. قدرتي جهرڻن مان پاڻي نڪرندو هن جڳهه تي ڪٺو ٿيندو وڃي ٿو. تنهن ڪري هتي خوبصورت ڍنڍ ٺهجي پئي آهي. وسڪاري جي رت ۾ پاڻيءَ جو وڏو وهڪرو واهڙ جي صورت وٺي واديءَ ۾ ڌوڪي ڪاهي پوي ٿو. ڍنڍ ڌن پاسن کان ٽڪرين سان گهيريل آهي. سندس ڪنارا وڏن وڻن سان ڍڪيل هوندا آهن، جنهن ۾ گلزار يا واڳهه شينهن اچي واسو ڪندا آهن. ڏکڻ - اوير کان نڪرندڙ واهيءَ جو پاڻي زراعتي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. هيءَ ڍنڍ ڪراچي روڊ کان ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي آهي. لڪل ايراضيءَ ۾ موجود هئڻ ڪري پهريائين اسان کي به نظر ڪانه آئي هئي.

---

* هيءَ غلط اچار آهي. مقامي ماڻهو ان جڳهه کي پوکڻ سڏيندا آهن.

## پوکران جا قديم آثار

نئن جو ڪنارو جنهن تي لانڊي ٺاهي وئي هئي، سو ڏاڍو دلچسپ هو. ان لانڊيءَ جي اڏاوت قديم جڳهين جي ڊڙن مٿان ٿيل هئي. لانڊيءَ جي پيڙهه کان هيٺ چوڏاري پٿرن جي پٽ ڏسڻ ۾ ٿي آئي. هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين ٺڪرائو پکڙيو پيو هو. کوٽائي ڪري ڏٺو ويو، ته اهي پٿر فقط پيڙهه ۾ استعمال ٿيل هئا. هڪ طرف هيٺ کوٽائي ڪئي وئي ته وچي تري تي بيٺي. هڪ ڪمرو، جيڪو اسان کوٽي صاف ڪيو هو. تنهن مان آمري ورن جي ٿانون جون ٺڪريون مليون. ڪجهه پٿر جا اوزار ۽ ڪجهه پگهل ٽٽل مٽيءَ جا وڏا ٿانو مليا، جن جا ترا لهنوارا هئا. اهو ٿانو ننڍن پٿرن جي مدد سان بيٺل هو. منجهس ٻڪريءَ جي مٿين چاڙي رکيل هئي. لانڊيءَ جي اوپر طرف قلعي جي پٽ جا آثار مليا. جنهن جي پاسي کي اسان کوٽائي صاف ڪرايو. اها پٽ هڪ طرف اوپر کان اولهه وچي ٽڪريءَ سان ملي ٿي ۽ ٻئي پاسي کان لانڊيءَ جي ويجهو وچي ڪٽي ٿي. هن جاءِ تي ڪراچيءَ ويندڙ ١٨ فوٽ موڪرو رستو هن پٽ کي ڪاٽي گذري ٿو. پوکران (پوکڻ ) جي ڏکڻ واري ڪناري تي به تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکندڙ هڪ وستيءَ جا نشان نظر اچن ٿا. هڪ اندازي مطابق انهن قديم آثارن جي ايراضي 1400 x 1400 فوٽ کن ٿيندي. هن ماڳ تان ڪي به نادر شيون هٿ ڪونه آيون. آزمائشي کاهين وسيلي اسان کي هن قديم وستيءَ مان ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي ٺڪريون ۽ روڙي ملي. کوٽائيءَ مان اسان کي ٽڙيل پکڙيل پيڙهه جي پٿراين پٽين جا نُنڌ مليا ۽ بس. تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل اڏاوتن جي وچ ۾ موجوده دور سان تعلق رکندڙ بنا ڇت جي هڪ جڳهه به ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جي ماپ 53 x 288 فوٽ آهي. سڄي پٿر جي ٺهيل آهي. ٻاهرين پٽ ٧ فوٽ موڪري آهي. منجهس ٦ ڪمرا آهن. لنگهڻ لاءِ ڪين اوپر طرف کان دروازا آهن. ڪوبه ٺڪر جو ٿانو يا ڪا ٻي شيءِ هتان هٿ ڪانه آئي. جاءِ جي اڏاوت ٻنڌٽيءَ مان ملندڙ جاءِ جهڙي آهي.

## چٽيل ٿانو

پوڪران (پوکڻ ) نئن جي اترئين ڪناري تان اسان کي آمري يا ٻين اهڙن ثقافتي مرڪزن جي ورن جهڙا ٿانو مليا. هتان اسان کي اين ڪلهن وارا ٿانو مليا، جيڪي گهڻو ڪري پيالن جا ٺڪر آهن. (Pl.XXXVIII, 18) . هي اهڙا ٿانو آهن جن لاءِ عام طور تي اها راءِ ڏني ويندي آهي، تہ سندن تعلق آمري ثقافت سان آهي. انهن جا ڪي نمونا تہ ڏاڍا خوبصورت آهن. چٽسالي ٽن رنگن واري نموني سان ڪيل آهي. هلڪي پوري ڏاءَ تي ڳاڙهسرو پورو رنگ ۽ ناسي رنگ استعمال ڪيا ويا آهن. ڪن نمونن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

PL.19 ٿانو جو ٺڪر. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ وچ ۾ ٻريءَ سان اڏاڪڙين جي طرز تي هار ۽ پوروچوٽ چوڏاري ماڪوڙو ڦيريل. هيٺ ڳاڙهسري پوري پٽي جو ورجاءُ ٿيل. هلڪي پوري پوچيءَ جي ڏاءَ تي ناسي چٽسالي.Pl.XXIX,34.

PL.21 ٺيٻ تري سان Ring base تري سان ڦيلهيءَ جو ٺڪر. گول دائري جي چوڏاري ڪرنگهيون. هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي چٽ. ٿانو جو رنگ ڪٽو. Pl.XXIX, 22

PL.18 ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳاڙهي ڏاءَ تي ناسي رنگ جي پٽي ۾ ڪرنگهيون (ڪونجون ) ٻنهي کي جدا ڪرڻ لاءِ وچ تي، هلڪو ڳاڙهو پٽو. Pl.XXIX, 25

PL.16 ٿانو جو ٺڪر. ڦڪو ٿانو. پوروچوٽ ورين جي اڌ گول ۾ ٻڙيءَ جي طرز تي هار جو نمونو. هيٺان چوڏاري پوروچوٽا ۽ ماڪوڙا ڪڍيل. هلڪي پوري ڏاءَ تي ڪارو چٽ. Pl.XXIX, 28

PL.2 ڪُپي جو ٺڪر. ٺيٻ تري Flanged base سان ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي رنگ ۾ ڪونجون Chevrons مٿان ۽ هيٺان ڳاڙها پٽا. Pl.XXIX, 32

PL.1 ٺڪر جو ٿانو. ٻاهر تي نڪتل پيٽ. هلڪي پوري رنگ جي ڏاءَ تي ناسي

رنگ ۾ ڪونجون Chevrons. هيٺان ۽ مٿان ڳاڙهسرن پورن پٽن جا نشان. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. Pl.XXIX, 33

PL.22 وٽِ جي تري Ring base سان پيالو. رنگين پٽن جا اهڃاڻ. اوچائي ٣,٩ انچ. منهن وٽ موڪر ٣ انچ. ٿانو هلڪو ڳاڙهو. Pl.XXXVI, 41

سنڌ سان لاڳاپيل ٿانون جا نمونا 38 ۽ ,37 ,PL.34 هتان هٿ لڳا. PL.34, 38 سوراخدار ٿانون سان تعلق رکن ٿا. Pl.34 پوڪران (پوکڻ) نئن جي ڏاکڻئين ڪپ جي دڙن مان مٿاڇري کان هڪ فوٽ تان لڌو ويو. PL.38 پوڪران (پوکڻ) نئن جي اترئين ڪڙ تي موجو دڙن مان مٿاڇري تان هڪ فوٽ هيٺان مليو. PL.37 پڙڳي تري تي ڦيلهيءَ جو ٺڪر آهي، جيڪو ميجتا سان لاڳاپيل ٿانو آهي. اهو ٺڪر اترئين ڪڙ تان غير سنڌي ثقافت وارن ٿانون ۾ موجود مليو.

## اوزارن ٺهڻ وارو پٿر Flint

پوڪران (پوکڻ) نئن جي اترينءَ ڪڙ تان پٿر جي اوزارن سان لاڳاپيل مگري (PL.33) ملي. ڊيگهه ٢ ,١ انچ اٿس. مختلف ماپن جا پاساڙا ٻه هٿ آيا. انهن مان خاص (PL.27) آهي. ڊيگهه ١,٥٥ انچ اٿس. مگري Core مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته اها چوني واري پٿر جي دوڳ مان ڇلي (گهڙي) ٺاهي وئي آهي.

## پوڪران (پوکڻ) جي پرسان ٻيا ماڳ

پوڪران (پوکڻ) کان ڏيڍ ميل ڪن جي پنڌ تي، ڏکڻ-اوڀر طرف، ڏاڦڙو نئن جي ڪناري تي تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل هڪ وستي آهي. هنن ماڳن کي ڪاچو ٻنيءَ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ڏسڻ سان هڪ هموار ميدان نظر ايندو. جنهن ۾ ڪاٽي ڪاٽي ٺڪرين ۽ پٿر جي روڙيءَ جا ڍير نظر ايندا. هڪ جڳهه تي ٦٠ فوٽ مٿي اوچا دڙا آهن ۽ اتي پٿر جي پٽين جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، يا ائين چوڻ صحيح ٿيندو ته پٿر جي پيڙهين جي پٽين جا

ٺڊيءَ نظر اچن ٿا. انهن ڪنڊرن مان ڪجهه ٺڪر ۽ پٿر جا پاساڙا ڪنيا ڪنياسون. آخر ۾ ڏٺو سون تہ اهي تپاس جي لائق ڪونہ هئا. ڇاڪاڻ تہ تمام ننڍڙا هئا.

## ڪرچات: (Pl.X, d)

هيءَ ماڳ پوکران (پوکڻ ) کان ۴ ميل ڏکڻ طرف آهي. دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي، جو ان جي مٿاڇري تان ئي قديم شيون هٿ لڳي ويون. ڪرچات ڳوٺ جي ٻاهران ٢٧ فوٽ اتاهون دڙو آهي. ان جي لام ٧٥٠ فوٽ ۽ منڊو ٦٨٠ فوٽ آهي. کيرٿر جبل کان اوپر طرف تي واقع آهي ۽ ڪانيو ۽ ڏاڦڙو ٽڪريون اوپر ۾ اٿس. هتان جا ماڻهو هن دڙي کي معصوم جي بٺي ڪري سڏيندا آهن. هن دڙي جي پرسان ئي پاڻيءَ جا ٽي جهرڻا آهن. انهن جهرڻن جو پاڻي واهين جي رستي آٽي زمينون آباد ڪيون ويندڙيون آهن. ڪارو پٿر جنهن کي، پتين جي پيڙهين ۾ استعمال ڪيو ويو ٿو ڀانئجي، سو مٿاڇري تي پکڙيو پيو آهي. پٿراين پتين جون پڇيون پوري رنگ جي پٿر ۽ ڪن ٻين پٿرن سان بنايون ويون آهن، جيڪي اسان جي آزمائشي کڏن هٿڻ ڪري ظاهر ٿي پيون. هنن آزمائشي کڏن مان مٿاڇري تان، پٿر جا اوزار، ڳاڙهي تي ڪاري چِر وارا ٺانو، مٽيءَ جي پڪل شين جي پکِيَ، مٽيءَ جون پڪل ٽڪيون ۽ ٻيون شيون لڌيون. انهن شين مان اسان کي اندازو ٿيو تہ اهو ماڳ ٿامي واري دور جو همعصر آهي ۽ سنڌ جي ثقافت جو مرڪز آهي.

## چٽيل ٺڪر (Pl.XXXII)

هن ماڳ تان اسان کي ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارا تمام سٺا ٺانو هٿ لڳا. ٺانو رنگن جي هنر ۽ چٽساليءَ جي ڪاريگريءَ جو اعليٰ نمونو هئا، جيڪا هڪ اهميت جوڳي ڳالهہ آهي. شاہ جو ڪوٽڙو مان لڌل ٺانو هنن ٺانون سان وڏيڪ ويجهڙائي ۽ هڪ جهڙائي رکن ٿا ڪجيءَ، لَمَ تي ليڪن جو مچلو ۽ انهن جو ورجاءُ، آڪڙين جون قطارون جيڪي تي سگهي ٿو تہ پکيءَ جا مٿا هجن، اهي سڀ ٻنهي ماڳن مان مليل ٺانون تي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. لم تي ليکن جو مچلي جو چٽ موهن مان تمام گهٽ مليو آهي. پر هنن ٻنهي ماڳن مان هيءَ

طرز تمام گهڻي ملي آهي. ڪرچات جي ٿانون تي سنڌي سرهه جي تصوير جي طرز کي مقامي طور گهڻي اهميت حاصل آهي. ڪرچات پرسان کيرٿر جي دارنج يا دانگ واري ياڱي ۾ گڊ (سرهه) جي تحفظ وارو علائقو آهي. اصل ۾ اهو ميرن جي ملڪيت ۾ شامل هو، پر هاڻي ڪراچي ضلعي ۾ شامل آهي. کيرٿر وارو جبل هنن گڊن يا سرهن سان ڀريو پيو آهي ۽ دانگ هن قسم جي شڪار جو ڏنُ آهي ۽ شڪاري ڪرچات کان ڦري هت پهچندا آهن. چنيل ٿانون مان ڪن دلچسپ نمونن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

Kr.8 ٿانو جو ٽڪر. اوپڙ جو ڇٽ. ڪو ٻوٽو يا ول مٿي ايرندي ڏيکاري وئي آهي. وچ تي ٻڙي. لامون ٻڙيءَ واري جافري طرز تي آهن. Pl.XXXII,1

Kr.30 ٿانو جو ٽڪر. موهيڙن تي لامون. اوپڙ جي طرز. وچ تي ٻڙي. Pl.XXXII,2

Kr.52 پيالي جو ٽڪر. پيچدار طرز (cork-screw) . ٻيگهڙ تي ليڪن جو مچلو. Pl.XXXII,3

Kr.49 پيالي جو ٽڪر. ڳچيءَ تي چوڏاري آڪڙين جي قطار. هيٺ لم تي ليڪن جو مچلو ۽ ٻيگهڙ ۽ ليٽڻ طرز تي هڪ ٻئي مٿان اٿيون. Pl.XXXII, 5

Kr.24 ٿانو جو ٽڪر. وڙ جو تلهو. گلتي پاسن سان چوراس. هرهڪ جي وچ ۾ ٻڙي جي چوڏاري گل جو ڇٽ.Pl.XXXII, 5

Kr.99 ڦيلهيءَ جو ٽڪر. تلهي وڙ وارو. هڪ ٻئي مٿان نوڪدار گهريون. وچ ۾ ڪاتن (daggers) جي طرز تي اٿيون نڪتل. قطار ۾ جدا جدا پن جي تصوير. Pl.XXXII, 6

Kr.27 ٿانو جو ٽڪر. اڀين ليڪن جو مچلو، ٻيگهڙ تي ليٽڻ طرز ۾ هڪ ٻئي مٿان اٿيون.Pl.XXXII, 7

Kr.107 ڪُپي جو ٽڪر. اوچائي ٥ انچ. جافريءَ جي منجهه سان ٻيچ (اڏ گول گهرين )۾ ليٽڻ طرز تي آڪڙين جي قطار - ڪجيون - هيٺ وري ٻه آڪڙين جي قطار.Pl.XXXII, 13

Kr.32 ٿانو جو ٺڪر. ڪچيءَ جو وڻ. هيٺ پاسيرين نموني تي ليڪون جيئن Pl.XXXII, 11, 14, Sha.13,30(P-138) ۾ آهن.

Kr.31 ٺــــڪـــــر جو ٿـــانو. وڻ جون ٽاريون ڪــــجيءَ جي ڦـــــرهن وانگي. Pl.XXXII, 8

Kr.110 ٿانو جو ٺڪر. مٿس ٻوٽي جي تصوير جو نمونو. Pl.XXXII, 15

Kr.45 پرچ جو ٺڪر. پپر جو پن. ٻيگهڙ تي گل جي طرز جنهن جي وچ تي ٻڙي. پٺئين پاسي پٽي ۾ لهر تي ليڪن جو مچلو. Pl.XXXII, 9

Kr.20 پيالي جو ٺڪر. لهر تي ليڪن جو جدا جدا مچلو ٻن پٽن ۾. وچ تي ڏنـوَ (Rigde) ڪين جدا ڪري ٿو. Pl.XXXII,10

Kr.100 ٿانو جو ٺڪر. گهٽو ڪري ٻن ۾ اڀين ليڪن جو مچلو. مٿين پٽي ۾. هيٺئين پٽي ۾ چاري يا جافري. Pl.XXXII, 16

Kr.11 ٿانو جو ٺڪر. جانور جي جافريءَ منجهه سان تصوير. چنگهن وچان اڏاڪڙين جي قطار. هيٺ لهر تي ليڪون. Pl.XXXII, 17

Kr.23 ٿانو جو ٺڪر. مٿئين پٽي ۾ چنساليءَ جو Kr.99 جيان نمونو. Pl.XXXII, 18

Kr.18 ٿانو جو ٺڪر. چنساليءَ جي نموني ۾ وڻ. Pl.XXXII, 11

Kr.56 ٿانو جو ٺڪر.سرهن جي قطار. Pl.XXXII, 19

Kr.102 پيالي جو ٺڪر. مٿئين پٽي ۾ لهر تي ليڪون پر جدا جدا مچلن ۾. هيٺ سرهن جي قطار. Pl.XXXII,12

Kr.63 ٺيٻ تري Ring base سان پيالي جو ٺڪر. وٽيءَ کان پوءِ لهر تي ليـــــڪن جو مـــــچلو. اوچائي ٢,٧ انچ. منهن وٽ مـــــوڪر ٣,٥٥ انچ. Pl.XXXVII, 5

Kr.64 وٽِ تري Ring base سان ٺڪر.چنسالي اڻ چٽي. اوچائي ٢,٥ انچ. منهن وٽ موڪر ٣,٢ انچ.

Kr.91 تئي جو ٺڪر. اوچائي ٣ انچ. منهن وٽ موڪر ١٠ انچ. پاسن سان ٻه

ماکوڙا نڪتل. وچ تي گول منجهلا. وچ تي ٻڙي. Pl.XXXVII, 6, 7

## ٻي لاڏ

چٽسالي وارن ٿانون کان سواءِ ڪرچات مان لسا ٿانو به مليا. انهن مان چار ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن. جي هي آهن: Kr.65 ٿانو جو ٽڪر آهي، اوچائي ٩ ,٢ انچ اٿس. ڳاڙهو ليئو ڏنل اپاٽي تري سان. Pl.XXXVII,4. Kr.10 ٿانو جو ٽڪر. ڪلهن تي پاسيرين جهڙيون ليڪون. ڪنڌ ڪوتهه. مٿاڇرو لهريون لهريون. اوچائي اٽڪل ٥ انچ. Kr.90 ٻڙڳيءَ تي ڦيلهيءَ جو ٽڪر. گولائي ١٢ انچ. منجهلن گولن جي ڏنوَ تي چگهه نڪتل. ٻنهين پاسي ۽ ڪناري تي ڳاڙهو ليئو چڙهيل.(Pl.XXXI, 16) . Kr.80 سوراخدار ٿانو جو ٽڪر. مٽيءَ جي پڪل شين ۾ Kr.72 ٻاراٽي راند گاڏي. ڊيگهه ٦ ,٣ انچ.(Pl.XXXIV,9). ٻاراٽي راند گاڏيءَ جو ڦيٿو Kr.118 . گولائي ٤ ,٢ انچ . گهٽي جي مُنڊي Kr.76 جنهن جو ڏڙ گم آهي. مٽيءَ جون پڪل چوڙيون Kr.86, 87. گولائي جدا جدا ٤ ,٢، ٩ ,١ اٿن. ڪنارين تي ناسي رنگ ۾ چٽي (ڦلڙيون ). Kr.125 (Pl.XXXIII, 55) ناليءَ جي شڪل تي مٽيءَ جو پڪل مٽيو. ڊيگهه ١ ,٢ انچ. Kr.129 عقيق جو مٽيو. شڪل ۾ تراڪڙو ۽ نليءَ جهڙو. (Pl.XXXIII, 44). ڊيگهه ٧, انچ . Kr.105 (Pl.XXXIII,53) لاجورد جو مٽيو. شڪل ۾ ناليءَ جهڙو. ڊيگهه ٣٥ , انچ. مٽين ۾ پٿرن جا سنهڙا ۽ چپٽرا مٽيا جهڙوڪ: Kr.127 گولائي ٣٥, انچ. (Pl.XXXIII, 38). پٿر ۽ ٽامي جا هٿيار تمام گهٽ مليا. Kr.92 (Pl.XL, 35) پاساڙو. رنگ اڇو ڪٽيرو. ڊيگهه ٢٥ ,١ انچ. Kr.95 پاساڙو. رنگ پورو. چيڙو نوڪدار. ڊيگهه ٧ ,١ انچ ۽ (Pl.XLI, 26) Kr.78 ٽامي جي ڪلَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٢.٥٥ انچ. Kr.95 پاساڙو. جيڪو چن جي پٿر مان ٺٽيل مگريءَ سان تعلق رکي ٿو.

●

# باب اٺون

## باران ۽ مول ماتري رستي ڪوٽڙي ۽ ڪراچيءَ ڏانهن ڪرچات ۽ پوڪران (پوڪڻ) ۾ دابو

اسان ڪرچات وارن ماڳن تي ڪم پورو ڪري ان ڪان پوءِ، اڳي ئي ٺاهيل ٺاهم ۽ سٿاءَ موجب فيبروريءَ جي ۷ تاريخ ڪجور ڏانهن اسهيا سون. پر ٻن ٽن ڏينهن ڪان موسم ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي. اسان ڪرچات ۾ وسندي مينهن ۽ آنڌيءَ ۾ ڪم اڌ ۾ ڇڏي اچي پوڪران (پوڪڻ ) پهتا سون. مينهن ٻه سڄي رات جهڪور لايون بيٺو هو. ڀاڳ ڀلا هئا جو اسان جي وانڍ وارن تنبن جي هڪ پاسي ٽڪري هئي، نه ته تنبو طولان ڌوڙئي ۽ مينهن ۾ دڦ ٿي وڃن ها. تنبو ته خير بچي ويا، باقي ٽڪرين تان لهندڙ پاڻيءَ وانڍ واري پٽ کي ڇر ٻٽائي ڇڏيو. وڏي جتن ۽ جاڪوڙ ڪان پوءِ مس مس ڪري اتان پاڻي ٻاهر ڪڍيو سين. ٻئي ڏينهن صبح جو وچي ڪجهه ٺاپر ٿي، پر ٿوري ويل ڪان پوءِ وري اچي وڏ ڦڙٽي اهڙو وسڪارو لاتو، جو اسان کي ڪاڏي چرڻ جي ويسند ئي ڪونه ڏنائين. ٻي صبح جو جيئن جهڙ جهاڪ ڏني، ته وانڍ وارا تنبو پٽي ڪرچات واريءَ سراءِ ۾ اچي ساهه پٽيو سون. مينهوڳيءَ ڪري اسان ڏکيا سکيا ڏينهن ڪرچات ۾ گذاريا. اهو مجبوريءَ رهڻ وارو وقت به اجايو ڪونه ويو. جهانگارن ڪان پوءِ ڪرچات ئي پهرين جاءِ هئي، جتان اسان کي سيڌو سامان ملي ٿي ويو. خط پٽ ته جهانگارن منجهان هر ٻئي ڏينهن ملي ويندا هئا. اسان ائن ذريعي جهانگار مان خط آڻڻ بند ڪري، پنهنجي وانڍ جو رابطو ۳۵ ميل پري ٿاٽي بولاخان جي پوسٽ آفيس سان قائم ڪيو.

### باران جي ماتري

ڪرچات جي پرسان ڪيرٿر رينج ختم ٿئي ٿي ۽ اتان ڪانيوءَ جون

ٽڪريون شروع ٿين ٿيون. ڪير ٿر جي ڏاڪڻين ڇيڙي وٽ واديءَ جي ٻئي پاسي باران نئن وهندي آهي. جيڪا ڀهريون ڪيرٿر جي ڪڇ ڏيون هڪ ميدان ۾ وڃي جوڙ ڪري ٿي، جنهن جي اولهه ۾ ڪانيو ۽ اوپر ۾ لڪيءَ سلسلي جون ٽڪريون آهن. اها نئن ٻنهي سلسلن سان پوروچوٽ تي وهندي وڃي، ٿاٽي بولاخان پهچي ٿي ۽ اتان لائيڊ Laid hills واري لڪدار واٽ وٺان ٻاهر نڪري ٿي. هن واديءَ مان ڪيترائي آمد و رفت جا رستا گذرن ٿا. تن مان ٻن جو ذڪر تمام ضروري آهي. هڪ رستو ڪرچات جي اوپر ۾ باران نئن جي الهندي ڪڙ ڏيو ڪراچيءَ وڃي ٿو. ٻيو رستوڪجور وٺان نئن جي صورت ڪري ڪرچات جي ڏکڻ -اوپر ڏس تي نڪري عارب ٿاٽي کان ٿيندو، وڃي ڪوٽڙيءَ پهچي ٿو. اڳ ۾ بيان ٿيل هڪ رستي جي ڇاڙهه ڪجور کان اولهه طرف مڙي توئنگ Taung کان ٿيندي، بلوچستان جي جهلاوان ضلعي جي دنگ تائين پهچي ٿي.

## ڪوهِ تراس بٺيءَ جو دڙو

اسان ڪرچات ۾ قائم ڪيل وانڊ مان ۵ ميل ڏکڻ اولهه طرف ۽ بارڻ نئن جي ڪناري ويجهو ڪوه تراس بٺيءَ تي پهتاسون.(Pl.XI, a). هيءَ ماڳ عارب جي ٿاٽي کان توئنگ ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪناري تي آهي. اهي ڪنڊر هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي موجود آهن. ڪنڊرن سميت هن ٽڪريءَ جي ماپ ۹۵ فوٽ آهي. اتر طرف ڏانهن هوريان هوريان لهنواري ٿيندي آخر ۾ ميدان واري مٿاڇري کان ۱۰ فوٽ مٿي هلندي وڃي توئنگ واري رستي سان ملي ٿي.(Pl.XLVI). اوپر، اولهه ۽ اتر طرفن کان ٽڪري ڏاڍي ايڪپري آهي، تنهن ڪري مٿي پهچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪو ماڻهو ڏکڻ پاسي کان چڙهندو ته پهريائين هڪ لاهي ايندي، قلعي جي ننڍي پٽ کان پوءِ وري قلعي جي ٻي پٽ ايندي، جيڪا پهرينءَ پٽ کان وڌيڪ مضبوط آهي. اهي ٻئي رازڪيون ٺهيل پٿر جون پٽيون آهن، جن جي اڏاوت ۾ گارو استعمال ٿيل ڪونهي. ٻي پٽ، اصل ۾

کنهن وڏيءَ پٽ جو حصو آهي ۽ قديم زماني جي ڪاريگريءَ جو نادر نمونو آهي. پهريون ته اسان کي هن قلعي جو نقشو سمجهه ۾ ڪونه آيو، ڇو ته جاڻي ڪاڻي وڏن پٿرن جا ڍير ڏسڻ ۾ ٿي آيا. اندرئين پاسي کان جڏهن صفائي ڪئي وئي ته سندس اصلي صورت جو ڪجهه پتو پيو (Pl.XI, b). جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن لنگهه مان ٽپندو ته پاڻ کي هڪ چوڪنڊي ميدان ۾ پسندو، جتي ڊتل جاين جي پٿرن جا ڍير لڳا پيا آهن. اڏاوتن واري ايراضيءَ ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ کيس ان ميدان مان لنگهڻو پوندو، جتي ڪاٻه تعمير ڪانه آهي. هن ميدان جي هڪ طرف پراڻي دور جي وڏن پٿرن مان جوڙيل هڪ پٽ آهي. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته هي ميدان ڪو اڱڻ آهي. کنڊرن ۾ اسان کي بيشمار کوٺين جا نشان ڏسڻ ۾ آيا.هن ڳوٺ ۾ جدا جدا ويڙها آباد هئا، جن جي وچان گهٽيون هيون. هن ايراضيءَ جو وڏو حصو کنڊرن هيٺان آيل هو. وڏي بند هنن دڙن کي وچان اڌو اڌ ڪيو ٿي. بند جي ٻنهي پاسي هڪ ٻئي پٺيان گهرن جون قطارون هيون. اڱڻ واري ايراضي ڊرتيءَ جي مٿاڇري کان ٦۴ فوٽ مٿي آهي. هتان کان ڪجهه اتر طرف ٿوري کوٽائي ڪرائي وئي، جنهن مان اسان کي هڪ گهر جا ڪمرا ۽ انهن سان گڏ هڪ گهٽيءَ جا نشان مليا. اها گهٽي اڱڻ کان شروع ٿي هئي ۽ اهو رستو ڇاڙهن ۾ ورهائجي گهر ۾ داخل ٿيو ٿي. ڏکڻ -اولهه طرف واريءَ ڪنڊ تي اسان کي ڏاکن جا نشان ۽ هڪ 5 1/2 x 3 فوٽ غسلخانو لڌو. مينهن وسڻ ڪري اسان وڌيڪ صفائي ڪرائي ڪونه سگهيا سون، تنهن ڪري لاچار ڪم بند ڪرائڻو پيو. ڪوه تراس بنيءَ وارن گهرن جا بنياد ضرور پٿراين پٽين جا هوندا، پر مٿينءَ اڏاوت ۾ سر يا ڪِٽر استعمال ٿيل ڪونه هو. ڪمرن مان جيڪي ٻه شيون مليون، سي ٽن فوٽن کان هيٺ ڪونه هيون. تنهن ڪري اسان هن نتيجي تي پهتاسون، ته جيڪي اسان پٿرن واريون پٽيون ڏٺيون، سي اڏاوتن جا بنياد هئا.

## تاريخي دور کان اڳ جو قلعو

اسان جيڪي ٻه شيون لڌيون، انهن مان اندازو اهو ٿئي ٿو ته هي ماڳ

ٿامي جي دور سان همعصر آهن ۽ باقيات بہ ڪنهن عام رواجي وستيءَ سان واسطو ڪونہ ٿا رکن. وڏن پٿرن ۽ بنا گاري جي تعمير هن وستيءَ جي بچاءَ واسطي اڏي وئي هئي ۽ اسان سمجهون ٿا تہ اها اڏاوت ضرور ڪنهن قلعي جي هوندي. ٿن پاسن کان ڏکيو لنگهہ هن وستيءَ جي بچاءَ واسطي هو. مٿي چوٽيءَ تي چڙهي جيڪڏهن هيٺي هوڏي نظر ڦيرائبي تہ ميلن تائين هر چيز چٽي نظر ايندي . هن نقطئہ نظر کان هن ايراضيءَ جي وڏي اهميت آهي. بنيءَ جي اولهہ پاسي، ويندي توئنگ تائين کيرٿر پاسو ڏيو وڃي ٿو. وچ تي گهارين (وٿين ) ۾ وڏن پٿرن جون پٽيون تعمير ڪيون ويون آهن. انهن منجهان هڪ اهم پٽ توئنگ واري رستي سان ڏسي سگهجي ٿي، جيڪا ۴۰۰ فوٽ ڊگهي، ٢٠ فوٽ اتاهين ۽ ٣٠ يا ٣٥ فوٽ موڪري آهي. سندس عمر جي متعلق ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ان جي اڏاوت فوجي مقصدن لاءِ هئي، جيڪا بلوچستان جي طرف کان ايندڙ دشمن کي روڪڻ واسطي ٺاهي وئي هئي. هن پٽ جي لڳ اوير پاسي، ڪوه تراس بنيءَ جهڙيون جوڙيل پٽيون آهن. هتان اسان کي ٺڪر جا ٽانو ۽ پٿر جا اوزار بہ ڪوه تراس جهڙا مليا. هنن ٽڪرائتن ايراضين ۾ پاڻيءَ جو ملڻ هڪ وڏو مسئلو آهي. ڇاڪاڻ تہ هتي کوه کوٽڻ بہ ناممڪن آهي. هن ايراضيءَ ۾ پاڻي حاصل ڪرڻ جو عام طريقو اهوئي هوندو آهي تہ بند ڏئي، مينهن جو يا نئن بارڻ جو پاڻي روڪي ڇڏيندا آهن. اهو بہ امڪان آهي تہ هتان جي قديم ماڻهن اهو ساڳيو طريقو استعمال ڪيو هجي. ڪوه تراس بنيءَ واري ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ ٻن پٿراين پٽين جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن سان هن ٽڪريءَ ۽ ايرندي واريءَ ٽڪريءَ جي وچ واريءَ وٿي پرجي وئي آهي. ٻين جاين تي بہ اهڙن قسمن جي پٽين جا نشان ڏسڻ ۾ ايندا. اسان کي ان ڳالهہ جي پڪ ڪانہ آهي تہ اهي پٽيون دشمن جي خلاف بچاءَ کان اڏيون وين هيون، يا مينهن جي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بند طور ڏنيون وين هيون.

**لاڏ**

ڪوه تراس مان چٽيل ٺانون جون ٺوريون ٺڪريون مليون. ٺڪر جا بہ

ڪُپا، ڪجهہ پٿر جا اوزار جهڙوڪ: Ko62. ڊيگهہ ١,٧ انچ. Ko.65. Pl.XL, 39ڊيگهہ ١,١ انچ. Pl.XL.38 ٿامي جي آر جو ٽڪرو. چٽيل ٺڪرن مان ڪن ٿورن تي اصلوڪي چِر باقي آهي. انهن تي چٽسالي هن ريت آهي: ٻہ ٽڪنڊا پاڻ ۾ ڪنهن خاص نقطي تي ملن ٿا، ڦٽيءَ ڏندن جهڙيون لامون ۽ ڏاڪڻ واري طرز جيڪا ٻين جاين تي ناياب آهي. گهڻا ٿانو اپن ڪلهن ۽ موڪرن منهن وارا آهن. Pl.XXXVIII,22 اهڙي وڙ وارو ٿانو اسان آمريءَ مان لڌو. هيٺ ڪجهہ چونڊيل نمونن جو وچور ڏجي ٿو.

Ko.9 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ٻہ ٽڪنڊا ڪنهن خاص نقطي تي پاڻ ۾ ملن ٿا. ڳاڙهي پوچي جي ڌاءَ تي ڪارو چٽ.

Ko.46 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڦٽي - ڏند واريءَ طرز جو ٽڪرو. ڳاڙهي ڌاءَ تي ڪارو چٽ. Pl.XXIX,7 .

Ko.54, 53, 58, 12 چٽيل ڪُپيءَ جا ٺڪر. اوچائي ٢,٣ انچ. پٽي ۾ ڏاڪڻ جو سلسلو. ڳاڙهي ڌاءَ يا ليٽہ تي ڪارو چٽ. (Ko.12) Pl.XXIX, 35. (Ko.58) Pl.XXIX, 31

Ko.67 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ ٻہ چيريون ڪنهن خاص نقطي تي پاڻ ۾ ملن ٿيون. ٻيگهڙ تي اپين ليڪن جو مچلو. هلڪي پوري ڌاءَ تي ناسي چٽ. Pl.XXIX, 8

Ko.70 وٽ تري Ring base سان ڪُپو. اصل ۾ چٽيل نظر اچي ٿو. اوچائي ١,٣ انچ. منهن وٽ گولائي ٢,٧ انچ. Pl.XXXVI, 29

Ko.71 ڪُپو. ڪاٽي ڪاٽي ڳاڙهي ڌاءَ جا نشان. اوچائي ١,٣ انچ. منهن وٽ گولائي ١,٩ انچ. Pl.XXXVI, 28

## سوڪڻ نئن پرسان ڪنڌر

١٢ فيبروريءَ تي، ڪرچات مان عارب جي ٿاٽي ڏانهن روانا ٿيا سون. رستي ۾ سوڪڻ نئن جي اوپر طرف هڪ ٽڪريءَ جي ڪڇ ۾ ڪن ڪنڌرن تي اچي پهتا سون. هيءَ تاريخي دور کان اڳ جي هڪ ننڍڙي وستي هئي. رستي جي

پرسان هجڻ ڪري اسان ڪيس سولائيءَ سان ڏسي ورتو. پنجهوءَ جي ڏيرن ۾ پٿرن جي پٽين جا ٺلهڙ جام ڏسڻ ۾ پئي آيا. سڄي ايراضي ڪاري روڙيءَ ۽ ٿامي جي دور وارن ٿانون جي ٺڪرين سان ڇٽڪمري لڳي پئي هئي، جن ۾ ڪاٽي ڪاٽي پاساڙا به ڏسڻ ۾ ٿي آيا.

## کجور لانڍيءَ پرسان پراڻا ماڳ

ڪرچات کان ڇهه ميل ڏکڻ - اوڀر طرف هلندي اسان کجور جي ڦٽن وٽ اچي پهتا سون. اتي اسان ٻن ڪلاڪن جو ڊاٻو ڪيو. ڪاليرو ٽڪرين وٽان مٽيوسون پئي، ته هتي ماڳن تي اک پئجي وئي. هي پراڻا ماڳ اڌ ميل ايراضيءَ تي پکڙيل آهن. هنن ٽڪرين کان ٿورو وٽيرڪو ڪن ننڍين ٽڪرين جي چوٽين تي هيءَ وستي موجود هئي. اتي ٽڪرائتي علائقي ۾ ڪيترا نين جا پيٽ آهن. پر اتي اسان کي ڪنهن وستيءَ جا آثار نظر ڪونه آيا. شايد اهي رهائش جي لائق ڪونه هوندا، تنهن ڪري انهن کي نظر انداز ڪيو ويو هوندو. نتيجي ۾ اها وستي ٽڪرن يا مچلن جي صورت ۾ وسائي وئي. قديم ماڻهن به موجوده دور جي ماڻهن وانگي هن ايراضيءَ کي ان ڪري پسند ڪيو هوندو، ڇاڪاڻ ته نئن بارڻ سندن اوڏڙو وهي رهي هئي ۽ جهرٽي واريءَ کجور واهيءَ جو پاڻي به سندن پاسي ۾ هو. هن واهيءَ جو پاڻي پيئڻ واسطي ڏاڍو عمدو آهي ۽ زرعي مقصد لاءِ اڳي به ائين ئي استعمال ڪيو ويندو هوندو، جيئن اڄ ڏسون ٿا. بارڻ نئن جي پار تونگ - ڪراچي رستي تي هڪ زبون حال لانڍي موجود آهي. کجور جي پرسان اهو رستو نئن باران منجهان پار اُڪري، ٻن ڇاڙهن ۾ ونڊجي وڃي ٿو. هڪ رستو عارب جي ٿاٽي ۽ ٻيو ڪراچيءَ ڏانهن وڃي ٿو. امڪان اهو آهي ته جيڪو رستو باران جو اولاهون ڪپ ڏئي کجور جي سامهون لانڍيءَ وٽان لنگهندو هو، سو تمام پراڻي دور سان واسطو رکي ٿو ۽ اهو رستو جيڪو ڪرچات کان ڪاليرو ٽڪرين کان ٿيندو کجور پهچي ٿو، جنهن رستي سان، اسان به سفر ڪيو، سو ڪنهن تازي دور سان واسطو رکي ٿو. اهو اندازو اسان هن حقيقت مان لڳايو ته هيءُ رستو هنن ڪنڊرن وچان گذري ٿو. ڪنڊرن جو

پنجهو ۽ پٿرن جون پٽيون هن رستي لاءِ رڪاوٽ هيون ان ڪري ڪين هٽائي پري ڪيو ويو آهي. ڪجور وارا ماڳ ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان ١٠ يا ١٢ فوٽ مٿي آهن. ٽامي جي دور سان لاڳاپيل ٺانون جون ٺڪريون ۽ پٿر جي اوزارن مان پاسا ڙا مٿاڇري تي پکڙيا پيا آهن. پٿرن جون قطارون جيڪي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي پٽين جا بنياد آهن، جاڏي ڪاڏي پکڙيل آهن. انهن جي مٿان ڪاري رنگ جا پٿر رکيل آهن. اهي ڪاري رنگ جا پٿر ضرور بنيادن ۾ ڪتب آندا ويا هوندا. سنڌ جي ٽکرائتن علائقن جي تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ماڳن جي اها خاصيت رهي آهي، تہ اتي پيڙهين ۾ ڪاري پٿر کي ضرور استعمال ڪيو ويندو هو.

### لاڙ

ڪجور وارن ڪنڊرن مان تمام ٿوريون شيون مليون. ٺڪر ۾ اسان کي اهڙا ٺانو مليا، جن جا پاسا ايا هئا. (Kh. 8, Pl.XXXVIII,21) . انهن مان ڪن تي پٽي رنگ جا اهڃاڻ ملن ٿا. عام چٽ ڏيڏري (چوڪڙي ) ۽ ڪونج يا ڪرنگهي طرز آهي. پٿر جا اوزار هتي البت جام هئا. گول مٿي وارا اوزار ڪجهہ گهٽا مليا. دلچسپ شين جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

Kh.1 چٽيل ٺانو جو ٺڪر. ٺانو جا ڪلها ۽ پيٽ ايا آهن. منهن موڪرو، رنگ هلڪو ڳاڙهو. جافريءَ سان چوڪڙين جا پٽي ۾ نشان. Pl.XXIX, 30

Kh.8 چٽيل ٺڪر. ٺانو جا ڪلها ايا ۽ ترو اياٺو. منهن جي اندرئين پاسي پڻ ڪاري پٽي جا نشان. هلڪي پوري ڏاءَ تي ڪاري چٽسالي. ٺانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو.

Kh.18 چٽيل ٺڪر. ٺانو اين ڪلهن وارو. ٺانو جو رنگ هلڪو ڪارو آهي. اصلي رنگ اپاتجي ختم ٿي ويو اٿس. ڪاري رنگ ۾ چوڏاري وچ ۾ ٻڙين سان اڏاڪڙين جو هار. Pl.XXIX, 14

Kh.25 چٽيل ٺڪر. ٺانو هلڪو ڳاڙهو. هلڪي پوري رنگ جو ليٽم ڏنل. ڳاڙهسرو پورو پٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪاري رنگ ۾ ڪونجون يا ڪرنگهيون بہ

موجود آهن. Pl.XXIX, 24

Kh.29 مٽيءَ جو پڪل ٻہ نوڪو چگهن سان مٽيو. ڊيگهہ ١ انچ. چيڙن وٽ گولائي ٥٥, انچ. وچ ١,١٥ انچ.Pl.XXXIII,70 .

Kh.47 پاساڙو. ڊيگهہ ٢,٢٥ انچ. منڊو ٣٥, انچ. Pl. XL.37

Kh.55 پاساڙو هڪ چيڙي وٽ گول. ڊيگهہ ١,٦٥ انچ. منڊو ٥, انچ. Pl.XL, 36

Kh.46 پاساڙو هڪ چيڙي وٽ گول. رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڊيگهہ ٢,٠٥ انچ منڊو ٦, انچ.

Kh.57 پاساڙو. هڪ چيڙي وٽ گول. ڊيگهہ ١,٤ انچ. منڊو ٣٥, انچ.

Kh.45 پاساڙو. هڪ چيڙي وٽ گول. ٿورو ڪجهہ ڦڏو. ڊيگهہ ٣,٥٥ انچ. منڊو ٥٥, انچ.

Kh.30 مڪري.ڊيگهہ ٢ انچ منڊو ١,٣ 'انچ.

## عارب جي ٺاٺي پرسان ڪنڊر

اسان ساڳيءَ شام جو ڪراچي ضلعي جي محال ڪوهستان ۾ آباد هڪ اهم شهر عارب جي ٺاٺي جي پوليس چونڪيءَ وٽ پهتاسون.اتان ڪان ڏکڻ طرف، هڪ جابلو نئن ڪوٽڙي واري ڊوريءَ جي ڪناري ٢٣ فوٽ اوچي دڙي تي اچي بيٺا سون. (Pl.XI, c). هيءَ ڪوٽڙي واري ڊوري نئن باران سان ڳنڍيل آهي. اسان جي موجودگيءَ وقت ڊوري سڪل هئي. جڏهن باران جو پاڻي مٿي گهٽو چاڙهہ ڪندو آهي تہ ٻيون ڊوريون ٻہ ڀرجي ويندي يون آهن. نتيجي طور عارب ٺاٺي جي پسگردائي ڏاڍي سر سبز ۽ آباد هوندي آهي. دڙي جي گول شڪل ۽ صورت جي ڪري پري ڪان ٻڌ استوپا پئي معلوم ٿيو. ويجهو وڃي تپاسي ڏسڻ مان پتو پيو، تہ سندس تعلق تاريخ ڪان اڳ واري دور سان آهي. مٺاچري تي پٿر جي روڙي ۽ ٺڪرائو پکڙيو پيو هو. ٺڪرين جو رنگ ڳاڙهو يا سائيرو گلابي هو. انهن مان اسان ٺامي جا اوزار ۽ پٿر مان ٺهيل ڊگها ڪرڙا يا رهڙا ڪنيا. تازي دور ۾ مسلمانن هن دڙي کي قبرستان بنائي ڇڏيو آهي. جنهن

ڪري هيٺيون تهه ۾ منجهس دفن ٿيل شيون ڇڻ ته اگهاڙيون ٿي پيون آهن. پر اجا به ڪجهه حصو باقي بچيل هو، جتي ڪاهيون کوٽي نڪر جا ٿانو يا ڀيون به ڪي اهڙيون شيون هٿ ڪري پئي سگهيا سون. پر مير خان بلوچ (جنهن کي عارب ٿاٺي جي اوسي پاسي تمام گهڻي زمين هئي.) جي ماڻهن جي بيجاءِ ضد اسان کي ڪم ڪرڻ نه پئي ڏنو. جنهن ڪري ڪيترا ڏينهن کوٽائي بند رهي. مشڪلات ان ڪري به وڌي وئي جو هتي ضروري شيون هٿ ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. مسٽر حفيظ، ڪوٽڙيءَ جو ڊپٽي ڪليڪٽر، جيڪو ان وقت ڪوهستان جو گشت ڪري رهيو هو، تنهن اسان جي وڏي مدد ڪئي. هن تر جي زميندارن ڏانهن سخت قسم جو حڪم ڪڍيو، ته هو اسان جي عارب ٿاٺي يا ان جي اوسي پاسي هر قسم جي مدد ڪن.

## آزمائشي ڪاهيون

جڏهن اسان لاءِ ڪم ڪرڻ ممڪن ٿيو، ته اسان عارب ٿاٺي واري دڙي ۾ چار کڏون کوٽايون. اسان جي ڪم ۾ مينهن وڏي رنڊڪ وڌي، جيڪي گهڻن ڏينهن تائين لڳاتار وسندا رهيا. اسان کي ڪم مهل، جيڪي به شيون مليون تن تي راضي ٿي ويا سون.

### لاڙ

اتان اسان جيڪي خاص شيون لڌيون تن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

Ar.3 اپن ڪلهن واري ٿانو جي ڇنيل نڪري. ڳچيءَ تي ناسي پٽو. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. ڳاڙهي رنگ جو ڊاءُ ڏنل.

Ar.9 اپن ڪلهن واري ٿانو جي ڇنيل نڪري. ڳچيءَ تي ناسي پٽو. ٿانو جو رنگ ڪٽو.

Ar.36 ڇنيل ٿانو جو نڪر. ٿانو جو رنگ ڦڪو. ڳچيءَ تي جافريءَ جي منجهه سان ڏيڏريون ( چوڪڙيون ). هلڪي بوسڪي رنگ جي ڊاءُ تي ناسي چٽ. Pl.XXIX, 29

Ar.30 ڇنيل ٿانو جو نڪر. هلڪي پوري رنگ جي ڊاءُ تي ناسيءَ رنگ ۾

ڪونجون يا ڪرنگهيون. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. Pl.XXIX, 23
Ar.44 چٽيل ٿانو جو ٽڪر. ڳچيءَ تي ڳاڙهسرو پورو پٽو. هيٺ هلڪي پوري ڏاءَ تي ناسي رنگ ۾ ڏيڏريون. (چوڪڙيون ).Pl.XXIX, 18
Ar.16 چٽيل ٿانو جو ٽڪر. ٿانو هلڪو ڳاڙهو. ٽڪنڊيون گهريون. منجهن اين ليڪن جو سلسو ڳاڙهي ڏاءَ تي ناسي چٽ. Pl.XXIX, 17
Ar.53 چگهن سان مٽيو. وچ تي ڪناري. اوچائي ٦٥ , انچ. وچ تي گولائي ٨٥ , انچ چيڙي وٽ ٥٥ , انچ .Pl.XXXIII, 63
Ar.54 چگهن سان مٽيو. اوچائي ٧٥ , انچ. وچ تي ٩ , انچ ۽ چيڙي تي ۴ , انچ. چٽسالي ڪارن جيان يا ٽوڪريءَ جهڙي.
Ar. 51 ڪٽي رنگ جو. پٿر جو ڪينهوڙو. گولائي ٣٥ , ١ انح.
Ar.52 ڪٽي رنگ جو ڪينهوڙو. گولائي ١٥ , ١ انچ.
Ar.46 ٽامي جي چيٽيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٣ , ١ انچ. وڌ ۾ وڌ موڪر ٦٥ , انچ ٿولهه ٣ , انچ. Pl.XLI, 27
Ar. 57 روهيءَ جو ٽڪرو. شايد ڪا سليٽ. ڊيگهه ٢ , ٥ انچ. وڌ ۾ وڌ موڪر ٦٥ , انچ. ٿولهه ٣ , انچ. Pl.XL,42

وڏيءَ ڪاريگريءَ سان ٺاهيل پاساڙن جو وڏو انگ لڌو. جن مان فقط ٽن جو بيان ڪجي ٿو.

Ar.61 پاساڙو. ڊيگهه ٥ , ٣ انچ. Pl.XL, 45
Ar.71 پاساڙو. ڊيگهه ۴ , ٢ انچ. Pl.XL, 44
Ar.78 پاساڙو. نوڪدار چيڙو. ڊيگهه ٦ , ٢ انچ. Pl.XL, 43

## شاه جو ڪوٽڙو

عارب جي ٿانئيءَ ڪجور جي وچ تي، رستي جي اوير پاسي، شاه جو ڪوٽڙو نالي هڪ دلچسپ دڙو هو. جيتوڻيڪ اهو ڌرتيءَ جي مٿاڇري کان گهٽو مٿي ڪونه هو، پر اتي پکڙيل ڪاريءَ ڳاڙهي پٿر مان سمجهي ويا سون، تہ سندس تعلق تاريخ کان اڳ واري ڪنهن دور سان آهي. اتر-اولهہ واريءَ ڪنڊ

ڪان سندس اوچائي ٨ فوٽ ڪن ٿيندي. ٻين پاسن ڪان اتي ڪجهہ اتاهون ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اتان پٿر جي ڪاريءَ روڙيءَ ۾ ٺڪريون ۽ پٿر مان ٺهيل اوزار مليا. پر ڪجور ۽ عارب ٿاڻي جي پيٽ ۾ هتي اوزارن جو انگ تمام گهٽ هو. هتي بہ اسان مٽيءَ ۾ پوريل پٿر جي ڀتين جا نشان ڏٺا. ذڪر ڪرڻ جي لائق فقط هڪ ڀت آهي، جيڪا ماڻهن زرعي مقصد سان بند ٻڌڻ لاءِ مٽي ڪڍي ظاهر ڪري وڌي آهي. هن کوٽائيءَ دڙي کي ڏاڍو نقصان پهچايو آهي. اهڙو سخت نقصان سنڌ جي ٻين تاريخي دڙن کي بہ پهچايو ويو آهي.

## لاڏ

تن کڏن مان اسان کي ڏاڍيون دلچسپ شيون مليون. ڳاڙهي تي ڪاري چٽسالي جي وڙ واري ٿانو ۾ ڏاڍا سهڻا ٿانو مليا. سندن طرزون Sha.16 جهڙيون آهن. وٽيءَ ڪان پوءِ هڪ پٽي ۾ لم تي ليڪن جي مڇلي جي چٽسالي آهي. ان ڪان پوءِ آڪڙين جو چوڌاري پٽو آهي. پوئين قسم جي چٽسالي ٻين طرزن سان گڏ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. انهن جو مقصد اهو آهي تہ جيئن ڇڏيل وٿين کي پري سگهجي. جيئن اسان Sha.46 ۾ ڏسون ٿا. خاص ڌيان Sha. 13, 30 ڏانهن ڏيڻ گهرجي، جن ۾ ڪچيءَ جي وڻ جي چٽسالي آهي ۽ Sha.20 تي وري سرهن جي قطار آهي. موڪري منهن سان ڪليل پيالو وڏيءَ اهميت جي لائق آهي. هتان ڪجهہ ٽامي جون شيون بہ هٿ آيون. انهن ۾ ٽامي جي چوڙيءَ جو ٽڪر، ننڍڙي ڇيٽي ۽ ڪان جي اٽي آهي. ٻين شين ۾ سوراخدار ٿانو جا ٽڪرا، مٽيءَ جون پڪل شيون، سنگ مان ٺهيل چوڙيون، ٻاراٽيون راند ڳاڏيون، ڪجهہ پٿرن جا اوزار، ان ڪان سواءِ پڳل ٽٽل صورت ۾ وڏا ٿانو بہ هٿ لڳا. ڪن اهم شين جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

Sha.34 ٿانو جو ٽڪر. ڳچيءَ جي چوڌاري آڪڙين جي قطار. Pl.XXXII, 20

Sha.21 ٿانو جو ٽڪر. Sha.34 جيان چٽسالي، پر وچ ۾ نقطي جي ٻدران اٽيون نڪتل. هيٺ اڪيلو، لم تي ليڪن جو مڇلو. Pl.XXXII, 28

Sha.39 ٿانو جو ٽڪر. آڪڙين جون ٻه پوروچوٽيون قطارون. هيٺ لم تي ليڪن جو مچلو. اڪيلو. Pl.XXXII,29

Sha.45 ٿانو جو ٽڪر. ڳچيءَ تي لم[1] تي ليڪن جو مچلو. اندران هار جهڙي چٽسالي.

Sha.16 پيالي جو ٽڪر. ٻن پٽن ۾ ورتي تي، لَمَ تي نڪتل ليڪن جو پاڻ ۾ ملي وڃڻ. انهن ٻنهي پٽن کي، وچ تي نڪتل آڪڙين جي قطار الڳ ڪري ٿي، اوچائي ٥,٣ انچ. Pl.XXXII, 35

Sha. 27 ٿانو جو ٽڪر. ٻن پٽن ۾ ٻيگهڙ تي لم تي ليڪون ۽ ليٽڻ طرز ۾ هڪ ٻئي مٿان ليڪن جو نمونو. Pl.XXXII,31

Sha.31 ٿانو جو ٽڪر. ٻري طرز جافريءَ جي منجهه سان پن. اڌ گول گهرين جي قطار انهن کي الڳ ڪري ٿي. Pl.XXXII, 26

Sha.8 ٿانو جو ٽڪر. ٻن چٻرين جو ڪنهن خاص نقطي تي ملڻ واري ٿانو جو ٽڪرو آهي. هيٺان ۽ مٿان جافري طرز اٿس. پر اها چٽي ڪانه آهي. Pl.XXXII, 32

Sha.46 ٿانو جو ٽڪر. پٽي ۾ پير جو پن. ان جي چوڌاري آڪڙين جي قطار جو چٽ. مٿان ٻئي پٽي ۾ آڪڙين جي قطار Pl.XXXII, 24

Sha.14 ٿانو جو ٽڪر. ٻيج جي ٻن اڀين قطارن جي وچ ۾ هڪ ٻئي جي مٿان رکيل جافريءَ سان پن. Pl.XXXII,34 Sha.20 ٿانو جو ٽڪر. سرهن جي قطار. ٻي چٽسالي ختم ٿي ويل. Pl.XXXII, 39

Sha.51 ٿانو جو ٽڪر. سرهن جي قطار. ٻي چٽسالي Sha.20 کان ٻه اڻ چٽي.

Sha. 13, 30 ڳچيءَ وٽ ڪجيءَ جو وڻ. هيٺان پاسرين جهڙي چٽسالي. Pl.XXXII, 40

Sha.19 ٿئيءَ جو ٽڪر. اندرئين پاسي کان وچ تي گول منجهلا. وچ تي

---

١. جن کي ڪي ڪاريگر ٻري ڪوٺين ٿا. (مترجم).

چدو. Kr.91 جهڙو. Pl.XXXII, 37

Sha.12 ٿيلهيءَ جو ٽڪر. اصلي گولائي هڪ فوٽ. منجهلا پٽا ۾ چوڏاري ماڪوڙو نڪتل. Pl.XXXII, 36

Sha.23 لم تي ليڪن جي مڇلن جون ٻه قطارون.

Sha.38 ٿانو جو ٽڪر. جافريءَ جي منجهه سان چپرين[1] جي وچ تي گهريءَ ۾ ڀڙين سان ٺهيل گل جي چٽسالي. Pl.XXXII, 21 ڏسو غازي شاه Pl.XXVI, 17

Sha.9 ٿانو جو ٽڪر. اوچائي ٥،٢ انچ. ٻاهرين پاسي کان ڳاڙهو ليڄ. ڳچيءَ جي اندرين پاسي به ڳاڙهو ليڄ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. Pl.XXXVII, 19

Sha. 70, 71 وٽ تري Ring base سان ڪپو. اوچائي ٥،٣ انچ. منهن وٽ ويڪر ٢ انچ. Pl.XXXVII, 18

Sha.59 ننڍڙي وڙ جو ٿانو. اوچائي ٧،١ انچ. منهن وٽ گولائي ٩،١ انچ. Pl.XXXVII, 9

Sha.36 گول ٿانو جو ٽڪر. ڪٺو رنگ. اوچائي ١،٢ انچ. تري وٽ گولائي ٧٥،٣ انچ. Pl.XXXVII,20

Sha.41 ننڍڙي وڙ جو ٿانو. تري کان اپريل پٽو يا ڏنو.اوچائي ٧،١ انچ. منهن وٽ گولائي ٥٥،١ انچ. اصل ۾ چڪ تي ٺهيل آهي. پر ڪاريگريءَ سان ٺاهيل نه آهي.Pl.XXXVII, 8

Sha.56 سوراخدار ٿانو جو ٽڪر. لڌل ٽڪر تري وارو آهي.

Sha.26 پڙگي تي ٿيلهيءَ جو ٽڪر (dish on stand fragment) اڪريل ٻيجن جي چٽسالي.Pl.XXXI,15

Sha.18 ٿانو جو ٽڪر. اپوٽو يا لهنواري تري وارو. مٿاڇري تي ڳاڙهو ليڄ.

Sha.6 پڙگيءَ تي ٿيلهيءَ جو ٽڪر. اندرين پاسي کان اڪريل چٽسالي. Pl.XXXI,8

1. Cf. Dabarkot (N. Baluchistan) example in *Mem. A.S.I.*, No.37, Pl. XV, D.N.b.12

Sha.68 مٽيءَ جي پڪل ٻاراٽي راند ڳاڏيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٦, ٢ انچ.

Sha.72 مٽيءَ جي پڪل چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ٦٥, ٢ انچ.

Sha.75 سپ جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٥, ٢ انچ.

Sha.33 ٽامي جي چوڙيءَ جو ٽڪرو. گولائي ١, ٢ انچ. Pl.XXXIII, 72

Sha.48 ٽامي جي چيٽيءَ جو ٽڪرو. ڊيگهه ٨, انچ. Pl.XLI, 17

Sha.22 ٽامي جي ڪان جي اٽي. وڏ ۾ وڏ ڊيگهه ٧, ١ انچ. Pl.XLI, 22

Sha.82 ٽامي جي چوڪنڊي اوزار جو ٽڪرو. ڊيگهه ١٥, ١ انچ. Pl.XLI, 18

Sha.80 پٿر جو اوزار. پاساڙو. مڙيل ڇيڙي سان. ڊيگهه ٦, ١ انچ. Pl.XL, 14

Sha.78 پٿر جو اوزار. پاساڙو. نوڪدار ڇيڙي سان. ڊيگهه ٩٥, انچ. Pl.XL. 40

### هوٽياڻو

شاه جو ڪوٽڙو پرسان هڪ پوجهاڻي (Pujhani) نالي ناٽن آهي. اها نئن لڪيءَ جي ٽڪرين جي هڪ هوٽياڻو ٽڪريءَ مان وهندڙ جهرٽي مان ڦٽي نڪري ٿي. هن واهيءَ جي مٿان ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پٿر جي جڳهين جا ڪنڊر آهن. جتي پٿرن جي اوزارن ۽ اوزارن مان ٽهندڙ پٿرن جي ججهائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٽڪريون بہ جام آهن. پر سندن لاڳاپو تاريخ کان اڳ واري دور سان جٽو نظر ڪونہ ٿو اچي. تنهن ڪري هنن ڪنڊرن جي عمر جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو لڳي ٿو. البت اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ گجي، ٻنڌٽي ۽ مليريءَ جيان هي ماڳ بہ پٿرن جي اوزارن ٺاهڻ جو جڻ هڪ صنعتي علائقو هو، جن جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪري آيا آهيون.

### احمد شاه جي ڀرِ وارا ڪنڊر

١٦ فيبروريءَ تي اسان عارب جي ٽاٽي کان ڏکڻ ڪن ڪنڊرن وٽ پهتاسون، جيڪي ايهري Ehri نئن جي ڪناري تي واقع هئا. اسان کي هنن

ڪنڊرن ۾ پيتين جا نُنڍ ڏسڻ ۾ آيا. هتان اسان کي نہ متاچري تان ۽ نہ وري آزمائشي کڏن مان تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪي شيون هٿ آيون. پر هنن ماڳن کان اڌ ميل کن پري اتر ـ اولهہ ڪنڊ تي احمد شاه جي ڊوريءَ نالي هڪ نئن جي ڪناري متان اسان کي ٿامي جي دور واري ثقافت جون ڪي نشانيون مليون. ڪنڊرن جي مٽيءَ کي هنڌين ماڳين کوٽيو ويو. جنهن ۾ پٿر جا پاساڙا Pl.XL, 58 - Ah.47 ۽ Pl.XL, 56 - Ah.48 ۽ انهن سان گڏ ٺانون جا ٽڪرا Pl.XXXVII, 1, 2 - Ah.42, 43 مليا. هاڻي ڪنڊرن جو گهڻو متاچرو قبرستان والاري ڇڏيو آهي ۽ اتان گهڻي مٽي ڪڍي زرعي مقصدن لاءِ بندن ٻڌڻ ۾ ڪم آندي وئي آهي. مکيہ قبر احمد شاه جي آهي، جنهن جي نالي پٺيان هيءَ ماڳ نئن واري ڊوري سڏجي ٿو. قبرستان جي اولهہ پاسي کان بند ٻڌو ويو آهي. ان ۾ بہ هنن ڪنڊرن جي مٽي استعمال ڪئي وئي آهي. اتي بہ ٿامي جي دور سان لاڳاپيل ٺڪر ڏسي سگهجي ٿو.

## عثمان جي بٺيءَ وٽ وانڍ

عارب ٺاٺي کان ڇهہ ميل پري واهي ڳوٺ جي پرسان باران نئن جي ڪناري تي اسان وچي تنبن جي وانڍ (Camp) هنئين. اسان جي وانڍ جي متان هڪ پاسي کان عثمان جي بٺيءَ نالي ٽڪريءَ جي ڇانو هئي. پهريون تہ هن ايراضيءَ ۾ پاڻيءَ ملڻ جي ڏاڍي تڪليف محسوس ڪئي سين. نئن باران جو پاڻي نہ رڳو پيڻ جوڳو ڪونہ هو، پر ٺانون جي ڌوءَ ڌپوءَ جي لائق بہ نہ هو. ڇاڪاڻ تہ ان مان خارش ٿيڻ جو خطرو هو. اسان سٺي پاڻيءَ جي ڳولا ڪندي، ٽڪريءَ جي پوئين پاسي گرم پاڻيءَ جو هڪ چشمو لڌو، جيڪو نئن جي ايڪپري پاسي ڏانهن وهي رهيو هو. متان زور سان سندس تري ۾ ڪري رهيو هو. اسان جي ماڻهن لاءِ چشمي جو پاڻي چکي مٽي ڪيڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ان ڪري ان جاءِ کي کپٽو ۽ صاف ڪرڻو پيو. پاڻي پيئڻ ۾ ڏاڍو سٺو هو. اسان جون تڪليفون صاب پيون ۽ اسان اهو پاڻي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو.

## عثمان جي بٺيءَ وارا ڪنڊر

ٽڪريءَ جو مٿاڇرو جيڪو گهڻ وڌ ترڪڙو آهي، مٿس تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪي ثابتيون موجود آهن. ڪنڊرن جي ڪل ايراضي 1000 x 800 فوٽ آهي. نئن جي ڪناري کان سندس اوچائي ٥٠ فوٽ آهي. ٽڪريءَ جي بناوت ڏاڪن جيان آهي. انهن ڏاڪن تي پنجهوءَ ۾ پوريل پٿرن جون قطارون نظر اچن ٿيون. اندازو اهو آهي ته اهي ڪن پٿين جون پيڙهيون هونديون. هن ايراضيءَ ۾ چوڌس پٿرن جا دوڳلا ۽ ٺڪريون پکڙيون پيون آهن. ميئهن جي پاڻيءَ انهن کي کسڪائي هيٺ لاهين ۾ ڪيرائي ڇڏيو آهي. ڪاٽي ڪاٽي انهن اڏاوتن ۾ استعمال ٿيندڙ پٿرن جي دوڳلن جا ڍير لڳا پيا آهن. ائين لڳي ٿو ته هيءَ ايراضي ڪنهن تازي دور ۾ ڪنهن ڀونچال (ڌرتيءَ ڌٻڻ ) جو شڪار ٿي آهي.

## کوٽائيءَ مان لڌل شيون

پٿين جي پرسان چار ڪڏون کوٽايون ويون. جيڪي اڳ ۾ ئي ڪجهه ظاهر هيون. (Pl.XLVI). ڪيترن ڪمرن جون پيڙهيون کوٽي ظاهر ڪيون ويون. منجهن فوٽ ڏيڍ موجود پنجهوءَ کي صاف ڪيو ويو ته ٦٠ ڪن شيون ملي ويون. چٽيل ٺڪرين جو تعداد ٿورو هو. انهن مان ڪجهه اهڙيون به هيون جن تي چٽسالي اڃا به سلامت هئي. ٺڪرين کي تپاس ڪري ڏٺو ويو، ته اهي ڪن اين ڪلهن وارن ٿانون جون هيون. (Pl.XXXVIII,19). چٽسالي ڀن رنگن ۾ هلڪي پوري يا ڳاڙهسري ڌاءَ جي مٺان ڪيل هئي. هڪ ڪمري مان وڏي وڙ جا ٿانو مليا. انهن مان هڪ ٿانو کي، ٽڪريءَ جي مٿاڇري ۾ ڇڏو کوٽي سندس اپي تري کي منجهس ٽڪايو ويو هو ۽ اهو ڇڏو ڪمري جي سنوت کان هيٺ ڪٽيل هو. اهو ٿانو اسان کي پڳل ٽٽل صورت ۾ مليو ۽ پوءِ اسان ان کي جوڙي سڄو ڪيو.(Ot.48). ان ۾ سمنڊ جي ڦيڻ جا به ٽڪرا ۽ ڏاند جي Cuttle bone ساڃيءَ اڳين ڄنگهه جو ڪجهه هڏو ۽ پاسيري پيل هئي. ان مان ڪارائڻ جو ڀن ٽٽل وارو پيالو به لڌو جنهن مان هڪ ٽن غائب هئي. ٻيو ٿانو تمام گهڻو پڳل ٽٽل هو، ان جي نهڻ جي اميد ڪانه هئي، تنهن

ڪري ان ۾ پيل شيون ڪڍي سانڍيون ويون. هتان مختلف ماپن جا ١۴ پاساڙا، سمنڊ جي ڦيڻ ۽ ڪجهه ٺڪر جون شيون مليون. انهن ۾ اهميت جي لائق هڪ ٿانو آهي، جنهن کي پاسن ۾ چار سوراخ آهن. اهي سوراخ ڪيس ٽنگڻ لاءِ ڪڍيا وياهوندا.(Ot.59). هن جهڙو ٻيو ٿانو (Ot.53) به هن ڪمري مان لڌو. هن کي چئن بجاءِ پنج سوراخ آهن. پرواري ڪمري مان ٿامي جي آر لڌي. (Ot.52). هڪ، ٻئي ڪمري مان دلچسپ شيون لڌيون. اهي پٿرن جا پاساڙا هئا. جن مان به ڪپ (Ot.62, a, e). هڪ کي ته ڏاڍو خوبصورتيءَ سان نوڪدار بڻايو ويو هو. (Ot.47). وڏي ٿانو جو ذڪر ڪرڻ به لازمي آهي (Ot.64). ڪيس ٻاهر ڪڍيو ويو ته Ot.48 جيان ٽڪرا ٿي ويو. ٽڪرن کي ملائي انکي سچو سارو بڻايو ويو. اتان پٿر جو ڪرڙو يا رهڙو به لڌو، جيڪو شڪل ۾ تراڪڙو ۽ هڪ چيڙي کان ڪجهه اپريل هو. ٻين شين جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

Ot.21, 25 تراڪڙيءَ چٽيل ڦيلهيءَ جو ٺڪر. موڪري ليڪ جو چٽيل ڪنڊو. ڦٽي - ڏندن جهڙن ٻوٽن جي لامن جو چٽ. ڳاڙهي ليڪ مٿان ڪارو چٽ. ڳاڙهو ليڪ ٻاهرئين مٿاڇري تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. Pl.XXIX, 1, 2

Ot.56 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. ٿانو جو رنگ هلڪو ڳاڙهو. موڪرو رنگيل پٽو. پوري رنگ جي ڏاءَ تي ناسي رنگ ۾ به ليٽڻ طرز ۾ ليڪون.Pl.XXIX, 9

Ot.16 هلڪي پوري ڏاءَ سان چٽيل ڳاڙهو ٿانو. پورو پوتا تي ماڪوڙا نڪتل. ناسي رنگ ۾ اڏڪول تي چڊو.Pl.XXIX,10

Ot.56 چٽيل ٺڪر، رنگ ڳاڙهو، ويڪرو پٽو. پوري ڏاءَ تي ناسي رنگ جا به پٽا. Pl.XXIX,9

Ot.48 چٽيل وڏو ٿانو. ڪلها ايا. پوروپوتا، چوڌاري به ماڪوڙا نڪتل. اوچائي ١٩,٥ انچ. Pl.XXXV,4

Ot.27 چٽيل ٿانو جو ٺڪر. ٿانو هلڪو ڳاڙهو. هلڪي پوري ڏاءَ تي ڪارا پٽا. Pl.XXIX, 11

Ot.59 چئن سوراخن سان ٽنگڻ وارو ٽانو (ڇڪو). مٿاڇري تي ڳاڙهو ليئو. اوچائي ٢,٢٥ انچ. مٿان گولائي ١,٥ انچ. ترو ١,٤ انچ. Pl.XXXVII, 40

Ot.53 ننڍو جو ڇڪو. ٽنگڻ واسطي پنج سوراخ. ٽانو جو رنگ ڦڪو. اوچائي ١,٤ انچ. مٿئين گولائي ٣,٧٥ انچ. ترو ٦,٤ انچ.

Ot.61 ننڍڙي وڙ جو ٽانو. گهاڙ (هٿ سان ناهيل). اوچائي ٢,٥ انچ. منهن وٽ موڪر ١,٥ انچ. Pl.XXXVII,32

Ot.64 اين کلهن سان وڏو ٽانو. لسا ڪنا. اوچائي١٧ انچ. Pl.XXXV,3

Ot. 49 ڪارائڻ جو ٽانو. پن ٽڻ سان. رنگ ڪٽو. اوچائي ٢,٥ انچ. منهن وٽ موڪر ٢,٧ انچ. Pl.XXXVII, 33

Ot.57 مٽيءَ جو پڪل چگهن سان مٽيو. گول. اوچائي ٨, انچ. گولائي ١,١ انچ. Pl.XXXIII, 71

Ot.52 ٽامي جي ڇيٽي ٢,٢٥ انچ. مٿي موڪر ٤, انچ هيٺ موڪر ٢٨, انچ. Pl.XLI, 3

Ot.47 پٿر جو اوزار. نوڪدار پاساڙو. ڊيگهه ٤,٦ انچ. موڪر ٥٥, انچ. Pl.XL.58

Ot.46 پٿر جو چاقو. ڊيگهه ٣,٤ انچ. Pl.LX, 60

Ot.62, a پٿر جو اوزار. پاساڙو. ٻيج جي شڪل تي پاسو. ڊيگهه ١,٩ انچ. Pl.XL, 59

Ot.62, e پٿر جو اوزار. پاساڙو. ٻيج جي شڪل تي. ڊيگهه ٨.١ انچ.

Ot. 62, a, e اهي ٻئي تکي پاسي ۾ تکيءَ ڌار وارا پاساڙا آهن. جيڪي ضرور وڍڻ جي ڪم ايندا هوندا.

Ot.38 پٿر جو اوزار. پاساڙو. شڪل چوڪنڊي. ڊيگهه ٢,١٥ انچ.

Ot. 58 ڪرڙو يا رهڙو. ڊيگهه ١٠ انچ. موڪر ٥,٤ انچ. هڪ پاسو پڪل. Pl.XLX, 40

## ٻڇاٽي

عثمان جي ٻنيءَ کان سر اولهه، باران نئن کان پار ٨ فوٽ اوچائيءَ سان هڪ دڙو آهي، جنهن جي مٿان پٿر جي روڙي ۽ ٽامي جي دور واريون ٺڪريون پکڙيون پيون آهن.جيڪو ڪراچي ويندڙ رستي تي ۽ ٻچاٽي واري تباه حال لانڍي (Rest house) جي اتر - اوڀر طرف تي آهي. بروهي ۽ سنڌي مزدور جيڪي علي مراد کان ٿاٽي بولا خان تائين سو ميل کان وڌيڪ ڏکئي سفر ۾ اسان سان هر مشڪل ۾ گڏ هئا، سي رمضان جا روزا رکي رهيا هئا. تن جي مرضي هئي ته فيبروريءَ جي ٢٠ تاريخ ايندڙ عيد ملهائين. ان کان سواءِ اها ڳالهه به هئي ته پوسٽ آفيس تمام پري هئي. نيڪال لاءِ سرڪاري خط به گهڻا گڏ ٿي ويا هئا ۽ ٻيا به ضروري ڪم ڪرڻا هئا. تنهن ڪري اسان پنهنجي وانڍ ٿاٽي بولا خان ۾ هنئي. عيد گذرڻ کان جلدئي پوءِ اسان ٻيهر سفر جاري رکيو.

## ڏسوئيءَ پرسان ٻڙا

ڏسوئي نئن جي ڪناري تي موجود دڙن جو معائنو ڪيوسين. اهي ماڳ ٿاٽي بولاخان کان اتر-اوڀر پنجن ميلن جي پنڌ تي هئا ۽ داروت لڪ اتان ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهي. مٿاڇري تان جيڪي شيون لڌيون سي ڪنهن خاص اهميت واريون ڪونه هيون. شايد اهو هن سبب ڪري ٿيو هجي، جو باران جي اٿل سبب هيءَ سڄي ايراضي پاڻيءَ هيٺان اچي ويندي آهي. پٿرن جي روڙي ۽ تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ٽانون جون ڪجهه ٺڪريون 400 x 450 فوٽن جي ايراضيءَ تي پکڙيل مليون. هتان جا ماڻهو هن ماڳ کي **پيڙي ڪوٽڙو** جي نالي سان سڏيندا آهن. هن دڙي متعلق ماڻهن جي واتان ڏند ڪٿا هن طرح ٻڌي وئي، ته ڪنهن زماني ۾ پيڙيون هنن ماڳن تي پيون ايندڙيون ويندڙيون هيون. پيڙي ڪوٽڙو ٽڪراٽي مٿاڇري تي قائم هو. پنجهو هڪ فوٽ کن مس صاف ڪيو سين ته وچي تهه تائين پهتا سون. آزمائشي کاهين مان اسان کي ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ واريون سنڌ سپيتا وارن ٽانون جون ٺڪريون

مليرن. (Di.8, Di.13, Pl.XXXII, 27, 30). سوراخدار ٽانو جا ٽڪر، منجهلن گولن جي چٽسالي ۾ سان ڦيلهي (Di., 25)، ٽامي جي چوڙي (Di.51)، گولائي ١,٧٥ انچ. (Pl.XXXIII, 69) . مٽيءَ جون پڪل ۾ سپ جون چوڙيون، پٿرن جي اوزارن مان ٿهيل پاسارا، مٽيءَ جي پڪل راند ڳاڏين جا ٽڪرا (Di.31) عقيق جو مٽيو (Di.53) ڊيگهه ٦, انچ,(Pl.XXXIII, 62).عقيق پٿر جو تور جو وٽ ڊيگهه ٧, انچ(Di.52, Pl.XXXIII, 61) ۾ اٽڪل ٻه سو کن گول ۾ ٻه نوڪا مٽيءَ جا پڪل ڳوڙها. گولائي ١,٦ انچ، مدار ١,١ انچ. انهن مان ڪجهه نموني طور کڻي آيا سين.آخر ۾ بيان ڪيل شين جو مقصد اسان کي سمجهه ۾ ڪونه آيو. پر اهميت جهڙي ڳالهه اها آهي، ته اهڙن ڳوڙهن جهڙيون مٽيءَ جون پڪل شيون، ٽاٿي بولا خان جي اوسي پاسي پين ماڳن تان به لڌيون.

## مول ماتري

ٿاٿي بولاخان کان ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ رستو مول ماتريءَ مان وڃي ٿو، پيو رستو داروت لڪ کان باران نئن کان اکري ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن ڏانهن وڃي ٿو. اهي ٻئي رستا موٽر ڪار جي سواريءَ لائق هئا. هن ضلعي جو هيءَ حصو موٽر ڪار ذريعي ڏسڻ جو فيصلو ڪيو سين. اها ضرورت اسان حيدرآباد کان ئي محسوس پئي ڪئي. مول ماتريءَ کي مسٽر ڪارٽر اهميت ڏني هئي ۾ ان ڪري اسان به ڪشش محسوس ڪئي. ١٨٥١ع جي شروعات ۾ ڪن ليڪڪن هن طرف ڌيان ڇڪايو ته هن ماتريءَ جي [1] ترڪ ڳوٺ جي پرسان پٿرن جون ڪي اڏاوتون موجود آهن. ان حقيقت کي نظر ۾ رکي مسٽر ڪارٽر هن ۾ پين ڪيترن ئي ماڳن جو معائنو ڪيو ۾ هن صاحب انهن ماڳن کي تاريخ کان اڳ جا ماڳ سڏيو آهي.[2] تنهن ڪري اهو ضروري ٿي پيو هو ته جيترو به ممڪن ٿي سگهي ايترن گهڻن ماڳن کي ڏسجي. اهو پور پچائي ٢٣ فيبروريءَ جو ڪراچيءَ جي سفر لاءِ نڪتاسين.

1. *Jour. Bom. R.A.S.*, Vol.V (January 1854), p.355.
2. Cousens, *Antiquities of Sind,* p.46.

## ڪپات جا ڪنڊر

ٺاٺي بولا خان کان ڏکڻ وارو علائقو، اترئين پاڳي جيان ٽڪرائتو ۽ ويران آهي. هن پاسي واريون ٽڪريون اوچائيءَ ۾ تمام ننڍيون آهن، پر اڳين جيان خشڪ ۽ ويران آهن. پاڻيءَ جو ڏاڍو ڏڪار هو. جيئن اڳتي هلندا ويا سون، تيئن پاڻي وڌيڪ اڻ لڀ ٿيندو ويو. علائقو ويران ۽ بيابان هو. اسان ڏماچ ڳوٺ کان لنگهي وڃي ڪپات جي اوڀر ـ ڏکڻ ۾ لڏو لاٿو، ان لاءِ ته جيئن اسان پٿر جي پن اڏاوتن جي ٽپاس ڪري سگهون. رستي جي پير واري اڏاوت وچين دور جي هندن جو مندر هئي. اڏاوت ڪي چئن خاص نقطن تي چار دروازا هئا ۽ وچ تي چئن ٿلهن جا نشان به ڏسڻ ۾ ٿي آيا. پٿر جي پٽين جا ننڍ پنجن فوٽن تائين بيٺل هئا. پٿر جون ١٠ فوٽ ڊگهيون موڪر ۾ مختلف ماپن واريون دابڙيون، پٿر جي اڏاوت ۾ اڃا به موجود هيون. اهي مندر جي ڇتڻ واسطي ڪم آيون هونديون. هيءَ اڏاوت مسٽر مئسن جي "گوهر بستيءَ" سان مشابهت رکي ٿي، جيڪا هن عارب جي ٺاٺي کان ڪراچيءَ[1] ويندي ڏٺي هئي. هن اڏاوت کان هڪ سو ڏهه فوٽ اولهه ۾ 168 x 45 فوٽ جي هڪ ٻي به چئن ڪمرن سان پٿرائين اڏاوت آهي. ڪمرن ۾ وڃڻ لاءِ اوڀر طرف کان دروازا آهن. پٽيون ٥ فوٽ موڪريون ۽ ٦ فوٽ اوچيون آهن. هن اڏاوت جهڙيون اڏاوتون اسان اڳي به ڏٺي، پوکران (پوکڻ) ۽ ٻين جاين تي ڏسي چڪا آهيون. پر هيءَ اڏاوت مندر[2] سان گڏ آهي.

## ٽروڪ پرسان تاريخي ماڳ

ڪپات کان ڏکڻ ـ اوڀر طرف اٽڪل ٢ ١/٢ ميلن جي پنڌ تي ساڳي قسم جي ڪنڊرن جو مچلو آهي. انهن مان مکيه اڏاوت جي ماپ 294 x 46 فوٽ آهي. ڪل ست ڪمرا اٿس. وچون ڪمرو، اوڀر ۽ اولهه طرف تي گهٽ

1. *Journey*, Vol.II, p.156 and sketch on p.157.
2. The remains at Kapat seem to be identical with those noticed by Captain Predy in 1853. *Jour. Bom. R.A.S.*, Vol. V, p.359 and Pl. V, fig.4.

ٻاهر تي نڪتل آهي. تنهن ڪري اڏاوت ٽياس Cross وانگي لڳي ٿي. وچون ڪمرو ٻين ڪمرن جيان اوپر تي کلي ٿو. مگر ڪيس ٽي دروازا آهن. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته هيءُ ڪمرو سڄيءَ اڏاوت ۾ وڏي اهميت رکندو هوندو. ٿي سگهي ٿو ته اها ڪنهن مهنت جي مڙهي هجي. هتان اهڙي ڪابه شيءِ ڪانه لڌي، جيڪا اڏاوت جي حيثيت تي روشني وجهي سگهي. فريئر[1] ڪجهه وقت اڳي هن قسم جو اشارو ڏنو هو ته ڪراچي، ڪوٽڙي ۽ سيوهڻ واري رستي تي اهڙي قسم جون اڏاوتون جام ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. اهو ڪو ناممڪن ناهي ته اهڙين گهٽين جاين جي ٺاهڻ جو مقصد پانڌين ۽ ڀيڙين کي آساس ڏيڻ هجي. اها ڳالهه به ڌيان ۾ ضرور رکبي، ته هن قسم جون اڏاوتون هرو ڀرو پٿر جي ڀاساڙن ۽ ٻين شين جيان، تاريخ کان اڳ واري دور سان تعلق رکنديون هجن.

### آملاٽو

اسان هن ويران ۽ بيابان علائقي مان اڪري وچي ملير نئن جي اوڏو پياسون. اها نئن هڪدم اسان جي نظر اچي وئي ۽ ويرانيءَ جهڙو ڏيک ختم ٿي ويو. مول ۽ ملير نين جي سنگم وٽ، ڪراچيءَ کان ٢٧ ميل پري آملاٽو نئن آهي. هتان کان هڪ رستو تاريخ کان اڳ واري ڪنڊرن وچان گذري ٿو. ان جو متاڇرو رستي کان ٥ فوٽ مٿي آهي ۽ ڪنڊرن جي ايراضيءَ ۾ روڙي جام پکڙي پئي آهي. هاڻي گهر ته نظر ڪونه ٿا اچن، پر ضرور پٿر جي پيڙهه وارين ڀتين مٿان ٺاهيا ويا هوندا. ڀتين جي اهڙين پيڙهين جا نشان چوڌاري ڏسي سگهجن ٿا. ڪنڊرن جي پنجهوءَ ۾ ٺانون جون ٺڪريون، مٽيءَ جون پڪل شيون، ٻاراٽيون راند ـ گاڏيون يا ٻيون اهڙيون شيون جيڪي ٽامي جي دور واريون آهن، سي هتان لڌيون. اسان هتي ڪاهيون کوٽائي وڏيڪ کوجنا ان ڪري نه ڪرائي سگهيا سون، جو سڀ ڪمي ضروري سامان سميت ٿاٽي بولاخان ڇڏي آيا هئا سون.

### منگهو پير ۽ بند مراد

٢٦ جنوريءَ تي اسان ڪراچيءَ مان منگهو پير پهتاسون ۽ هن علائقي

---

.1 The remains at Kapat seem to be identical with those noticed by Captain Preedy in 1853. *Jour. Bom. R.A.S.*, Vol. V, p.358.

۾ ١١ ميلن اندر جاچ پڙتال ڪندا ڦرندا رهيا سون. هن سفر جو مقصد ڪراچي ۽ منگهوپير جي وچ تي هڪ ڪنڊر جو پتو لڳائڻو هو. جنهن متعلق مسٽر ڪارليس T.G.Carless ١٨٨٨ع ۾ ڪراچيءَ جو بيان لکندي پنهنجي پاران هڪ حوالو قلمبند ڪيو هو. ڪارليس لکي ٿو: " هڪ ڪلاڪ جي سواريءَ کان پوءِ اسان هڪ ٽڪريءَ جي ڪچ ۾ اچي نڪتا سون. سندس اوچائي ٨٠٠ فوٽ ٿيندي. اسان اتان هڪ جابلو نئن جو گٽ ڏٺي اکريا سين. ان جي شڪل صورت مان سمجهيو سون تہ وسڪاري جي رت ۾ هيءَ پاڻيءَ جي وڏي وهڪري واري نئن هوندي. اسان ڪيترين وادين مان لنگهياسين، جن جي چوڌاري ننڍيون ٽڪريون هيون. هڪ سوڙهيءَ ماتريءَ مان لنگهي، اسان هڪ دڙي تي پهتا سون، جنهن ۾ پٿر جون اڏاوتون ڏسڻ ۾ آيون. مون کي ٻڌايو ويو تہ هن دڙي ۾ ملڪ جي قديم راجا جي دولت دفن آهي. هاٿي هتي دولت تي پهري ڏيڻ واسطي ديو ۽ جن رهندا آهن ۽ ڪنهن کي بہ اها دولت ڪڍڻ ڪونہ ڏيندا آهن. هي ڪنڊر ڏسي ڪلاڪ سوا کان پوءِ اسان هليا ويا سين. آخرڪار هڪ اهڙي علائقي ۾ پهتاسين جتي جهرٽا جام هئا." [١] هن حوالي جي ڪڍ لڳي اسان هن جي گهٽي جاچ پڙتال ڪئي، پر مٿئين حوالي سان هڪ جهڙائي رکڻ وارو ڪنڊر اسان ڳولي ڪونہ سگهيا سين. ٻئي ڏينهن صبح جو اسان بند مراد خان کان هب نديءَ ڏانهن روانا ٿيا سون، جيڪا سنڌ ۽ لس ٻيلي واري جام جي رياست جي دنگ تي آهي. بند مراد خان کان ڪراچيءَ ڏانهن موٽندي اسان کي هڪ ٻروچ ڏنار مليو، جنهن اسان کي منگهي پير جي ڏکڻ ۾ هڪ ڪنڊر متعلق ٻڌايو، جنهن جي مٿاڇري تي گهٽو ٺڪرانو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

### اورنگي

ڏنارَ اسان کي جنهن جاءِ جو ٻڌايو هو، ڪراچيءَ کان ستين ميل وٽ ۽ منگهي پير واري رستي کان سر اولهہ آهي. هيءُ علائقو نقشي ۾ اورنگيءَ جي نالي

1. *Selections from the Records of the Bombay Government, No.XVII, New Series*, Part I, p.204.

سان سڏيو ويجي ٿو. ڪجين جي جهڳٽن جي پاسي مان هڪ جهرٽوشوشات ڪري پٿر جي تلاءَ ۾ وهي رهيو هو ۽ اهو وري هڪ واهيءَ رستي اڳتي پنهن ڏانهن ويجي رهيو هو. زمين وارياسي هئي منجهس گاه جام ڦٽل هو. ڪاٽي پٿر جا پاساڙا نظر اچي رهيا هئا. (PlXL.53, 54) اڏاوتن ۾ استعمال ٿيندڙ پٿر به پڪڙيو پيو هو. جيڪو اسان عام طور تي اولهه سنڌ جي ٺڪرائٽن علائقن جي کنڊرن ۾ ڏٺو هو. ٺڪرائتو به جام هو. پر تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪونه تي ڏٺو. انهن مان ڪن ٺڪرين جو تعلق جديد دور سان هو. اتان اسان کي چينيءَ جي ٿانون ۽ شيشي جا ٽڪرا به مليا. تنهن ڪري اسان سمجهيو ته هيءُ کنڊر تازي دور سان تعلق رکي ٿو. پٿرن جي اوزارن جي موجودگيءَ مان اسان اهو اندازو لڳايو ته تاريخ کان اڳ واري وستيءَ مٿان تازي دور واري آبادي وسائي وئي هئي. امڪان اهو آهي ته جنهن دڙي متعلق تي. جي. ڪارليس اشارو ڏنو هو. شايد هيءُ اهوئي دڙو هجي. کوٽائي ڪرڻ کان سواءِ اورنگيءَ جي هن دڙي متعلق ڪجهه به پڪ سان چئي ڪونه ٿو سگهجي، ته هن دڙي جو سنڌ جي پين ثقافتي ماڳن سان ڪهڙو تعلق هو. هن ماڳن واري جوءِ، سا واهيءَ کان ٨ فوٽ ڪن مٿي آهي. مٿاڇري وارو تازي دور سان لاڳاپيل تهه پري ڪرڻ کان پوءِ تاريخ کان اڳ واري دور بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي. هي کنڊر سمنڊ کان تمام ٿورن ميلن جي مفاصلي تي موجود آهن. تنهن ڪري هن کي سنڌ جي ڏکڻ ۾ تمام آخري کنڊر چئي سگهجي ٿو، جنهنکي تاريخ کان اڳ واري دور جي انتها چئجي ته صحيح ٿيندو. ڏسڻ ۾ جيتوٽيڪ غير اهم نظر اچي ٿو پر اورنگي، ان سنگهر جو هڪ ڪڙو هوندو، جنهن هندستان کي ايران سان ملايو ٿي. ان سنگهر جو پيو ڪڙو پرسان لس پيلي واري ايراضي سمجهڻ کپي. هن دڙي جي اچا تائين کوجنا ڪانه ڪئي وئي آهي. پر اسان کي پڪ آهي ته هي ماڳ هن ملڪ جي قديم ۽ مشهور تجارتي مارڳ جو هڪ شهر هوندو.

## واپسيءَ جو سفر

٢٨ فيبروريءَ تي اسان موٽي اچي ٿاٽي بولا خان واريءَ واٽ ۾ پهتاسون. جتي اسان هفتو کن لڏل شين جي وچور بٺائڻ ۽ کين ترتيبوار گڏ ڪري موهن جي دڙي ڏانهن موڪلڻ لاءِ هڙن ٻڌڻ ۾ گذاريو. ٧ مارچ تي اسان جي سات ڪوٽڙيءَ ڏانهن سفر لاءِ ساڏاريو. اهو ڪجهه پنڌ ٽڪرين جي وچان ڪجهه نئن باران جي پيٽ مان، داروت جي لڪ مان (Pl.XX.*f*) لنگهي ڪوٽڙيءَ واري ميداني علائقي ۾ پهچي ٿو. پورا ١١ ميل پنڌ ڪري اچي جهانگريءَ جي ڊاڪ بنگلي ۾ لٿاسين ته جيئن ڊيلاڻي جي ڪوٽ جي تپاس ڪري سگهون. اهي ماڳ جهانگريءَ کان اتر - اوڀر جي ڪنڊ تي چار ميل کن پري باران نئن جي ڪناري سان هئا.

## ڊيلاڻيءَ جو ڪوٽ

ڊيلاڻيءَ جي ڪوٽ وارا ڪنڊر، لڪيءَ جي ٽڪريءَ جي چڪ تي، باران نئن جي تري کان ٧٠ فوٽ اوچائيءَ تي موجود آهن. ٥ فوٽ موڪر وارين پٿين جا ننڍ ڪاٽي ڪاٽي اڃا سلامت آهن. اها تباهي باران نئن جي ڪري ٿي هوندي. برسات جي رت ۾ هيءَ نئن پاڻيءَ جي وڏي وهڪري سان هر سامهون ايندڙ شيءِ کي تباه ڪندي وڃي سنڌوءَ ۾ پوندي آهي.سڄي مٽاچري جي هيٺ اونهائي ٣ فوٽن کان مٿي ڪانه هئي. سڄي ايراضي اڏاوتن جي ڪم آيل پٿر ۽ ٺڪرين سان چٽڪمريءَ لڳي پئي هئي. اهي ٺڪر لسي ڪني وارا rimless ٿانو هئا. اتان پٿر جا اوزار پاساڙا (Pl.XL, 45, 52) لڌا. ٺڪر جو ٿانو ڪنهن چٽساليءَ کان سواءِ يعني لسو هو. پر مٿن اهڃاڻ ضرور موجود هئا، ته ڪڏهن اهي چٽيل ضرور هئا.

## ڪوٽڙيءَ ڏانهن

ٻيءَ شام جو اسان ڪوٽڙيءَ ڏانهن سفر جو سانباهو ڪيو. جهانگريءَ کان ڪوٽڙي ٢١ ميلن جي پنڌ تي آهي. رستي ۾ هڪ ڏبي کان سواءِ ڪاٽي ٻه

پاڻي نظر ڪونہ آيو. ان ڍبي ۾ تازي پيل مينهن جو پاڻي بيٺل هو. ڪوٽڙيءَ ڏانهن ويندڙ رستو جابلو هو. سڄو علائقو خشڪ ۽ ويران لڳو پيو هو. رستي ۾ ڪوبہ ڳوٺ نظر ڪونہ آيو. ڪجهہ ڏنار سو ڏناسين جيڪي ٻڪرين جا ڌڻ چاري رهيا هئا. ڪي راهہ ويندي ماڻهو ٽڪريا جيڪي ڪوٽڙيءَ ڪان موٽي پنهنجي ڳوٺن ڏانهن وڃي رهيا هئا. يا وري پاڻ وهيٽا اوٺا وڳ ڏناسون. اسان جي لاءِ اها وڏيءَ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي جو ڪوهستان جي برپٽ بيابان علائقو پوئتي ڇڏي، جرڪندڙ شهر ڪوٽڙيءَ وٽ اچي نڪتا سون ۽ پري ڪان افق جي سامهون ڪوٽڙيءَ جي پل جي دڦ صورت نظر آئي ۽ ان وقت ڏاڍي عجيب غريب ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. هتي اسان کوٽائي ۽ کوجنا وارو ڪم پورو ڪيو. ڪجهہ ڏينهن موهن ۾ ترسي پوءِ سملا روانا ٿي ويا سون.

●

# باب نائون

## عام مشاهدا/ رايا

پورين صفحن ۾ گذ تيل حقيقتن مان اسان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا ته تامي واري دور ( چار يا ٽي هزار سال قبل مسيح )[1] سنڌو ماٿري يا ان جي اولاهين پاسي رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي.اها راءِ هڪ اندازي موجب قائم ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جو اڌ. لس ٻيلي جي رياست، سڄو پنجاب ۽ سڄو سارو راجپوتانا تپاس ۽ کوجنا کان رهيل آهن. بلوچستان ۾ ٻه ٽورين جاين تي ڪنهن طريقي سان کوٽائي ٿي آهي ۽ اتان جي مختلف ٿهن جي جاچ پڙتال ڪئي وئي آهي. هن ڪتاب جي مصنف سنڌ جي تامي جي ثقافت ۽ ڏکڻ بلوچستان[2] واري سر ارل اسٽين جي تپاسيل ساڳي دور جي ثقافتن کي پاڻ ۾ لاڳاپيل ڏيکاريو آهي. هن عظيم ثقافت جي اتر ۽ اوپر وارين حدن متعلق اسان کي ڪابه خبر ڪانه آهي. اها هڪ چٽي حقيقت آهي ته ڏکڻ ـ اولهه واري پاسي سنڌ جون حدون عربي سمنڊ تائين هيون. اولهه پاسي اورنگي ۽ آملاڻو. اوپر پاسي گجي پرسان نارو واري ٽڪري ۽ ليمون جوڻيجو، هن ٽڪنڊي جي چڙ ته مٿين ڪنڊ آهي. اهي ماڻهو جن جي ثقافت تپاس ڪري رهيا آهيون، سي هن علائقي، سنڌو ماٿري، سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪپ تي موجود اتر کان ڏکڻ پکڙيل جابلو علائقي ۾ رهندا هئا. مذڪوره ايراضيءَ ۾ تپاسيل ماڳ ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. هڪڙا ماڳ اهي آهن، جتي ماڻهو رهندا هئا. ٻيا اهي ماڳ آهن، جتي پٿرن مان اوزار ناهيندڙ ڪاريگرن پنهنجي صنعتي علائقي کي قائم ڪري ڏنڊو شروع ڪيو هو. پوئين قسم جا ماڳ گجي پرسان نارو ٽڪري،

1. Regarding dates *see* Marshall, *Mohenjo-daro*, Vol. I, pp.103-04, and Mackay, *ibid.*, p.334.
2. For his report *see A.S.I.*, No.43.

ٻنڌٽي، مليري ۽ روهڙيءَ واريون ٽڪريون آهن. آمري، لوهم، چانهوءَ ۽ موهن جي قديم شهر کي جيڪڏهن غور سان جاچي ڏسبو ته اهي سنڌوءَ جي ڪناري سان وسيل هئا. اهو به امڪان آهي ته موجوده زماني جي برخلاف، قديم دور ۾ درياه وڏو چڪر ڪاٽي چانهوءَ جي ڀرسان وهندو هجي، پر درياه جو عام رخ اهوئي ساڳيو رهيو.سنڌي ماڻهو سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي پهچ وارن علائقن ۾ آباد هئا. ان ڪري نيل جي ماترِيءَ مصر جيان يا دجله ۽ فرات جي ماترين سمير ۽ بابل جي ماڻهن جيان سنڌ واسي زراعتي ذهن رکندڙ هئا. پر سنڌي انهن بدقسمت ماڻهن جي ظلم جو شڪار رهيا، جن وٽ قدرتي نعمتون ڪونه هيون. جابلو ماڻهن به مٿن حملا ڪيا. سنڌوءَ به سندن آبادين کي ٻوڙي ناس ڪري ڇڏيندو هو. جابلو علائقن ۾ ڪيتي تمام گهٽ ٿيندي هئي.زمين جي ننڍڙين پٽين ۽ اڪيلن ٽڪرن کي آباد ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. اها به وسهڻ جوڳي ڳالهه ڪانه آهي، ته جابلو سخت زمين ضرورت مطابق ڪين روزگار مهيا ڪندي هئي. هو پاڻيءَ لا جا به ذريعا، هڪ جهرڻن جو ٻيو مينهن جو پاڻي پيئڻ ۽ آباديءَ لاءِ استعمال ڪندا هئا. جهرڻن جو پاڻي موجوده زماني جيان واهين ذريعي آباد زمين تائين آڻيندا هئا. تنهن ڪري اهو سياويڪ ڀانئجي ٿو ته سندن وسنديون جهرڻي ۽ نئن جي سوليءَ پهچ ۽ دائمي موجودگي جي ڀرپاسي قائم هونديون هيون. انهيءَ ڪري اسان سمجهون ٿا ته ماٺهو، پوکڻ، غازي شاه، دمب بني، ٻنڌٽي ۽ چاڙو ۾ سنڌوءَ کان پري ڇو وستيون جوڙي ويٺا هئا. انهن مان گهٽين جاين تي سندن گهر ٽڪرين جي چوٽين تي اڏيل هوندا هئا ۽ اهي سنڌوءَ جي ڀرسان آباد ماڻهن کان وڌيڪ محفوظ هئا. ٻي اهم ڳالهه اها به هئي ته سنڌوءَ جي اٿل جي آپدا کان پري هئا.

پر جابلو علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو درياه جي کليل ميداني علائقن وارن ماڻهن کان وڌيڪ غريب هئا. موهن جهڙو مشهور شهر، ڏاکرو علائقي ۾آباد ٿي نه سگهي ها، ڇاڪاڻ ته اتي هر شيءِ جي تنگي هوندي آهي. اهڙا شهر ته اتي آباد ٿيندا آهن، جتي زمين گهٽي ۽ پلي هجي ۽ سنڌوءَ جهڙي درياه تي آباد

ٿيندڙ هجي. جابلو علائقن ۾ حالتون اڳي به اهڙيون هيون، جهڙيون اڄ ڪلهه واري دور ۾ اسان ڏسون ٿا. هن علائقي ۾ اوهيڙن جي اوڪ ۽ وڏڦڙئي جو وسڪارو جام ٿيندو هو ۽ زمينون به وڌيڪ آباد ٿينديون هيون. اسان کي اهڙي ثابتي شهرن جي گهٽين ۾ گند ٿيل پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ بندوبست مان ملي ٿي. موهن ۾ مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ نول PIPES (نارا) ۽ ڪسيون ناهيل آهن. مهرن ۾ چيتي ۽ گينڊي جون تصويرون ملن ٿيون، جيڪي برسات وارن ملڪن جا جانور [1] آهن. موهن جي ٿانون تي اوپڙ جي طرز جي چٽسالي موجود آهي يا هن ماتريءَ جي ٻين جاين تان پڻ ملي آهي. قديم آثارن جي مليل مواد مان اهو نتيجو سولائيءَ سان ڪڍي سگهجي ٿو ته سنڌ، بلوچستان، سيستان، ڪيسپين سمنڊ کان هن پار وارن ملڪن، وچ ايشيا جيان لڳاتار خشڪساليءَ جو به شڪار رهي آهي، پر تمام ٿوري وقت لاءِ.

جيتري قدر اولهه سنڌ جي تبديلين جو تعلق آهي، ته انهيءَ لاءِ به ڪي حقيقتون آهن، جن ڏانهن آءٌ اوهان جو ڌيان ڇڪائيندس. جيڪڏهن اوهان سنڌ جي نقشي (Pl. 1) تي هلڪي نظر وجهندا، ته اوهان کي نظر ايندو ته اولهه سنڌ واري علائقي ۾ تاريخ کان اڳ وارا ماڳ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجها آهن ۽ انهن ڪيرٿر جبل سان پور وِچوٽ تي پنهنجي سلسلي جو چڻ هڪ زنجير بنائي ڇڏيو آهي. ڪنهن به پراڻي ماڳ کي ٿامي جي دور کان پوءِ وري ٻيهر وسائڻ جا اهڃاڻ ڪونه مليا آهن. اڄ انهن مان گهڻن ماڳن جي ڀرسان ڪا به مستقل وستي يا ڪو پڪو ڳوٺ ڪونه رهيو آهي. ويجهي ڇڪ اندر تمام گهٽين وستين کي آباد ڏسندي اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هيءُ علائقو، موجوده زماني کان پراڻي دور ۾ آدم شماريءَ جي لحاظ کان وڌيڪ آباد هو. ڪيرٿر جبل ۽ حب نديءَ جي اولهه پاسي، بلوچستان جي مڪران ۽ جهلاوان ضلعن ۾ سر ارل اسٽين به کوٽايون ۽ کوجنائون ڪري تاريخ کان اڳ وارن ماڳن جو سلسلو ڳولي لڌو آهي. ڪيترن ماڳن تان ڪيس خشڪ سالي [2] يا ڏکر جون ثابتيون به مليون آهن.

1. *Mohenjo-daro*, Vol. I, pp.2, 5-6.
2. *Mem. A.S.I.*, No.43, pp. 34, 132, 186.

سيني حقيقتن کي ملائي ويچاربو تہ اسان کي اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ اولهہ سنڌ جي ماڳن تان جيڪا لڏ پلاڻ شروع ٿي، تنهن جو سبب مينهن جو نہ پوڻ ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ هئي. ڌرت ۽ ڌڪار جي ڪري ماڻهو هوريان هوريان پنهنجا اباڻا ڪک تر ۽ تڏا ڇڏيندا، ڌڻ ڌڪيندا سنڌوءَ جي پسايل پٽن تي اچي اجها اڏيندا رهيا. جاتي ويءَ ۽ ولهار هئا، ۽ جاتي گسن تي گلزاري لڳي پئي هئي. اتي پهچي هُو پنهنجا ويڙها وسائي ويهي رهيا.

سنڌين جي رهائشي طرز، موهن مان کوٽي لڌل جاين جي اڏاوتن کي ڏسي، قائم ڪرڻ کپي. هتي اسان کي سڀ جڳهيون پڪيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. کن هنڌن تي تہ هڪ ماڙ کان وڌيک بہ ماڙ ۽ تہ ماڙ بہ نهيل لڳن ٿيون. ان جي برخلاف تڪرين تي پڪي سر نظر ڪانہ ٿي اچي. اتي جاين جون بہ ٽي فوٽ پيڙهيون پٿرن سان جوڙيل آهن. پٿرن جي گهڙائي گهٽ ٿيل آهي ۽ اوساري مٽيءَ جي گاري سان ٿيل ڏسجي ٿي. هيٺ آئرن ۾ گهٽو ڪري روڙي ڪتب آندي وئي آهي. مٿين اڏاوت ڪچي هوندي. ڇت ڍڪڻ لاءِ ڪاٺ ڪک ۽ ڪانا ڪتب آندا ويا هوندا. جيڪڏهن اهي جڳهين جي مٿينءَ اڏاوت ۾ پٿر استعمال ڪن ها، تہ اسان صفائي ڪرڻ وقت پراڻين پٽين جي ڻُنڍن پرسان پکڙيل پٿرن جا ڍير ڏسون ها. پر اهڙي قسم جا پٿر وغيره اسان کي ڪنهن قديم ماڳ تي نظر ڪونہ چڙهيا. جيستائين ڇت جو تعلق آهي تہ اسان کي ان بابت بہ ڪا معلومات ڪانہ آهي. موهن ۾، هڪ گهر جي صفائي ڪرڻ وقت اسان کي اڌپڪل مٽي ڏسڻ ۾ آئي، جنهن تي ڪانن جا نشان هئا. هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ گهرن ڇتڻ ۾ ڪانا ۽ تِٽا رکي مٿان گپ جو گارو ڏيندا هئا. گهرن ۾ ويرين ڏيڻ واسطي بہ اهڙو ساڳيو مواد ۽ طريقو استعمال ڪندا هئا. جيڪو سنڌ ۽ عراق ۾ اڄ سوڌو استعمال هيٺ آهي. سنڌ ۾ تڪرين تي اڏيل گهرن جي ڇتين کي ساڳي شين مان بنايو ويندو هو. بلوچستان جي پراڻن ماڳن مان بہ اهو ساڳيو ڇتڻ جو طريقو لڌو ويو آهي، جيڪو ٽامي جي دور ۾ رائج هو.

اولهہ سنڌ جي ٻن ماڳن، علي مراد ۽ ڪوهہ تراس مان اها ثابتي ملي

آهي، ته هتان جي ماڻهن کي کوٽن ( قلعن ) اڏڻ جي ڄاڻ به هئي. هن ڳالهه ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي، ته اهي ٻئي قلعبند ماڳ هئا. علي مراد جي ڊڙن واري قلعي جي پٽ ۾ رکو پيڙهين ۾ پٿر ڪتب آندو ويو هو. پر کوه تراس جي قلعي جي پٽ سڄي ساري پٿر مان جوڙيل هوندي. موهن يا هڙاپا مان پٿر جون اهڙيون پٽيون ڪونه لڌيون آهن. سنڌ جي ميداني علائقن ۾ پٿر سولائيءَ سان ملي ڪونه سگهندو آهي. تنهن ڪري گهرن جي اڏاوتن ۾ ان جو استعمال ڪونه ٿو ڏسجي. البت پاڻيءَ جي نيڪال وارين گندين ڪسين کي مٿان ڍڪڻ لاءِ پٿر ضرور استعمال ڪيل ٿو ڏسجي.

منڇر ڍنڍ ۾ اندر يا اوسي پاسي گهرن جي اڏاوتن جا مختلف نمونا نظر اچن ٿا. ڪناري تي نهارڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته ڍنڍ جي ماڻهن جي رهائش ٻئي قسم جي هئي. ڍنڍ وارن ماڳن تان اسان کي اڏاوتن ۾ نه ته پٿر مليو آهي، ۽ نه وري پڪي سر استعمال ٿيل ڏسڻ ۾ آئي. پر اتي رکو ٺڪر جا ٿانو يا پٿر جا اوزار درياهي لٽ ۾ پوريل نظر آيا. جيڪا اها هڪ اهم ڳالهه آهي. هن حقيقت مان اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو، ته منڇر ڍنڍ جا رهاڪو يورپ جي ڍنڍن جي رهاڪن جيان سوڙهه ۾ گذاريندا هئا، يا اهي ڍنڍ جي بلڪل وچ ۾ رهندا هئا، يا ڍنڍ جي ڪچ ۽ ڪناري سان سندن جهوپا جوڙيل هوندا هئا. منڇر جي قديم مهاڻن جون مياڻيون اهڙيون هيون، جهڙيون منڇر جي هاڻوڪن مهاڻن جون آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اهي وسٽيون تاريخ کان اڳ واري دور کان وٺي اڄ تائين زنده رهنديون پيون اچن. اسان فقط سنڌ جي ڍنڍن وارن ماڳن مان لڌل ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ مان ٽامي جي دور سان لاڳاپيل سڄي هندستاني مهاڻن جي زندگيءَ جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. اسان کي مڇيءَ جي شڪار سان لاڳاپيل ڪوبه اوزار هٿ نه لڳو آهي. پر امڪان اهو آهي ته ترهيني ۽ شاهه حسڻ مان لڌل پٿرن جا ننڍڙا پاساڙا مڇي مارڻ جي ڪنڊي ۽ نيزي طور استعمال ٿيندا هوندا.

ٺڪرين جي چوٽين تي رهندڙ جابلو ماڻهو يا منڇر جي وچ يا اوسن پاسن ۾ پڪن ۽ پيهن ۾ جاليندڙ پاڻيءَ جا پونئرا يا سنڌوءَ جي ڪنڌين ڪنارن

سان گهاريندڙ ڏنار ۽ ميهار يا پسايل پڊن پٽن تي کيٽ کيڙيندڙ هاري ناريءَ جي رهڻي ڪهڻي ۽ سوچ الڳ هوندي به ڪنير جي چڪ جا تيار ٿيل ٿانو هڪ جهڙا ڪتب آڻيندا هئا. چڪ جي ٿانون سان گڏ اسان کي هٿ سان ناهيل گهاڙ جا ٿانو به ملن ٿا. پر اهي ڪن خاص حالتن هيٺ جوڙيا ويا هوندا. جيئن لاشن سان گڏ پورڻ وارا ٿانو، جن کي اسان دمب بنيءَ واري دڙي ۾ ڏسون ٿا جيڪي ڪنهن خاص دور سان لاڳاپيل ڪونه هوندا آهن. اهي ٿانو جيڪي دڙن يا قبرن مان مليا آهن، سي گهاڙ ۽ ڪاريگريءَ جي لحاظ سان ڪنهن خاص انساني گروه سان تعلق ڪونه ٿا رکن. شايد ائين چوڻ ۾ به صحيح نه هجون ته ٿانون جو جدا جدا گهاڙ هڪ ئي وقت موجود هو. اسان جون هي ثابتيون ۽ شاهديون خود ٿانون مان ئي ورتل آهن. ان لحاظ سان جيڪي به ٿانو هن وقت تائين لڌا ويا آهن، تن کي ترتيب وار ورهائڻ تمام ضروري آهي.

پهريون سنهي وڙ وارو پوري يا هلڪي ڳاڙهي رنگ جو ٿانو آهي، مٿانئس اليڪي چٽسالي ٿيل آهي. سنڌ ۾ ڦڪي ورن ۽ ٽن رنگن جي چٽسالي وارو ٿانو سنڌوءَ جي ڪناري واقع آمريءَ[1] جي دڙي مان پهريون پيرو اسان کي مليو آهي. ان کان پوءِ لوهري، منڇر جي ڪيٽرن ماڳن ۽ اولهه سنڌ جي جابلو علائقي جي ڪيترن دڙن جهڙوڪ: پانڌي واهي، دمب بني، پنڌٽي ۽ چاٽڙن مان به مليا. مٿن چٽسالي ڪاري يا ناسي رنگ ۾ ۽ ڳاڙهي يا هلڪي پوري ڏاءَ يا رڳو ليئه تي ٿيل آهي. عام طور ڳاڙهسرو پورو پنو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڪڏهن ورِي ان سان گڏ ڪارو يا ناسي پٽو به موجود آهي، جيڪو چٽ گهڻن رنگن وارو تاثر ڏئي ٿو. موجوده ياداشتن Memoirs ۾ هن ورن واري ٿانو کي گهڻ رنگائون ٿانو ڪونه سڏيو ويو آهي. نال جي وڏيڪ سٽريل ۽ گهڻ رنگائن ٿانون جي پيٽ ۾ هن کي ٻن رنگن وارو ٿانو سڏيو ويو آهي. ته واري رنگ کي

1. A am grateful to Sir John Marshall (*Mohenjo-daro*, Vol.I, p.92 n.3 and p.100) and Prof. V. Gordon Childe (*Nature*, Nov. 18, 1933, p.790) for having drawn the attention of scholars to my discoveries at Amri.

ويچار هيٺ ڪونہ آندو ويو آهي. ڳاڙهسرو پورو پٽو ان جو بنيادي رنگ آهي. مينگنيزميزس جي لوهہ وارين ڪاٺين مان ملندڙ گيڙو مٽيءَ (ڳيرڙي* ) کي ٺانو جي ڳاڙهسري پوري رنگ لاءِ ڪتب آندو ويندو هوندو. جڏهن ڪاڻ ۾ منيگنيز (ڳيرڙي ) وڌيڪ هوندي هئي تہ ٺانون تي ناسي رنگ اچي ويندو هو. اڪيلي مينگنيز (ڳيرڙي ) جي استعمال ڪري ڪارو رنگ ظاهر ٿي پوندو هو. ٺانو جو پورو رنگ آويءَ[1] ۾ اڻ پوري باه هجڻ ڪري ٿيو آهي. ٺانون تي موجود ڪچي رنگ جي چٽسالي ڏيان ڏيڻ جوڳي آهي، جيڪا ٺانون پچائڻ کان پوءِ ڪين ڏني ٿي وئي. هن قسم جا ٺانو گهٽو لسن ڪنن[2] وارا آهن. انهن مان گهڻائي چهنبدار ۽ سادن ڪپن جي آهي. انهن جا خاص ٻہ وڙ آهن. هڪڙن جا پاسا بلڪل سڌا ۽ چپ ٿورا ٻاهر تي نڪتل آهن، ٻين جا ڪلها سڌا، ترا اياٺا ۽ ڪنا لسا آهن. تاريخ کان اڳ واري دور سان واسطو رکندڙ ماڳن تان جيڪي چٽيل ٺانو لڌا آهن، تن مان گهڻائي هن قسم جي ٺانو جي آهي.

تنهن کان پوءِ اسان ٿلهي وڙ جا رءِ پڪل ٺانو لڌا. ڳاڙهي لسي ڌاءَ تي ڪاري چٽسالي ٿيل هئي، جيڪي هندستان جي ڳاڙهي ۽ سونا گيڙو رنگ جي وچ تي هئا. مٿين ڳاڙهو رنگ، جيئن اسان مٿي چند چاڻ ڪري آيا آهيون تہ لوهہ واريءَ ڳاڙهيءَ مٽيءَ ۾ آڪسائيڊ جي وڌيڪ هجڻ ڪري ٿيهي پوندو آهي. چٽساليءَ جو ورن گڏيل يعني اليڪي ۽ گل ٻوٽي وارو مليل آهي. پر هن وڙ جي ٺانو تي اليڪي چٽسالي تمام گهٽ نظر اچي ٿي. ٺانون جا وڙ ۽ ورن تمام گهڻا آهن. پر گهڻائي بنا چٽساليءَ جي سادن ٺانون جي آهي. عام وڙ[3]، لوٽيري

* ڪن جبلن مان ناسي رنگ جا روڙا ملندا آهن. انهن کي پاڻيءَ ۾ پسائي، ڪچن ٺانون کي ان جو رنگ ڏيندا آهن. (مترجم )

1. I am indebted to Dr. M.A.Hamid of the Archaeological Department for useful information regarding this matter. For the use of manganese as a material for colouring pottery, *see* L.L.Fermor, *The Manganese-ore Deposits of India--Mem. G.S.I.*, Vol. XXXVII, p.602, and *Mohenjo-daro*, Vol. II, p.686.

2. Above, p.28, and n.4.

3. *Mohejo-daro*, Vol. I, pp.293 ff.

تري وارا ٿانو يا پيٽ جي ٿوري حصي وارا ٿانو، اهي ٿانو جن جي ڪلهن تي هيٺان ليڪو نڪتل هوندو آهي. پڙڳيءَ تري سان ميوات جي ٿيلهي، تراڪڙي تري سان ڪُپا، ويڪرن منهن سان مٽ، جن مان ڪن جا ترا تراڪڙا ته ڪن جا ٺيپ ترا آهن، سوڙهي منهن ۽ ويڪرن ڪلهن وارا ٿانو. وٽ لڳل تري سان ڪونجا، لوٽيرن ترن وارا مٽ، تراڪڙن ترن وارا پيالا، وٽا، ڊگها مٽ جن جا منهن آهستي آهستي موڪرا ٿيندا تا وڃن. ڪڙن وارا پيالا، ڪڙو ٽنگڻ لاءِ ٿانو جي سوراخ ۾ ڦاسايل، ايا گول سوراخدار ٿانو وغيره. اهي گهر ۾ شين سانڍڻ واسطي ٿانو هئا. انهن ۾ وڏن منهن سان وينوڙا ٿانو يا سوڙهن منهن سان ڊگها هئا. ترا لوٽيرا ۽ پاٿمرادو بيهي ڪونه سگهندا هئا. ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارن ٿانون يا سادن ٿانون جو مکيه مرڪز موهن آهي. ڏيان ۾ رکڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته هتي لسن ڪنن rimmless ۽ لهنواري ڳچيءَ وارا ٿانو جام آهن. آمريءَ وارا ڇهنب سان پيالا هتي تمام گهٽ لڌا. اين ڪلهن وارا ٿانو ته هتان مورڳو لڌائي ڪونه. هر نقطهٔ نگاه کان پوري ورن وارا آمريءَ جا ٿانو موهن جي ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارن ۽ سندن ساٿين ٿانون کان بلڪل نيارا ۽ وکرا آهن.

ڪن جاين، جهڙوڪ، چانهوءَ جي هيٺئين تهه مان، غازي شاه، ڪرچات ۽ شاه جو ڪوٽڙو منجهان ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارا ٿانو جججهي انگ ۾ مليا آهن. وري اهڙا به ڪي ماڳ آهن، جتان چٽيل ٿانو بلڪل گهٽ مليا، پر اهي سادا آهن. بغير چٽساليءَ جي ٿانون جو وڏو انگ مليو آهي. موهن مان جيتري وڏي انگ ۾ ٿانو مليا، ان لحاظ سان چٽيل ٿانون جو انگ تمام گهٽ لڌو، ۽ گهٽائي اڻ چٽيل [1] ٿانون جي هئي. علي مراد ۽ لاکي وٽ اسان کي ساڳي ڳالهه سامهون آئي، هونءَ به موهن سان وستار واري هر ڳالهه ۾ سهمت رکن ٿا.

1. This fact has been duly noted by H. Frankfort in his *Studies of the Early Pottery of the Near East*, Part II, p. 187. *See* also Marshall, *Mohenjo-daro*, Vol. I, p.37.

وري چانهون، جتي اسان کي، هينان دبيل بہ تهہ مليا آهن، پر مٿين تهہ تان چٽيل ٺڪر تمام گهٽ مليو آهي. ٺڪر جي وڏي دولت اسان کي رڳو هيٺين تهن تان ملي. بلوچستان جي سڪتا جين دور نالي هڪ ماڳ مان موهن جي ٿانون جهڙا ٿانو مليا. هتي سر ارل اسٽين سادن ٿانون جي پيٽ ۾ چٽيل ٿانون جي اٿاٿ محسوس ڪئي.[1] انهن حالتن ۾ اهو چڱيءَ پر سمجهي سگهون ٿا، تہ پهرئين دور ۾ چٽيل ٿانو کي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ وڏو اگهاءُ هو ۽ هوريان هوريان ان جو چلامان گهٽجي ويو. غازي جي ماڳ جي هيٺين تهہ مان ڳاڙهي تي ڪاري ( ڏاند جي مورتيءَ وارو نمونو ) واري ٿانو سان گڏ ڦڪي وڙ جو ٻن رنگن وارو ٿانو لڌو، پر پانڌي واهيءَ ۾ سيني کان مٿان لڌو ويو ۽ تورو ٺڪر هيٺين تهہ مان بہ لڌو، جتان ڦڪي وڙ جو ٿانو[2] جام لڌو. هن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارو ٿانو گهٽي وقت کان وٺي ڪتب پئي آيو ۽ اهي ماڳ سنڌو سڀيتا سان لاڳاپيل ٿانون جا بہ مرحلا ڏيکارين ٿا. پهريون مرحلو ڦڪي ٿانو واري دور سان همعصر هو ۽ ٻيو مرحلو ان کان بعد شروع ٿيو. گهڻن ماڳن تان چٽيل ٿانو جي ملڻ پرکڻ کان پوءِ، موهن جي ٿانو کي اصولي طور پوئين دور جو هجڻ کپي، جڏهن تہ اتان جا ماڻهو دنوي معاملن ۾ گهڻو سڄاڻ ٿي چڪا هئا. اهي رءِ پڪل ڳاڙهي ٿانو کي اڻ پوري ڦڪي ۽ ٿاڪئين کان وڌيڪ پسند ڪندا هئا ۽ هوريان هوريان گهرو استعمال جي ٿانو کي بنا ڪنهن چٽساليءَ جي سادي وڙ ۾ وڌيڪ پسند ڪرڻ لڳا.

سنڌ ۾ ٻن قسم جي ٿانون جو سلسلو اهم آهي. چاڪاڻ تہ ان سان نال جي ٿانو جي اڻ سڌيءَ طرح جڻ ڪا تاريخ لاڳاپيل آهي، جيڪو موهن جي ثقافت کان جدا هڪ ٻيءَ ثقافت جو ٿانو هو. نال، نندر يا بلوچستان جي ٻين

1. *Mem. A.S.I.*, No.43, pp.64, 69. The kinship between the two sites would be evident (*ibid.*, Pls. VI-VII), *e.g.*, from the peculiar bird-shaped whistle, the receptacle having a handle pierced with a whole, barrel-shaped terracotta beads and the characteristic miniature pottery vessels, all these being common to Suktagen-dor and Mohenjo-daro.
2. Above, p.93.

شين کي ڏسي ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڪولي ۽ ميهي، دور جي لحاظ کان[1] نال جي پيٽ ۾ وڌيڪ پراڻا آهن. سنڌ ۾ جيڪي شاهديون مان ڪنيون ڪيون آهن، تن جي نقطئہ نگاه کان آمريءَ جا ٿانو موهن جي ٿانون کان وڌيڪ پراڻا آهن. هڪ طرف اسان آمري، ميهيءَ ۽ ڪوليءَ کي موهن کان آڳاٽي خاني ۾ رکون، ٻئي طرف نال کي موهن کان قديم بہ سمجهون، پر پوءِ بہ مليل شاهديون ايتريون ڪافي ڪونہ آهن، جو موهن ۽ نال جي تاريخي لاڳاپي جو فيصلو ڪري سگهجي.

سنڌ جي ٿانوَ تي ڌاريو اثر، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، سو اسان جي واسطي هڪ اهم سوال پيدا ڪري ٿو تہ ٿامي واري دور ۾ مغرب ۽ هندستان جا پاڻ ۾ تعلقات قائم هئا. ڪولي ۽ ميهيءَ مان لڌل ڪجهہ ٿانو جن تي سادي قسم جي اليڪي چٽسالي آهي، سي سيستان ايران ۽ عراق جي ٿانون جي چٽساليءَ سان ميل کائين ٿا. اهڙي قسم جا ڪولي ميهي ۽ اتر بلوچستان جي ژهوب ماتريءَ جا ٿانو آمريءَ جي ٿانون سان هڪجهڙائي رکن ٿا. پر ڪولي - ميهي ٿانو تي هڪ ٻي طرز اليڪي چٽساليءَ سان گڏ جانورن ۽ ٻوٽن جي چٽسالي[2] آهي. هيءَ چٽ آمريءَ جي ٿانون تي موجود ڪونهي، پر موهن جي چٽيل ٿانو ۾ هيءَ چٽسالي موجود آهي. تنهن ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ ميهيءَ جو ٿانو بہ سري اثر سان تعلق رکي ٿو ۽ ڪيس اولهہ ۽ ڏکڻ بلوچستان جي گڏيل ثقافت ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿو. غازي شاه جي ٿهہ مان لڌل ٿانون مان اهو محسوس ٿئي ٿو تہ سنڌو سڀيتا جي قديم مرحلي ۾ اهڙي قسم جا رابطا سنڌ جي اولاهين دنگ وارن علائقن سان بہ قائم هئا. سنڌ سڀيتا جو اهو مرحلو ڪولي - ميهي ثقافت سان همعصر هو. اهڙي ثابتي اسان کي ڊڳي ۽ وڻ واري طرز جي چٽساليءَ مان ملي، جيڪا ڳاڙهي ٿانو تي ڪاري چٽساليءَ ۾ موجود ٿن ماڳن تان ملي آهي. اهڙي قسم جي ڏاند واري چٽسالي اسان پانڌي

1. *Mem. A.S.I.*, No.43, pp.95, 102-03 and 144.
2. *Mem. A.S.I.*, No.43, p.122.

واهيءَ ۾ ڳاڙهي - تي - ڪاري چٽسالي واري ٿانو تي هيٺيئين تهه مان لڌي. واهي پانڌي جو ثقافتي مرڪز غازي شاه کان پري ڪونه آهي.

مسٽر اسٽين ژهوب ماٿريءَ جي پيريانو- گهنڊاٿي ۽ مغل گهنڊاٿي جي ماڳن تي تپاس ڪئي آهي. ٿانون جي چٽساليءَ جي ساڳيءَ طرز جي نقطئه نگاه کان، ڪين سيستان سان ملائي سگهجي ٿو. ٿانون جي هڪجهڙي وڙ ڪري ڪين پاڻ ۾ ڳنڍي سگهجي ٿو.[1] ژهوب ماٿريءَ جي ٿانون جي آمريءَ جي ٿانون سان تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي. جيستائين شڪل ۽ صورت جو تعلق آهي، ته اسان انهن جي پيٽ ۾ اينائو Anau مان لڌل لسن ڪنن ۽ ڊگهن پاسن وارن ٿانون کي پيش ڪري سگهون ٿا، جن تي اليڪي چٽسالي ٿيل آهي ۽ چيو وڃي ٿو ته اهي ثقافت جي پڇئي تهه سان واسطو رکن ٿا.[2] چٽساليءَ ۾ تصويري ڪهاڻين جي واسطي، ڪيسپين سمنڊ پار وارن ملڪن ڏانهن هن وقت وڃڻ اجائي ڳالهه ٿيندي. ان هوندي به چٽساليءَ اندر سونهن جي نقطئه نگاه کان هيءَ هڪ وڏي ڳالهه آهي، جو اسان آمري ۽ ٻين ننڍن مرڪزن مان لڌل ٿانو عراق جي العبيد ۽ سامره، اولهه ايران جي سوس ٽيپي موسيان ۽ سيستان[3] جي شهر سوخته مان لڌل ٿانون جي مقابلي ۾ آڻي سگهون ٿا. سنڌ (آمري - غازي شاه ۽ چانڙو ) مان لڌل، اليڪي چٽساليءَ وارا ڦڪي وڙ جا ٿانو ڏاڙئي ٿانون سان لاڳاپيل آهن، جن جي ويجهڙائي موهن ۽ هڙاپا کان وڌيڪ عراق سان واسطو رکي ٿي.

1. Some vases of a long shape from Sistan, which belong to the McMahon collection of the Quetta Museum, may be compared with the North Baluchistan examples.
2. Pumpelly, *Explorations in Russian Turkistan,* Vol. I, p.135, figs. 120 and 121; and p.136, figs. 122, 126, 127 and 131.
3. Above, pp.27-28, 85, 94-95. Prof. Gordon Childe compares them, in style and technique, with the Jemdet Nasr pottery which is not yet published. *Loc. cit.*, p.790. The affinity of ' the Amri Ware' to some of the potteries discovered in Baluchistan and Sistan was first suggested in my Departmental notes the substance of which has appeared in *India in 1930-31* (pp.484-85), published by the Government of India in 1931 and 1932 respectively.

ڇا اهڙي قسم جون هڪ جهڙايون، سنڌ ۽ اولاهن ملڪن جي وچ ۾ ثقافتي ۽ نسلي تعلق کي ثابت ڪري سگهنديون؟ هن حقيقت ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ڪانه آهي، ته آمريءَ مان لڌل خاص چٽساليءَ وارن ٿانون جو هنر تاريخ کان اڳ واري يا سنڌ سڀيتا کان قديم دور ۾، هڪ ملڪ کان سفر ڪري ٻئي ملڪ پهتو آهي. تجارتي لاڳاپا، جنهن جي ثابتيءَ ۾ اسان کي سنڌ جون مهرون ايران ۽ عراق ۾ مليون آهن، سي اڪيلي طور هن معاملي کي سمجهائڻ ۾ ناڪافي آهي ۽ نه وري سمير سورمي ديوي ايباني Ea-bani جي تصوير سان هڪ جهڙائي رکندڙ ديوتا جي تصوير کي، موهن مان لڌل مهر جي تصوير کي، صحيح معنيٰ ۾ سمجهي سگهبو. ماڻهن لڏ پلاڻ ضرور پنهنجي ثقافت ۽ قومي روايت سان گڏ کڻي هوندي. وٽن ٿانون ٺاهڻ ۽ چٽساليءَ جو پنهنجو هنر هوندو ۽ ان وقت تائين استعمال ڪندا آيا هوندا. ان چٽساليءَ جي ڪجهه باقيات[1] سنڌ مان به لڌي آهي. اها لڏ پلاڻ اوير کان اولهه ٿي هئي يا اولهه کان اوير، تنهن جو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. جيستائين موهن ۽ هڙاپا ۾ رهندڙ سنڌين جو تعلق آهي، ته انهن لاءِ اهو نٿو چئي سگهجي ته اهي ڪي ٻاهران لڏي آيا. پر سنڌن ڪي اهڙيون شيون آهن، جيڪي ٽامي جي دور سان همعصر ايران، عراق ۽ ڪيسپين سمنڊ[2] جي هن پار وارن ملڪن جي ٿانون سان ڪاريگريءَ جي ڏس ۾ ڪجهه هڪجهڙائي رکن ٿيون. سنڌين جي گهريلو استعمال جون شيون فن، هنر ۽ اڏاوت پنهنجي خاص انفراديت رکن ٿيون، جيڪي ڪنهن نتيجي ڪڍڻ ۾ ڏاڍيون مددگار ثابت ٿين ٿيون، ته سنڌي ماڻهو جنهن جي اصليت ڪجهه به آهي، سي سون سالن کان وٺي سنڌ ۾ رهيا ۽ سنڌن ثقافت عروج ۽ انتها کي پهتي. هن معاملي ۾ اسان کي اهو وسارڻ نه گهرجي ته سنڌ جي قديم ٿانون جي موهن ۽ هڙاپا جي ٿانون کان وڌيڪ ڏارئي ٿانو سان

1. Cf. *Mohenjo-daro*, Vol. I, pp.103-05, and Mackay, *Antiquity*, 1931, pp. 459-73; *ibid.*, 1932, p.356.
2. Cf. above, pp. 37-38.

ويجهڙائي آهي ۽ انهن ٻنهي ماڳن ۾ هاٿي ۽ ڪنيٽ واري ڏاند (Bosindicus) جي مورتين جي مهرن تي موجودگي اهو ٻڌائي ٿي تہ هتي سنڌي ثقافت کي وڪرڻ جي وڏي سگهہ هئي. اهو تصور تہ موهن واري دور کان اڳ سنڌ جي اولهہ وارن جابلو علائقن مان ماڻهو لڏي اچي هتي آباد ٿياهئا. اهڙي هتي اسان کي ٿانون تي سرہ واري تصوير جي چٽساليءَ مان ملي ٿي. هڙاپا ۽ موهن جي مهرن تي سرہ جي تصوير چٽي نظر اچي ٿي. سنڌوءَ جي اوڀارين ڪپ تي چانهونءَ مان بہ اهڙي مهر ملي آهي، جنهن تي سرهہ جي تصوير اڪريل آهي. پر هيءُ جانور سنڌ جي ميداني علائقن سان تعلق ڪونہ ٿو رکي. سرهہ جي نر ماد جنسن کي الڳ ڪرڻ بہ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ نر سرهہ گڏ کي تلوار شڪل جهڙا سڱ هوندا آهن، جيڪي پوئتي وري ابندا آهن. اهو جانور ڏٺن جي صورت ۾ اولهہ سنڌ ۽ بلوچستان جي جابلو علائقن ۾ رهندو آهي، پر سنڌو درياہ [1] جي اوڀارين پاسي نظر ڪونہ ايندو. انهن جانورن جون ڏٺن جي صورت ۾، ايران جي سوس ۽ موسيان جي ٿانون تي ۽ بلوچستان جي جهلاوان ۽ مڪران ضلعن (ڪولي - ميهي) جي ٿانون تي بہ تصويرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ انهن سان گڏ اولهہ سنڌ جي جابلو علائقن جي ماڳن تان اهڙا ٿانو لڌا آهن، جن تي ساڳي قسم جون چٽساليون [2] ٿيل آهن. اهڙي قسم جي چٽسالي جو هڪ سلسلو آهي، جيڪو ايران کان اولهہ سنڌ تائين قائم آهي. اسان کي هن مان اهو سمجهڻ گهرجي تہ انهن ماڻهن جي لڏ پلاڻ ضرور ٿي آهي، جيڪي سرهہ جانور کان چڱيءَ پر واقف هئا.

اتفاقي ڳالهہ اها بہ آهي تہ تاريخ واري دور کان اڳي سنڌ ۽ ٻاهرين دنيا جي وچ ۾ رابطي جي رستي اسان جو ڌيان ڇڪايو آهي. ڏکڻ سنڌ ۽ ايران کي ڳنڍڻ وارو رستو بلوچستان جي مڪران ۽ لس ٻيلي مان [3] گذري هب ندي پار

1. Blanford, *Fauna of British India, Mammalia*, p.503.
2. Above, pp.130, 137.
3. Above, pp. 45-46.

ڪري ڪراچيءَ رستي سنڌ ايندو هو. هن رستي کي مان ڪراچيءَ کان لنگهي ٿي ان کان به اڳتي ڏيکاريو آهي ۽ هي اهو رستو آهي، جنهن سان ۸ صدي عيسويءَ ۾ محمد بن قاسم عرب حملي آور سنڌ تي حملو ڪيو هو. سڪندر اعظم به واپسيءَ ۾ اهو ئي رستو اختيار ڪيو هو ۽ لس ٻيلي واري رياست جي حدن مان اڪري اڳتي روانو ٿيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس اختيار ڪيل رستي تي حتمي اتفاق راءِ موجود ڪانه آهي. جيستائين بلوچستان جو تعلق آهي ته هن ۾ سنڌ جي وچ واري رابطي جا به رستا آهن. بلوچستان جا بروهي ۽ بروچ هر سال لڏ پلاڻ ڪري سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ اچي گذر سفر لاءِ پورهيو ڪندا آهن. بروچن جا ڪي سانگي قبيلا لاڙڪاڻي ضلعي جي جوهيءَ واري علائقي ۽ منڇر جي اوسي پاسي مولا لڪ جي ذريعي سنڌ ۾ ٽپي ايندا آهن. ميسن (Masson) به قلات کان ڪراچيءَ ويندي هيءُ رستو اختيار ڪيو هو. ٻيو به هڪ رستو آهي جيڪو عام طور تي قافلن وارا اختيار ڪندا آهن. اهو رستو ڪنڙاچ Kathrach جي پرسان ڳاڙهي Garre لڪ مان گذري لڪ ڦوسي ۽ لڪ روهيل مان لنگهندو پانڌي واهيءَ ۽ ٽنڊي رحيم خان کان سنڌ ۾ پهچي ٿو.[1] پانڌي واهيءَ کان اهو رستو ناڙي نئن جو پيٽ ڏئي لنگهندو آهي، جنهن مان اٺ سولائيءَ سان سفر ڪري مٿي بيان ڪيل لڪ لتاڙي وچي منزل ماٽيندا آهن. ان رستي سان جهلاوان جي پيش ائن ذريعي ٽنڊي رحيم خان ۽ سنڌ جي ٻين منڌين تائين پهچي ٿي. تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ٽنڊي رحيم خان پانڌي واهي يا ڪي اهڙا ٻيا ماڳ، جيڪي هن دور سان واسطو رکن ٿا، سي سڀ هن منڇر واري رستي سان آباد هئا. جيڪو نئن باران ۽ مول ماٽري مان ٿيندو ڪراچيءَ پهچندو هو. هن مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته جيڪي رابطي جا رستا هئا، سي انهن سيني ماڳن وٽان لنگهندا هئا. ماڻهو جيڪي سنڌ اندر ايندا يا سنڌ کان انهيءَ پاسي ويندا هئا

1. *Baluchistan District Gazetteer Series*, Vol. VI, pp. 321, 323, 334; *ibid.*, Vol. VIII, pp.226-227.

تہ انهن کي هنن ٻنهي رستن مان هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي هئي. جابلو روڪ جي وچان اهي لنگهہ جڻ تہ مستقل گذرگاه هئا ۽ هر دور ۾ سياسي ۽ انتظامي تبديلين جا ڪارڻ رهيا آهن.

ان کان پوءِ سنڌ سڀيتا سان لاڳاپيل ٻئي مرحلي جا بگڙيل يا گهٽ درجي وارا ٿانو لوهہ ۽ جهڪر مٿئين تهہ مان ملن ٿا يا منڇر جي ڍنڍ جي اندر يا اوسي پاسي بہ اهڙي وڙ جا ٿانو مليا آهن. لوهم ۽ جهڪر ۾ اڳوڻي قسم جو ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارو ٿانو مليو آهي، پر ان جي نموني ۽ چٽساليءَ جي طرز ۾ نواڻ گهٽي نظر اچي ٿي. انهن مان ذڪر لائق خاص نمونو ٻن رنگن وارو ٿانو آهي. هن قسم جو ٿانو اڳوڻي کان گهاڙ ۾ نيارو آهي، جيڪو چٽساليءَ جي الڳ طرز رکي ٿو. ان جو رنگ پڪل نڪر جهڙو ڳاڙهو يا هلڪو ڦڪو - پورو آهي ۽ گهاڙ ۾ بہ ڪجهہ ڀسو لڳي ٿو. سونهن ۾ جڏو، سيتائيءَ ۾ اڻ پورو ۽ چٽساليءَ واريون طرزون بہ ڳاڻ ڳٽيتيون ٿوريون اٿس. منڇر ڍنڍ جي علائقي واري ماڳ ترهيني ڏسڻ سان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ گل جي چٽساليءَ ۾ ڪو خاص طريقو ورتايل آهي. هتي اسان کي ڳاڙهي تي ڪاري چٽساليءَ وارو ٿانو تہ مورڳو نظر ئي ڪونہ ايندو. البت ٻيون شيون ضرور ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن جو سنڌ سڀيتا جي ٿانون سان لاڳاپو سمجهہ ۾ اچي ٿو. يعني چٽيل ٿانون گڏ اهڙا ٿانو بہ نظر چڙهيا، جن جي ڪلهن تي چڳهن جي چٽسالي موجود هئي. اهڙا نمونا [1] موهن جي مٿئين تهہ مان بہ مليا آهن.

ٿامي جي دور سان همعصر سنڌ سڀيتا وقت جي ڪنهن سلسلي ۾ ان مرحلي ۾ داخل ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي جو ڳاڙهن ٿانون جي جاءِ چڳهن جي چٽسالي وارا ڪاري رنگ جا ٿانو اچي وڃن ٿا. موهن جي مٿئين تهہ ۽ منڇر جي ڀرسان جهانگار جي ماڳن تي بہ اها ڦير گهير ڏسڻ ۾ آئي. جهانگار ۾ چٽيل ٿانو ٿورو ڦڪو موجود تہ آهي پر مٿن چٽساليءَ واريون طرزون ڏاڍيون گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هتان جا چڳهن وارا ڪارا ٿانو، بنگلور جي قديم ماڳ Hutanhalli هتنهالي مان مليل ٿانون سان هڪ جهڙائي رکن ٿا. اهي ڊينيوب

سيپيتا جي بيل بيڪر Bell beaker ٿانون سان ميل کائين ٿا. اهو سمجهڻ بلڪل اجايو ٿيندو ته ڊينيوب سيپيتا جو ڪاري ٿانو سان ڪوبه لهه لاڳاپو موجود هو. بهر صورت جهانگار جي ٿانو جي چٽساليءَ ۾ اسان بگيڙ ۽ ابتري ڏسون ٿا، جيڪا پنهن جي جاءِ تي هڪ وڏي ڏک جي ڳالهه آهي. چاڪاڻ ته چٽساليءَ جي گم ٿيڻ سان سيپيتا جي سڳي جو سلسلو گم ٿي وڃي ٿو، جيڪو هيل تائين اسان سوريندا پئي آيا آهيون. ان دور کان وٺي پڌ ڌرم جي اوج تائين، قديم آثارن جي حقيقتن معرفت اتر هندستان ۾ اسان جي لاءِ وٽي پرڻ ڏاڍي مشڪل آهي.

1. Since this Memoir was sent to press, Prof. H. Frankfor of Amsterdam has published a very instructive and illuminating paper dealing with the close affinity of the Indus civilization with those of the Ancient Near East (*Annual Bibliography of Indian Archaeology for the year 1932*, Leyden, 1934, pp.1-12). He draws interesting parallels between some of the typical finds of Mohenjo-daro and those excavated by hin in the Akkadian city of Tell Asmar (2500 B.C.).

## ضميمو- ١

# جانورن ۽ انساني هڏن جي باقيات جي سڃاڻپ

## ١. جانورن جي هڏن جي باقيات

**بي. پرشاد ڊي.ايس.سي.، ايف. اي.ايس.بي.، ايف آر.ايس.**

**اي.، ايف.زيڊ. ايس.، ايف.ايل.ايس.ايم.، ب.او.يو.**

**ڊائريڪٽر زولاجيڪل سروي آف انڊيا**

جانورن جي هڏن جي باقيات جنهن جي بنياد تي هيءَ رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي، سا مسٽر اين.جي. مجمدار لاڙڪاڻي ضلعي جي، ٿامي جي دور.سان همعصر دڙن مان سن ٣۴ - ١٩٣٣ع ڌاري کوٽائي ڪرڻ وقت ميڙا چونڊي ڪري هڪ جاءِ تي گڏ ڪئي آهي.

کوٽائي ڪرڻ دوران هڏن جي باقيات تمام ٿوري هٿ لڳي آهي. مٿان وڏي بدقسمتي وري اها ته اها پڳ پور واري حالت ۾ ملي آهي. جيڪي جانورن جا هڏا مليا آهن، سي گهڻو ڪري ننڍن جانورن سان تعلق رکن ٿا ۽ اهي ملڻ هڏا ڍڳها هڏا آهن. ڪجهه ٿورا ذرا ٻنهي ڇياڙين جا، ڪرنگهي جي هڏي جا ڪجهه ٽڪرا، اڳينءَ چنگهه جي مٿئين حصي، ڏونگري يا ڏيٻر جي هڏي جو ذرو ۽ اڳين پوين چنگهن جون هڏيون آهن. انهن جي ماپ وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿيو ته اهي ڪنهن به استعمال جي لائق ڪونه هئا. هڏن جا اهي ٽڪرا ڪنهن سڃي ساري مٽي واري عضوي سان تعلق ڪونه ٿا رکن. اهي هڏا، هڙاپا ۽ موهن مان لڌل هڏن جا همعصر آهن ۽ ڳري چاڪ واري صورت اختيار ڪانه ڪئي اٿن. ڪراچي ضلعي جي عثمان جي ٻنيءَ مان لڌل سمنڊ جي ڦيڻ Cattle bone جي استعمال جو اندازو لائي سگهجي ٿو. هن قسم جون شيون وڏي قسم جي مٽ مان مليون.

کين سولائيءَ سان سڃاتو ويو. هن رپورٽ جي پڇاڙيءَ ۾ انهن هڏن جو استعمال ۽ نالا به ٻڌائيندس.

ننيڙن هڏن هجڻ جي نقطئه نگاه کان مان هن رپورٽ کي هڙاپا مان لڌل جانورن جي هڏن واريءَ رپورٽ جيان ڪونه ٺاهيندس. پر جدا جدا دڙن مان لڌل اهڙن هڏن کي نظر ۾ رکي انهن جو ٿورو گهڻو وچور ضرور ڏيندس. اهڙين لڌل شين جي تصوير Pl.XLII ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾ ماڳن ۽ هيٺ لاڳ واري تهه ۽ ان تهه سان لاڳاپيل ٿانون ۽ ٻين شين متعلق معلومات ڏنل آهي. انهن سيني ڳالهين جي لاءِ آءٌ مسٽر مجمدار جو گهڻو ٿورائتو آهيان.

## دمب بٺيءَ جا ماڳ[1]

## سائيٽ Dm.

ضلع لاڙڪاڻي، تعلقي سيوهڻ جي ڳوٺ جهانگار کان ڇهه ميل ڏکڻ طرف، دمب بٺيءَ ٽڪريءَ جي ويڪري ڏاڪي تي قائم، هڪ ڪمري جو مٿاڇرو آهي. اهي هڏا ڦڪي ورن جي مٽيءَ تي، انساني هڏائين پڃري جي پرسان رکيل هئا. اهي سڀ شيون ڪمري جي فرش جي مٿاڇري کان هڪ فوٽ هيٺ کوٽائيءَ ۾ هٿ لڳيون. ان ڪمري کي لاش دفن ڪرڻ واسطي اڏاوت سمجهڻ لاءِ ڪي سبب هئا. ماٿهوءَ وارن هڏن تي ڊاڪٽر گوها چند ڇاڻ ڪئي آهي.

Dm.91 ڪنهن ڳابي يا ڳابيءَ جي ڦٽي جي هڏيءَ جا ٽڪرا آهن. (Bosindicuslinn).

## ماڳ Ot.[2]

ڪراچي ضلعي جي ڪوهستاني علائقي ۾ باران نئن جي ڪناري تي، هڪ ٽڪريءَ جي مٿان واقع هڪ ماڳ عثمان جي بٺيءَ جي نالي سان آهي. ٽڪريءَ جي چوٽيءَ مٿان نهيل ڪمري جي هڪ فرش جي مٿاڇري کان ١,٥ فوٽ هيٺ ٻن وڏن ٿانون مان جانورن جا هڏا هٿ آيا. انهن سان گڏ، چٽيل ٺڪر، پاساڙا ۽ ٽامي جي ڇيٽي رکيل هئي.

1. See *ante*, p.114.
2. See *ante*, p.140.

جون ٽـي سپيون Sepia aculeala d, orbigny Ot. 51, 63 Pl.XLII, 3, 8

Ot.51 سـاڄي طرف واري نريءَ جي اندرئين حـصي سـان تعلق رکندڙ هڏو ۽ پاسـيـرين جي هڏي جون ذريون. Bos indicus Linn هندسـتـان سـان تـعلق رکندڙ جانور جون آهن. اهي هڏا کنهن ٽهاڻ جانور جا معلوم ٿين ٿا.

## سائيٽ .PL [1]

پوکـران (پوکڻ) لانڊي، کوهسـتـان وارو عـلائقـو ضلعـو ڪراچي. ڪمري جي فرش جي سنوت کان هڪ فوٽ هيٺ ٺـکر جي وڏي ٿـانو مـان هڏا مليا. ان ٿانو جي پرسان، چٽيل ٿانو جا ٺـکر، پٿر جا اوزار، پاساڙا، سوراخدار ٿانو جا ٺـکر ۽ چگهن سـان ڦيلهي. پوئين قسـم جا ڀڳي ٿانو موهن ۽ هڙاپا مـان ملندڙ ٿانون جهڙا آهن.

PL.35 ساڄي پاسي واريءَ چاڙيءَ جو ڏندن سان ٽـکرو. Pm.3 ۽ M1 ۽ M2 گهريلو ٻـکريءَ جا آهن. [2]

Capra aegarus Gmelin race Indicus Parshad. چيـاڙي جوان جانور جي لڳي ٿي، جو سندس ڏندن مٿان گٺل گهٽ آهن.. ان جي تصوير وري پـ Pl.XLII, 10 ۾ ڏسندا.

## PW جا ماڳ [3]

پانڊي واهي تعلقي جوهيءَ ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. دڙي جي چوٽـيءَ کان ٢١ فوٽ هيٺ کوٽايل کاهيءَ ۾ ٥,٥ فوٽ هيٺان هڪ ٿانو لڌو.

PW.291 گـهرو ٻـکـريءَ جي سـاڄي پاسي جي ڏونگري جي هڏي جو حـصي جو ٽـکرو ۽ ٻـکـري Capra aegagrus Gm e lin race indicus, Parshad جي نسل جي آهي.

1. See *ante,* p.128.
2. I have dealt with in detail the question of the nomenclature of the Indian Domestic Goat in my report (now in the press) on the Animal Remains from Harappa.
3. See *ante,* p.91.

## ماگهه Jh.[١]

ضلعي لاڙڪاڻي جهانگار ڳوٺ ڪان ڏکڻ ۾ ميل ١٧ فوٽ اوچو دڙو.
هن ماگهه تان کوکي چٽساليءَ encised جي وڙ ۾ ڪٽي رنگ جا ٿانو ۽ پٿر جا اوزار لڌا. هڏا (b) .Jh ١,٧ فوٽن تان لڌا ۽ هڏا Jh.(a) دڙي جي تري کان ۴ فوٽ مٿي لڌا. انهن جي پرسان ٿامي جي آر لڌي. مسٽر مجمدار جي بيان مطابق اهو ماگهه سنڌ سيپتا جي تازي يا پوئين مرحلي سان تعلق رکي ٿو.

Jh.(a) اڳينءَ ڄنگهه جي مٿئين حصي جي هيٺئين ڀاڱي جو هڏو، هيٺينءَ ساڄيءَ ڄياڙيءَ جو ٽڪرو، اڳين ۽ پوئين ڏاڻن سميت. عمر جي لحاظ سان جوان جانور آهي. مان انجي تصوير Pl.XLII, 9 ۾ پيش ڪريان ٿو.

Jh.(b) هيٺين ساڄي ڄياڙي ڏاڻون Pm1 ۽ Pm2 ۽ ڏاڙ M2 الڙي ٿي. ڪرنگهي جي هيٺئين حصي، پچ پرسان ڪرنگهي جي هڏي جا ۽ پاسرين جا چار ٽڪرا. هڪ ٽڪرو ساڄي نريءَ جي آخري ڇيڙي واري هڏي جو. ڪُرَ جي مٿينءَ چوٿينءَ هڏيءَ جا ٽڪرا. ڏونگري واري ساڄي پاسي واري هڏي جو ٽورو ذرو. سٿر يا ران جي هيٺئين پاسي واري ۽ پنيءَ جي ٻاهرئين پاسي واري هڏي جو ٽڪرو. پٺئين پاسي سان تعلق رکندڙ ڪراڻڊين جون ٦ هڏيون. ڳچيءَ جي هڏي جا ٽڪرا، ساڄي (Navicular) هڏي جو هڪ ٽڪرو. اهي سڀ ٿهاڻ ڏور bos indicus linn جا آهن ۽ (٢) ساڄي طرف واري مٿينءَ ڄياڙي جي ٻي ڏاڙ. جانور گهريلو ٻڪري Capra aegagrus Gm elin race en-dicus, Parshad ۽ ڏاڙ جي تصوير Pl.XLII,11 ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

### سمنڊ جي ڦيڻ

Cephalopoda جي نسل ۾ اهڙيون ٻه جنسون شامل آهن، جن جو اندريون هڏو وڏو هوندو آهي. سمنڊ جي ڦيڻ Sepiidae جي هڏي جو

1. See *ante*, p.68.

گهٽو ياڳو چن سان تعلق رکي ٿو ۽ صورت ۾ تهدار ٿئي ٿو. اهي تهہ چن جي ننڍڙن ذرن سان پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا آهن. سندس سڄي بناوت تهن مٿان تهن جي شڪل ۾ چگهن واري شڪل ۾ هوندي آهي.١ هنڪي Os Sepia, Sepio Staire, Sepion, Cuttle bone, Sepia shell يا Schulp جي گهٽن نالن سان سڏيو ويندو آهي. سندس بناوت تهدار ٿئي ٿي. رنگ هلڪو پورو يا سفيدي مائل ٿئي ٿو. سمنڊ جي وير جڏهن چڙهندي ۽ لهندي آهي تہ پٺيان هن سمنڊ جي ڦيڻ کي ڪنارن تي ڇڏيو ويندي آهي. پنجاب ۾ هن کي سمنڊ جي گجي، بنگال ۾ سمنڊ جي ڦينا سڏيندا آهن، پنهي جو مطلب سمنڊ جي جهگِ آهي.

بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ سمنڊ جي ڦيڻ متعلق ڪنهن ادب ۾ ڪوبہ احوال موجود ڪونہ آهي. پر ميئر Meyer [٢] لکي ٿو تہ:

" Der schulp dient als poliermittel als Ma:erial zum Formenschmeiden für Goldsclmeideals Kalkliefer-ant für vögel usw"

هندستان جي گهٽن ياڱن ۾ سمنڊ جي ڦيڻ ڪاٺ جو سامان رهڙڻ ۽ لسو ڪرڻ ۾ ڪم ايندي آهي. ڪن جاين تي هن کي روهيءَ يا ڪرنڊ طور بہ استعمال ڪيو ويجي ٿو. پاڻيءَ ۾ ان جي لئي بنائي گرميءَ ۾ ڪجليءَ (خارش ) گهٽائڻ لاءِ دوا طور بہ استعمال ڪئي ويندي آهي. ڳڙ يا مَلي بہ ڪيس دوا طور ڪتب آندو ويجي ٿو. Canary ۽ پين پکين کي چوڳي طور بہ ڏنو ويندو آهي. پنجاب ۾ اها ڪن سوڪ قسم جي ڪيڪن بنائڻ ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي. سمنڊ جي ڦيڻ جا، عثمان جي بنيءَ مان مليل، ٽئي قسم اڻ پورا آهن. چاتيءَ تائين ڍڪ واري ڪناري ۽ مٿيون ڪوپو ۽ سنهڙا هڏاوان پر موجود ڪونہ اٿس،

1. For a detail account of the structure of the shell of *Sepia* reference may be made to Appelof, A.__K. *Svensk. Vet.-Akd., Handl.* XXV, No.5, pp. 1-53, Pls. i.vii (Stockholm, 1893).

2. Meyer, W. Th.--*Tintenfische*, p.122 (Leipzig, 1913). See also *Century Dictionary*, II, p.1418.

تنهن ڪري صحيح ماپ ڪرڻ يا اندازو لڳائڻ ممڪن ڪونہ آهي. گهٽي گَهَڻَ جي ڪري پيٽ وارو پاسو هيٺ مٿي ٿيل آهي. پٺيءَ واري پاسي تي چگهہ جيئن جو تيئن بيٺل آهن. انهن مان ٻن نمونن تي پيٽ واري پاسي کان ڪجهہ وڏا چگهہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. امڪان اهو آهي تہ اهي چگهہ پکين جي چهنبن هڻڻ ڪري ٺهيا آهن، جن اتان پنهنجي خوراڪ جا ذرا پٽي پٽيا آهن. مان هنن سمنڊ جي ڦيڻ genus sepia جي پاڻيءَ جي هندستان کي Sepiostaires ڪيترن نمونن سان ڀيٽي ڏٺو آهي ۽ پورو يقين آهي تہ عثمان جي بنيءَ مان لڌل سمنڊ جي ڦيڻ sepia aculeatad orbigny قسم سان تعلق رکي ٿي.[1] مان هتي هنن ٿنهي ۽ انڊين ميوزم ۾ رکيل انڊمانس جي سمنڊ جي ڦيڻ جي تصوير ڏئي رهيو آهيان. (Pl.XLII, 1-8)

مٿين رپورٽ لکي پوري ڪئيم تہ ڊاڪٽر گرندر ناٿ مکر جي M.D.,F.A.S.B جو مسٽر مجمدار معرفت هيٺيون خط مليو.

## آيورويد ۾ سمنڊ ڦيڻ جو ذڪر

Cuttle fish جي هڏي کي آيورويد ۾ سمنڊ جي ڦيڻ جي نالي سان سڏيو ويو آهي. ان کي ابڌي ڪٿا Abdhi katha ، ارنواجا مالا arnavaja mala، هنديرا، ابڌي هنديرا abdhi hindira جي سنسڪرت نالن سان سڏيو وڃي ٿو. ڏسو (Sabdakalpadruma, s.v. Smundra phena) آيورويد جي علاج ۾ هن کي تيزابيت گهٽائيندڙ، رت کي روڪڻ ۽ آرام ڏيڻ واسطي هڪ دوا طور استعمال ڪيو ويندو آهي. قديم زماني ۾ اکين جي مختلف بيمارين ۾ ڪم آندي ويندي هئي. سسروتا Susruta هن کي اک جي بيماريءَ لاءِ علاج طور ڏسي ٿو، جيڪا رت ۽ پتي ۾ بگيڙ سبب پيدا ٿي پوندي آهي. (Susruta- Samhita Uttara - Sthana, chs. X, XII, XV). نظر کي وڌائڻ واسطي سمنڊ جي ڦيڻ کي سرمي ۾ گڏائي استعمال ڪيو ويندو آهي. (ibid, chs. XVII, XVIII). هن وٽ کي چرڪا Charaka

1. For earlier literature on this species see Massy, A. L.--*Rec. Ind. Mus. XII*, p.223 (1916).

۾ هڪ نسخي طور ڏسيو آهي. هو چوي ٿو ته سمنڊ جي ڦيڻ کي سرمي ۾ڳڙيءَ سان ملائي هڪ قسم جو سرمو بنايو ويندو هو، جنهن کي sukhavati varti سکاوتي وارتي ۽ درڪ پراسا داني وارتيdrik prasadani varti سڏبو هو جنهن کي موتئي پاڻيءَ کيان ڦلي جي علاج طور ۽ وري نظر آڻڻ جي واسطي استعمال ڪيو ويندو هو ۽ اهو نسخو ڏاڍو مفيد ثابت ٿيندو هو. (Charaka - Samhita Chkitsa sthana ch. XXVI). سمنڊ جي ڦيڻ کي سنهڙو اٽي جهڙو ڪٽي ڪن جي سور لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. هن جي ٽڪرن کي مٺي تيل ۾ تڙڪائي، اهو تيل ٽيپا ٽيپا ڪري ڪن جي سور کان ڪن ۾ وجهبو آهي. هيءَ سمنڊ جي ڦيڻ ۽ Rock-salt سينڌي لوڻ کي گلاب جي پاڻيءَ ۾ ليئي بنائي اک اٿڻ واري بيمار لاءِ دوا طور استعمال ڪئي ويندي آهي. سمنڊ جي ڦيڻ کي ليمي جي رس مان ليئي بنائي خارش جي دوا طور ڪم آڻبي آهي. جيڪڏهن گلاب جي پاڻيءَ سان ليئي بڻائبي ته پت (آرايِنِ ) (pricky heat)جي لاءِ دوا بڻجي پوندي. هن کي ڪٽي سنهڙو ڪري ڏنڊڻ ڪبو ته ڏند موتين جيان چمڪندا. هلا موچڪم (Enhydra fluctuans lour) جي رس سان سمنڊ ڦيڻ جو اٽو ملائي استعمال ڪبو، ته پگهر مان بدبوءِ نڪري ويندي ۽ بين گهٽين چمڙي جي بيمارين واسطي ڪتب ايندي آهي. (vanaushadhi - darpana II. 363) سمنڊ جي ڦيڻ کائڻ جي استعمال سان بک پيدا ٿئي ٿي ۽ بين هاضمي وارن لوڻن سان گڏجي پنهنجو اثر ڏيکاري ٿي. ٿولهه جي خلاف به هن کي استعمال ڪيو ويندو آهي.

●

# ٢. انساني باقيات

جي. ايس. گوها. اي. ايم. پي. ايڇ. ڊي.

انٿروپالاجسٽ - زولاجيڪل سروي آف انڊيا

Dm.91 ۾ ماڻهن جي هڏن جو ذڪر آهي. هي هڏا سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر جهانگار* جي پرسان دمب بنيءَ جي پراڻن ماڳن تان کوجنا ڪندي مسٽر مجمدار کي هٿ آيا. اهي دمب بني ١ ٽڪريءَ جي ويڪري جهاڪي تي بنايل ڪوئين جهڙين قبرن مان چٽيل ٿانون سان گڏ پيل مليا. هڏن جي انهيءَ ميڙا چونڊيءَ ۾ کوپري ۽ ڍڳهن هڏن جا ڀڳل ٽڪرا آهن. جيڪي بالغ ماڻهن ۽ ٻارن سان واسطو رکن ٿا. جيئن ته هڏا بلڪل ذرا پرزا ٿيل آهن، تنهن ڪري سائنسي نقطئہ نگاه کان ڪنهن سڻي نتيجي تي نٿو پهچي سگهجي ۽ سندن سڃاڻپ پڪيءَ ريت ڪري نہ ٿي سگهجي. هيٺ وچور وارا هڏا اسان کي تحقيقات لاءِ مليا.

Dm.91

(a) مٿي جي هڏي جا ٢٧ ٽڪرا. ٻن وڏن ماڻهن جا آهن. هڪ مرد آهي، جنهن جي کوپريءَ جو هڏو ٿلهو آهي. ٻي گهٽو ڪري عورت آهي. سندس هڏو سنهو آهي.

(b) ڏوري جي هڏيءَ جا ڀڳل ٽڪرا ٻہ عدد.

(c) پنج ٽڪريون نريءَ جي ٻاهرئين هڏي جون.

(d) ٽي ٽڪريون نريءَ جي اندرئين هڏي جون.

(e) پير جي چنبي ؎ون ٽي هڏيون.

---

* جهانگار (جهانگارا ) هيٺئر ضلع دادوءَ ۾ آهي

1. See *ante*, p.115

(f) ۾ ٺڪريون ڏونگري جي مٿئين پاڳي جون.

(g) چوڏهن ٺڪريون سٿر جي هڏي جون.

(h) ٽي ٺڪريون پنيءَ جي ٻاهرئين هڏي جون.

(i) پنيءَ جي اندرئين هڏي جون ۾ ٺڪريون.

(j) ڪڙيءَ جون ٽي هڏيون.


115 ۽ D22 (a) ستن سالن جي ٻار جي پنيءَ جو ٻاهريون هڏو.

(b) ٻار جي پير جي چنبي جي هڏين وارو پاسو.

ان کان سواءِ ڍڳهن هڏن جا ڪيترا ذرا پرزا آهن جي سڃاڻ کان ٻاهر آهن.

(b)-Jh. لاڙڪاڻي ضلعي جي جهانگار [1] ڳوٺ کان ۾ ميل ڏکڻ طرف، لڌل جانورن جي هڏن ۾. ماٿهوءَ جي ساڄيءَ ران جي مٿئين پاسي وارو هڏو لڌو آهي.

1. See *ante*, p.68, and Dr. Parshad's note, *ante*, p.156.


MAP OF SIND
SHOWING PREHISTORIC SITES
SCALE OF MILES
BAHAWALPUR
J A I S A L M E R
J O D H P U R
K H A I R P U R
JACOBABAD
LARKANA
HYDERABAD
NAWABSHAH
MIRPURKHAS
R A N N O F C U T C H
67°
68°
69°
70°
71°
28°
27°
26°
25°
24°

MEMOIRS OF THE

ARCHÆOLOGICAL SURVEY OF INDIA

---

No. 48

# EXPLORATIONS IN SIND

Being a report of the exploratory survey carried out during the years 1927-28, 1929-30 and 1930-31

BY

N. C. MAJUMDAR, M.A.,

*Assistant Superintendent, Archæological Survey of India*

**Indus Publications**

KARACHI

PLATE II



(a) MOUND A, SHOWING POSITION OF A TRENCH.



(b) MOUND B: EXCAVATED BUILDINGS OF SUNDRIED BRICKS.



(c) A TRENCH IN MOUND A, SHOWING WALLS OF TWO STRATA.



(d) A TRENCH IN MOUND A, SHOWING REMAINS OF BUILDINGS OF THE LATE PREHISTORIC PERIOD.

PLATE III


# THE SITE OF AMRI



(a) MOUND 2 WITH THE LAKI RANGE IN THE BACKGROUND.



(b) SURFACE VIEW OF MOUND 2.



(c) TRENCH II, SHOWING A STONE WALL.



(d) TRENCH I, SHOWING REMAINS OF THREE STONE WALLS. THE CROSS MARKS THE FIND SPOT OF BICHROME WARE

# PLATE IV


## THARRO HILL AND CHANHU-DARO



(a) THARRRO HILL, SHOWING THE AREA OF CHERT IMPLEMENTS.



(b) THE MOUNDS OF CHANHU-DARO



(c) EXCAVATED WALLS AND A DRAIN ON MOUND NO. 1
AT CHANHU-DARO.



(d) MOUND NO. 3 AT CHANDHU-DARO, SHOWING THE POSITION OF A TRENCH


# THE MOUNDS OF LOHUMJO-DARO



(a) THE MOUNDS AS SEEN FROM A DISTANCE.



(b) A NEARER VIEW FROM WEST, SHOWING THE POSITION OF A TRENCH BETWEEN TWO MOUNDS.



(c) A TRENCH SHOWING WALLS OF THE LATE PERIOD.



(d) ANOTHER VIEW OF THE SAME TRENCH.




(a) THE LAL CHHATTO MOUND NEAR TRIHNI.



(b) THE MASHAK MOUND NEAR SHAH HASAN.



(c) THE PREHISTORIC AREA AT LOHRI.



(d) A PARTIAL VIEW OF THE SAME AFTER EXCAVATION.

GHAZI SHAH AND PANDI WAHI



(a) THE MOUND NEAR GHAZI SHAH.



(b) THE MOUND NEAR PANDI WAHI.




(c) PANDI WAHI: POTTERY IN SITU IN PIT 3.

PLATE VIII

## THE SITE AT ALI MURAD



(a) A PANORAMIC VIEW OF THE MOUNDS.



(b) THE DEFENCE WALL AS PARTIALLY EXCAVATED.



(c) A STONE WELL

PLATE IX

JHANGAR, DAMB BUTHI AND BANDHNI




(a) THE MOUNDS NEAR JHANGAR.



(b) THE HILL KNOWN AS DAMB BUTHI.



(C) A PARTIAL VIEW OF BURIAL CHAMBERS AT DAMB BUTHI.



(d) THE HOT-SPRING AT DAMB BUTHI.



(e) THE MAIN MOUND AT BANDHNI.

PLATE X

CHAURO, DHAL, POKHRAN AND KARCHAT



(a) THE MOUND NEAR CHAURO LANDI.



(b) A PARTIAL VIEW OF THE SITE ON DHAL HILL AFTER CLEARANCE.



(c) THE HILL STREAM OF POKHRAN.



(d) THE MOUND AT KARCHAT.

KOHTRAS AND ARABJO-THANA.



(a) A GENERAL VIEW OF KOHTRAS BUTHI.



(b) A PART OF THE OUTER WALL AND FOUNDATIONS OF CHAMBERS ON KOHTRAS BUTHI AFTER CLEARANCE.



(c) THE MOUNDS AT ARABJO-THANA

PLATE XII

SOME TYPICAL VIEWS OF THE SECOND JOURNEY



(a) A GENERAL VIEW OF BUBAK.



(b) FISHING IN LAKE MANCHHAR.



(c) THE HILL OF PIR GHAZI SHAH.



(d) THE BANDHNI STREAM ON THE WAY FROM SEHWAN TO KARACHI



(e) ARRIVAL AT POKHRAN. THE KHIRTHAR RANGE
SEEN IN THE BACKGROUND.



(f) THE DARWAT PASS ON THE WAY FROM THANO
BULA KHAN TO KOTRI.

POTTERY, IRON IMPLEMENTS AND OTHER OBJECTS OF THE INDO-SASSANIAN PERIOD FROM JHUKAR



PLATE XIV

COPPER COINS, SEALINGS, POTTERY ETC. OF THE INDO-SASSANIAN PERIOD FROM JHUKAR




PLATE XV

# POTTERY AND TERRACOTTA OF THE CHALCOLITHIC AGE FROM JHUKAR



PLATE XVI

POTTERY ETC. FROM JHUKAR, AMRI AND THARRO HILL



SEALS, BEADS, BANGLES ETC. FROM JHUKAR AMRI AND CHANHU-DARO





PLATE XVIII

PAINTED POTTERY FROM AMRI AND THARRO HILL




STONE OBJECTS FROM JHUKAR, THARRO HILL, AMRI, CHANHU-DARO AND OTHER SITES



PLATE XX

PAINTED POTTERY FROM CHANHU-DARO



POTTERY AND TERRACOTTA OBJECTS FROM CHANHU-DARO AMRI AND JHUKAR





PLATE XXII

PAINTED POTTERY, TERRACOTTA AND OTHER OBJECTS FROM LOHUMJO-DARO



PAINTED POTTERY FROM TRIHNI, SHAH HASAN AND LAKHIYO





PLATE XXIV

PAINTED POTTERY FROM LOHRI, ALI MURAD AND DAMB BUTHI



FUNERARY POTTERY AND OTHER OBJECTS FROM DAMB BUTHI



PLATE XXVI

PAINTED POTTERY FROM GHAZI SHAH



PAINTED POTTERY FROM GHAZI SHAH





PLATE XXVIII

PAINTED POTTERY FROM PANDI WAHI



PAINTED POTTERY FROM PANDI WAHI AND OTHER SITES




PLATE XXX

PAINTED POTTERY FROM CHAURO AND TANDO RAHIM KHAN




PLATE XXXI

PAINTED AND INCISED POTTERY FROM JHANGAR AND INCISED POTTERY FROM OTHER SITES





PLATE XXXII

PAINTED POTTERY FROM KARCHAT, SHAHJO-KOTIRO DHAL
DISOI AND GORANDI



## SEAL, BEADS, BANGLES AND MISCELLANEOUS OTHER OBJECTS




PLATE XXXIV

MISCELLANEOUS POTTERY AND TERRACOTTA OBJECTS



POTTERY VASES





PLATE XXXVI

## POTTERY VASES



POTTERY VASES AND OTHER OBJECTS




PLATE XXXVIII

## TYPES OF POTTERY FROM AMRI AND OTHER SITES




PLATE XXXIX

## TYPES OF POTTERY FROM CHAURO AND PANDI WAHI



PLATE XL

## CHERT IMPLEMENTS




COPPER IMPLEMENTS AND OTHER OBJECTS



PLATE XLII

ANIMAL REMAINS




PÄT 4 MILES
SKETCH PLAN
OF
LOHUMJO-DARO, LARKANA
SCALE — FEET
N
A
B
SECTION — AB
PLAN OF EXCAVATIONS
SCALE — FEET
SUNDRIED BRICK WALLING
BURNT BRICK WALLING





EXCAVATIONS
SCALE — FEET
N
AMRI VILLAGE
SKETCH PLAN
OF
AMRI, KARACHI
SCALE — FEET
MODERN BURIALS
KOTRI 54 MILES


PLATE XLV




HOUSE AREA
PREHISTORIC CEMETERY
SCALE OF FEET
SKETCH PLAN OF DAMB BUTHI HILL, LARKANA
SCALE OF FEET
SKETCH PLAN OF THE MOUNDS NEAR
JHANGAR, LARKANA
SCALE OF FEET
SKETCH PLAN OF THE MOUND NEAR
TRIHNI, LARKANA
SCALE OF FEET
MODERN BURIAL
KIRTHAR RANGE
SKETCH PLAN OF THE MOUND OF
PANDI WAHI, LARKANA
SCALE OF FEET
SECTIONAL VIEW

PLATE XLVI


N
SKETCH PLAN
OF
OTHMAN BUTHI HILL, KARACHI
SCALE OF FEET


SKETCH PLAN OF THE RUINS
ON
DHAL HILLS, LARKANA
SCALE OF FEET
DHAL
N
LAKI RANGE
CHANNEL FROM DHAL SPRING
PLAN OF EXCAVATIONS
SCALE OF FEET
N


SKETCH PLAN
OF
KOHTRAS BUTHI HILL, KARACHI
SCALE OF FEET
N
FORTRESS
PLAN OF EXCAVATIONS
SCALE OF FEET
N

# اين. جي. مجمدار

مجمدار جو پورو نالو نوني گوپال هو. نوني بنگالي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. مکڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب پيارو. نوني گوپال جي معنيٰ ٿي گوپال جو پيارو. مجمدار اصل ۾ موضع دار آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڳوٺ، شهر يا وستيءَ جو وڏيرو. موضع، بدلجي موجع ٿيو ۽ هوريان هوريان اهو مجمدار بڻجي ويو. حالانڪ هو ڪو وڏيرو ڪونه هو. جيئن ڪن ذاتين جا ماڻهو پنهنجي ڌنڌي يا عهدي سبب ان ذات جا ٿي ويا. جيئن مفتي قاضي ۽ آخوند وغيره توڙي جو مفتي قاضي يا آخوند ڪا ذات نه آهي.

مجمدار جو جنم ١٨٩٧ع ۾ ٿيو. هن ڪلڪتي يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي. هو يونيورسٽي جو هڪ ذهين ۽ هوشيار شاگرد هو. سنه ١٩٢٠ع ۾ ايم. اي. جو امتحان پاس ڪيائين. ڪجهه ورهيه ساڳيءَ يونيورسٽيءَ ۾ استاد رهيو.

سنه ١٩٢٤ع ۾ هو راج شاهي عجائب گهر ۾ ڪيوريٽر Curator مقرر ٿيو. سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جو ماهر هو. پراڻا ڪتبا پڙهڻ ۽ سڪن سڃاڻڻ جو پڻ ماهر هو. قديم ڪنڊرن بابت کوجنا ڪرڻ جو کيس تمام گهڻو شوق هو. هو قديم آثارن جي ماهرن سرجان مارشل، ديارام ساهني، ۽ اي. جي. ايڇ. مئڪي سان موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو.

هو سنه ١٩٢٧ع ۾ آرڪيالاجيڪل سروي آف انديا ۾ سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو ۽ حياتيءَ جي آخري گهڙين تائين ان عهدي تي فائز رهيو. جيئن ئي هُو هن ڪاتي ۾ آيو ته جلد ئي کيس لاڙڪاڻي ويجهو جهُڪر جي دڙي جي کوٽائي لاءِ موڪليو ويو. ان کان پوءِ هن سنڌ جي ڪاڇي واري علائقي جوهي، سيوهڻ ۽ ڪوهستان ۾ سنه ١٩٢٩ع کان ١٩٣٠ع تائين کوٽائي ڪرائي. هن انهن علائقن ۾ ٦٢ نهايت ئي اهم ماڳ ڳولي لڌا، جن مان ڪن جو تعلق تاريخ کان اڳ واري دؤر سان هو ته ڪن جو وري ٽامي واري دؤر سان هو.

سنه ١٩٣٨ع ۾ هن وري کوٽائي ۽ کوجنا شروع ڪئي، هن پيري هن کيرٿر ۽ ان جي پير واري ٽڪرائتي ميداني علائقن ۾ کوجنا ڪئي، ٿوري ئي وقت ۾ هن اهڙا ماڳ ڳولي لڌا، جن جو تعلق ٽامي جي دور واري ثقافت سان هو.

١١ نومبر ١٩٣٨ع تي هو جڏهن پنهنجن ساٿين سان نئن گاج جي وٽ ۾ روهيل جي ڪنڊ واري ماڳ تي کوجنا ۾ مشغول هو ته ڌاڙيلن کيس ماري وڌو. سندس ڪتاب سنڌ ۾ قديم ڪنڊرن جون کوٽايون ۽ کوجنائون وڏي اهميت رکي ٿو.

– نواز علي شوق

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.